ڪلا جو ڪوهنور

ماسٽر چندر



H CHANDER

GOPE CHANDE

مٺل آهيان محبت ۾، اڪيلي مان مٺل آهيان،
جيئڻ وارا پيا مرندا، مرڻ کان مان ڇٽل آهيان.

راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
نئين دهلي

G-3(65)

ڪلا جو ڪوهنور ماسٽر چندر

Kala Jo Kohinoor Master Chander

ڪلا جو ڪوهنور ماسٽر چندر

سمپادڪ :

ڊا. جيٺو لالواڻي

ارجن يمياڻي

جنرل سمپادڪ :

نرمل گوپلاڻي

راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد
ويسٽ بلاڪ VIII ، ونگ 7، ماڙو ڦهريون،
سيڪٽر -1، رام ڪرشن پورم، نئين دهلي- 110066.

هند-سنڌ جي عظيم ڳائڻي، موسيقار، شاعر ماستر چندر
جي 105 جنم ڏينهن اُتسوَ جي موقعي تي، ڀارت
سرڪار جي مانو سنساڌن وڪاس منتراليہ تحت برپا
ڪيل راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي زير سايع
شايع ڪيل فنڪار ماستر چندر جي
جيون-فن-ڪاريہ تيءِ روشني وجهندڙ ڪتاب

شڀ ڪامنائون

راڳ ۽ راڳ جي محفلن سان منهنجو-منهنجي ڪٽنب جو ڳهرو لاڳاپو رهيو آهي. اسان ڳهر ۾ سنڌي راڳن جون ڪئسيٽون هر وقت وڄائيندا رهندا آهيون. جن جو لطف ڳهر جا سڀ ڀاتي جن ۾ اسانجي اؤلاد پڻ شامل آهي ماڻيندا آهيون. اسانجي شهر ۾ جتي بہ ڪو مشهور ڳايڪ، سنگيتڪار ايندو آهي اُتي مان پنهنجي ڌرم پتنيءَ سميت ضرور پهچي ويندو آهيان. سنڌي گيت سنگيت جي موڄ ماڻيندو آهيان. اينري قدر جو ڊرائيونگ ڪندي بہ منهنجي ڌرم پتني سنڌي ڪئسيٽون هلائيندي آهي.

مون سنڌ-هند جي عظيم ڳايڪ ماسٽر چندر کي بار-بار ٻڌو آهي، هن جي ڳاتل گيتن منهنجي روح کي راحت ڏني آهي. لوڪپريہ ڳايڪ ماسٽر چندر جي سپتر شري مهيش چندر جي انيڪ ڪاريہ‌ڪرمن جو مون آيوجن ڪيو آهي. جتي پڻ بار-بار ماسٽر چندر کي ٻڌو ۽ ماڻيو آهي.

مونکي بيحد خوشي آهي تہ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي نائب صدر پد تي نامزد ٿيندي. منهنجي ايامڪاريءَ ۾ سنڌين جي شان، سنڌي مؤسيقيءَ جي آفتاب، سنڌي لوڪ سنگيت کي نئون روپ، رنگ، ڍنگ ڏيندڙ، نوجوان دلين جي ڌڙڪن سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر جي جيون-فن، ڪاريہ کي ڪٽي پريشد طرفان ”ڪلا جو ڪوهنور-ماسٽر چندر“ پستڪ شايع ٿي رهيو آهي. ڪتاب سمپادن جي جوابداري ڊاڪٽر جينو لالواڻي ۽ شري ارجن پمياڻيءَ مٿان هموار ڪيل آهي. مونکي خوشيءَ آهي تہ هنن پريشد جي ڊائريڪٽر شري نرمل گوپلاڻيءَ جي سهڪار سان، پنهنجي جوابداري بخوبي ادا ڪئي آهي ۽ ڪتاب کي معياري، خوبصورت بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب جي سنڌي ساهتيڪ کيتر ۾ آجيان ٿيندي اهڙين اُميدن ۽ شڀ ڪامنائن سان.

- **رميش ورلياڻي**

نائب صدر

راشٽري سنڌي ٻولي وڪاس پريشد

ڪلا جو ڪوهنور ماسٽر چندر

سمپادڪ : ڊا. ڄيٺو لالواڻي، ارجن ڀمڀاڻي
جنرل سمپادڪ : نرمل گوپلاڻي
پهريون ڇاپو : 2011ع
اشاعت : نرمل گوپلاڻي، ڊائريڪٽر
راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
ويسٽ بلاڪ VIII ، ونگ 7، ماڙو پهريون،
سيڪٽر -1، رام ڪرشن پورم،
نئين دهلي- 110066.
ڪمپيوٽر : اسڪين ڪمپيوٽر
سيٽنگ 3، راڌيشيام اپارٽمينٽ،
ايس. ٽي. ورڪشاپ سامهون، پاٽيا، نروڙا روڊ،
احمدآباد- 382345. موبائيل : 9327007002

Kala Jo Kohinoor Master Chander

Edited by : Dr. Jetho Lalwani,Arjan Bhambhani
Gen. Editor : Nirmal Goplani
Publisher by : Nirmal Goplani
Director, National Council for Promotation
& Sindhi Language
West Block. No. VIII, Wing-7, First Floor,
Sector -1, R. K. Puram, New Delhi-110066.
First Edition : 2011
Computer : Scan Computers
Setting 3, Radheyshyam Appt., Opp. S. T. Workshop,
Patia, Naroda Road, Ahmedabad - 382345.
M. 9327007002

سمپادڪيه

اسانجي سونهاري سنڌ انيڪ سنتن، درويشن، مهاپرشن، صوفين جي ڀومي پئي رهي آهي. جتي قديم ترين سڌريل سڀيتا جا اهڃاڻ موهن جي دڙي مان حاصل ٿيا آهن جنهن مان اِهو ثابت ٿو ٿئي ته هر فن-ڪلا جو آغاز سنڌو سڀيتا جي آغاز کان وٺي ٿيل هو. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رشين-مُنين ويدن جي رچنا ڪئي جن ۾ پڻ موسيقيءَ جا اِشارا، تفصيل درج ٿيل آهن. سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هر لحاظ کان شاهوڪار ۽ شاهڪار رهندي پئي آئي آهي پر جڏهن سنڌي مءَ وسيقيءَ جو ذڪر اچي ٿو ته ڄاڻ پوي ٿي ته هر دؤر ۾ سنڌي موسيقي اسانکي منفرد، سگهاري ۽ متاهين مقام تي بيٺل نظر اچي ٿي. اِها به هڪ حقيقت آهي ته سنڌي موسيقيءَ جي حوالي ۾ سنڌي موسيقيءَ جي دنيا گوناگون دنيا آهي ۽ سنڌي فنڪارن نه صرف سنڌ ۾ پر ورهاڱي بعد سنڌ-هند سان گڏ دور دراز ملڪن ۾ پڻ پنهنجي گائيڪيءَ جو ڏونڪو وڄائي مهتا، پيار، محبت ۽ لوڪپريتا حاصل ڪئي آهي. جن سنڌ تي ڏاتيارن اِنهيءَ ڏس ۾ نانءُ ڪمايو آهي. سنڌي موسيقيءَ جي تواريخ جوڙي آهي اُهي امر آواز ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ ڪجهه راڳي آهن. امر شهيد سنت ڪنوررام، سائين سترامداس، فقير عبدالغفور، ڊول فقير، مصري فقير، محمد يوسف، محمد ابراهيم، برڪت علي، ڀڳت نارو، ڀڳت موهن برڪت علي،ڦوٽوزرداري، سرمد سنڌي، علڻ فقير، غلام علي، محمد جمن، موتڻ شاه، ممتاز لاشاري، منو ڪڇي، ماستر چندر، چندرو آتما، ڀڳت گهنشام، گهنشام آسواڻي، گوپ چندر، مهيش چندر، آسڪرن شرما، ڪاجل چنديراماڻي، سي.ايڇ.آتما، رونالیلا، هميراه چنا، هند ۽ سنڌ ۾ اُسريل اڀَٽيل هندو ڀڳتن، سان گڏ مائي ڀاڳي، عابده پروين، جيوڻي بائي، بيگم فقيرياڻي، الهه وسائي، اميران بيگم، امبر مهڪ، تصور خانم، ترنا ملنا ينڪر، فرزان پروين، ديبا سحر، زرينه بلوچ، نوربانو، نور جهان (ملڪ ترنم) ڪملا ڪيسواڻي، مايا ايسراڻي، ڪلا هزاري، ڀڳونتي ناواڻي، وشني ايسراڻي وغيره

تحفو-٦

انساني وسيلا وڪاس وزرات، ڀارت سرڪار جي اوچ تعليم واري
شعبي جي زير سايه سنڌي ڀاشا، تعليم، ادب، ثقافت ۽ تهذيب جي
واڌاري، ڦهلاءَ ۽ محفوظ رکڻ لاءِ، **راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد**
قائم ڪئي ويئي آهي. پريشد پنهنجي استاپنا کان وٺي رٿيل مقصدن
جي برثوابي ۽ عمل لاءِ، جدا جدا يوجنائون کي نيمائتو عمل ۾ آڻي
رهي آهي. جيئن سنڌي ٻولي، تعليم، ساهتيه، سينا جو چوڌسي وڪاس
۽ ڦهلاءَ ٿئي.

پريشد جي ڪارين ۾ جدا جدا يوجنائن ۾ اڻلڀ ۽ معياري ڪتاب
شايع ڪرڻ به شامل آهي ۽ اُن تحت اَڄ ڏينهن تائين پريشد (١) **قدي**
سنڌ (٢) **چچنامو** (٣) **رگ ويد ۽ سنڌو درياهه شاهه**، ڪتابن جي ٻيه
اشاعت ڪئي آهي، ته وري وقت به وقت پريشد طرفان ڪوناي
سيمينارن ۾ راشٽريه سيمينارن ۾ پڙهيل معياري مقالن کي پڻ ڪتابي
صورت ۾ شايع ڪيو آهي، جيئن مقالن جو لاڀ گهڻي ۾ گهڻا شاگرد
اديب ۽ ذهني شخص وٺي سگهن. کوڄ ڪاريه ۾ اُهي مقالا مدد رو
ٿي سگهن. ان مقصد جي برثوابيءَ تحت ”سنڌي ڪهاڻي، تبصرا
جائزا“ ڊا. **پريم پرڪاش** جو ۽ ”سنڌي ادب ۾ بعد جديديت“ **ڊاڪٽ**
روي ٽيڪچنداڻي جو مرتب ڪيل ڪتاب شايع ڪري سنڌي ادب ک
مالامال ڪرڻ جون نمائيون ڪوششون ڪيون آهن.

هاڻي هند ۽ سنڌ جي **عظيم فنڪار، گلوڪار، سنگيتڪار ماسٽ**
چندر جي جيون-فن-ڪاريه ۽ عظمت تي روشني وجهندڙ ڪتاب ”**ڪ**
جو ڪوهنور ماسٽر چندر“ توهان جي مبارڪ هٿن ۾ آهي جنهن ک
ڊاڪٽر جيتو لالواڻي ۽ شري ارجن ڀمڀاڻيءَ مرتب ڪيو آهي.

اُميد ته پريشد جي هن تحفي جي به سنڌي ادب ۽ سنڌي موسيقي
جي جڳت ۾ آجيان ٿيندي.

نرمل گوپلاڻ
ڊائريڪ

سنگيت آلاپ، تان ۽ لئہ جي تنون سان ظابطي ۾ رهي ٿو. سنگيت
هڪ ظاهري للت ڪلا آهي جنهن جو آڌار ناد (آواز) آهي. ناد لهر
قدرت ۾ نت حاضران حضور رهي ٿي. سنگيت سر ناد لهرن دواران
انساني احساسي دل کي ڇهي ٿو ۽ اِهو انوکو ڇُهاءُ اِنساني من-چِت،
دماغ کي مدهوش بڻائي ٿو جنهن ذريعي اِنساني ٻُڌي رومانچ جي
انيوتي ڪري ٿي. سنگيت مادي هجڻ جي باوجود بہ غير دنيوي روپ
۾ ڪم ڪري ٿو ۽ ڀارتي سنسڪرتيءَ مطابق انتر آتما، چيتنا جو ناد،
برهم سان سهج سڀاويڪ جڙيل رهي ٿو ڇو جو آتما کي پرماتما جو انش
قبوليو ويو آهي. هي ناد برهم ئي سنگيت جي لئہ بہ هڪ بڻجي
انساني جيون کي اثردائڪ بڻايو آهي. ناد-سر ۽ شبد (ڀاشا) دواران
سنگيت جي سرشٽي رچنا ٿئي ٿي اِن ڏس ۾ **سنڌي سنگيت ماسٽر
چندر** جي سنڌين کي هڪ انوکي برهم روپ سوغات آهي. ناد مان سُر،
سُر مان اکر، اکرن ۾ جملا، جملن مان پد، پد مان شلوڪ وچن، گيت
جڙن ٿا ۽ اُهي گڏجي آتم انيوتي ڪرائين ٿا. سنڌي پنهنجي اندر
جي ڀاون کي شبد، گيت دواران سڪون حاصل ڪن ٿا جو شبد ئي برهم
آهي ۽ اِهو احساس **ماسٽر چندر** جا گيت، واڻي ڪرائين ٿا.

سنڌي راڳاين، ڳائڻن، گلوڪارن جن بہ سنڌي ثقافت جي گهٽي،
ثاني، اڻ وسرندڙ خدمت ڪئي آهي ۽ سنڌي مؤسيقيءَ ۾ نواڻ پئدا
ڪري، اُن کي هڪ نئون انداز ڏنو آهي. اُنهن ۾ **ماسٽر چندر** جو نالو
گهڻو مٿانهون آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪويور ڪشنچند ٻيوس ادبي اسڪول **آف ٿاٽ** ڏنو
آهي. ساڳئي نموني ماسٽر چندر سنڌي مؤسيقيءَ جي ڏس ۾ نئون
''School of musical thought'' ڏنو آهي جنهن ڪري سنڌي
ڳائڪيءَ کي نئون موڙ حاصل ٿيو ٻين ڳائڪن ان جي پوئواري ڪئي
۽ سنڌي سنگيت ۾ ڪيترا سُريلا ڳائڪ پئدا ٿيا/پئدا ٿي رهيا آهن.
ماسٽر چندر ڳائڪيءَ جي انوکي رنگ ڍنگ سان ٻاهرين دنيا ۾ مقبول
ٿي رهيو پر سنڌي مؤسيقيءَ کي دنيا ۾ مڃرايو پڻ. ماسٽر چندر سنڌي
مؤسيقيءَ جو هڪ وڏو مڪتب آهي. پراڻا ڇاهي نوان ڳائڪ ماسٽر

سنڌي فنڪارن سنڌي موسيقيءَ کي معتبر ڪيو آهي.

قبوليل آهي تہ سنگيت جا بہ مکيہ تنتو سر ۽ لئہ آهن. لئہ سنگيت کي تال دؤران دائمي، سرل، مينناج ۽ احساس پريو بڻائي ٿي. ائين تہ زندگي بہ لئہ ۽ تال کانسواءِ اڌوري آهي. تال جي ضرورت گائڪيءَ جي پيشڪش وقت ڪهڙي ۽ ڪيتري آهي اُن جي آتمڪ، انيوتي منچ تي نمائش وقت ٿئي ٿي جو تال سنگيت جو پراڻ آهي. سر سنگيت ۽ ساز جو انوکو ميلاپ جيڪو اسان کي نظر اچي ٿو تہ اُهو صرف ڏات ڏٺي ماستر چندر ۾ آهي. سنگيت هڪ عميق آهي. ان جي حاصلات لاءِ ٿوبي جيان رياض جون ٽيبون هٽيبون ٿيون پون. اِهو اسانکي گايڪ ماستر چندر جي گائڪيءَ مان محسوس ٿئي ٿي.

سنگيت جنهن ۾ گيت، ساز ۽ نرتيہ شامل آهي پر جنهن ۾ گيت جي حصيداري وڌيڪ رهي ٿي اُن کي سنگيت سڏڻ جو رواج آهي. ماستر چندر جي گايڪيءَ ۾ گيتن جي پرمارآهي. سازن جي سنگت آهي تہ وري مستيءَ ۾ جهومائي دل ، دماغ کي تراوت ڏيندي من-تن کي جهومڻ-نچڻ لاءِ آماده ڪندڙ آهي. سنڌي لوڪ سنگيت جي ڦهلاءَ ۾ ماستر چندر جي وڏي حصيداري آهي.

سنگيت جي تواريخ ۾ سنگيت ڪلا ۽ سنگيت شاستر ٻنهي جو ذڪر اچي ٿو ۽ مهتا بہ حاصل ٿيل آهي. ماستر چندر ۾ ٻئي خوبيون شامل نظر اچن ٿيون.

سنگيت ڪلا ڪافي قديم آهي ديش، ڪال موجب اُن ۾ نت نون تنتون جو سماويش ٿيندو رهيو آهي. ڪلا جي اِن وهڪ کي دائمي، تازو توانو رکڻ جو ڪم سنگيت شاستر ڪري ٿو. جيڪو ڪلا جي خود جي سڌانتن جنهن جي خلاف وڃڻ کانسواءِ عوامي پسند گيت، رُچين مطابق جو هجي ٿو تہ رُچين، خواهشن، اڇائن، پسند گيت، مطابق راڳ-راڳڻين معرفت اِنساني، من ۽ آتما کي سنگيت آنند ۽ شانتي ڏيندڙ ٿئي ٿو. ماستر چندر اهڙي روح کي راحت ڏيندڙ ديسي سنگيت جو ڳُٽي ۽ ڏٺي هو.

ر **ارجن ڀمڀاڻيءَ** جي ڪتاب جو ٻيو ورنو ويندو آهي ۽ نئين ٽهيءَ
ني مٿان ڳائڪ **ماستر چندر** جي جيون جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ٿئي
ي. هتي اِهو پڻ ٻڌائڻ واجب ٿيندو تہ هن ڪتاب ۾ شمار ٿيل شري
هيش چندر پنهنجي لکيل ليکہ **''ماستر چندر جون رچنائون''** ۾ **ارجن
ڀمڀاڻيءَ** جي لکيل ڪتاب ۾ سمايل مواد جو سٺو فائدو ورتو آهي.
استر چندر صاحب اهڙي شخصيت جو مالڪ هو جنهن جي جيون تي،
سنگيت ياترا تي جيترو لکجي ٿورو آهي.

ماستر چندر جي جيون -فن-ڪاريہ تي هي پهريون دفعو آهي تہ
ڪ سرڪاري اِداري، هڪ عظيم فنڪار تي ڪتاب جي اشاعت ڪرائي
ري مهيش چندر جي خواهش کي نہ صرف ساڪار بڻايو آهي پر
سنڌيءَ جي ثقافتي ادب ۾ هڪ قابل قدر اضافو ڪيو آهي، جو اڳيان
لي اسانجي ڳايڪن ۽ محققن لاءِ اهم طور ڪم ايندو.

هن ڪتاب تي نظر وجهڻ سان فهرست ۾ درج نالن مان بخوبي
ندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جتي ماستر چندر کي سنڌ جي ڳوناڻن،
هري سنڌي عوام چاهيو، عزت ڏني آهي اتي ماستر چندر جي ذهنيت،
ابليت، نياز، نوڙت ذهني شخص ۽ دانشورن کي گهڻو گهڻو متاثر
ڪيو آهي. سدا حيات ماستر چندر جي وڇوڙي جي غم، خوبين،
اصيتن، خصوصيتن، ساروڻين، يادگيرين تي قلم هلائڻ لاءِ آماده
ڪيو آهي شرڌانجلون ڏنيون آهن ۽ پنهنجا ايماندار احساس اظهاريا
هن.

هِت اهو بہ ڄاڻائڻ واجبي ٿيندو تہ جدا جدا هند-سنڌ جي اديبن
استر چندر جي جيون، ڪاريہ، فن تي جدا جدا وقتن تي پنهنجن
ذبن کي قلمبند ڪيو آهي. جدا جدا مخزنن، رسالن، اخبارن ۾ شايع
ڪيو آهي انهن جي چونڊ ڪري بهترين ترتيب ڏيئي هڪ ئي سري
يٽ شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جيئن نالن جي ڊُهراءَ
پرمار کان ڪتاب کي آزاد رکيو وڃي. البت مواد جي تفصيلن جو
هراءَ ضرور نظر ايندو پر هر ڪنهن جو اندازي بيان پنهنجو پنهنجو
هي. لکڻي جي خوبصورتي نواڻ سان ڀرپور آهي ۽ هر ڪنهن پنهنجي

چندر جي انداز ۾ ڳاين ٿا. جيونگارين ٿا جو ماسٽر چندر جي ڳايڪي
سدارنگي آهي جنهن جي معنيٰ آهي سدا حيات، سدا سائي، هر وقت
ڳائڻ وارو راڳ-راڳڻيون، سدا سُهاڳڻ راڳڻيون جيڪي ڪنهن به وقت،
ڪٿي به ڳائي سگهجن ٿيون.

سنگيت آچاريه ماسٽر چندر سنڌ-هند ۾ مقبوليت جون جيڪي
بلنديون ماڻيون آهن هن باري ۾ ڪجهه به لکڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ
جي برابر آهي. اهو ئي سبب آهي جو پوري سنڌي سنگيت جي سفر ۾
آغاز کان وٺي اڄ تائين ماسٽر چندر سنڌي سنگيت جي ميدان ۾ ڏنل
خدمتن جي احترام ۾ ماسٽر چندر ئي هڪ ڳائڪ، هڪ شاعر ۽ موسيقار ڪري
نه پر سنڌي سنگيت جو **مڪمل اسڪول/سنسٿا** ڪري ليکيو وڃي ٿو.

ماسٽر چندر جي شخصيت سنڌي سنگيت جو هڪ عميق هو جو
تمام ٻڌندڙن جو هر طبقو شايد هن جي گهراين تائين نه پهچي سگهيو
هجي.

ماسٽر چندر هڪ پئدائشي فنڪار هو. جنهن ان دؤر ۾ ڪلام رچڻ،
ان کي سنگيت سان سجائڻ، پاڻ ئي ڳائڻ ۽ رڪارڊن جي ماڌيم سان
سنڌي سنگيت کي گهر گهر تائين پهچائڻ اهو سڀ صرف ماسٽر
چندر جي انفرادي شخصيت جو ئي حصو هو.

مدت کان **ماسٽر چندر** جي سپتر **شري مهيش چندر** جي خواهش
هئي تہ ماسٽر چندر جي جيون، فن ۽ ڪاريہ تي هڪ وڏو گرنٿ لکيو
وڃي. ڪجهه سال اڳ احمدآباد جي ڪلاڪار - اديب **ارجن ڀمڀاڻي**
ماسٽر چندر جي جيون، فن ۽ ڪاريہ تي هڪ مڪمل ڪتاب **"سنگيت
آچاريہ ماسٽر چندر"** جي عنوان سان شايع ڪري شري مهيش چند
جي خواهش کي ڪنهن حد تائين عملي جامو پهرايو هو. **ارجن ڀمڀاڻي**
جو ماسٽر چندر تي لکيل ڪتاب سنڌي عالم ۽ ساهتيہ ۾ پهريون ڪتاب
هو جنهن ۾ هن جاکوڙ ۽ محنت ڪري ماسٽر چندر جي شخصيت کي
سهڻي نموني، باترتيب، سليس سنڌي ٻوليءَ ۾ اجاگر ڪيو هو. اهو
ڪتاب اڄ هند-سنڌ ۾ اڀياسي ڪتاب جي روپ ۾ سڃاتو وڃي ٿو
اسڪولن ۾ ماسٽر چندر جي جيون تي آيوجت ڪيل مضمون چٽاڀيتين

فهرست

سمجهه سگهجي ٿو ۽ سوچ جي آڌار تي ماستر چندر کي جدا جدا صفتن
سان نوازيو آهي. اهي صفتون ماستر چندر جي گهڻ ڪنڊي اندرين
چاهي ٻاهرين شخصيت طرف اشارا ڪن ٿيون ۽ ڪتاب "ڪلا ج
ڪوهنور ماستر چندر" سري جي تعديق ڪندي خود به خود سچائي
کي اُجاگر ڪن ٿيون.

اسان **ڪلا جو ڪوهنور ماستر چندر** نالي ڪتاب ڇپائي پيڙهه ج
پتر رکڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش ڪئي آهي. وشواس آهي
اڳتي هلي سنڌي ثقافت جي واڌاري ۾ هي ڪتاب اهم پارٽ اد
ڪندو. ۽ آخر ۾ شڪرگذاريءَ جا ٻه لفظ :

اسين شڪرگذار آهيون

- **راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد** جي بانيڪارن جو جن اسا
  ۾ وشواس رکي هن ڪتاب جي سمپادن جي جوابداري اسا
  متان هموار ڪئي.
- سيني اديبن، فنڪارن جو جن جا **ماستر چندر** تي قلم بند ڪ
  ليکن کي هن ڪتاب ۾ شمار ڪيو ويو آهي.
- هند-سنڌ جي عالمي ڳائڪ، فنڪار **شري مهيش چندر** جو جنه
  مواد ۽ فوٽا ميسر ڪرڻ ڏيڻ ۾ اَسانجو ٻانهن ٻيلي بڻيو.
- پريشد جي **ڊائريڪٽر شري نرمل گوپلاڻيءَ** جو جنهن ڪتا
  ڇپائڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو.

۽ آخر ۾ اسڪين ڪامپيوٽر جي بانيڪارن **شري ديپڪ لالواڻي**
دليپ لالواڻيءَ جو جن وقت سر ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ هر قسم ج
مناسب مدد ڪئي.


ڪتاب "**ڪلا جو ڪوهنور-ماستر چندر**" توهانجي مبارڪ هٿن
آهي. قوي اُميد آهي ته اوهان سيني کي پسند پوندو ۽ فنڪار ج
يادگيرين کي تازو-توانو بڻائيندو.


ڊا.جيٺو لالواڻ
ارجن پمپاڻ





ماسٽر چندر جون جدا جدا مُدرائون








ماسٽر چندر سنگيت پروگرام ڏيندي پر ۾ مهيش چندر وينل



ماسٽر چندر سنگيت پروگرام ڏيندي پر ۾ هارمونيئم تي
مهيش چندر ۽ پنيان گوپ چندر (سُپٽر)





ماستر چندر جون جدا جدا مُدرائون



ماستر چندر هندي فلم ''موت کا طوفان''
1935 ۾ ٺهيل



ماستر چندر شاعر اظهر گيلانيءَ ۽ دوست سان گڏ



ماستر چندر شاعر ضيا پنهنجي شاگرد پرمانند ساگر
۽ سُپترن گوپ ۽ مهيش چندر




ماسٽر چندر سُپترن گوپ ۽ مهيش چندر سان پروگرام ڏيندي



ماسٽر چندر شاعر پرسرام ضيا ۽ ٻين ساٿين سان گڏ



ماسٽر چندر مکيہ مهمان طور



اڳوٽي مرڪزي وزير ايڇ. ڪي. ڀڳت سان گڏ ماسٽر چندر



ماسٽر چندر پنهنجي سنگيت پارٽيءَ سان جنهن ۾ مهيش چندر (سُپتر) به شامل آهي.



پروفيسر رام پنجواڻي ماستر چندر جو سواگت ڪندي



ماستر چندر ولايت ۾ دوستن سان گڏ



مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر شري رامچندر
ماسٽر چندر جو سواگت ڪندي



ڊسٽرڪٽ جج شري موتيلال ٻنالي
ماسٽر چندر جو سواگت ڪندي




ماستر چندر ۽ سندس ڌرمپتني هيتي ٻائيءَ سان گڏ



ماستر چندر پنهنجن دوستن يارن سان گڏ



ماستر چندر دوستن ۽ يارن سان گڏ



ماستر چندر ڏرمپتني هيتي بائيءَ سان گڏ



ماستر چندر سُپتر هرداس ۽ ڏرمپتني هيتيبائيءَ سان



ماستر چندر سُپتري ڪملا ڌرمپتني
هِيتي بائي ۽ ڏوهٽن سان گڏ



ماستر چندر دوست سان ڪِلمڪُ مو



ماستر چندر سُپترن مهيش
۽ هرداس سان گڏ





ماستر چندر پنهنجي دوست ۽ سُپتر گوپ چندر سان گڏ



ماستر چندر سُپتر مهيش چندر سان گڏ



هند-سنڌ جو عظيم ڳايڪ، سنگيتڪار ۽ شاعر

- ارجن ڀمياڻي

سنڌي موسيقيءَ جي ميدان ۾ ائين تہ ڪيترائي فنڪار موجود
ن/هئا جن پنهنجي ڳائڪيءَ جي فن وسيلي سنڌي سنگيت ۽ قوم
شيوا ڪئي آهي. انهن ڪلاڪارن پنهنجي خاص انداز سان سنڌي
ر ڪي سنڌي سنگيت جي مهراڻ ۾ ٽٻيون ڏياريون آهن پر انهن
ڪارن مان ڪي ورلي هوندا جن لوڪپريتا جون منزلون سر ڪيون
ن، جن پنهنجي قوم جي دلين ۾ هڪ مقام قائم ڪيو هجي.
ڪپريتا جون منزلون طئہ ڪرڻ لاءِ ڳايڪ ڪلاڪار کي ڪيترين
هين جو خيال رکڻو تو پوي. ڳايڪ ڪلاڪار جي ڳائڻ جي انداز،
ڪيءَ جي نيمن جي ڄاڻ، ڳائڪيءَ ۾ قوم جي جذبات جو عڪس
ڳايڪ ڪلاڪار کي لوڪپريتا جون منزلون سر ڪرڻ ۾ مدد ڪري
سنگيت آچاريہ ماستر چندر جي لوڪپريتا جو اهو ئي راز هو. اهو
سبب آهي جو ماستر چندر سنڌي عوام جي دلين تي ڇانيل رهيو
ب. اهڙو ڪهڙو سنڌي هوندو جنهن جي دل ۾ ماستر چندر جو نالو
ريل نہ هجي هن جي آواز جو مشتاق هرهڪ سنڌي رهيو هوندو.
سنگيت جي دنيا جو سرتاج، آواز جي دنيا جو بي تاج بادشاه، سنڌي
جو شان، مايہ ناز ڪلاڪار، اعليٰ ڪلاڪار ماستر چندر تي هر سنڌيءَ
ناز آهي. اڄ هر سنڌي هند ۾ هجي يا سنڌ ۾ ائين چوندو ٻڌڻ ۾
و تہ ماستر چندر جهڙو ڳايڪ، سنگيتڪار سنڌي قوم ۾ ورلي پيدا
و ڇاڪاڻ تہ ماستر چندر سنڌي سنگيت کي هڪ خاص ڍنگہ عطا
و، هڪ پنهنجو رنگ ڏنو. اهو رنگ جيڪو هر سنڌيءَ جي دل ۽
ع تي سالن جا سالن تائين چڙهيل آهي. سنڌ ۾ جڏهن ڳائڻ کي
رت جي نظر سان ڏنو ويندو هو تڏهن هن مهان ڳايڪ سنڌي سنگيت
سنڌ ۽ هند جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ لوڪپريہ بڻايو.
نڌ جي مشهور اديب **ذوالفقار راشديءَ** موجب ”چندر، نہ رڳو



ماسٹر چندر یادگار مارگ اُلھاسنگر

مہورت وقت گوپ ؛ مہیش چندر

آهي جو کيس ''Legend of Sindh'' ڪري ڪوٺيو ويجي ٿو.

سنڌ جي مقبول ليکڪا **ماهتاب محبوب** جنهن کي ماستر چندر پنهنجي ڏيءَ ڪري تسليم ڪيو آهي، هن جي ويچارن موجب ''جڏهن کان دادا چندر ''سر ۽ ساز'' جي دنيا ۾ پنهنجو مبارڪ قدم رکيو تڏهن کان ئي هو هر دؤر ۾ عظيم ۽ مقبول ڳايڪ ليکيو ويجي ٿو. اهو اعزاز گهٽ فنڪارن کي حاصل آهي نه ته سنگيت ڪلا اهو ساگر آهي جنهن جي من پاتال ۾ سوين ماڻڪ موتي، لعل سمايل آهن جن جو ڪو ڇيهه ئي نه آهي. هن جا گيت سنگيت، سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سنڌيءَ جيان سمايل آهن، ورهه لنگهي ويا آهن پر دادا جو آواز اڃ به هرڪنهن لاءِ بي انتها اُتساه جو باعث آهن. سندس سدا بهار آواز ۾ جيڪا دلڪشي ۽ حسن آهي، جا زينت ۽ جواني آهي، سا دلين کي متاثر ڪرڻ کانسواءِ نٿي رهي.''

پوپٽي هيراننداڻي سنڌي ادب جي بهترين ليکڪا چوي ٿي ''ماستر چندر چارڻ آهي پر ٻئي قسم جو چارڻ. هن راجائن لاءِ نه ڳاتو، هن راڄ دربارن ۾ نه ڳاتو، نه ئي وري ڪنهن ملڪ جي حاڪم جي ساراه ۾ ڳاتو، هن عوام ماڻهن لاءِ ڳايو. ماستر چندر جي گيتن کي ماڻهو پنهنجا ئي گيت ڪري سمجهندا هئا. سنڌ ۾ ڳائڻا ۽ ڳائڻيون ٻيا به گهڻا پر چندر جي آواز ۾ سنڌ جي واريءَ جي مهڪ هئي جاهر سنڌيءَ جي دل ۾ گونجندي هئي، هن جي راڳ سان اسان جو ماضي ٻڌيل آهي. ماستر چندر ڳائي ته اسان کي اجرڪ ۾ ويڙهيل ابوجهه اکڙين وارو ڳوٺاڻو ياد اچي ٿو، هو راڳ جو انترو ڪٽي ته سنڌڙيءَ جا سنت ياد اچن ٿا ۽ استائي لهي ته هالاڻيءَ جي دربار اکين اڳيان اچي بيهي.''

اهو وقت هو جڏهن سنڌي موسيقي ڪوٺن، درگاهن ۽ اوطاقن تائين محدود هئي. سنڌي راڳڻين کي پڻ ڪنهن مخصوص انداز ۾ ئي ڳايو ويندو هو. ماستر چندر جي آمد کانپوءِ سنڌي راڳڻين کي نئون لباس پئجي ويو. ماستر چندر پنهنجي ڳايڪيءَ ۾ ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ڳايڪيءَ کي ملائي نيون طرزون ميدان ۾ آنديون. هو پنهنجي ڳايڪيءَ جو يگانو خالق هو. مشهور شاعر **ارجن شاد** جي ويچار موجب ''ماستر چندر

سنڌي ڪافي ۽ ڪلام جي لفظي ڪاياپلٽ ڪري ڏيکاري، پر ان ۾
کي هڪ نئون انداز، آواز، لهجو، وڄت ۽ طرز ادا ۽ عطا ڪئي. اهڙ
طرح هو نئين سنڌي عوامي راڳ جو موجد آهي. اها ڳالهه چٽي
مڃيل چئبي ته چندر، پنهنجي ڳائڻ جي نرالي رنگ ڍنگ جو پاڻ ئ
خالق آهي. چندر کان اڳ اهڙو ئي ڪو چٽو مثال ڳجهت ۾ ڳجهت مونک
ڪونه سجهي البت چندر جو نقل، اهل، پيروي پوءِ گهڻن ئي ڪئي
اهو هڪ اتفاق چئجي يا خوشقسمتي جو ماستر چندر سنڌي قوم
جنم ورتو. جنهن پنهنجي آواز ۽ شاعريءَ ذريعي سنڌين کي عش
مجازي ۽ عشق روحانيءَ جي عميق ۾ سالن تائين ٻيون ڏياريو
آواز جي دنيا جو جادوگر پنهنجي سريلي آواز سان هندو چاهي مسلم
کي اهڙو ته جکڙي ڇڏيندو هو جو ٻڌندڙ مٿس گهورون گهوريندا ه
چندر جو سنگيت پروگرام معنيٰ اندر سڀا، مجال آهي جو ڪوبه
جي پروگرام وقت پنهنجي جڳهه تان اُٿي. جيڪو جتي وينو اُٿي س
هن مهان گايڪ جي پروگرام ۾ ڪيترن پنهنجن جتين ۾ پيشاب ڪ
ڪيترن اکين ۾ آب آڻي رنو، ڪيترن پنهنجي هٿن کي ڇيهو ڏي
هن مٿان پئسا گهوريا.
اهڙو ڇا هو ماستر چندر جي آواز ۽ ڪلام ۾؟ **موتي پرڪاش** مش
شاعر ٻڌائي ٿو ته آخر ماستر چندر جي گيت، سنگيت ۾ اهڙو ڇا هو
سڄي سنڌ ان جي مشتاق هئي؟ اها هئي سادن سودن لفظن ۾، جو
دلين جي بيتابي ۽ بيچيني، عاشقن جي آهن ۽ محبوب جي ماڻن
اظهار، محبت ڪندڙ دلين جو بيشمار آزيون ۽ ستگرن جون ارڏايون
انڪار جيڪي سنگيت جي سرن ۾ سمائجي دلين ۾ پيهي ويندا ه
ماستر چندر جوان دلين جي دل جي ڌڙڪن هو.''
ماستر چندر پنهنجي سنگيت وديا، گايڪي ۽ شاعريءَ جي وسي
سنڌ ۽ هند جي هر طبقي جي سنڌين جي دلين ۾ جڳهه قائم ڪ
ڇڏي. هن جيڪو ڪجهه ڳايو عوام لاءِ ڳايو. پنهنجي مادري زبان سنڌ
۾ ڳايو. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪلاڪار جو نالو هر سنڌيءَ جي ز
تي هڪ ڏهي، ڪهاڻي ۽ داستان جيان ترندو رهيو آهي. اهو ئي س

ديوي وانسو ڪيو هو جو ڪن هزارن کي جهومايو.

سوامي شانتي پرڪاش موجب ''ماستر چندر سنڌي سنگيت روپي آڪاش جو چندرما آهي. سندس ڪنٺ ۾ سرسوتي ديويءَ جو نواس آهي. هو پيارو سنتن درويشن جو ڪانئڪي آهي.''

هن مهان گايڪ جي جيون ۽ سنگيت جي ڪيل شيوا لاءِ جيترو لکجي اوترو ٿورو آهي. تنهن هوندي ڪن مکيه هستين جن ماستر چندر کي پنهنجو سمجهيو، پيار ڏنو، انهن کي وساري نٿو سگهجي. ماستر چندر لاءِ انهن هيٺئن چيو آهي، سنڌين جي مشهور **اڳوان ناري گرسهاڻي** موجب ''ساهتي پرڳٽي روپي باغ ۾ جنهن گل گهٽي ۾ گهٽي خوشبوءِ ڦهلائي، ڳلي ڳلي ۾ ڀائي هندو مسلمان، استري پرش کي جهومائي سگهيو سو آهي سر سنگيت جو سمراٽ هند ۽ سنڌ ۾ هاڪارو ماستر چندر!''

پرهلاد آڏواڻيءَ ماستر چندر کي جاتيءَ جو ڀٽو ڪري سڏيو آهي چاڪاڻ ماستر صاحب سنڌي سنگيت کي سنڌ ۾ ڀونن ۾ ڳلين تائين پهچايو پر هند ۾ پڻ هن هر سنڌي ڪالونيءَ ۾ وڃي سنڌ جي سرن سورٺ، ڀيروي، راڻي ۽ حسيني کي ڳائي سنڌڙيءَ کي سيني ۾ سانڍڻ جو سينهو ڏنو.''

دنيچند ڪلاڻي موجب ''ادائي گهرن جو خئر گهرندڙ ماستر چندر کي سنڌ ۾ هندن مسلمانن هڪ جهڙو پيار ڏنو ڪيس راجائن مهاراجائن ميڊل ڏنا. سر جا ڄاڻو سي رامچندر ۽ مناڊي جهڙا پڻ سندس هاردڪ عزت ڪندا هئا.''

گوپ بهراڻي ''موجب ماستر چندر جهڙو ڪلاڪار ورلي جنم وٺندو آهي جنهن پنهنجي آواز جي تاثير سان سنڌين جي دلين کي راحت بخشي.''

ماستر چندر جيڪو نالو ڪمايو، جيڪا عضمت ۽ مان مرتبو حاصل ڪيو اهو سڀ هنجي ڪيل محنت جو ڦل هو. پر اسان سنڌين هن لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ اهو صحيح آهي ته سنڌين هن کي بيحد پيار ڏنو، عزت ڏني. ماستر چندر جو ٧٥ جنم دن ''فرينڊس آف اورسيز'' جي بانيڪارن

ڳائڪيءَ جي ڏانءَ جو خود ئي مالڪ آهي. ڪيس ڪلا سيڪل سنگيت جي زبردست ڄاڻ هئي. منهنجي ويچار موجب هو اهڙو ڪلاڪار آهي جنهن سنڌي لوڪ ڳائڪيءَ کي ڪلا سيڪي ڳائڪيءَ جي ميلاپ سان ڳايو. هن جي ڳائڪيءَ جو مکيه ڳڻ آهي جذبات جو بهترين نموني اِظهار ڪرڻ. اهو ئي سبب آهي جو هن سنڌي سنگيت ۾ خاص مقام حاصل ڪيو آهي.''

سچ پچ ماسٽر چندر پنهنجي آواز، ڪلام ۽ ڳائڪيءَ ذريعي سنڌين جي جذبات، امنگن، ڏکن ڏولائن جي ترجماني ڪئي ''مالڪ تون درد ڪٽيندين''، ''رنا ئي رهن پر هجين حياتي'' ته اڄ هر سنڌيءَ جي زبان تي تڪيه ڪلام جو روپ اختيار ڪيو آهي. اهڙا ته اڪيچار گيت آهن ماسٽر جا، جن ڪيس هندو چاهي مسلمان هر طبقي ۾ پيارو بڻايو.

سنڌي ادب جي مشهور ليکڪ **گوبند مالهي** موجب سنگيت آچاريه ماسٽر چندر جو نالو پنجاه سالن کان متي هر سنڌيءَ جي گهر ۾ وڄندو رهيو آهي. هن جي سوز پرئي سريلي آواز ٻڌندڙن تي ورهين جا ورهيه حاوي رهيو. ماسٽر چندر جو ڪلاڪاري رعب ۽ اوج ٻئي ويجهڙائيءَ کان ڏٺا اٿم. هن جي آواز، مرڪ ۽ فلڪ کان اڄ تائين متاثر آهيان. هندو خواه مسلم ميلن جو سرمور ماسٽر چندر ئي هوندو هو ڀڳت ڪنوررام کان پوءِ.''

ڀڳونتي ناواڻي (سنڌي موسيقيءَ جي راڻي) کي پڻ ماسٽر چندر لاءِ زبردست عزت ۽ مان هو. هوءَ ننڍي هوندي کان ماسٽر چندر جي سريلي آواز جي چاهڪا ۽ قدردان رهي. جهوليلال فلم جي ٽائيٽل گيت ۾ ڀڳونتيءَ ماسٽر چندر سان ڪورس ۾ ڳايو. سنو ڳايو ماسٽر چندر ڪيس آسيس ڪئي. ان آسيس ڀڳونتي ناواڻيءَ کي موسيقيءَ جي راڻي بڻايو ڇڏيو. **ٿهلرام آزاد** وري ماسٽر چندر کي ''ڳڻ ديوتا'' ڪري تسليم ڪيو آهي.

ماسٽر چندر اها هستي/ شخصيت هئي جيڪا سنڌي موسيقيءَ جي دنيا تي ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين ڇانيل رهي. هن جي آواز ۾ سرسوتي

(۵) سنگيت ۾ مان. جنهن ۾ ماسٽر چندر پنهنجي سنگيت ياترا جو باريڪيءَ ۾ بي باڪي سان بيان ڪيو آهي.

(٦) هڪ ملاقات - جنهن ۾ پنهنجي ملاقات لکي اٿس

(٧) سنڌي لوڪ سنگيت - جنهن ۾ سنڌي راڳ راڳڻين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي اٿس.

(٨) ڏيپچند - ڪوئل جي ڪهاڻي (اسڪرين پلي)

(٩) اڃا نه ائٽ مان نندڙي آهيان. هڪ سنڌي ڇوڪريءَ جو اعليٰ دماغ. متين رچنائن جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ ثابت ٿئي ٿو، ماسٽر چندر صرف گائڪ ۽ شاعر نه هو هو صاحب هڪ تمام سنو ليکڪ پڻ هو. متين رچنائن مان ماسٽر چندر جي سولي لکڻي، سنڌيءَ ٻوليءَ جي اپيوگ، رچنائن جو هڪسرو سلسلو، ڪلپنا شڪتي ۽ اظهار شڪتي جو درشن ٿئي ٿو.

ڏيپچند ڪوئل جي ڪهاڻي آڊيو ڪئسيٽ-سي.ڊي. ڪئسيٽ ۾ پريل آهي. هن ڪهاڻي کي ناٽڪي انداز سان گڏ سنگيت ميه پڻ ٻڌايو آهي. ڪهاڻي هلندي هلندي ضرورت مطابق گيتن کي شمار ڪيو ويو آهي سو به ماسٽر چندر جي آواز ۾ پانڪ پاڻ پڙهي امين ٿين.

ڪجهه يادگيريون

سرٻواسي ماسٽر هر بخش ٽيلر "لاڙڪاڻي جو رهواسي ورهاڱي کان پوءِ احمدآباد ۾ اچي رهيو. هو ماسٽر چندر جو پيارو شاگرد هو. اينري قدر جو ماسٽر چندر ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ هن کي ڪتنب سميت ڪراچيءَ گهرائي ورتو ۽ پنهنجي جڳهه ۾ هڪ روم ڏنو.

هو صاحب اڪثر ماسٽر چندر جي گائڪيءَ نسبت صدق سان ۽ عزت وچان ساراهه ڪندو هو. ماسٽر چندر سان گهاريل ڪتبهه گهڙين جو ذڪر ڪندو رهندو هو. هن صاحب ماسٽر چندر جي سنگيت ۽ آواز جي تاثير جو هڪ واقعو ٻڌايو. سکر جي هڪ شاهوڪار ماسٽر چندر جو پروگرام رکيو. پروگرام ڪنهن اسٽيج يا هال ۾ نه رکيو ويو. بلڪ ٻيڙيءَ ۾ رکيو ويو. چانڊوڪي رات هئي. سنڌو نديءَ جو پاڻي ڪلڪل ڪري وهي رهيو هو. انبن جي مؤسم هئي. ڪافي انب پڻ ڪنيا ويا. ٻيڙي

طرفان ڏاڍ ڏوهہ سان ملهايو ويو. هڪ فنڪار جو جيئري ئي ايڏي پئماني تي سنمان ڪيو ويو. هن موقعي تي ماستر چندر جي دل کولي ساراه ڪئي ويئي. ڀارت سرڪار جي وزير ايڇ. ڪي. ايل. ڀڳت طرفان سنمان ڪيو ويو....شاباس! ڪلاڪار/فنڪار جو قدر جيئري ئي ٿيڻ گهرجي.

ديهانت کان ڪجهہ مهنا اڳ مارچ ۱۹۸۴ تي سنڌونگر ميونسپالٽيءَ جي ڪائونسلرن طرفان ماستر چندر کي مان پتر ڏنو ويو.

سنڌ ۾ هن مهان گايڪ جي رڪارڊن ۽ ٽيپن کي نئين سر رڪارڊ ڪرائي **سنڌ الاجي** وارن محفوظ ڪري رکيو آهي. هت هند ۾ اسان سنڌين ڇا ڪيو آهي؟ اڄ هن سدا حيات ڪلاڪار جو يادگار پڻ قائم ڪري نہ سگهيا آهيون. ماستر چندر جي لکيل ڪلامن کي، رڪارڊن جي گسي وڃڻ سبب سنڌ جا ڪلاڪار نئون رنگ ڏيئي ڳائي رهيا آهن. هند ۾ پڻ ڪلاڪارن کي هن مهان گايڪ جي ياد کي تازو رکڻ لاءِ سندس ئي لکيل ڪلامن کي نئين ڍنگ سان ڳائڻ گهرجي.

ماستر چندر جو ناسونت شرير اسانجي وچ ۾ نہ آهي پر سندس آواز رڪارڊن ۽ ٽيپن ۾ قيد آهي جيڪو هر سنڌيءَ کي راحت ۽ سڪون بخشيندو رهندو.

ماستر چندر - هڪ ليکڪ

ماستر چندر نہ صرف هند-سنڌ جو عظيم گايڪ، سنگيتڪار ۽ شاعر هو پر هو هڪ بهترين ليکڪ پڻ هو. هن جي قلم مان ڪيترين رچنائن جو آغاز ٿيو. جيڪي منهنجي ليکي امٽ رچنائون آهن. انهن مان هيٺيون رچنائون قابل ذڪر آهن.

(۱) ماستر چندر پنهنجي اُستاد ڪاڪي جيتورام متائي تي سچو صوفي اٿوا صوفي درويش سائين جيوترام متائي جي مختصر جيوني لکي آهي.

(۲) ايشور ۽ جيو جو لاڳاپو طرف روح رهاڻ.

(۳) چار چڱا-چار مدا.

(۴) شاهہ صاحب

ڳچي اچون. ماستر چندر کي ٻاڌڻ نه ويٺي. ڳڻتي آزي نبزاريءَ ٽانپوءِ ها ڪيائين. شڪارپور ۾ هڪ هوٽل ۾ وڃي لٿا. شام جو جتي حوليءَ جو هانڊو رکيل هو ان جڳهه وٽان لنگهيا. درشڪن ۽ بانيڪارن جي نظر ماستر چندر تي پئجي ويئي. پڇندا آيا. ماستر چندر کي حوليءَ جي هانڊي ۾ وٺي ويا. هند مان آيل گوين سان ملاقات ڪرائي. بانيڪارن ماستر چندر جي ايتري نه ساراه ڪئي جو گوين کي عجب لڳو ته اهڙي مشهور ڪلاڪار کي چو نه گهرايو ويو هو. نارائڻ راءُ وياس ماستر چندر کي ڪلاسيڪي راڳ ٻڌائڻ لاءِ چيو

ماستر چندر گوين جو مان رکي مالڪس راڳ ڳايو. گويا حيران ٿي ويا. چون پيا سنڌين ۾ اهڙا ڪلاڪار آهن چا؟ نارائڻ راءُ وياس ماستر چندر کي ''ماستر'' جو لقب ڏنو جيڪو هو سڄي زندگي پر پنهنجي نالي اڳيان ڪم آڻيندو هو. ماستر چندر هڪ لوڪ گايڪ نه هو پر هڪ پختو گويو پڻ هو.

سنڌ جو سفر

ورهاڱي کان پوءِ ماستر چندر مادر وطن سنڌ جو دورو ١٩٥٥ ۾ ڪيو. پاڪستان سرڪار، هندو ۽ مسلمانن جي قرب پري خانگي ڪوٺ تي سنڌ ۾ ڪافي سنگيت پروگرام ڏنا. سنڌ واسين پنهنجي محبوب ڪلاڪار جي دل کولي آجيان ڪئي. جڏهن سنڌ واسين کي خبر پيئي ته سندن هر دلعزيز مايہناز ڪلاڪار، لوڪ گايڪ ماستر چندر پنهنجي فرزند گوپ سان کوکرا پار کان ريل رستي سنڌ اچي رهيو آهي، تڏهن سڄي سنڌ ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. ماڻهن جا حشام گلن جا هار کڻي اچي اسٽيشن تي ڳاهٽ ٿيا هئا پنهنجي محبوب ڪلاڪار جو درشن ڪرڻ ۽ مرحبا ڪرڻ.

سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ سيني مشهور اخبارن ماستر چندر جي آمد جون خبرون شدمد سان شايع ڪيون.

هلال (١٢-٧-٥٥) واري پرچي لکيو-''ماستر چندر لاڙڪاڻي اچي رهيو آهي. هن جي آمد جي تاريخ ١٤ آگسٽ مقرر ٿي آهي. ماستر

سنڌو نديءَ جي ڀاڪي تي ترندي رهي. جيڏانهن ماسٽر چندر جو سنگيتن
۾ مڌر آواز سنڌو نديءَ جي آواز سان ملي خوشنما ماحول پيدا ڪري
رهيو هو. عجيب ڪائنات هئي ان وقت! ماسٽر چندر جي آواز سيني
کي موهي ڇڏيو. ٻڌندڙ اهڙا جهڙا بت! چوندو هو ماسٽر چندر جي آوا
جي باري ۾ ڇا چئي ڇا ڇئجي! اهڙو ڪلاڪار يگن ۾ ڪڏهن ڪڏهن
پيدا ٿيندو آهي.

ٻيو واقعو پڻ ڪافي دلچسپ آهي ماسٽر هربخش هڪ دفعي
گرمين جي ڏينهن ۾ پنهنجي اُستاد جو ديدار ڪرڻ لاءِ ماسٽر چند
جي ڳوٺ ناروشاه اچي پهتو. زبردست گرمي هئي. شام جي وقت ماسٽ
چندر پنهنجي شاگرد هربخش کي چيو-هل ته ٿورو گهمي اچون. ٻئي
ڄڻا ناروشاه اسٽيشن طرف روانا ٿيا. وات تي هڪ مسجد هئي. مسج
جي مجاهرن جي نظر ماسٽر چندر تي پئجي ويئي. ماسٽر چند
اڳيان سُري آيا. ڪين عرض ڪيائون سائين توهان هن طرف آيا آهيو
ته ڪجهه ڳائي ٻڌايو. گرمي پڻ ڪافي آهي. راڳ سان گرميءَ کا
راحت ملندي. ماسٽر چندر آناڪاني ڪرڻ لڳو. چيائين بنا سازن جي
ڪيئن ڳائبو. مجاهرن چيو سائين مسجد ۾ ساز حاضر آهن. اندر اچ
ماسٽر چندر ڳائڻ تي راضي ٿيو. هربخش جي چوڻ مطابق ماسٽر چند
برسات موسم ۾ ڳائڻ ۾ ايندڙ راڳن مان هڪ راڳ ڇيڙيو. راڳ جو اث
ٻڌندڙ تي هاوي پوڻ لڳو پر قدرت تي پڻ راڳ مان راحت اچڻ لڳي
ٿوري ئي وقت ڪانپوءِ الائي ڪٿان ڪڪر/بادل نهي آيا جو برسات پو
لڳي. گرميءَ کان نجات حاصل ٿي اهڙو هو ماسٽر چندر جي سنگيت
ڳائڻ ۾ تاثير!!

شڪارپور ۾ هوليءَ جو هانڊو رکيو ويندو هو. جتي هند سنڌ جا مشه
گويا ۽ گايڪ ڪلاڪار پنهنجي سنگيت ڪلا جو مظاهرو ڪندا هئا. ه
مان پڻ مشهور گويا نارائڻ راءُ وياس، اومڪار نات پنڊت وغير
ڪلاسيڪي سنگيت جو لطف وٺائيندا هئا. هڪ دفعي هوليءَ جي هانڊ
جي نيند ماسٽر چندر کي نه موڪلي ويئي. ماسٽر چندر کي ڪافي د
ٿيو. هربخش راءِ ماسٽر چندر کي وينتي ڪئي سائين هلو ته شڪارپ

پروگرام ڏنائين. ۱۴ آگسٽ ۱۹۵۵ ”پاڪستان ڏي“ ڏينهن لاڙڪاڻي
۾ پروگرام ڏنائين. ويهن هزارن کان وڌيڪ سنڌ جا باشندا پنهنجي
محبوب ڪلاڪار جي سنگيت جو لطف ماڻڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا هئا.

سنڌ جي هڪ اخبار سندس پروگرام جي ڪاميابي بابت لکيو
”لاڙڪاڻي ۾ جشن پاڪستان شاندار نموني ملهايو ويو. ماسٽر چندر پڻ
حصو ورتو. ۱۴ آگسٽ جي مقرر ڪيل تاريخ ماسٽر چندر حيدرآباد کان
وايا روهڙي ريلوي لائين دادوءَ جي پڇڻ جي باوجود وڏا ڪشالا ڪري
لاڙڪاڻي پهتو. ۸ بجي شام جو جناح باغ ۾ زير صدارت مسٽر انور
عادل ڪليڪٽر، لاڙڪاڻي جي پبلڪ ميٽنگ، مشاعرو ۽ موسيقيءَ جو
پروگرام شروع ٿيو. هن جشن ۾ جيڪب آباد، سکر، پنو عاقل، ڪنڌ
ڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي مان اٽڪل ۱۴ هزار کن ماڻهن شرڪت ڪئي. ۹ کان
۱۱ بجي رات تائين ماسٽر چندر جشن پاڪستان جي خوشيءَ ۾ چونڪي
ني. سنڌ جا ماڻهو سندس منهن ڏسڻ لاءِ مشتاق پئي نظر پئي آيا.
ڙڪاڻي جو ڪليڪٽر صاحب مسٽر انور عادل ساڻس نهايت همدرديءَ
ان پيش آيو. آخر ۾ ماسٽر چندر پنهنجي همدردن، ماسٽر غلام دستگير
لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر جو شڪريه ادا ڪيو.“

هند ۽ سنڌ جي مشهور شاعر شري **هري دلگير** جيڪو انهن ڏينهن ۾
سنڌ ۾ ئي رهيل هو، پنهنجي هڪ خط ۾ ماسٽر چندر جي سنڌ جي سفر
سبت هيئن لکيو.

”ماسٽر چندر اٽڪل ۱۹۵٦ ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ آيو هو. جڏهن مان
جا پاڪستاني نگرواسي هوس. چندر ۽ سندس پارٽي ڏهاڪو ڏينهن
ي رهيا هئا. سندن ميزباني ڪرڻ جو شرف مونکي مليو هو. اُتي
هنجن ڪلامن جي خوب ڌوم مچائي هئائين. اهو نظارو منهنجن
ئين آڏو اڃا به ڦري رهيو آهي. جنهن ۾ مسلمان ٻڌندڙ هر هر پيا
ون ”يار چندر شل جيئندو رهين رڳه رڳه ناري چڙيئه.“

اُن کانپوءِ ماسٽر چندر حيدرآباد سنڌ ۾ ميرن جي بنگلي ته عورتن
خاص پروگرام پيش ڪيو. اُنان جي ادڙين کي ڪلام، ڪافيون ۽
ا ٻڌائي بيحد خوش ڪيو.

چندر ٣٠ جولاءِ هندستان مان جهاز ۾ چڙهندو. پهرين سڌو حيدرآباد سنڌ مرشد سائين سيد قطب علي شاهه صوفي جي درگاهه جي چائنٺ چمندو. جتي چوڪي ڪندو. هڪ هفتي تائين درگاهه تي گذاريندو. اُتان سڌو ١٤ آگسٽ جناح باغ ۾ رکيل محفل ۾ شرڪت ڪندو.''

نوائي سنڌ ڊيلي (٥٥-٧-٦) وري هيئن لکيو ''سنڌ جو نامور موسيقار، اديب، شاعر ماسٽر چندر هندستان کان چند ڏينهن لاءِ خاص دعوت تي اچي رهيو آهي. ماسٽر چندر نامور موسيقارن مان هڪ آهي جنهن جا رڪارڊ اڄ تائين ريڊيو پاڪستان وڄائيندو آهي. ماسٽر چندر هڪ اديب ۽ شاعر پڻ آهي. ماسٽر ڪلب طرفان سندس مرحبا جون تياريون تي رهيون آهن.''

پاڪستان ويڪلي (٥٥-٧-٤) لکيو-''ماسٽر چندر جو انتظار- هندستان کان ماسٽر چندر جولاءِ جي آخري هفتي ۾ لاڙڪاڻي اچي رهيو آهي. سندس اچڻ جي تاريخ جو سنڌ جا باشندا انتظار ڪري رهيا آهن. سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن مان شموليت جا خط اچي رهيا آهن. سندس محفل جون گرماگرم تياريون تي رهيون آهن.''

انقلاب (٥٥-٧-١٨) ''هندستان کان ماسٽر چندر مشهور گرائمو فون سنگر آگسٽ جي ٻئي هفتي سنڌ اچي رهي رهيو آهي. ماسٽر چندر نه فقط سنگيت جو ستارو آهي پر ادب ۽ شاعريءَ جو پڻ ماهر آهي. سندس شاندار محفل لاءِ زبردست تياريون تي رهيون آهن.''

مزدور ويڪلي (٥٥-٦-٢٧) موجب ''سنڌ جو مايه ناز موسيقار (فنڪار) ماسٽر چندر پنهنجن ساٿين سان گڏ هندستان کان چند ڏينهن لاءِ لاڙڪاڻي اچي رهيو آهي. ماسٽر چندر جي نالي کان سنڌ جو ٻار ٻچو واقف آهي. سندس جادو ڀرئي آواز کان اوهانکي ريڊيو پاڪستان رڪارڊن ذريعي واقف ڪندو رهندو آهي. ياد رهي ته ماسٽر چندر صوفي خيال جو شاعر ۽ اديب پڻ آهي. سندس محفل لاءِ شاندار تياريون تي رهيون آهن.''

سنڌ ۾ پهچڻ بعد ماسٽر چندر پنهنجو پهريون پروگرام پنهنجي مرشد قطب علي شاهه جي ميلي تي پيش ڪيو. لڳاتار ٽي ڏينهن

چنرڪ!! ۽ پڙهائيءَ ۾ زبردست شونق ھو. پنهنجن پيارن ٻن فرزندن
جي اوچتي ديهانت ماستر چندر جي زندگيءَ ۾ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو.
ھن اوچتي ڏڪ ماستر چندر جي جيون ۾ زبردست ڦيرو آڻي ڇڏيو. ھن
محسوس ڪيو تہ دنيا ۾ جيترو سک ڏسڻ ۾ اچي ٿو اوترو ئي دڪ پڻ
آھي. وئراڳ ۾ گذارڻ لڳو. وئراڳہ اسٿتي لڳ ڀڳ ھڪ سال رھي. ان
عرصي ۾ ماستر چندر ڳائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو. پوءِ پرسرام ضيا ۽
ٻين بزرگن ۽ سڄڻن جي ڪوشش سان ۽ دلاسن سان ماستر چندر وري
ڳائڻ شروع ڪيو. ٿوري ئي عرصي ڪانپوءِ ورھاڱو ٿيو. فرزندن جي
اوچتي جدائي ۽ ورھاڱي جي دکہ ماستر چندر جي قلم مان ڪيترن
ئي گيتن کي جنم ڏنو. انھن گيتن ۾ انتهائي دکہ سمايل آھي. انھن
گيتن کي ھن سوز ۽ درد ۾ ڳايو آھي.

ماهتاب محبوب ماستر چندر جي گيتن کي ٻن حصن ۾ ورھائيندي
لکيو آھي. ''دادا جي ڳايل بي شمار گيتن کي جيڪر ٻن حصن ۾
ورهائجي تہ شروعاتي گيت سنہ ١٩٤٦ تائين ڳايا اٿس ۽ ان ڪانپوءِ
وارن گيتن ۾ نمايان فرق نظر ايندو. پهرين گيتن ۾ رومانيت آھي
۽ ٻئين تہ پوئين ۾ بي انتا ڏکہ اھو ڏکہ وطن جي وڇوڙي سان گڏ ٻن
جوان پٽن جي جدائي جو بہ ھو جيڪو آخري دم داداجي جي جيءَ
کي جهوريندو ۽ هڏماس ڪوريندو رھيو. ھن پوءِ اهڙو گيت نہ ڳايو
جنهن ۾ وطن جي سار سان گڏ، لڏي آيلن کي ھمٿائيندي، پنهنجي
دل جي اِنتهائي درديلن جذبن جو اظهار نہ ڪيو ھجي.'' انھن گيتن
مان ڪجھہ ھن ريت آھن.

...رکي ناتو نڀاويو ھو، سنگت جلدي ڇڏايو ڇو؟ رئان ڇو نہ سرتيون
...سنگت ويا ڦنائي، عاشق ٿي نہ اُداس اندر ۾، مالڪ تون درد ڪليندين
...فن ۾ هوشيار سنڌي وغيره.

پنهنجي جوان پٽن جي جدائيءَ ڪانپوءِ ماستر چندر ٻين پٽن تي ڪابہ
...شت نہ رکي. پنهنجي پٽ گوپ جي شاديءَ وقت پاڻ گهوٽ پيءُ نہ
...و. گهوٽ پيءُ ڊاڪٽر روچلداس ۽ ماءُ ماتا پپر ديوي کي بڻايائين.

پاڪستان سرڪار سندس حفاظت لاءِ هڪ انسپيڪٽر مقرر ڪيو
ماسٽر پاڪستان سرڪار کي انسپيڪٽر نه رکڻ لاءِ عرض ڪيو. ڪ
پاسپورٽ تي سڀ ضلع لکي ڏنائون. سڄي سنڌ گهميو. پنهنجي آو
ڪلام وسيلي سنڌين/ سنڌواسين هندو چاهي مسلمانن جو من مو
چڙيائين.
اُن وقت سنڌ ۾ زبردست ٻوڏون آيل هيون، ڪافي نقصان ٿيو
خاص ڪري سکر، لاڙڪاڻو ۽ دادو ٻوڏن کان ڪافي متاثر ٿيا هئا. ما
چندر پنهنجين سنگيت پروگرامن وسيلن هزارين روپيه ماسٽر ڪ
لاڙڪاڻي جي معرفت ٻوڏ فند لاءِ گڏ ڪري ڏنا.
سنڌ ۾ ماسٽر جا ڪيترا ئي نوان رڪارڊ پريا ويا جهڙوڪ ”ننڍ
ننڍڙي آهيان“، ڪانگه تو لنوين اڱڻ ۾، اِهي دل لڳيءَ جون ڳالهي
”ڪنهن کي سور نه ڪنهن کي پور“ ”دل ڏيڻ چاهيان تو، پر ڪو
وارو هجي“ وغيره.
سنڌ جو سفر پورو ڪري، سنڌواسين جي دلين تي پنهنجي آوا
ڪلام جي ياد تازي ڪرائي، بي انتها عزت پائي واپس هندس
موٽي آيو. ان کانپوءِ سنڌ وڃڻ لاءِ ڪافي واجهه واجهايائين. پنهن
مادر وطن جو وري ديدار ڪرڻ لاءِ تڙڦندو رهيو. پنهنجن هم وط
جي درشن لاءِ واٽون نهاريندو رهيو. هند ۽ ولائت ۾ پروگرامن سب
سڻائي واهُ جي انتظار ۾ حياتيءَ جي پڇاڙيءَ واري عرصي تا
سنڌ وڃي نه سگهيو شايد اهو ارمان رهجي ويو هجي هن جي دل ۾
سنڌ واسي ۽ هندواسي اڄ به هن کي پنهنجن دلين ۾ سانڍي وينا آ

وئراڳه

ماسٽر چندر کي سڄي حياتيءَ ۾ پنج پٽ، گوپ، ڪنعيو، من
هرداس ۽ مهيش چندر ۽ پنج نياڻيون ڄايون.
١٩٤٥ ۾ ٻه جوان پٽ منسکه ۽ ڪنعيو جوانيءَ ۾ گذاري ويا.
هوڻهار جوان هئا. گڻن جا ڀنڊار هئا. پنهنجي گڻن ۽ لڇڻن
ننڍي وڏي جي دل موهي چڏي هئائون. ٻنهي ڀائرن کي سنگ

عقدمي جو اظهار ڪيو آهي. ماستر چندر پاڪستان جي قيام کان اڳ سنڌ ۾ به ڪافي مشهور ۽ مقبول هو. هن ڪي سنڌي راڳ جي ڪيترن ئي صنفن خاص ڪري ڪافي تي وڏي مهارت حاصل هئي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هن کي ڀارت ۾ به هڪ مقبول سنڌي ڳائڻي جي حيثيت حاصل رهي ۽ سنڌ ۾ به سندس ڪلام گهڻو پسند ڪيو ويندو هو. هن دنيا جي ڪيترن ملڪن جا به دورا ڪيا. ماستر چندر هڪ انتهائي صوفي منش هو. هو مذهب جي متڀيد کان بالاتر هو. هن جو لاڏاڻو هڪ اهڙو خال آهي جيڪو شايد ڪافي عرصي تائين ڀرجي نه سگهي.

هلال (١٢-١١-١٩٨٤) پاڪستان پنهنجي پرچي ۾ ماهتاب محبوب جو ليک شايع ڪيو. ماهتاب محبوب دادا کي شرڌانجلي ڏيندي لکيو ”دادا چندر اها مهربان ۽ پاڄهاري هستي هئي، جنهن جي صفتن جي ڇانو ۾ مونکي ويهه ڏينهن گهارڻ جو شرف حاصل ٿيو. دادا چندر اعليٰ ڪلاڪار، سنگيتڪار ۽ بهترين شاعر هئڻ کان پهرين هڪ عظيم انسان به هو، قدرت جا ڳهرا راز ۽ رمزون سمجهائڻ جو ڪيس پنهنجو منفرد ڏانءُ هو. منهنجي دل کي جڏهن به ڪي گهاءُ رسيا، مون جڏهن به ڪي صدما سٺا، ته هن نيڪ دل انسان پنهنجي وشال دليلن ۽ دلداريءَ سان اهي دور ڪري مونکي ڪنهن روشن ماڳ تي رسايو. مونکي پنهنجي ڌيءُ-ڀيڻ تسليم ڪري، دين ڌرم جي رشتي کي توڙ تائين نڀائي پنهنجي مهانتا جو اڻ مٽ ثبوت ڏيئي هند ۾ ٽيهن لکن سنڌين جو سر فخر کان بلند ڪيو.“

اڄ دادا ماستر چندر اسان جي وچ ۾ نه آهي پر پنيان ڇڏي ويو آهي پنهنجو سدا حيات آواز جيڪو سدائين ٻڌجندو رهجي ٿو. سندس ڪلام، غزل، ڪافين، ڏوهيڙا جا رڪارڊ ۽ ڪئسيٽ ريڊيو تان وڄندا رهن ٿا ۽ سندس ياد کي تازو ڪندا رهندا ٿا. دادا امر آهي. سدا حيات آهي. جيستائين سنڌي قوم زنده ٿيستائين هن مهان ڳائڪ جو نالو اجر امر رهندو. سدائين سنڌين جي دلين ۾ قائم دائم رهندو.

الوداع

هند-سنڌ جي عظيم ڳايڪ، سنگيتڪار ۽ شاعر ماستر چندر حياتي
جا پويان ٿورا سال گوشي نشيني ۾ ايشور جي ڀڳتيءَ ۾ گذاريا.
سالن جي ڄمار کان ۷۵ سالن تائين لڳاتار ڳائڻ ڇڏي پلي سنڌي ڳاي
ڪلاڪار جي وس ۾ ڳالهه نه آهي. ايڏي آوارجا جي باوجود به سر
جي سرتي ۽ آواز جي پختگي قائم رکڻ تپسيا ۽ رياض جو ئي پرتا
آهي. ماستر چندر سڄي عمر اعليٰ جيون گذاري. صوفي طبيعت
انسان هو. هر ڪنهن جو خير گهرندو هو. سندس زندگي نيم ٽيم وار
زندگي هئي. البت سندس شخصي جيون جي باري ۾ ڪيتريون ئ
ڏند ڪٿائون ٻڌيون آهن. اهو نه سياويڪ آهي ايڏي وڏي شخصيت
هستي جي باري ڪجهه من گهڙت ڳالهيون/ اُفواه پيدا ٿيڻا ئي آه
طبعيت جي ناسازي سبب ٿورو وقت ڳائڻ بند ڪري ڇڏيائين. جيئن
پنهنجي پڳ پنهنجي فرزند **مهيش چندر** کي پارايائين. هن کي جيئن
گادي نشين بڻايائين. مهيش چندر پڻ پنهنجي پتا جي نقش قدم
تي هلي سنڌي/اُردو/هندي سنگيت جا گهڻا پري رهيو آهي. ار
غزل گايڪيءَ ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو آهي. ڪيترين هندي ف
۾ پلي بئڪ ۽ ميوزڪ ڊئريڪشن ڏني اٿس. جوت مان جوت قائم آه
مهيش وديشن ۾ پڻ پنهنجي سنگيت ڪلا جو جوهر ڏيکاريو آه
سندس وڏو ڀاءُ گوپ چندر پڻ امريڪا ۾ سنڌي/اُردو/هندي سنگي
جي ورڪا وسائي رهيو آهي.

ماستر چندر ۳ نومبر ۱۹۸۴ تي بمبئيءَ ۾ چولو ڇڏيو. سندس مو
جي خبر سنڌي جڳت ۾ هاهاڪار مچائي ڇڏيو. سندس مان ۾ ڪيتر
اخبارن، سنڌي هستين، آڪاشواڻي، دوردرشن وارن خرج عقيدت پي
ڪئي. سنڌ جي اخبارن پڻ ماستر چندر جي اوچتي ديهانت ن
شرڌانجلي ڏني. سنڌ جي مشهور اخبار **عبرت** لکيو ”بر صغير جو ج
مشهور ۽ معروف سنڌي ڳائڻو ماستر چندر بمبئيءَ ۾ ديهانت ڪري
آهي جنهن تي نه صرف ڀارت بلڪ پاڪستان، خاص ڪري سنڌ
سنڌي موسيقيءَ ۽ راڳ سان دلچسپي ۽ تعلق رکندڙ خلق ۾ گهر

۽ شبد ڪيرتن به ربابي ۽ ميراسي پيا ڪن... ازي بابا! چريو نه ٿي ۽-
سياڻو ٿي ۽-ساهوڪاري بار آهين پنهنجن مائٽن ۽ وڏڙن ڏي ڏس...ازي
پيءُ ماءُ کي هڪڙو ئي سڪيلڌو پٽ آهين. ڪير ٻانهن به ڪين ڏيندءِ...
ڪچو ڪنوارو رهجي ويندين..

خير گهڻو ئي ڪجهه چون ٿا، پر مان چپ آهيان. ۽ دل ۾ دل تو ٿئيم
۽ سوچيان ٿو ته جو راڳ روح کي راحت ٿو ڏئيم، ان کي ڪيئن
ڇڏيندس، دل ۾ سوچيندين پڪ ٿو ڪريان ته اڳتي لڪي لڪي
ڳائيندس... ۽ ضرور ڳائيندس.

ساٿيون، جيڪڏهن سچ پچ فقط اِهو ئي ''ماحول'' وايو منڊل رهي
ها، ته شايد مان راڳ ڳائڻ بند به ڪري ڇڏيان ها. مگر مان خوش نيب
آهيان جو اسان جي شهر ۾ ٻائو گوڏورام سنت سنگيت رتن رهندو هو.
جينوٽيڪ سورداس هو پر ڳائڻ وديا جي ڪافي ڄاڻ هيس ۽ هر ساز
مان واقف هو. ديش پرديس جا وڏا وڏا گويا، گائڻ وديا جو علم وٺڻ لاءِ
وٽس ڪهي ايندا هئا، جينوٽيڪ سندس علم مونکي نصيب نه ٿيو. جو
مان ننڍڙو ٻالڪ هوس، مگر سندس آشيرواد حاصل ڪري سگهيس، جو
جڏهن ويندو هوس تڏهن چوندو هو ''چندر هڪ ڀڄن ٻڌاءِ'' مان
ڳائيندو هوس.... ڳائي بس ڪندو هوس ته پاڪر پائي آشيرواد ڪندو
هو، ۽ منائي ڪارائيندو هو.... مان شڪر گذار آهيان ان مهاتما سنگيت
رتن بزرگ جو جنهن منهنجي حوصلي افزائي ڪئي ۽ چوندو رهيو ته
بابلا ماڻهن جي روڪ ۽ ٽوڪ کي ڏسي گهبرائجي نه وڃجه.... تون
ڳائيندو رهه، ۽ پيار سان ڳائيندو رهه، توکي ايشور سريلو آواز عطا
ڪيو آهي جو موتي دان ڪرڻ سان ملندو آهي.... ''سر آهي ايشور''
اِهو ايشور تنهنجو ساٿي آهي، جو هر راهه ۾ تنهنجو مددگار ٿيندو.
تون ضرور فتح ياب ٿيندي، اِها منهنجي اِڇا آهي ۽ ساڻ ساڻ آشيرواد
پي تون ڏسين ڪين ٿو ته ڪيئي ربابي يا هندستان ڀر جا گوئيا مون
وٽ اَچن ٿا.... گائن ٿا.... ۽ اِهي توکي جهلبندڙ ۽ راڳ کان روڪيندڙ
ساڳيا بزرگ ڪيئن منهنجي دربار ۾ اچي سنگيت جو رس ٿا وٺن، ۽
ڳائيندڙن کي سوين رپيا انعام ٿا ڏين... ڇا ٿي پيو جي هو مسلمان



سنگيت ۽ مان

-ماسٽر چندر

ساٿيو، زندگيءَ جا ڪيئي سال سنگيت جا سُر آلاپيندي گذاريا اٿم، ليڪن ٻه اکر ٻه ڪڏهن توهان اڳيان نه ٻوليا اٿم، ته سنگيت ڇا آهي، سنگيت ڪيئن پرائي آهي ۽ ڪيئن ڳائبي آهي. اَڄ جڏهن سمجها نٿو ته ٿوري وقت اندر مان جي ملڪ ۾ پهچڻو اَٿم، تڏهن پنهنجي آزمودي مان ٻه ٽي شبد، سنگيت سان دلچسپي رکندڙن جي اڳيان رکان ٿو، من ڪنهن هڪ ٻه ڳڻ گراهڪ کي فيض پهچي سگهي. هاڻي هلو ته توهان کي سونهاري سنڌڙيءَ جو سئر ڪرائي اچان-اجوڪي مارشلا واري سنڌڙي نه پر ۴۰ سال اڳه واري صوفياڻي سنڌڙي.

هيڏانهن نهاريو هي نواب شاه ضلع جي ساهتي پرڳڻي ۾ ناروشاهه جو شهر آهي. ڪيڏا ته قسمين قسمين ميون جا باغ آهن-ڪيڏي نه گلن ڦلن جي خوشبوءِ روح کي راحت ڏيئي رهي آهي.

هاڻي، مون ڏانهن نهاريو، مان فقط ڏهن سالن جو ٻار آهيان. ڇوٿون سنڌي ماستر جهامراءِ وٽ پڙهندو آهيان.، ننڍڙا ننڍا ڦتل بيت ناهيان ٿو ۽ ايشور وٺان مليل منڙي سر سان ڳايان ٿو. ڪيڏو نه خوش آهيان. مگر ارمان جو شهر جا جهونن خيالن وارا بزرگ منهنجي خوشيءَ کي غم جي پوشاڪ ٿا پارائن، هو مون تي خنده‌زني ٿا ڪن-ڪي ڪلن ٿا ته ڪي ڪاوڙ ٿا ڪن، ٻڌو ٿا...؟ ڇا ٿا چون؟ هو چون ٿا ته هيءُ نئينءَ مان ”چندر“ ساماڻو آهي... راڳه ٿو ناهي ۽ جت ڪٽ پيو ڳائي.... ڪا لڄ ٻه اچيس ٿي! ڪو ميراسي آهي يا ربابي آهي.... ڏسو ڏسو... وري مونکي سڏ ڪري ڇا ٿا چون. ”اڙي چندر“ بابا ٻڌ ته سهي.... تون جو نه اهي بيت پيو ناهين ۽ جت ڪٽ پيو ڳائين.... سو توکي خبر آهي ته ناهڻ ۽ ڳائڻ ڪو اسان هندن جو ڪرتبه آهي؟ هيءُ ته مسلمانن جو ڪم آهي ناهڻ ۽ جت ڪٽ ڳائڻ! ڏسين ٻڌين ڪونه پيو ته سنڌ جي ٽڪاڻن ۾ ٻه ڪو ورلي ساڌو پڙهت ڳائڻ وارو هوندو. نه نه نه آشاديوار

ڪرڻ لڳا- ڪوبہ اسڪول جو جلسو ٿيندو هو تہ ڳائيندو هوس ۽ انعام حاصل ڪندو هوس. سيئي مونکي ساراهائيندا هئا، مگر ارمان جو اڄان سنگيت جي ڄاڻ ڪان هئم. فقط چار پنج سنڌي راڳہ راڳڻيون ٻڌي ياد ڪيا هئم، جي جهمت تلواڙو، يا دادرا تال ۾ ڳائي سگهندو هوس، ڇاڪاڻ جو ان وقت سنڌ ۾ سنگيت جو پرڪاش گهٽ هو، هندو تہ فقط آٿرين تي ڳڻڻ جيترا سنگيت جا ڄاڻو هئا. باقي ڀڳت يا ناچو نچندا ۽ کهاڻيون ٻڌائيندا هئا. جي ساريون راتيون جاڳي ٻڌندو هوس جيڪي دل کي وڻندو هو، سو ڪنٺ ڪندو هوس ۽ اُن جي عيوض کين ٻيٽا طور ڪيئي رپيا ڏيندو هوس.....

توهان چوندا تہ اُن وقت جا سنگيت رتن، يا ڀڳت، تہ اسان کي ڏيکار نيڪ آهي.....

اُن وقت سنڌ جي سنگيت تہ برابر مسلمانن جي هٿ ۾ هئو پر اَسان جا هندن ۾ بہ ڪيئي لڪل لعل موجود هئا، ليڪن جيئن شاهہ عبداللطيف جي ڏينهن ۾ هڪ ''مدن واڻيو'' بہ اهڙو درويش ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، جو خود شاهہ صاحب بہ هن کي مرشد جي نگاهہ سان ڏسندي هميشه سيرانديءَ کان وهاريندو هو ۽ پاڻ پيرانديءَ کان وهندو هو، مگر ارمان آهي جو ان جو نالو ڪن خاص ڪانسواءِ خبر ڪو ظاهر آهي، ان جو مطلب تہ بادشاهي اَهڙي هئي. اهڙي طرح هندو بہ سنگيت رتن هوا، پر ظاهر ڪين هوا، جهڙي طرح ناروشاهہ ۾ ڀائي گوڏورام صاحب، هالاڻي ۾ ڀائي ساجنداس صاحب، سکر پراڻي ۾ ڀائي مينگهراج صاحب، دادو ضلع ۾ ٿلهي وارا ساڌ، اباوڙن تعلقي ۾ ڀائي مگهررام صاحب، (جنهن جو سپتر ڀائي آتمارام) رتيديري ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڀائي پنجورام صاحب (جنهن جو چيلو ڀائي ڪشن زنده آهي) حيدرآباد ۾ گوسوامي ڪندن گر ۽ چيتن گر صاحب (جنهن جي گاديءَ تي گوسوامي برهمانند اڄان جيپورجي سنگيت ڪاليج جو پرنسيپال آهي، ۽ ڀارت ۾ چڱو نالو ڪڍيو اَٿس) شڪارپور ۾ ڪي پنڊت، ڪي مسند، ڪي بناٽي گهراڻي مان، تہ ڪي وري شاهوڪار سيٺن مان بہ سنگيت جا چڱا چڱا ماهر هوا. هر سال هوليءَ تي سنگيت جا هانڊا بہ لڳائيندا هئا، ۽ ساري ڀارت جا

ڳائڻ ڄارا آهن. هي ڳائڻ وڄايا ڪٽا مسلمانن جي ملڪيت ٿورو ئي آهي، ڇنن جي نہ قرآن شريف ۾ بہ راڳہ حرام لکيل آهي. هيءُ وديا اسان جي سام ويد مان اُتپن ٿيل آهي ۽ ڪرتيہ جي وديا آهي ''ڪرتيہ ڪندي بڻي ڳڻوان، ڀلي هندو يا مسلمان.''

تون ڪرتيہ ڪندو رھہ ۽ ڪوبہ فڪر نہ ڪر... اِهي مهربانيون مهاتما گوڏورام جون. مگر ارمان آهي جو ١١ سالن جو مس ٿيس تہ اهو سمرات ڀائي گوڏورام سوين ساز ڇڏي پرلوڪ پڌاريو، ۽ پويان هڪ بہ وڄائيندڙ ان دربار ۾ نہ رهيو. فقط پنين تي ستار، طائوس، طنبور، سارنگي، دلربا، وينا ۽ بينا ڪپڙن ۾ ويڙهيل ٽنگيل ڏٺم. جي ساز اڄ تائين روئي رهيا آهن سندس ڳادي ڀائي سندرداس ۽ ڀائي لالارام درويش اهو ئي شيواڌاريءَ جي ويس ۾ رهيو. سنگيت کان ٻئي محروم رهيا.... باقي سندن سنگيت شاگردن مان ڪي ٿورا مون ڏٺا. جهڙوڪ ڀائو سڪديال هارمونيم، طبلو، وڄائڻ ۾، ڪاڪا جيوترام منائي ڳائڻ ۾ ۽ سندس سارنگيءَ جا بہ شاگرد سيني کان سرس قابل ثابت ٿيا. هڪ ڀائي رامون سورداس، جتوئي دربار ۾ هڪ سورداس هالاڻي دربار ۾. خير چوندا آهن تہ ڏٺي هڪ لٺي تہ سَوَ پٽي.... سنت گوڏورام جي پرلوڪ پڌارجڻ کانپوءِ مان پنهنجا نهيل بيت پنهنجي اسڪول جي هم ڪلاسين ۽ وقتي اسڪول جي ماسترن کي ٻڌائيندو هوس. جي مونکي شاباس ڏيندا هئا ۽ تاڙيون وڄائي منهنجي حوصل افزائي ڪندا هئا. جڻ منهنجي شوق کي خوراڪ ملندي رهي. تان جو اسان جي اسڪول جي هيڊ ماستر مسٽر لوڪومل صاحب کي خبر پئي. هو صاحب بہ ڪو سائين قطب شاھ جو طالب هو ۽ صوفي ڪلام ڏوهيڙا سر سورٺ، راڻو، پيرين، ڪوهياري ۽ آشا مان آلاپيندو هو. منهنجو آواز ٻڌي خوش ٿيندو هو ۽ هدايت ڪندو هو تہ هر روز هڪ سلوڪ سڪمني جپ صاحب جو يا هڪ ڏوهيڙو شاھ، سچل، ساميءَ جو نئون ياد ڪري مونکي سر سان ٻڌائيندو ڪر. هاڻي تہ جڻ منهنجي ڀڳوان ٻڌي. مان روز اسڪولي سبقن سان گڏ هڪ نہ هڪ، بيت بہ ياد ڪندو رهيس، ۽ سر سان ڳائيندو رهيس. پوءِ تہ اسڪول جي سيني ڪلاسن جا شاگرد ساٿي، ۽ ماستر صاحب مونکي پيار

ڏنو. اِهي هوا سنڌ جا سنگيت رتن، ۽ پنڊت، ٻيا هوندا، مگر معاف ڪندا جو انهن جي ڄاڻ مونکي ڪانهي.

هاڻي گائن وديا جا ڄاڻو ۽ پنڊت تہ سڀ توهان ڏٺا، مگر منهنجي ننڍڙي شهر ناروشاه ۾ تہ ڪو سنگيت جو ڄاڻو ڪونهي، جنهن کان باقاعدي علم وٺان. مونکي ايشور سر بہ ڏنو آهي. شوق بہ ڏنو آهي شعر بہ ٺاهيان ٿو ۽ ڳايان بہ ٿو. منهن سان مرلي وڄائي ٿو سگهان ۽ وات سان واڄو بہ ٿو وڄايان (جنهن کي هاڻي مائوٿ آرگن ٿا چون) پر ارمان جو قاعدي جي ڄاڻ کان اڻڄاڻ اٿم، مگر چوندا آهن. ”ڀاڳ سنو تہ مراد حاصل“ هڪڙي دفعي منهنجو پنا صاحب جو سنتن جو شيوڪ هو، مونکي هالاڻي دربار ۾ سائين سروپداس صاحب وٽ متو ٽيڪائڻ (چرن وندنا) لاءِ وٺي هليو. اسان سال بہ سال ساري ڪٽنب سان سجدو ڪرڻ هالاڻيءَ ويندا هئاسون، ان جو سبب هو تہ گاديءَ تي ويٺل ٻاوا سروپداس صاحب پورن پرماتما ساکيات شنڪر ڀڳوان جي مورتي هو، ۽ ان جي مکيہ وزيرن مان ڀائي ساڄن داس صاحب منهنجو سڳو چاچو هو، جو ننڍڙي هوندي ئي مائٽن هالاڻي دربار جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. هو صاحب سنگيت جو ڄاڻو هو. ان ڪري دربار جو شبد ڪيرتن بہ پنهنجن ششن سان گڏجي پاڻ ڪندو هو. مان پنهنجي پنا صاحب سان هالاڻي دربار ۾ پهچي سائين سروپداس کي چرن وندنا ڪئي، ڀائي ساڄنداس جي چوڻ تي هڪ شبد بہ سائين کي ڳائي ٻڌايم ۽ وات جو ٻاجو بہ وڄائي ڏيکاريم. سنت ڏاڍو خوش ٿيا ۽ آشيرواد ڪيائون، پر ڀائي ساڄنداس چوڻ لڳو، ابا وات جو واڄو نہ وڄائيندو ڪر، نہ تہ آواز خراب ٿي پوندءِ. وات جي ساز وڄائڻ سان سرتي اثر پوندو آهي. ڦڦڙن جي ڪئن ورزش سبب ۾ گهٽجي ويندو آهي. مان شڪر گذار آهيان، سائين سروپداس صاحب جو جنهن نہ پهہ جواب ڏنس تہ ڀائي ساڄن، جي وات جو واڄو نٿو وڄائڻ ڏينس تہ پاڻ هٿ جو واڄو (هارمونيم) ڇو نہ ٿو نين ڏينس. بس سنتن جي مکہ مان وچن نڪتا مس تہ منهنجي پنا ۽ چاچي ست وچن ڪيو. يڪدم پيسا ڪڍي ڀائي ساڄنداس جي حوالي ڪيائون، جنهن صاحب ٽن مهنن اندر خاص سيڙي اَمرتسر مان مونکي

هندو، مسلمان، سنگيت سمراٽ بہ ڳراٿيندا هئا...

پڳٽن ۾ سائين سترامداس (ڪنورراړ جو گرو) ۽ پڳت ڏيلي باشي،
جو نالو مشهور هو. مگر منهنجن اکين نہ ڏٺا نڪي ڪنن هنن جي آواز
جو رس ورتو. باقي پڳت ڪنورراړ جو نالو چوٽيءَ تي هو. ڇاڪاڻ جو،
هڪ تہ سريلو هو، ٻيو تہ سنت هو. پڳت فرايوسنگهہ جنهن سان گڏ پڳت
گوئند وڏو ۽ پڳت چنچل هوندا هئا. پڳت پيسورام لاڙڪاڻي وارو ممتاز
جي ڳالهہ ڪان مشهور هو. هن سان گڏ ماسٽر گوپيچند هارمونيم وڄائيندو
هو. سنگيت جو ڄاڻو هو ۽ ڪنهن ڪنهن وقت هلڪيون وٽندڙ تانون
لڳائيندو هو ۽ ڏاڍو وٽندو هو. پڳت اِيسر ڪوڏڻ خانواهڻ جا مشهور
پڳت هوندا هئا. جنهن جو اولاد سنڌ اجان زنده آهي ۽ ڪجهہ سنگيت
جي ڄاڻ بہ اٿس. لاڙڪاڻي جا پڳت ٽيڪونارو، پڳت شون. مير جي
ملڪ جا پڳت، پيسولڏڙو. سکر جا پڳت رامون گجوُ. روهڙي جا پڳت
جاڙارام. دادوءَ جو گوسوامي پڳت. ٽنڊي آدم جا گر (جنهن ڪنعيو،
سڳنو ۽ شمن گڏي پيدا ڪيا) پڳت ليلارام صاحب جنهن کي ڏيڊ ڪنور
چوندا هئا. ڪجهہ دير سان باگڙجي ۾ موٽڻ پڳت بہ پيدا ٿيو. انهن
سيئي پنهنجي پنهنجي وٽ آهر چڱو نالو ڪڍيو. مگر منو ناچو سيني
کي سرس وٽندو هو. ڇاڪاڻ هو هڪ تہ ننڍي عمر جو سهڻو ۽ سريلو
جوان هو، ٻيو نچندو ناز سان هو. ٽيون تہ ڪن اُستادن وٽان نمريون ۽
ڪرشن پد سکيل هو. جيتوڻيڪ پڙهيل ڪونہ هو، پر جيڪي ڳائيندو هو
سو شوق سان ڳائيندو هو، ۽ شبدن ۾ ڀاو پيدا ڪندو هو. باقي سنڌ جي
سنگيت جا مالڪ ان وقت مسلمان هئا جئن ڳامڻ خان، ۽ سندس فرزند
مبارڪ خان، ۽ ٻيبوخان. رسولا خان ڪلهوڙو ۽ رسولاخان ڪاسائي
شڪارپور ۾ سنيڏوخان جمالو خان، جنهن جو پٽ منظور علي خان زنده
آهي. سکر ۾ خان صاحب الله ڏنو نوناري. خيرپور ۾ شالوخان، حيدرآباد
۾ عاشق علي خان (خان صاحب فتح علي خان جو فرزنده) روهڙيءَ ۾
استاد اميرخان عاشق علي خان جو مامو ۽ سائِي وقت استاد) ڇاڪاڻ
جو فتح علي خان جي وفات وقت عاشق علي سندس فرزند فقط پنجن
سالن جو هو. تنهن ڪري استاد امير خان ئي عاشق علي خان کي علم

ضرور ڊاڪٽر روچلداس صاحب وٽ روهڙي ۾ علاج معالجت وٺڻ لاءِ يا
علاج جي بهاني ايندا هئا ۽ ڪين ادب سان ڀائو سڏي رهاڻيون ڪندا
هئا. رهاڻيون هلنديءَ ڪلام شروع ٿيندو هو ۽ هٿ ۾ يڪتارو کڻندا هئا
مونکي ''چندر ڀڳوان'' ڪري سڏ ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته اچي مون
سان گهڙو يا باجو وڄاءِ'' مان گهڙو وڄائيندو هوس ۽ پاڻ مستي ۾ اچي
مراد فقير - دريا خان ۽ ٻين درويشن جا ڪلام ڳائيندا هئا. ڳائي بس
ڪندا هئا ته چوندا هئا ''چندر ڀڳوان'' هاڻي تون ڳاءِ - مان ڳائيندو
هوس ته چپٽن تي تار وڄندا هئا ۽ تمام پراڻا پراڻا ڪلام ڏوهيڙا لکائي
ياد ڪرائيندا هئا- ٻنهين ڳلن تي هٿ ڦيري آشيرواد ڪندا هئا ۽
چوندا هئا ''چندر ڀڳوان'' تنهنجي ڳلي ۾ سرسوتي ديويءَ جو واسو
آهي تون ضرور دنيا ۾ چمڪندين. ليڪن پنهنجو شوق ثابت رکندو
اچج. ۽ ڀائو صاحب (ڊاڪٽر روچلداس صاحب) جي صحبت نه ڇڏج.
سندن پيار ڀلائي نٿو سگهان. سندن نظر ڪرم اهڙي رهندي آئي جو
گهرو ڀاتين وانگر ڀائڻ لڳا. فقط هڪڙي اڪر عرض ڪرڻ تي منهنجي
گهر ناروشاه هليا ايندا هئا ۽ اچي منهنجي گروءَ جا ميلا منائيندا هئا.
سندن سچي محبت جي اها ئي نشاني آهي جو شهادت پائڻ کان فقط
هڪ منٽ اڳ ڀاڪر پائي رڪ جي اسٽيشن تي موڪلايو اٿائون....
قدرت دل وارن جا ميلاپ ڪيئن نه اچانڪ ڪرائيندي آهي پاڻ
ماڻجهندن کان موٽيا ته مان لاڙڪاڻي کان انٽر ڪلاس ۾ سامان رکي
وينس خبر پوڻ سان ساڻن ٿرڊڪلاس ۾ چرن وندنا ڪرڻ ويس گاڏي
رُڪ اسٽيشن تي گهڻو وقت بيهندي هئي. ساڻن رهاڻين ڪرڻ جو چڱو
موقعو مليو بلڪل خوش پئي لڳا. ڪاڏو پئي سيني ڪي ورهائي ڏنائون.
فقط هڪ منٽ اڳ موڪلائي سامان سانگي انٽر ڪلاس ۾ آيس-بس
جيئن ئي گاڏي چٽي تيئن گولي چٽي.... هڪ منٽ اڳ جو مشڪندڙ
چهاندو ڏٺم سو مرجهائبو پيو وڃي. مان هزار بار نمسڪار ٿو ڪريان ان
نم آتما کي.... ۽ سر کي جهڪايان ٿو ان هندو مسلمان جي يار صوفي
فربدار اڳيان. جنهن جا سريلا آواز ٻڌي مون سُرَ جي سرت پرائي..
جنهن کانپوءِ شڪر گذار آهيان سائين وسڻ گهوٽ جي سپاتر ۽ گادي

پترس سرن جو خزانو ڏيئي آئي ڏنو ۽ سولين راڳڻين جا سرگم
لڳائي ياد ڪرايا.

ساٿيو-نوجوان سمجهو ٿا ته ان وقت مان ڪيترو نه خوش هوندس
جنهن وقت خود منهنجو پتا ۽ چاچو به منهنجي شوق سان شامل رهيا
منهنجي ساڌو روپ چاچا ڀائي ساجنداس جو مون تي مهر جو هٿ قري
جڻ مون کي کلي اجازت ملي ويئي جنهن منهنجي شوق ۾ اضاف
آندو. سرگم ذريعي سنگيت جي ابتدائي تعليم ڀائي ساجنداس صاحب
ڏني ته ڪاڪا جيوترام مٽائي صاحب تين تال ۾ ڳائڻ سيکاريو جو
هو صاحب بمبئيءَ ۾ رهندا هوا ۽ وشنو ڏگمبر جي ڪاليج ۾ برابر
سال وديا ورتي هوائون، ڪجهه وديا ڀائي گوڌورام جي صحبت ۾ رهي
پرائي هوائون......

پاڻ صوفي درويش سائين قطب علي شاهه جا طالب آهن هو زن
هندو صوفي درويشن ۾ ڀڳتيءَ جا پريا پنڌار آهن، ۽ اڄ ڏينهن تائي
حيدرآباد سنڌ ۾ پنهنجي مرشد جي دروازي تي مراقبي ۾ وينا آهن
سندس جٿن ئي نوازش جي نظر پيئي تٿن پنهنجو ٻالڪ سمجهڻ لڳ
جو اڄ تائين ٻالڪ سمجهي نوازيندا ٿا رهن. سندن صحبت جي ڪر
مون ڏاڪٽر روچلداس صوفي درويش جي صحبت حاصل ڪئي، ج
گڏجي اخلاق ۽ ويراڳ جي ڪلاس ۾ وهاري سنگيت سان گڏ سائين
جي سک جو سبق سيکاريو. سائين روچلداس صاحب جن جي سک اهڙ
ته دل ۾ چڪ پيدا ڪئي جو اسڪولي موڪل ملڻ وارو سارو سمو روهڙ
وڃي، سندن حضوريءَ ۾ گذاريندو هوس. مان شڪر گذار آهيان پوج
ڏاڪٽر صاحب جن جو، جيئنو ٽيڪ قلم هلائڻ وقت جسماني طرح جدائ
ڏئي-مونکي اڪيلو ڇڏي، وڃي پنهنجو وطن وسايو اٿن. پر تنهن
مان نياز سان ڪين وارون وار نمسڪار ٿو ڪريان، جو سندن صحب
اخلاقي توڙي جسماني فيض پهچايو آخرين دم تائين رهبر ٿي رهيا
سندن صحبت مونکي سڀني سڄڻن سان ملاقات ڪرائي.

پهرين پهرين ملاقات پنڊت ڪنوررام صاحب سان روهڙي شهر
سندن ئي اوطاق تي ٿي. چاڪاڻ ته پنڊت صاحب مهيني ۾ هڪ دف

ڪوئي ٻوسرا سبق ڏيجيءَ'' ته يڪدم ڏانهن ڪري چوندو هو ''پهريان
جي تو ياد ڪرو'' حاصل مطلب ڇا آهي ته اهڙيان استاد هڪ هڪ راڳ
جي اينتري ورزش ڪرائيندا هئا جو ''ياد ڪي به ياد نه سمجهندا هئا''
خير ڪيئن به مگر مان شڪر گذار آهيان ان موسيقي بزرگ استاد جو
جنهن مون ۾ تنهن ماتر به سنگيت جي جهلڪ ته بالڪپڻي ۾ پيدا
ڪئي.... سا گر مان هڪڙو ٿڙو مليو جڻ اڄايل جي آشا ۾ اضافو آيو.....
ساٿيو، اڄان ته منهنجا گهڻائي استاد آهن جن سان اڳتي هلي
توهان جي واقفيت ڪرائيندس ۽ سندس شڪر گذاري به ڪندس، پر
ان کان اڳ پنهنجي زندگيءَ ۾ سنگيت جا ٻيا پهلو (نوان دؤر) به
توهان کي ڏيکاري ڇڏيان.
هاڻي مون ڏانهن نهاريو.... مان ارڙهن سالن جو جوان ٿيو آهيان.
ٽ انگريزي پڙهي پورا ڪيا اٿم. ڪيڏو نه خوش آهيان ته ناروشاه
جي اسڪول مان نڪري ضرور حيدرآبد يا ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾
ڊيڪ تعليم به وٺندس ۽ شهرن ۾ رهندڙ وڏن سنگيت سمراٽن جي
صحبت به حاصل ڪندس.... پر چوندا آهن ''بندي جي من ۾ هڪڙي
۽ صاحب جي من ۾ ٻي'' ڏسو اسان جي ناروشاه شهر ۾ اوچتو ئي
اوچتو ڪهڙي نه خطرناڪ ڪالراجي بيماري اچي پيئي آهي. ڪهڙو
نه ڀيانڪ روپ اختيار ڪيو اٿس. سڀ لڏيندا رهن ٿا. ماڻهو مرن ٿا ته
مڙدن کي ڪڻڻ لاءِ ڪو تيار نه ٿو ٿئي. منهنجو پتا صاحب ۽ چاچو
صاحب گهڻو سمجهائڻ سان به شهر نٿا ڇڏين پر وَباجي ورتلن بيمارن
جي شيوا ۾ ۽ مڙدن کي مساڻ ۾ پهچائڻ ۾ مشغول آهن. آخر ان جو
نتيجو ڇا نڪتو جو منهنجو پتا صاحب به (۳۸ سالن جي اوستا ۾) ان
ڪُري بيماري جو شڪار ٿي، مونکي ڇِنو ڇورو ڪري جوانيءَ ۾ ئي
هه رباني وٽي رب ڏانهن راهي ٿيو. پر ارمان آهي جو اڪيلو نه ويو،
منهنجي ڀاءُ کي به پاڻ سان وٺي ويو. وڃڻ وارا ته ويا هليا مگر مان
هاڻي ڇا ڪريان... ملڪيت ته لکن جي ڇڏي ويا پر مان ان کي ڇا
ڪندس... مان ٻاڻان ٿو ۽ رئان ٿو... ويراڳ ۾ گهر ڇڏي ٻڌري ناٿ
جي پهاڙن تي پهتس پر اُتي به سنگرو گلراج صاحب ۽ ماتا پپرديوي

نشين سائين ''امرورام صاحب'' جو جي صاحب ٻه ڊاڪٽر روچلداس جن وٽ هر سال پائي گوبندرام صاحب جي ورسي تي ايندا هئا ۽ پاڪر پائي چوندا هئا ''چندر اڄ تنهنجو منڙو آواز ٻڌڻ آيا آهيون. اڄ ته ڪا پاڳبسري يا درگا جي راڳڻي ٻڌاءِ-مگر مان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندو هوس چاڪاڻ جو اهي راڳڻيون مونکي ڪين اينديون هيون.

هڪڙي دفعي جهيڙي آواز ۾ مون ٻڌايو مان ته سائين مان اهي راڳڻيون ڪين ڄاڻان ٻڌندي ئي جوش اچي وين ۽ مونتي ترس ٻه.... يڪدم چوڻ لڳا تون نه ڄاڻين ته اسان تنهنجو بندوبست ڪري توکي ضرور سيکاريندانسون. انهيءَ ڏينهن پوڄنيه ڊاڪٽر روچلداس صاحب ڪان منهنجي موڪل وٺي مونکي پاڻ سان گهوڙي گاڏيءَ ۾ چاڙهي پنهنجي دربار ۾ وٺي آيا ۽ وات تي ٻڌائيندا آيا ته بابلا-اسان جي پرسان هڪ پير جي مزار تي هندستان جو مشهور گويو استاد اميرخان نالي رهندو آهي هو خان صاحب فتح علي خان جي گهراڻي مان آهي ۽ فقير تن آهي. اسان توکي انهيءَ جي حوالي ٿا ڪريون ۽ ۽ برابر انهيءَ استاد جي حوالي ڪيائون. خان صاحب منهنجي سُرَ جو امتحان وٺي، بالڪپڻي جي سهڻي صورت اندر سماجهائي ۽ نماڻائي ڏسي مونکي چئن گُنين جي اڳيان وهاري ڳنو ٻڌو (شاگرد ڪيو) آنڌل شڪر سان سيني جو منو وات ٿيو ۽ منهنجو ٻه.... سيکارڻ کان اڳه هدايت جا ٻه ٽي ٻول ٻوليائين چوڻ لڳو.... ٻيٽا..... هيءَ گائڻ وديا تن پرڪارن سان ايندي آهي.....

١. سڪڻ وارو وديا جي عيوض وديا ڏئي. (٢) يا سکڻ وارو وديا جي عيوض شيوا ڪري. (٣) يا سکڻ وارو وديا جي عيوض مايا پيٽا جي روپ ۾ اُستاد اڳيان نذرانو رکي.... جيڪڏهن انهن تنهين لڇڻن مان هڪ ٻه شاگرد ۾ موجود نه هوندو ته وديا هرگز سکي ڪين سگهندو.... هدايت دل تي اثر ڪيو..... شيوا ٻه ڪندو رهيس ڏن ٻه ڏنم برابر ٻه سال خان صاحب جي خدمت ۾ ايندو رهيس. ناروشاه کان روهڙيءَ تائين پاڙا خرچي سبق وٺڻ ايندو هوس. مگر ڇهن مهنن ۾ هڪ سبق ملندو هو. سبق ڇڏيءَ طرح سان پڪي ڪرڻ کانپوءِ عرض ڪندو هوس ''استاد جي

اورانگجي ڪيئن وينديون (بابو مولچند جو مون سان ٻالڪپڻي کان وٺي پيار هو ۽ ڪلهي تي چاڙهي گهمائيندو هو ۽ وات سان وات ملائي ٿانون ۽ پلتا هڻندو هو ۽ کڏائيندو هو......)

استيشن تي لٿس مس ته چيتنرام ٽيليفون آپريٽر ننڍڙي جو يار به نظر آيو.... رات جو راڳ رهاڻ ڪئيسون صبح جو چيتنرام صلاح ڏني ته نواب شاه ۾ رهه... نوڪري به هٿ ڪر... مان به براج ۾ نوڪري ڪندو آهيان توکي به براج ۾ نوڪري ملي ويندي جو اسان جو انجنير صاحب مستر چيتنرام پمناڻي روهڙيءَ جو وينل آهي ۽ پوجنيه ڊاڪٽر روچلداس صاحب جو سالو آهي. سفارش آڻيندين ته پڪ نوڪري ملندي. پوءِ دلبر گڏجي ڪي گهڙيون گذاريندا سون. برابر ڳالهه دل سان لڳي. مون سفارش ڊاڪٽر صاحب جن جي آندي ۽ نوڪري ملي ويئي. نوڪري ملي ويئي ته ڪتنب کي به نواب شاه ۾ آندم. مسجد روڊ تي سنگيت جو اسڪول به کوليم جتي ڪافي شاگرد ملڻ لڳا. سيکارڻ سان وديا وڌندي رهي. نواب شاه جو ڪليڪٽر صاحبزادو راڳ جو چاڄو ۽ شائق به مونکي مهني ۾ به دفعا گهرائي راڳ ٻڌي ٿو ۽ انعام تو ڏئي.

ساٿيو، هاڻي ڏسو مان ۲۱ سالن جو جوان آهيان-منهنجي زندگي ۽ سنگيت ۾ انقلاب ايندو ٿو وڃي. مون شادي به ڪئي آهي. نوڪري به ڪريان ٿو. گائن وديا جو اسڪول به کوليو اٿم.... گذر بسر به سٺو ٿو ٿئي ان سان گڏ وديا جو واڌارو به ٿيندو تو رهي جو ڪٿان ڪٿان جا گويا مون وٽ اچن ٿا ۽ نوان نوان ترانا ٻڌائن ٿا..... مان ٻڌڻ سان ئي پڪيوان ٿيندو ٿو وڃان-منهنجو انيو هاڻي کلندي تي وڃي. مان پنهنجا سرگم ۽ نومريون به تيار ڪري سگهان ٿو هاڻي سنگيت جا چاڄو به منهنجي عزت ٿا ڪن... ٻاوا نارائڻ ساگر مهاودوان ۽ سندن ياءُ ٻاوا ٿانورداس سنگيت جا ماهر به منهنجي واهر ڪري رهيا آهن مونکي ماستر جو لقب ڏيئي ۽ پنهنجي پوٽي ”پرمانند“ کي منهنجو شاستر ٿيڻ موجب شاگرد ٿا بڻائن.... شهر جا بزرگ ۽ باني به باقائدي منهنجي عزت ٿا ڪن. شام جو هر روز پنهنجن مشغولين کان آجا ٿي منهنجي سڪول ۾ اچي سنگيت جو رس ٿا وٺن ۽ سوشل شيوا لاءِ گيان گوشٽ

اڃي اَنِي تپسيا ڪندا هئا) ڀڳوان جو روپ ڌاري رکيا ڪيائون. موٽا
ماڳہ تي وٺي آيا ۽ امڙ رامل ديوي جي زور ڀرڻ تي شادي ڪرايائون...
ساٿيو، حياتيءَ جو نئون دؤر شروع ٿيو پر سنگيت ڪانسواءِ ڪنه
سان بہ دل نہ ٿي لڳي..... ظاهري طرح جنرل اسٽورس جو دڪان ڪنهِ
وينس پر دڪان تي وهي ڪير؟ ننڍڙو ٻارهن سالن جو ٻار چاچي
سپاتر وليرام دڪان تي وهاريم يعني ''هتڙي رام حوالي'' ۽ ''ما
سنگيت جي سِراءِ ۾ - ڏنڻو ڪريان بنهہ ڪونہ فقط وڏا وڏا خرچ ڪر
وڏا وڏا گويا پيو گهرايان ۽ انهن کان سنگيت پيو سکان.... ڪاڏي ڪو
بہ ڪٽي ويندا آهن.... مونسان بہ اها ئي ڪار ٿيڻ لڳي... وڏڙن جي
رکيل ''روڪڙ'' رام ست ٿي ويئي. دڪان دڦ ٿي ويو. نڪو رهي
دڪان ۾ سامان نڪا رهي وڪڻڻ جي محتاجي.... ملڪيت تہ اڃان
لکن جي اٿم پر اهي آهن باغ زمينون بنگلا.... ڪيئن وڪڻان... ما
ڪاوڙ تي ڪري... چوي تي وڏڙن جي ملڪيت ڪي هٿ لائڻ نہ ڏيندي
گهٽائي ڏينهن راڳہ جا رينگٽ ٻڌم ۽ چپ رهيس. پڙهيل ڳڙهيل آهيا
هاڻي وڃي ڪا نوڪري ڪر تہ گذر صفر ڪريون ماڻهو بہ مهڻا ٿا ڏين
دنيا دڦ ٿو ڪرين مگر مان دل ۾ سوچيان ٿو تہ مان پنهنجي پوڪہ
پوکيان جا ضرور ڪنهن ڏينهن لڻندس.... وڏي سوچ ويچار ڪانپوءِ ا
جو اکيون اکين تي رکي آشيرواد ٿو وٺان... بسترو بئگہ ۽ باجو ک
بي وطن ٿو ٿيان...... اسٽيشن تي پهچي سوچيان ٿو تہ ڪاڏي وڃان.
آخر ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ وٺي ڪراچيءَ ٿو پهچان. ڪجھ ڏينهن رهي
ٿو پر ڪجھ نہ وريو.... ڪن دوستن صلاح ڏني تہ ڪوئيٽيا وڃ. ڪجھ ڪ
ڪار يا نوڪري ملي پونديءِ... ڪوئيٽيا ويس پر ڪجھ نہ وٺيم. ياڻ
مولچند گياني جي آستان تي سوامي سڪرامداس جو مهمان ٿي رهيس
جتي راڳہ ڳايان اُتي ماڻهو اچي مڙن ۽ سي-آءِ-ڊي وارا سِرُ پيا کا
باقي نڪا نوڪري ملي نڪو ڏنڻو لڳم. برابر مهينو مٿا هيم پر ڪجھ
وٺيم آخر حيدرآباد جي حب تي تہ ٽڪيٽ ڪٽائي ريل ۾ چڙهيس
وات تي جڏهن نوابشاه جي اسٽيشن آئي تڏهن بابو مولچند مٿا
ڏسي ورتو... يڪدم سامان لاهي ڪٽي هيٺ ستيائين ڇپائين يارن

جي مئہ مان ٻڌي رهيا آهيون. ديوان لعلچند امرڏنومل ڀاڪر ٿو پائي،
پرنسيپال ٻڌائي ڳلي سان لڳائي پيار ٿو ڪري شريمان چينمل پرسرام
تہ ڀاڪر پائي چمڻ ٿو وڻي.... ماستر ۽ پروفيسر جيڪي ٻڌي ٿا وڃن
ان وشيہ تي شاگردن کي ليڪچر ٿا ڏين ۽ کهاڻيون ڪلام ٿا ٻڌائن....
مونکي جتان ڪٿان هاڻي ڪونون ٿيون اچن ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ سنڌي
سنگيت کي نئون روپ ڏنو اٿم.... ”جئن شراب ساڳيو مگر بوتل بدلائي
آهي“. تيئن ڪلام کهاڻيون ساڳيون ليڪن انهن کي نين طرزن ۾
آڻي-نئين ڍنگہ سان سنگيت جي اصولن موجب ڳايان ٿو ٻيو تہ ڪنهن
کان بہ ڳائڻ جي عيوض ڪجھ في يا پيتا نہ ٿو وٺان...... ڀلا ڇو وٺان؟
مونکي نوڪري بہ آهي-سنگيت ڪاليج بہ آهي... منهنجو گذر سفر
بلڪل سٺائو ۽ سنو ٻيو ٿئي... آفيس مان موڪل ملندي اٿم تہ نينڊيون
۽ سڏ سويڪار ڪري ويندو آهيان فقط ڀاڙو وٺندو آهيان. ڪٿي تہ ڀاڙو
بہ پنهنجو خرچي ويندو آهيان..... ڇو تہ مونکي ڳائڻ جو شوق آهي ۽
پنهنجي سنگيت جو پرڪاش ڪرڻ ٿو چاهيان.. ۽ برابر منهنجي سنگيت
جو پرڪاش وڌندو ٿو وڃي.

هاڻي ڏسو مان ٢٥ سالن جو جوان آهيان.. نواب شاهہ ۾ ان جل پورو
ٿيو آهي. نواب شاهہ جي نوڪري ڇڏي هاڻي ڪراچيءَ ۾ ٿو نوڪري
ڪريان... اها نوڪري مونکي خان بهادر محمد بخش ڪليڪٽر صوفي
درازي ۽ ديوان وليداس صوفي درازي وٺي ڏني آهي ڇو تہ هو مونکي
مدد کان وڌيڪ پيار ٿا ڪن ۽ چاهن ٿا تہ چندر اسان سان ڪراچيءَ ۾
گڏهجي مان رام باغ ۾ ”چندر سنگيت وديالیہ“ ٿو کوليان ۽ نوڪري
ـہ ٿو ڪريان. مان هر آرتوار تي صوفياڻي چونڪي ديوان وليداس
جي بنگلي تي سولجر بزار ۾ ڪندو آهيان. هاڻي واقفيت بہ وڌندي
ي وڃي ۽ سنگيت جو پرڪاش بہ.... اينتري قدر جو رڪارڊن ڪمپني
ائين منهنجو نالو وڃي پهتو آهي ”هز ماسٽروائيس“ گراموفون
ڪمپني وارا مون سان ائگريمينٽ ٿا ڪن ۽ دل گهريا پئسا ڏيئي
ونڪي دهلي ٿا وٺي هلن. مان بہ پنهنجي گرڀائي ساٿي شري تيجورام
ونويا سنت جو ساٿي) کي پاڻ سان وٺي دهليءَ ٿو رڪارڊ ڀرڻ وڃان...

ڪن.... جو چون ٿا تہ سنگيت رسني غريبن ۽ مسڪينن جي شيوا ڪر
گهرجي آخر شري تلوڪچند گوپالداس، ڊاڪٽر وليرام ھنگوراڻي
بابو شونڪتراءِ، شري ليکراج پنجابي ۽ مان... پنج پيارا گڏجي ''ڏکيه
سهايڪ سڀا'' ٺا ڪوليون.... پئسا پئدا ڪرڻ لاءِ نواب شاھ ۾ ناٽڪ
ڪريون. مان هيري جو پارٽ وٺي پارٽ انوسار راڳ ۾ ڀاوُ (action) پئد
ڪري ڀاوَ سان ڳايان ٿو ۽ ٻين کي ڳارايان ٿو.... اسان فتح ياب ٿ
آهيون پئسا بہ چڱا پيدا ٿيا آهن. ڪجھ غريبن جي حوالي ٿا ڪريون
ڪجھ پئسن مان پڙدا ۽ سينريون ٺاهي ٻين شهرن ۾ ناٽڪ ڪرڻ
سنيريا آهيون.... منشي پريومل اسان کي سنا سنا ناٽڪ لکي ڏيو ڏئي
هاڻي اسان ٽنڊو آدم شهدادپور ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ بہ ناٽ
فتح يابيءَ سان ڪري ٿا سگهون.... هن وقت هزارين رپيا جي سيا و
جمع ٿي ويا آهن. جي سڀ غريبن جا آهن اسان سڀ نشڪام شيوادار
آهيون. ڊاڪٽر وليرام هنگوراڻي کي پريزيڊنٽ ۽ شري تلوڪچند ک
سيڪريٽري ۽ بابو شونڪتراءِ کي خزانچي ٿا بڻايون.... باقي شر
ليکراج پنجابي ۽ مان شيواڌاري جي روپ ۾ سرتوڙ ڪوشش ڪر
رهيا آهيون جيئن اسان جي سڀا بہ قلي قولي ۽ ان سان گڏ اسان ج
ڪلا جو بہ شان بلند رهي... ڪيڏو نہ خوش آهيان هڪ تہ سنگي
دواران شيوا ٿو ڪري سگهان ٻيو تہ پبلڪ ۾ پيارو ٿيندو ٿو وڃان. م
ڳايان ٿو تہ ٻڌندڙ منهنجي ڳائڻ ۽ طرزن جي ڍنگ کي پسند ٿا ڪ
هاڻي پڙهيل طبقي ۾ مان ڪافي مشهور ٿي چڪو آهيان مونکي سين
سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان ڪوٺ ٿي اچي. مان انگريزي ڊري
پائي جنهن وقت اسٽيج تي اچي صوفي ڏوهيڙا ڏيئي ڪلام
ڳايان- ڪلامن ۾ هلڪيون اُچون تانون هڻي سرگم ٿو سڻايان- نوان ش
پڙهي- گوناڻي ٻوليءَ ۾ ڳالهيون ۽ قربدارن جون ڪهاڻيون ٿو ٻڌاي
تنهن وقت جوش ۾ اچي سيبئي جهولن ٿا- تاڙيون ٿا وڄائن ۽ وا
واھ ٿا ڪن. مسلمان صبحان الله ٿا ڪن تہ اديب ''مقرر'' ۽ ''مرحب
جا شبد ٿا اُچارن، هو خوش ٿي چون ٿا تہ جي ڪلام.... سلوار ۽ گ
پهريل صوفي فقيرن کان ٻڌندا هئاسون، سي اڄ پڙهيل گهڙيل نوجو

پوري ۾ سٽئنڊرڊ حوٽل ۾ لٿاسون. سنان پاڻي ڪري-موٽر ۾ چڙهياسون
۽ مهاراجا لين ۾ رڪارڊنگ سٽوڊئي ۾ پهتاسون.....

هاڻي ڏسو مان پهرين پهرين رڪارڊ ٿو پريان. در دروازا بند ٿا ڪن.
يتين تي بہ لنبا غلم ۽ چٽساليءَ وارا ڪپڙا ٽنگي ڇڏيا اٿن تہ پڙاڏءُ نہ
ٿئي. مونکي هڪ صندل تي وهارن ٿا ۽ منهنجي سامهون مئڪرافون
ڏين ٿا. سامهون واريءَ ڪوٺيءَ ۾ رڪارڊنگ مشين رکيل آهي. شيشي
جي دريءَ مان رڪارڊنگ انجنير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪنهن وقت مون
ڏانهن ٿو نهاري تہ ڪنهن وقت مشين جي گهڙيال جي والبوم ٿو
جاچي.... گهنٽي وڄائي ريهرسل چالو ٿو ڪرائي... سيني سازن ۽ گلي
جي قبضي ۾ رکي وينو آهي هر هر ايشارا فقط هٿ سان ٿو ڪري....
يشارن ۾ ڪنهن کي نرم ڪنهن کي زور سان ساز وڄائڻ جي هدايت
ڪري رهيو آهي... منهنجي کابي پاسي کان پنڊت امرناٿ ڊبل پيرن
جي هارمونيم وڄائي رهيو آهي. ان جي برابر پويان سهٽي خان
ڪلئيرونيٽ وڄائي رهيو آهي منهنجي پويان بشير احمد وايولن ٿو
وڄائي تہ ''ناٿ'' مينڊولن ٿو هلائي ڪرتار سنگهہ پياني تي وينو
آهي ۽ ساڄي پاسي فقيرو سارنگي ۽ نورو طبلو پيا وڄائن.... سيني
سازيندڙن جون اکيون ۽ ڪن مون ڏانهن آهن هو اهڙي خبرداريءَ
سان، منهنجي طرز کي جهٽي سازن جي سنگيت ڪري رهيا آهن جيئن
ندران انجنير کا چوڪ نہ پڪڙي وٺي سيني کي پنهنجي عزت جو
ونو آهي....

مان ۽ سازيندڙ اهڙا تہ فقط هڪ خيال ۾ گم آهيون جو ڪو ورلو
هاتما ڪم دسوين دئاري چاهڙي گم ٿيندو هوندو... انهيءَ وقت
هرين دنيا جي کابہ سرت نٿي رهي... خاص ڪري مان تہ نئون
وس.... هڪ تہ ٽن منٽن ۾ راڳہ پورو ڪرڻو آهي ٻيو لئہ تار-سر ۽
زن جي سرت رکڻي آهي... مان ڀڳونت کي سنڀاري هوشيار ٿي وهان
۽ يڪدم انجنير گهنٽي ٿو وڄائي... گهنٽي ٻڌڻ سان اهڙي چپ
ب ٿئي جڻ پرلئہ ٿي ويئي. سامهون ديوان لعلچند هٿ ۾ واچ کڻي
نو آهي.... مونکي بلڪل جهيڻي آواز سان ڪن ۾ چوي ٿو ''چندر

روهڙيءَ ۾ ديوان لعلچند ڪمپنيءَ جي چيف ايجنٽ ڳاڙو رزرو
ڪرايو هو.... ڇو ته ٻيا سنڌي ڳائڪ، شاعر ۽ سازيندڙ به رڪارڊنگ
ڪرڻ لاءِ دهليءَ پيا هلن سيني جو سامان ڳاڏي ۾ رکيو ويو. دروازي
تي ديوان لعلچند سيني سان منهنجي واقفيت پيو ڪرائي. ڀريل
ڀرين ڪاڏي ٽوپي ۽ ڪاڏي وستر ڀريل هڪ سهڻي ۽ نماڻي جوان اچي
ياڪر پاتو... ان جو نالو هو ”دڪايل“، دڪايل سان ملي دل ڏاڍي خوش
ٿي... دل ۾ چيم ته...

”ڪيا مزا آئيگا جب ملڪي بئٺينگي دو ديواني“

اجان اڳتي قدم مس وڌايم ته ڪنور ڀڳت جي آواز جي هوبهو
ڪاپي ڪندڙ موتڻ ڀڳت مليو ساڄي پاسي اڪ ڦيرايم ته بيگم الل
رکي آداب درس ڪيو ۽ جيوٽي ڪنڌ سان ڪيڪاريو. سامهون بيٺ
فقيري (سارنگيءَ واري) ۽ نوري (طبلچي) ميراثيءَ نياز ڪيو. کاٻي
پاسي ڏسان ته گيڙو ڪپڙن ۾ هڪ نوجوان هريهر ڪئي... ان جو نا
هو ٻاوا هريرام ڳائڪ قنبروارو....

اجان ان سان خوش خيرافت ۾ مشغول هوس ته سامهون وينل هڪ
پاسيري پٽڪي ٻڌل موهن.... اهڙي ته زور سان ڇڪ ڏني جو ڇرڪ
نڪري ويو..... هن جو پٽڪو وڃي پٽ تي پيو ته اسان سڀ ڪل ۾ اچي
پلٽياسون.... مان وائڙن وانگر پڇڻ لڳس ته هيءَ ڪير آهي؟ اجا
ايترو مس چيم ته انهيءَ موهن ٻوڙندي اچي هٿ ملايو ۽ چوڻ لڳ
سهڻا جوان نٿو سڃاڻين؟ مسڪين تنهنجو ملڪي (ڳوناٽي) درٻيل
(ٻيري) جو وينل آهي ۽ غلام کي ”نورو نمازي“ ڪري چوندا آهن
سائين جي سچ پڇين ته نماز مون ته ڪڏهن ڪانه پڙهي آهي
منهنجي پيءُ به نه پڙهي هوندي.... باقي نالو اٿم ”نمازي“ ما
جيسين ڪچان تيسين دڪايل ڪلندي چيو ته ادا هيءُ اٿئ
”نورو مسخرو“ بس يانت يانت جا ڪلاڪار ۽ وندر جو سامان موجو
ڏسي دل کي آٿت آيو ته دهليءَ جو ڏورانهون سفر سٺائو رهندو....
برابر ائين ٿيو.... ”ڪلندين ڪڏندي ڏينهن گذاريم... سڀئين گذاري
رات... پره ڦٽيءَ پرڀات درشن ٿيو دهليءَ جو.“ دهليءَ پهتاسون فٽ

وڪيل پوءِ لٽڻ شروع ڪئي اٿم.....

هاڻي مان ٢٦ سالن جو آهيان آل انڊيا مووِيٽون ڪمپنيءَ سان
ائگريمينٽ ڪري ناروشاه مانا کان موڪلائڻ تو وڃان- جينوئيڪ مانا
خوشيءَ سان موڪل نٿي ڏئي تڏهن به نٿو مڙان ۽ بمبئي تو وڃان
''موت ڪا طوفان'' پڪچر ۾ پارٽ به تو ڪريان ۽ ميوزڪ ڊائريڪٽر
ي ميوزڪ به تو ڏيان: پنج گانا پڪچر ۾ ڳايا اٿم- تنهن ڪانسواءِ هڪ
نجابي گانو پنجاب پرڳڻي لاءِ ۽ هڪ سنڌي گانو سنڌ پرڳڻي لاءِ جدا
ڪارڊ ڪيا اٿم- پر گانا سڀ سڌا ڳايا اٿم- نڪاتان نڪو پلٽو فقط سر
ي صفائي ۽ شبدن جي سجاوت ڏيکاري اٿم تڏهن ته منهنجي عزت
ي رهي آهي اڙدو ۽ انگريزي اخبارون منهنجي آواز ۽ علم جي
اراهه ڪري رهيون آهن ۽ پهرئين صفح تي منهنجا وڏا وڏا فوٽا ڇپي
هيون آهن. هوڏانهن ڏسو ته نئين ڪمپني ''بمبئي ٽاڪيز'' تي
ڪي... هيري جي پارٽ لاءِ مونکي خوشيءَ سان ڪنيو اٿن... جنهن
ڪمپني سان منهنجي ٻن سالن جي ائگريمينٽ آهي انهيءَ ڪمپنيءَ
ونکي ۽ مس ڪاننا کي خوشيءَ سان موڪل ڏني آهي.... پگهار به ٣٠٠
ان وڌي ٥٠٠ رپيا تي آهي. هاڻي ''ديو ڪاراڻي'' سان گڏ فوٽا به
ڪنا آهن ''اڇوت ڪنيا'' پڪچر جي ريهرسل به روز ڪريون پيا.
يڏو نه دل ۾ گد گد تو ٿيان ته هاڻي فلمي دنيا تي به فتح پائيندس...
سائينءَ کي الائي ڇا تو وٺي... مونکي پهرين ڪمپني ''آل انڊيا
وويٽون'' وارا وڪيل جي معرفت جو نوٽيس ٽا ڏين ته اسان توهان
هي کي ڇڏي نٿا سگهون... جو ٻي پڪچر ڪڍنداسون ۽ ''بمبئي
ڪيز'' کي به نوٽيس ٽا ڏين ته اسان جا ائڪٽر ''چندر'' ۽ ''ڪاننا''
هان ڪٽي نٿا سگهو. آخر ٻئي ڌريون گڏجن ٿيون- وڪيل جي معرفت
صلو تو ٿئي ته ''ڪاننا'' ''اڇوت ڪنيا'' ۾ ڪم ڪري سگهي ٿي
چندر'' ائگريمينٽ موجب نٿو ڪري سگهي منهنجي جاءِ تي ''اشوڪ
مار'' کي ڪنيائون جو ان وقت ڪئميرا جو ڪم سکي رهيو هو ۽
ندڙ پڙهيل جوان هو... مان خارن ۾ بمبئي ڇڏي سنڌ ۾ موٽي
س.... اچي مانا کي منو ٽيڪي سارو حال سڻايم... مانا صاحب

سڌو راڳ ڳائجانءِ، متان پلٽا ختي يا سرگم پڙهين...'' مان ف
ڪنڌ سان جواب ڏيان ٿو... اندران شيشي جي دريءَ مان اسان
رڪارڊنگ آفيسر مسٽر ''داسن صاحب'' مون ڏانهن نهاري مشڪي
مان يڪم چوان ٿو ..Ready Sir يڪدم ٻي گهنٽي ٿي وڄي...
ساوڌان ٿي وڃن ٿا ته سامهون ٻاڙهي بتي ٿي ٻري.... بس بتي
ٻرڻ ۽ منهنجو شروع ٿيڻ مان پنهنجي سُر جي سرت رکي اکرن کي
ٿيل طرز ۾ ڳايان ٿو.... پر سڌو وينو ڳايان... ڇا ڪريان منع جا
آهي ته پلٽا نه هڻڄ... رڪارڊ پريندي دل ۾ جوش ته ڏاڍو ٿو اڇيم
ڪي ٻتي مرڪون يا تانون وهايان يا سرگم پڙهان پر ڇا ڪريان
منٽن ۾ سمورو ڪلام ڏوهيڙن سان ختم ڪرڻو اٿم... پر قدرت منهن
فائدي ۾ آهي ٽن منٽن وارو راڳ پوٽن ٽن منٽن ۾ پورو ٿي ٿو و
ڇاڪاڻ جو طبلي واري لئه وڌائي رکي هاڻي لعلچند گهبرائجي
متي ڪٽي آڱر کي گول ڦيرائي اِشاري ۾ ٻڌائي رهيو آهي ته استا
وري چئه پر مان استائيءَ جي بدران ٻتي سرگم پڙهي ٻتي پلٽا ه
باقي بچيل ۱۵ سيڪنڊ سجايا ٿو ڪريان... مون پنهنجي دل خ
ڪئي -يلا رڪارڊنگ هلندي ٿوروئي مونکي جهلي سگهندا. رڪارڊ ٻ
ٽن منٽن ۾ پرجي ويو ٻاڙهي بتي بند ٿي اندران ok جو آواز آي
ڏٽيءَ جا لک لک شڪرانا جو رڪارڊ سٺو پرجي ويو.... سيئي خوش
ڪلن ٿا مون ڏانهن نهاري مشڪي چون ٿا ته سنڌي رڪارڊ ۾ پلٽا ۽
م ڇو هنيئه. مان چپ آهيان.... ديوان لعلچند آفيسرن کي چوي ٿ
هن کي پلٽن ۽ سرگم جي عادت جا پيل آهي. سو جهلڻ سان به
جهلجي. آفيسر چون ٿا. بهت اڇا آياهئه ''سنگيت ڪاشان تواس
هئه''.

ساٿيو، رڪارڊنگ مشين منهنجو آواز پيار سان منظور ڪيو رڪ
ظاهر ٿيا ۽ سنڌي دنيا کي قبول پيا ''لکل چندر ظاهر ٿيو'' ابن
قدر جو اڄان ٻتي رڪارڊ مس نڪتا ته بمبئي مان فلم ۾ سڏ ٿيو-ڇ
انهن ڏينهن ۾ ''Play Back'' ڳائڻ نه هوندو هو... جيڪو سٺو ڳائي ڄاڻ
هو ان کي سٺو چانس ملندو هو... هاڻي مان پنهنجا ڳانه ٿو پايان

هاڻي بلڪل خوش آهيان. ڪراچيءَ ۾ ٽوڪلي روڊ ايڪٽينس تي بنگلو وٺي وينو آهيان پنهنجي موٽرڪار به اٿم.... دنيا ميڙيان ڪين تو-اڃي تي ۽ وڃي تي، باقي پوڪيل پوکه جا سنگ ڪٽي ان مان اَڻ ڪڍي آيون ڪري وينو مزي سان ڪان ۽ فقيرن ڪي ڪارايان..... مان ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ وڃان ٿو... مسافرن واري زندگي بسر ڪري رهيو آهيان ڇاڪاڻ جو ڏنڌوئي سنگيت جو تي پيو اٿم. هاڻي منهنجي واقفيت وڏي رهي آهي ننڍا وڏا مونکي چاهن ٿا-ميرپير ۽ وزير مونسان ملڻ ٿا اچن انهيءَ ڪري مون رام باغ ڳاڏي ڪاتي ۾ جاءِ وٺي اوطاق ناهي آهي... مهمانن جي خدمت لاءِ جدا نوڪر رکيا اٿم.... ناروشاه ۾ چاول هڪ واٽئي جي پٽ چندوءَ ڪي سنگيت ماسٽر چندر ڀڳوان بڻائي چمڪايو ۽ سنڌي سنگيت جي چوٽيءَ تي پهچايو - اهو ''ياڳه'' سمجهان يا پنهنجو ''ادم ڪرتوبه''... خير چوٽيءَ تي جيڪو چڙهندو آهي اهو ڪرڻ جي لاءِ-مگر قدرت مونکي ڪيرائي نٿي... بچائڻ وارا شهباز پنهنجن چنبن ۾ مظبوط جهلي ۽ سنڀالي رهيا آهن.... ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ هڪ درويش جون دعائون ۽ استادن جون شب اچائون.....

بيون جيڪڏهن سڀ منهنجا سڄڻ ۽ ساراهه ڪرڻ وارا هجن ها ته شايد مان ڪري پوان ها مگر هزار جي پويان هڪ به حاسد به هئا... جن مونکي مارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.... ''اهي هئا مومن ڳائڪ يا وئشائن جا خليفا'' جن جي ڳائڪي يعني ڳائڻ وڄائڻ ساري سنڌ مان گم ٿيندو پيو وڃي. هو ظاهران ظهور چوندا هئا ته ''چندر'' جي پئدا ٿيڻ سان اسان جي ڳائڻ وڄائڻ جو ڏنڌو صفا بند ٿي ويو آهي-اسانکي ڪير به ڪونه ٿو گهرائي.... تنهن ڪري سازو وڃان مونٿ توڙي مذڪر ڳائڪ ملي ڪري منهنجي راڳه تي ڪيترن مجلسن ۾ مون سان مقابلو ڪرڻ ايندا هئا پر شڪست ڪائي ويندا هئا. اها ڇئجي ڀڳونت ڪرپا... چونه جنهن تي ڀڳوان چٽ رکندو آهي تنهن جو انسان لاهي نه سگهندو آهي. هو چاهيندا هئا ته پري سيا ۾ اسان اهڙو ڪو نغمون پڙهون جو چندر ڇئي نه سگهي مگر مان استادن وٽ ڌڪا ڪائي شبوا ڪري لکين رپيا وڃائي وِديا ورتي هئي. مان سرگم جو سرگم سان تانن جو تانن

يڪدم ڇيو ابا ڇڏيو ٿيو جو تون وطن ورئين.... مان نٽي ڇاهيان تہ تو
فلم جي فريب واري ۽ اڙانگيءَ دنيا ۾ اٽڪي پوين. گهر جو ٻو
ساڳيو بہ سترو آهي....

خير ساٿيو، سنڌ ۾ جو آيس تہ سنڌ ۾ بہ فرصت نہ پاتم... ڪاف
رڪارڊ نڪري چڪا هئا تن مونکي اهڙي مشهوري ڏني هئي جو سن
واسي مونکي ڳولي رهيا هئا. سنڌواسي منهنجي اهڙي عزت ڪرڻ ل
جو بمبئي واري فلمي دنيا ئي مونکان وسري ويئي.... مان پڪي
ريت ڪراچيءَ ۾ گهر ناهي ويهي رهيس..... هاڻي مان فقط سنڌواسي
لاءِ ئي آهيان... سنڌي رڪارڊ ئي منهنجا اينترا تا هلن جو هندي
اڙدوءَ ڏانهن بہ گهٽ ڌيان ٿو ڏيان. شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ رڪا
جهنگ جهر ۽ کيتن جي پيهن تي بہ هاري رڪارڊ وڄائي رهيا آه
مونکي سيبئي الڳہ الڳہ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وٺي وڃن ٿا مان بہ پيار سا
ڳايان ٿو پر پئسا ڪونہ ٿو وٺان... جتي وڃان ٿو اُتي هزارين هن
مسلمان اچي ٿا ڪنا ٿين... هو ويچارا وڻجارا ۽ ڇنڙا وائڙا تي
وڃن، واهہ واهہ تہ ڪن ٿا پر چون چا ٿا... هو چون ٿا هيءُ وري وا
جو ڳيرو سريلو جوان جڻ ولايت مان پارسل تي آيو آهي... سوٽ ڪو
نيڪٽاءِ ۽ ٽوپلو پائي ٿو سنڌي ڪلام ڳائي-سرگم سڻائي ۽ کهاڻ
ٻڌائي... سيئي ڏاڍو خوش ٿا ٿين پر مان ڪک تي پيس. يلا هر ر
رات ڏينهن رڳو پيو ڳايان ئي ڳايان نہ نوڪري نہ ڌنڌو فقط ”هش ت
خوش“. دل ۾ سوچيم تہ مفت خورن مان مشڪل جان ڇٽندي.... مف
جي منائي ڪافي ورهائي اٿم، دل بہ خوش ڪئي اٿم ۽ نالو بہ ڪي
اٿم-هاڻي ڪٿي بہ نہ ويندس... پر ماڻهو نٿا ڇڏين آخر ڪک ٿ
سيني کي اطلاع ڏنم تہ جيڪو هڪ سَوَ رپيا هڪ پروگرام جا ڏيندو م
ان وٽ ويندس... تڏهن بہ فرصت نہ پاتم پوءِ وري بہ سوَ تي سَوُ-ڇ
سَوُ ۽ پنج سَوُ گهرڻ لڳس پڇاڙي هڪ هزار رپيا هڪ پروگرام لاءِ
مونکي ملڻ لڳا... هاڻي نيڪ آهي مهني جا ڪي ڏينهن تہ آرام نصي
نٿي ٿو... صوفين سنتن ۽ غريبن لاءِ تہ سدائين مفت آهيان باق
جاگيردار، زميندار ۽ شاهوڪار گهرائن ٿا ۽ وڏا ميڙ لا لڳائن.

ويئي آهي.... جاڳي بادشاهه گرڊي جي ٻڌائي هندو لڏيندا رهيا ۽ مسلمان سنڌ ۾ ايندا رهيا.... جنهن ڳالهه جو انقلاب اسان جي وڏن به ڏٺو هوندو اهو اسان جون اکيون ڏسنديون رهيون ٿيون- پر مان وطن نٿو ڇڏيان-مان سمجهان ٿو ته مان هندو مسلمانن جو لاڏلو آهيان مگر اها سمجهه نه ٿي اچي ته هرهڪ سمي کي پنهنجي طاقت ٿيندي آهي-مان موقعو وٺي پاڪستان جي وزيرن سان واقفيت ٿو رکان.... مسلماني مذهب جون نعتون، نغما ۽ غزل ڇاهي شاستر وديا خوشيءَ سان ٻڌن ٿا ۽ پيار ٿا ڪن هو چون ٿا چندر تون اسان جو آهين... مان به اعتبار ٿو ڪريان. مان پاڪستان ريڊيو ڪلنديئي سنگيت جو سيڪشن ٿو سنڀاليان ۽ برابر ٽي مهينا ٻنان پگهار ڪم ٿو ڪريان-مون مان سڀ خوش ٿا ٿين جو سندن پروگرام ڪاميابيءَ سان هلائي رهيو آهيان. آخر مونکي ست سَوُ رپيا پگهار ڏيئي ڊئريڪٽر ٿا مقرر ڪن.... منهنجي هيٺان ويهه پنجويهه سازندڙ رهن ٿا ۽ انائونسر ۽ ڪلارڪ تنهن ڪانسواءِ - پر هڪ به هندو انهن ۾ ڪونهي سڀ پنجاب ۽ يوپي جا ميراثي ۽ ربابي گوئيا.... سڀ عملدار آهن ظاهري مونکي بابوجي چئي پيار ٿا ڪن پر دل ۾ سڙندا ٿا رهن ته هڪڙو هندو اسان جو مهندار ٿي نٿو سگهي-هو پنهنجي منهن ميٽنگ سڏائي منهنجي برخلاف سيني کي اوپارن ٿا- هو چون ٿا ته ڇا اسان مسلمانن ۾ اهڙو سنگيت جو ڄاڻو سرڪار کي نٿو ملي جو هندو اسان تي حڪم هلائي رهيو آهي.... پر ڪري ڪجهه به نٿا سگهن جو سڌو پاڪستان سرڪار مونکي مقرر ڪيو آهي.... نشتر ۽ کهڙي جو مون تي راز آهي مان ٻڌان سڀ ڪجهه پيو پر ڪچان ڪجهه به ڪين آخر ١٩٤٨ جي ڊسمبر ۾ دهلي ريڊيو اسٽيشن تي هندستان جي مشهور استاد چاند خان کي ڪن جوشيلن قتل ڪري وڌو.... اها خبر هوا وانگر ڪراچيءَ پهتي خود مونکي به ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو ته اهڙي سنگيت ڪار کي مارڻ نٿي ڄڃايو ڇو ته سنگيت وارن جو راڄنيتيءَ سان ڪهڙو واسطو.....

بس جيئن اها خبر پاڪستان ۾ پهتي تيئن مومنن مونکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي-جيترا مارڻ وارا هئا اوترا بچائڻ وارا به هئا پر هاڻي

سان جواب ڏيندو رهندو هوس ۽ پبلڪ منهنجو پاسو وٺندي هئي ڇاڪاڻ جو جنهن کي پريو پاس ڪندو تنهن کي پبلڪ ضرور پاس ڪندي-خير جڏهن هزارين دفعا هار کائي ويا تڏهن زهر ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائون.... زهر اثر نه ڪيو ته قنبر جي شهر ۾ گوليون هلايائون-پريءِ سيا ۾ گوليون هليون پر لڳي ڪنهن کي به ڪين مئو به ڪير به ڪونه پر زخميو به ڪونه. اها به پڳونت ڪرپا.... سرڪار مونکي ''روالور'' (پستول) جو ليسن ڏنو پر هڪ ڏينهن به ڪتب نه آيو ڇو ته سنگيت جي سر ۾ سوين گوليون سمايون پيئون آهن باقي بندوق يا روالور ڇا ڪندو..... خير اهي حاسد به شل جئندا رهن جن مونکي ڪرڻ کان بچايو-شاه لطيف به چيو آهي ته-

''الله ٻَرَ جئن مَندي جن جي من ۾
اسان ۽ پرين جون اميدون ته پسن،
تهان پوءِ مرن سڙي انهيءَ سور ۾-''

سنگيت عجيب غريب واقعين کان به واقف ڪيو.... ننڍين وڏن سان ملڻ جو به موقعو ڏنو، جن جي رهڻي ڪهڻي ۽ رهائين مان ڪچ پرايم ۽ لاثاني سئر به ڪيم نه رڳو سنڌ جي ٻوٽ ٻوٽ واهڻ وڻاڻ جو پر هندستان ۾ به سنگيت جي هبڪار پهچي ويئي-سنڌ ۾ سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ حيدراباد جي سنگيت هانڊن ڪانسواءِ هندستان جي لکنو، لاهور، دهلي ۽ جلندر جي سنگيت هانڊن مان به ڪوٺ آئي ۽ ٻائي انعام حاصل ڪيم..... راجستان جي مهاراجائن وٽ سنگيت جا سر آلاپيندي سندس هٿ اکر سرٽيفڪيٽ ۽ ٻلا حاصل ڪيم-خاص ڪري جوڌپور جي مهاراجا جي هر سال نينڊ ايندي هئي-فقط هڪ دفعو ويس ۽ خوش ٿي سراپا پهرايائين يعني چوغو ۽ پٽڪو به اهڙو پهرايائين جنهن جي پنجن سَوَن کان مٿي قيمت هئي. حاصل مطلب ته سچي سنگيت جي هر جاءِ عزت ٿئي ٿي-اڳتي هلي مان ثابت ڪندس ته سچي سنگيت ڇا آهي ۽ ان جا ورت نيم ڇا آهن....

هاڻي زندگي ۽ سنگيت جو اهو پهلو به مان پورو ٿو ڪريان ڇاڪاڻ جو هاڻي هندستان پاڪستان ٿي ويو آهي. منهنجي عمر به ٢٩ سال ٿي

بيروزگار تي ڏکيو گذر ڪري رهيو آهي. جن پڳارون ڪاٽي ڪڇ ۾ نس
۾ هزارين رپيا موڪليا بيا رڪارڊن ۾ فلمن ۾ راڳن ڳائڻ ۾ طرزن ڏيڻ
جي عيوض ڪمايم. هڪ سال ۾ شاهوڪار ٿي ويس. ڪڇ سيٺ چوئٿرام
مدد ڪئي ڏوبي تلاءُ تي ريشم جا به دڪان ياءُ کي ڪيڏائي ڏنم مگر
اگني ديوتا چند منٽن ۾ سڀ رک ڪري ڇڏيا. جيڪي هئو سو سڙي ويو
اهو به ڏٺيءَ جو مونسان قرب ڇئجي. ٻين جا دڪان نه سڙيائين فقط
چندر جا سڙيائين جو ڄاڻائين ته فقير سچو پلو. مون ڏٺيءَ جا لک
شڪرانا بجا آندا ۽ يڪدم گراموفون ڪمپني ۾ هندي رڪارڊ وڄي
ڀريم ته (اسي رنگ ۾ رهناري بندي جس رنگ ۾ پرميشور راکي) هڪ
ڪارڊ ئي مونکي شاهوڪار ڪري ڇڏيو. جو سمجهيم ته اڄا نفعي ۾
هيان....

تنهن ڪانپوءِ يونسلي صاحب چڪي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ وني آيو جو
فيسر ۽ سنڌي پاڻ ۾ نه نهندا هئا جهيڙا جهڳڙا ٿيندا هئا. لارين ۾
ڙهي ليڪچر ڪياسون. شري پرسرام ضيا سان گڏجي شعر ناهي سنگيت
ي سرن ذريعي سنڌين کي سمجهائڻ لڳاسون ته جوش ۾ اچي سرڪار
ي سامهون نه ٿيو پر پيار سان پنهنجون طلبون پيش ڪريو ”جيڪي
يو آهي سو ايشور جي حڪم سان ٿيو آهي“-مان سمجهان ٿو ته اسان
ي ان وقت جي شيوا سنڌين وٽ قبول پيئي.... ڇو ته نرنچ شيوا
ئي. سنڌي سمجهي ويا ۽ ڪجھ سرڪا سرڪي جاءِ ڏني.... ٻين سوشل
ڪم ڪندڙن پنهنجا پنهنجا فائدا ورتا ۽ آپ سوارٿي ٿيڻ لڳا ان ڪري
سان ان لائين مان نڪري پاسيرا ٿياسون. پرسرام ضيا جي قرب ڪري
ن ڪلياڻ ۾ ئي گهر ناهيو جو اوتي سيڪشن ڪلياڻ ڪئمپ نمبر-٣
اڄان تائين آهي-لڪن جي ڪليم ۾ سرڪار فقط ڪلياڻ جو گهر ڏنو
ي-اها به پريوُ جي اڇا.... بمبئي جي قربدار ساٿي ۽ سنگيت جي
ئق سيٺ چوئٿرام شيرواڻي کي چندر تي ترس آيو جنهن هزارين رپيا
رچ ڪري شيواجي پارڪ روڊ نمبر-٢ تي جاءِ وني ڏني جتي وينا آهيون
وينا سندس گڻ ڳايون-شل ايشور ڪيس سکي رکي-اهو به سنگيت جو
تاب ۽ ايشور ڪرپا ڇئبي....

سنڌ ۾ رهڻ ڏشوار نظر آيو. ڪنهن يورپين آفيسر جي مدد سان ساري فئلمي فقط هڪ وڳي ۾ رات جو چوريءَ جهاز ۾ چاڙهي بمبئي موڪليم جن کي ڀڳوان شاهاڻي قرب ڪري پنهنجيءَ جاءِ تي انڌيريءَ وٺي رهايو (ان جا لک لائق ٿو مڃان) مون ١٥ ڏينهن ڪچو جيل ڪهڙي جي بنگلي تي ڪاٽيو جنهن مهرباني ڪري پارت روانو ڪيو.... نالي واري انسان کي دک به ايترائي ملندا آهن جيترا سک.

خير سنڌ جي زندگي ۽ سنگيت جو اهو پهلو به پورو ٿيو.....

هندستان ۾ اچڻ ڪانپوءِ مان ۽ منهنجي سنگيت ڇا آهي تنهن کان سنڌي جنتا هر طرح واقف آهي ان جيڪي ننڍڙا ٻالڪ هئاسي به هاڻي وڏي وڏا ٿيا آهن. مان هندستان ۾ به هرهڪ شهر ۾ وڃان پيو پر جيڪڏهن ڪنهن نه ڏنو هوندو تڏهن به هوائي طرح سڀ سڃاڻندا هوندا ڇو ته ريڊيو يا رڪارڊ ذريعي سيني سان ڄاڻ سڃاڻ ٿيندي رهي ٿي.... باقي چند لفظن ۾ پڇاڙيءَ جو پهلو به ختم ڪندس....

هندستان ۾ اچڻ سان ”ملاد“ ۾ گهر ناهيم. هتي آيس ته هٿين خالي آيس فقط هڪ وڳي ۾ پاڪستانين پارت ۾ پهچايو اها به سندن مهرباني. هت اچڻ سان ملاد ۾ هڪ برهمڻ سيٺ ۽ ڊاڪٽر سڌاڻي صاحب (گجراتي) کي منهنجي سنگيت مست بنايو فقط هڪ دفعو ملاد ڪانگريس پريزيڊنٽ شري داتي صاحب ۽ سيڪريٽري لوجي سيٺ جي چوڻ تي مون شري کير صاحب وڏي وزير جي مجلس ۾ سنگيت جا سر آلاپيا بس منهنجي ڪوتا ۽ سر انهن ٻنهي گجراتي سڄڻن تي اهڙو اثر ڪيو جو پاڪر پائي هنن مونکي پنهنجو بنايو. ان برهمڻ ٻن ڏينهن ۾ به ڪوٺيون نهرائي ڏنيون ۽ ڊاڪٽر سڌاڻيءَ منهنجي پاءُ جي ڌنڌي لاءِ بنان مسواڙ دڪان ڏنو جو اڄ تائين منهنجو پاءُ وليرام هلائيندو آهي. ڇاهي ڊاڪٽر سڌاڻي صاحب هن وقت هن جهان ۾ نه آهي تڏهن به سندس ڌرمپتني ۽ سپتري به اهو قول پاڙيندا ٿا اڃن ۽ مسواڙ ڪانه وٺندا آهن. شل ڊاڪٽر صاحب سرڳ ۾ سکي هجي جنهن جا قرب پلائي نه ٿو سگهان.

تنهن ڪانپوءِ گراموفون ڪمپنيءَ کي لنڊن تائين تارون ڪيم نه ڪروڙين رپيا ڪمايا اتو هن وقت چندر ٢٥ پائين سان بمبئي ۾

وارن جو... جڏهن به ڦاروشاه جي باغ ۾ ايندا هئا تڏهن ماڻهو موڪلي مونکي گهرائيندا هئا، دل سان راڳ ٻڌي خوش ٿيندا هئا- ٿلهو ڊوڊو ڏڏ ۽ ساڳ سان ڳارائي تک بندي ڪلام ۾ آشرواد ڪندا هئا. اڄان تائين اهي شبد ڪنن ۾ ڄڻ واڄٽ پيا وڄائن- هو چوندا هئا، آءُ منهنجا سوڊا- اڇي ڪاءِ ڊوڊا... ٻيو سهانجڙي جو ساڳ، پوءِ ڳائيندو وت راڳ ته ڪُلي تنهنجو پاڳ... هئي ڳالهه نه سمجهه ڪسي اڇي ڪاءِ مکڻ لسي.... بس پوءِ ٿلهو ڊوڊو ساڳ لسيءَ سان گڏ ڳارائي شيواڌاريءَ کي چوندا هئا ته بابا چندر کي گهر ڇڏي اچ....

مان شڪرگذار آهيان باوا نانڪرام منياڻن وارن جو..... جينوٽيڪ سڳه ۾ سوت هئا پر ساڌو روپ ۾ سنگيت جا ڄاڻو هئا... مونکي ڪڏهن به هارمونيم تي هٿ رکڻ نه ڏيندا هئا ڪين پيرن جو هارمونيم پئرس سرن جو هئو جو ڪنهن وقت نانڪن ۾ وڄائيندا هئا.... مان ٻالڪپڻي ۾ دل جو شونق جهلي نه سگهندو هوس وچي هارمونيم تي هٿ رکندو هوس ته رڙ ڪري روڪيندا هئا ۽ چوندا هئا ته بابا اسان جا باجا ڇوٽو پيچڻ جي ڪوشش ڪرين جي اهڙو شونق اٿئي ته پنهنجي پتا کي چئه ته ڪو حيدرآباد مان ماستر گهرائي توکي سيکاري.....

بس انهن ڪڙڪ شبدن منهنجي دل تي اهڙو اثر ڪيو جو يڪدم دل ئي دل ۾ مون پڪو پرڻ ڪيو ته هن حياتيءَ ۾ مان هڪ ڏينهن راڳ جو ماستر ضرور ٿيندس....انهيءَ اٽل ارادي منهنجي جوش کي اڀاريو ۽ سنگيت طرف شونق کي وڌايو جي ٽوڪ هٽي مونکي زوردار اڪرن ۾ دڙڪو نه ڏئي ها ته مان راڳ سکڻ جو پرڻ نه ڪيان ها تنهنڪري مان ان ساڌو روپ چاچا صاحب جو به شڪر گذار آهيان شل سرڳ ۾ سکي هجي مان شڪر گذار آهيان درازن جي درويشن جو جن دعا ڪري صحي معنيٰ ۾ چندر ثابت ڪيو- مان ٻارهن سالن جو ٻار آهيان پنهنجي چاچي سان درازن جي ميلي تي ويس ۽ سخي قبول محمد صوفي قلندر جو ديدار نصيب ٿيو ۽ دعا به ان وقت سندن حاضريءَ ۾ آئل صوفي ڪئل صوفي ۽ مولچند متائي راڳ ڳائي ڪين ريجهائيندا هئا جن سڀڻن مون ڪان به به راڳ بيدل بيڪس جا ٻارا يا ننڍي اوستا ۾ جو منڙي

پڇاڙيءَ ۾ پڇاڙيءَ پورو ڪيو اٿم ڇاڪاڻ ته آخرين مان رحيل مسرا
درويشن ۽ استادن جي شڪر گذاري ڪندس. مان شڪر گذار آهيان
ڀائي ساڌورام موريءَ واري جو جنهن جون ھلڪيون تانون ”هيريءَ“ جي
شبد سان آروهي آوروهي ۾ جهٽي ان تي آواز جي ورزش ڪندو هوس
ان سان ٻالڪپڻ جي اوستا ۾ ڀائي وينل داس ۽ ڀائي ڏاندورا
منياڻيءَ وارا، جتوين دربار جا مهنت ۽ ڀائي هوتورام سنگيت رتن
مونکي ڳائڻ جو اوسر پنهنجي ستسنگ ۾ ڏيندا هئا ۽ آشيرواد ڪند
هئا مان انهن جو ۽ هالاڻي دربار جي سيني ساڌن جو شڪر گذار آهيان
مان شڪر گذار آهيان سوامي هرنامداس ساڌٻيلا آشرم جي گادي نشين
مهنت صاحب ۽ سوامي ڌرمداس لاڙڪاڻي وارن ۽ سندن گاڏي نشين
سوامي اٿلرام صاحب جو. مان شڪر گذار آهيان حيدرآباد جي قطب
شاهي صوفي درويشن سائين روشن علي شاه ۽ هادي بخش شاه. رياست
جي نصيرفقير صاحبن، ڪنڌڙيءَ وارن جي جهوڪ شريف جي بزرگن
لعل قلندر شهباز سيوهڻ جي گادي نشين. سري گڏيجي رياست جي
سوامي انبورام صاحب، ستگرو گلراج صاحب اجوني، ماتاپپر ديوي
ماتا لڪڇمي ديوي.... مانجهاندن جي ٻاواڌرمداس صاحب، نوابشا
جي ٻاوا نارائڻ ساگر صاحب، ٽنڊ آدم جي سوامي ٽيئون رام گيلارا
صاحب جن جو جن صاحبن مون ۾ پورن پيار سان شونق اڀاريو-همٿ
ڏياري ۽ آشيرواد ڪئي.

مان شڪرگذار آهيان پنهنجن وطني ناروشاهي خانداني گهراڻي
جي ڀڳتن جو جهڙوڪ (چانگومل، چوئٿرام ۽ ڦيرومل) هڪ طرف سار
دنيا سنگيت کي عيب سمجهندي هئي ۽ ٻئي طرف هو پريو جا پيا
ڀڳت مونکي ٻالڪ اوستا هوندي پنهنجي وچ ۾ وهاري هر اگيارس تي
ڳارائيندا هئا شبد ۽ شلوڪ ياد ڪرائيندا هئا ۽ سنگت جي مخالفتي
سان منهنجي پاران ٽڪرو کائيندا هئا ۽ منهنجي حوصلي افزائي ڪند
هئا- مان شڪر گذار آهيان. هاسارام ۽ هنسراجمل سونارن جو جيڪ
مون سان گڏ طبلو وڄائي منهنجي هر چيز کي لئه تار جي پڪاوت ڏي
۾ ساٿ ڏيندا هئا.... مان شڪر گذار آهيان ٻاوا هريرام صاحب پري

پڇاڙيءَ جو مان شڪر گذار آهيان وسري ويل استادن ۽ بزرگن جو
ٿن مون سان وڙ ڪيو تنهن ڪانپوءِ شڪر گذار آهيان پورڻ پرماتما جو
ٿنهن اهنجو سهنجون ڪيون، وسيلا ويجهڙا ڪري ڏنا تنهن ڪان وڏيڪ
ڪر گذار آهيان پنهنجي شونق ۽ ڪرتيه جو جن دنيا جي سخت
وائن لڳندي به پوئتي قدم نه هٽايو پر هر مشڪل ۾ قدم اڳتي
ڌائيندا رهيا. تنهن ڪان وڏيڪ شڪر گذار آهيان پنهنجي شبد ستگرو
رهم گياني سوامي گلراج صاحب اجوني جن جو جن بدري ناٿ جي
ڀاڙن اندر نيڙهيءَ جي رياست ۾ تپشيا ڪندي گر منتر سان گڏ
رهست جو گيان به ڏنو ۽ خاص سنگيت کي سالم ۽ زنده رکڻ جي
دايت ڪئي-هنن فرمايو ته سنگيت جي شائقن کي پهرين پهرين
ت پرشن جي صحبت ڪرڻ گهرجي ۽ برهمچاريه پالن ڪرڻ گهرجي
ني گرهستي هوندي به شاسترنيتي پرهيزگار ٿي رهڻ گهرجي.
نهن به نشيدار چيز کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي ۽ ڳائڻ سان گڏ ڳالهائڻ
مناڻ جو هئڻ گهرجي يعني منو بولڻ گهرجي ۵. استاد گروُ لاءِ دل ۾
ئما عزت محبت رکڻ گهرجي ۽ گڻ گراهڪ ٿيڻ گهرجي. سندن هڪ
ڪ حدايت پريو شبد، ان ويراڳه جي سمي ۾ منهنجي دل جي پٽيءَ
ائين اڪري ويو جئين پٿر تي ليڪو ۽ اڳتي هلي توهان ڏسندا ته
دن وچنن منهنجو ڪيترو نه سات ڏنو آهي ۽ سنگيت جي دنيا ۾
ڪي هر وڪار کان بچائي هن اوستا ۾ منهنجي آواز ۽ سر کي ثابت
يو آهي ۽ ڪامياب ڪلاڪار ثابت ڪيو آهي. ان جي ثابتي اِها
ي ته پنهنجي گراموفون ڪمپنيءَ ۾ رڪارڊ پريندي اڄ تائين مونکي
ا اناويهه سال گذري چڪا آهن پر تڏهن به مان ڪمپنيءَ جو ڪامياب
ڪار ليکيو ٿو وڃان جو به رڪارڊ پريان ٿو هزارن ۾ وڪامي ٿو ۽
رين رپيا رايلٽيءَ پگهارون پيون ملن تنهن جي معنيٰ منهنجي
يز منهنجي سُر کي سالم رکيو آهي جو اڄ تائين ڪامياب ڪلاڪار
ت ٿيو آهيان حالانڪ ساري پارٽ اندر ڪوبه ڪلاڪار اسان جي هز
ٽرس وائس ڪمپنيءَ ۾ ۵ يا ۷ سالن کان وڌيڪ فتح ياب ٿي نه
يو آهي. ستگرن جي ڪرپا سان ۽ سنڌي پائرن جي آسيس سان

آواز سان بنان شڪ جي ڪن تي هٿ رکي به ڪلام ڳايم ته ڏاڍو خوش ٿيا مونکي سڏ ڪري هنج ۾ وهاريائون ۽ مولچند ڪان پڇڻ لڳا ته مولڻ هي بلڙو وري ڪٿان آندو اٿي هن جو نالو ڇا آهي؟ مولچند يڪدم هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته قبلا هي ناروشاهي منهنجو ڀائٽيو آهي مان هن کي پنهنجي ٻارن وانگر پيار ڪندو آهيان ڪلهي تي چاڙهي گهمائيندو آهيان ۽ سنگيت جي سرڪي پياري سندس ڪن ۾ ڪلام پڙهندو آهيان هن جو نالو چندر آهي-سخي سائين جن فرمايو ابا هيءُ اڳيئي ''چندر'' آهي آسمان جو چندر جو روشنائي ٿو ڏئي سو پنهنجي نالي ڀائي ''زمين جي چندر'' کي ڪيئن گهٽ گهرندو ان کي به روشن ڪندو.. مان سخي سائين سان گڏ ۽ ''مولڻ درويش'' بابو مولچند متائي جو شڪر گذار آهيان جنهن جو وزن دار آواز پنجن سالن جي اوستا ڪان وٺي ڪن ٻڌندا رهيا...

مان شڪرگذار آهيان گوسوامي ڪندن گر جو جنهن مونکي پهريون سبق ڀوپالي کي تين تار ۾ سيکاريو مان شڪر گذار آهيان سندس لاڏلي شاگرد سرڳواسي سڪرام ڪنڊياري واري جو جنهن جي صحبت ۾ گهڻو ڪجھ پرايو نواب شاه ۾ سرڪاري نوڪري ڪندي مون سنگيت اسڪول کوليو جتي برابر به سال ان نوجوان سرڳواسي سڪرام کي پاڻ سان گڏ ماسٽر ڪري رکيم. ارمان آهي جو اهو جوان هن وقت اسان سان ڪونهي جوانيءَ ۾ ئي موڪلائي ويو شل سندس آتما دائما سکي هجي- مان شڪرگذار آهيان شريمان ''وشنو ڊگمبرا'' ودياليه جي هرتاڪرتا سنگيت سمراٽ سرڳواسي پنڊت پورو نڪر دکنيءَ جو جنهن صاحب منهنجي منڙي آواز تي موهت ٿي مونکي شاستريه سنگيت جو برابر به سال دل سان ابياس ڪرايو.

مان شڪرگذار آهيان خان صاحب اميرخان (عاشق عليءَ جو مامو ۽ استاد) جو جنهن ابتدائي سنگيت جي سرت ڏني تنهن ڪانپوءِ شڪر گذار آهيان خان صاحب عاشق عليءَ جو جنهن راڳه راڳڻيون پلٽا سرگم سمجهايا -مان شڪر گذار آهيان خان صاحب مبارڪ خان ٻٻوخان پنالال ڪٽڪ ۽ ٻين جو جن جي صحبت ۾ مون گهڻو ڪجھ پرايو......

سر کي لوڪ پريه ئيس ... ٻڌي لکي ۾ ڳالهه ... رڪارڊ وٺن ٿا
باقي رهيو عاشقاڻي شعر جو سوال سو به برابر آهي ڇو جو اسان جي
صوفياڻي سنڌڙي ۾ سنگيت کي ڪلامي رنگ گهڻو ڏنو ويندو آهي
پريم جي ٻدران عشق اکر ڪتب ايندو آهي جنهن کي ڪي ٻندا مجاز
چوندا آهن حقيقت ۾ مجاز جي معنيٰ آهي قدرت جي ساراهه يعني
باغيچي ۾ سئر سفر معنيٰ ته ساڳي آهي آسمان جو رنگ ته ساڳيو
آهي-عينڪ سائي پائبي ته آسمان سائو نظر ايندو جي ڳاڙهي پائبي
ته آسمان ڳاڙهو نظر ايندو خير انهيءَ ڳالهه کي جيڪي نٿا سمجهن
سي عشق اکر کي چون ٿا مجاز.... اهي ٻندا به برابر آهن پر مجاز جي
معنيٰ آهي قدرت جي ساراهه-يعني باغيچي ۾ سئر سفر ڪرڻ وارو
جيڪڏهن گل جي ساراهه ٿو ڪري ته ڪو گناه ڪونه ڪيائين. پلي
ساراهه ڪندو رهي. هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو جو خود گل جي ساراه
ڪرڻ وارو قبول ڪندو ”گل ئي اهڙو سهڻو آهي ته گل کي پيدا ڪرڻ
وارو ڪهڙو نه سهڻو هوندو پوءِ مجاز مان يڪدم لفٽ رستي حقيقت
تي پهچي ويندو“ اُهي آهن صوفي درويشن جا قول سي ڪوڙا ڪيئن
ٿيا.... پر ساٿيو معاف ڪجو مون فقط عاشقاڻا شعر رڪارڊن ۾ نه پريا
آهن پر گرو گرنٿ صاحب جا شبد ڪرشن جون ڪويتائون رام جي نام
جا ڀڄن ۽ گيت، قطب روشن، مسڪين، قتيل-درياخان-روحل-حمل-
مراد فاني فنائي-گدائي-سنائي-پهلاج-ورند دلپت ڌرمون، ماڌو، سنايل
عزير، نظامي، سوامي-سچل شاه، بيدل بيڪس، بي وس، ضيا اظهر
ڪايل ۽ ٻين جا شعر به رڪارڊ ۾ پريا اٿم. مارئيءَ جي ملڪ لاءِ محبت
حسئي جا سور-وطن جي ياد، ديس جي قرباني-ديس ڀڳتن ۽ شهيدن
جون ڪوتائون هندو ڌرم مسلماني مذهب جا نغما ۽ نغمون به رڪارڊن
۾ پريون آهن مطلب ته هزارين رڪارڊ هر قسم جا پريا اٿم مگر توهان
کي جيڪي پسند آيو سو توهان خريد ڪيو. جنهن وکر مان ڪمپني
رڪارڊ پرائيبندي ٿي رهي چو ته هزارين رپيا جيڪي پگهارون هر
مهيني ڏيندا سي واپار جي سرت به ضرور رکندا ان ۾ ڪنهن ڪلاڪار
کي قصوروار نهرائي نه ٿو سگهجي. نڪي ان جي رهڻيءَ تي ڪو اثر

گراموفون ڪمپنيءَ جو مون رڪارڊ ٺوڪيو آهي انهيءَ سال ٽا
فتح ياٻي شامل ڪئي اتم جنهن جي عيوض گراموفون ڪمپنيءَ
لنڊن وارن هيڊ آفيس مون کي خاص آفرين ناموءَ ڏهن تولن سون
ميڊل (بلو) انعام ڏنو آهي جو ڪنهن به پارٽ جي ڪلاڪار کي نه م
آهي....

اسان جي ڪمپنيءَ جي هيڊ آفيس لنڊن ۾ آهي ۽ انگلنڊ جو باد
گراموفون ڪمپنيءَ جو مکيه حصيدار ۽ هرتاڪرتا آهي. ٻي ڳالهه
گراموفون ڪمپنيءَ جي مشين ۽ مئڪروفون آواز جي ڪسوٽي آ
جتي ٻي سرو ته ٻيهي به ڪين سگهندو مگر ڪم سرو به ڪم ڪري
سگهدو. توهان چوندا ته ٻي سرو ”ڪم سرو“ ڇا ٿيندو آهي اهو
ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته سنگيت جي دستور موجب هڪڙا سريلا ٿيندا آ
انهن جو بيان ڪرڻ نه اجايو آهي ڇو ته سر آهي ايشور باقي ٻيا
سرا ٿيان ”ڪم سُرا“ چوٿان منا ٻي سُرا- جيڪي ڳائن ته منا پيا
پر جڏهن مئڪرافون جي سامهون اچن ته ٻي سرا پيا لڳن انهن پ
تنهي جو آواز مشين قبول نه ڪندي آهي ۽ اُهي رڪارڊ پري نه سگه
آهن- پر جي زوريءَ پنهنجا پيسا خرچ ڪري پريندا ته مارڪيٽ
وڪامي ڪين سگهندا تنهن جي معنيٰ انهن جي قيمت ڪجهه نه ليڪ
ڪي منهنجا دوست ڪنهن وقت چوندا آهن ته عاشقاڻي شعر ناه
ان سان گڏ ڳائڻ توکي وڏيڪ ڪامياب ڪيو آهي- مان قبول ٿو ڪر
ته ڪوينا ۽ سنگيت جيڪڏهن هڪ ئي انسان کي نصيب ٿين ته س
تي سهاڳه برابر آهي. مان برابر ناهيندو آهيان، بلڪل سليس ٻولن
سنڌي ڪتب آڻيندو آهيان. شعر ۾ عربي پارسي لفظ گهٽ وجه
آهيان جئن اڻ پڙهيل به منهنجو ڳايل گيت سمجهي سگهن. وزن
جي ڄاڻ هوندي به ان جي پرواهه نه ڪندو آهيان- علمي دو
منهنجي شعر مان چوڪون به ڪڍندا آهن مان قبول ٿو ڪريان ته ڇ
به ڪندو آهيان. مگر منهنجو اصول پنهنجو آهي ته ڪنهن به صور
مان شعر کي ڦڪو نه ڪندو آهيان مان سدائين شعر کي مٺي بنائڻ
ڪوشش ڪندو آهيان ته اهو ئي سبب آهي جو هندو مسلمان منهن

ائين سنت جي الڳه الڳه سنگيت محفلن ۾ ڀڳت ڪنوررام سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي. هڪ قصو اهڙو ٻڌبو جو هڪ دفعي پنو عاقل جي هڪ زميندار اسان ٻنهي کي گهرائيندي تمام سنگيت شائقن جي ورچ ڪندي به الڳه الڳه منهن ناهيا. هڪ طرف ڀڳت ڪنوررام کي ٻڌڻ جي ڀيڙ ته ٻئي طرف مونکي ٻڌڻ لاءِ ماڻهن جا حشام! اسين ٻيئي پرسان ئي لٽل هئاسين. اوچتو ڪنور ڪاڏو ڪائي ٻاهر هٽ پئي ڏوتا ۽ جيئن ئي خلق جي ورچ جي ڪين سُڌ پيئي، ته مونکي سڏ ڪري چيائون، ”چندر ڀڳوان ! اسان کي ٻڌڻ لاءِ هيئن خلق ۾ ڇو ڏار وڌا اٿائون!“ مون يڪدم وراڻيو ”نه سائين ! ائين ڪڏهن نه ٿيندو! ڦرين اوهان ڳائيندا، ۽ پوءِ ئي آءٌ ويهندس!“

ٿيو به ائين. ڀڳت صاحب جڏهن ڳائي پورو ڪيو، تڏهن آءٌ اچي منهن سنڀاليو. سائينءَ جو وري مون مسڪين سان ايترو پيار جو ڇير ۽ جامون ڦرينديءَ به اُتي ئي وينا رهيا ۽ منهنجو پورو پروگرام ٻڌڻ ڪانپوءِ ئي منهن ڇڏيائون!

روهڙيءَ ۾ وسڻ گهوٽ جي ورسيءَ تي هر سال سنت ڪنوررام جو پروگرام پيو ٿيندو هئو. اڪثر ڀڳت صاحب مونکي چوندو هئو، ”چندر ڀڳوان ! تون وسڻ گهوٽ جي ورسيءَ تي ڇو نه ٿو اچين !“ آءٌ ڪين وراڻيندو هوس ته ”سائين ! اوهان هڪ ئي ڪافي آهيو!“ ڏٺيءَ جي ڪرٽي اهڙي، جو ڀڳت صاحبن جي شهادت ڪانپوءِ هڪ دفعي مونکي سپني ۾ اچي چيائون ته ”ابا چندر ! هاڻ ته وينديں!“ آءٌ پنهنجي ماتا پتا کي هڪ ئي پٽ هوس ۽ جوتشين جي صلاح تي هوُ منهنجو جنم ڏينهن هر سال ملهائيندا هئا. ان سلسلي ۾ ناروشاهه ۾ منهنجي سالگره ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي هئي، جو هر سال خود ڀڳت ڪنوررام پاڻ به اُتي اچڻ شروع ڪيو. زندگيءَ جو حسين اتفاق وري اهڙو جو منهنجي ڌرمپتنيءَ ۽ ڀڳت صاحب جي پيڻ، ٻنهي جو نالو ’هيڪند ٻائي‘ هو، تنهن سبب هوُ جڏهن به اسان وٽ ناروشاهه ۾ اچي ميلو مچائيندا هئا ته ان لاءِ پيتا ونڻ ته ڇڏيو، پر خود منهنجي ڌرمپتنيءَ کي پيڻ چوندي ڪين هڙان خرچي پڻ ڏيئي ويندو هو. اهو رشتو ڀڳت ڪنوررام جي

ٿو پوي ٻين کان دوستن جي رائي کي جواب ڏيڻ ڪانپوءِ مان اصلوڪ
ٻالڪ تي ٿو اچان ته شعر برابر سنگيت جو ساٿ ڏئي ٿو مگر جيڪڏه
سُر سلامت ناهي ته شعر ڇا ڪندو ان سُر (آواز) کي سلامت رکڻ لاءِ ڪ
کي ڪامياب بنائڻ لاءِ فقط پرهيز گاري ۽ ڪرتيه (محنت) تي سگهه
تا.... جا نصيحت مونکي ستگرن سمجهائي ۽ ان تي قائم رهڻ ج
شڪتي بخشيش ڪئي جا حدايت مونکي وڏڙن وڙ ڪري ڏني آهي
جنهن حدايت مونکي پورن فيض پهچايو آهي.

پڇاڙيءَ جو مان پنهنجي سنڌي جنتا توڙي هندي شيچنتڪن
شڪرگذار آهيان جن مدت کان منهنجي آواز کي پيار سان ٻڌو آهي
حوصلو افزائي ڪئي آهي ۽ اڄان به پيار سان پيا ٻڌن ۽ ٻڌي پيار ڪ
۽ چندر کي پنهنجو پيا سمجهن.... مان برابر توهان جو آهيان توها
جو تي رهندس ۽ توهان جو تي جئندس ۽ توهان جو تي مرندس....
اوم شانتي....

ڀڳت ڪنوررام جو مونسان روحاني سنٻنڌ

آءٌ چونڪين، مندرن ۽ ميڙن ۾ ڏوهيڙا ۽ ڪلام ڳائڻ جو آغاز ڪ
مس ڪيو، اُن وقت هڪ صوفياڻي چونڪيءَ ۾ ڊاڪٽر روچلداس معرف
مونکي به ڀڳت ڪنوررام سان گڏ ڳائڻ جو شرف نصيب ٿيو! جيتوڻي
عمر جي لحاظ کان اڃا آءٌ ويهه ٻاويهه سالن جو هوندس، پر ڀڳ
صاحب منهنجي گائڪيءَ کان ايترو ته متاثر ٿيو جو مون جهڙي ٻ
سان مخاطب ٿيندي چيائين، ”چندر ڀڳوان! تنهنجي ڳلي ۾ سرسوت
پاڻ براجمان آهي تون هڪ ڏينهن ضرور چمڪندين!“

ان سڀي محفل ۾ پوءِ جڏهن ڀڳت ڪنوررام جي پنهنجي ڳائڻ
وارو آيو ته مونکي پاڻ پنهنجي ڪلام تي متڪو وجائڻ جو اعز
ڏيڪاريو ۽ اُنهن جي دُعا اينري تي جو ’هز ماسٽرس وائس‘ وارن وا
ٻڌي ۱۹۳۲ ۾ مونکي گهرائي سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ پهريون رڪا
پرايو، جن مونکي پوري سنڌ ۾ هنڌين ماڳين زبردست مقبوليت بخش
(سو هو هڪ ڏهاڙي مون ڏنو محبوب کي خوش خواب ۾...)

ماستر چندر جي اَمر شخصيت



- مهيش چندر

دراصل پتا صاحب، ماستر چندر مونکي ڪڏهن کان سنگيت سکيا ڏيڻ شروع ڪئي، خود مونکي به ياد ڪونهي، پر ايترو ضرور ياد آهي ته ورهاڱي کانپوءِ جڏهن آءُ ست اٺ سالن جو مس هوس ته هو پنهنجن پروگرامن ۾ منچ تي مونکي اُتاري ڪري ڳارائيندا هئا، ته جيئن آيل هزارين ماڻهو مونکي چڱي طرح ڏسي سگهن !

ماستر چندر، هڪ مڪمل فنڪار هو، جيڪو عوام جي پسندگيءَ جو پورو خيال رکندي به سنگيت ڪلا جي بُلنديءَ کي ڪڏهن به ڪونه ڇڏيندو هئو. هُن جي فطرت جي اها انوکي خصوصيت هئي، ته هوُ جنهن به شهر ۾ پروگرام ڏيندا هئا ته هر الڳ الڳ شهر کي پنهنجي جسم سان جڻ جوڙي ڇڏيندو هئا! سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ جيتوڻيڪ هن کان اڳ ٻيا ڪيترائي ئي انيڪ فنڪار آيا، جي هر طرح سان قابل دار آهن، پر ماستر چندر جنهن عجيب پيرا ۾ ڳائڪيءَ جو نماءُ ڪيو، جو ڪلاسيڪي بلنديءَ، لائيٽ ميوزڪ پاڻ ۾ هم آهنگ پئي نظر آيا. ڪلام، عوام جي ٻڌڻ قابل به هجي ۽ پنهنجي فني خوبين کي به پاڻ کان الڳ نه ڪري، اها ماستر چندر جي هڪ اهم خصوصيت هئي. مثال طور ماستر چند جو پهرئين رڪارڊ ”سهڻا! عرض آ منهنجو مرض لاهِ“ کيس بيحد مقبوليت بخشي ۽ هوُ پوري سنڌ ۾ گهر گهر جو دلدار بڻجي پيو. هاڻ جيڪڏهن ان ڪلام جي فني خوبين جو جائزو وٺبو ته پل عوام ته اُنهن کان بيخبر آهي، پر اِهو ڪلام ’راڳڻي پيم پلاس‘ تي آڌارت آهي ۽ تال جهپتال تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ڏه ماترائون ٿينديون آهن. اهڙي طرح سمورو سنڌي عوام ماستر چندر جي ڪلام دواران ته کيس سڃاڻي پر هن جو راڳ صرف راڳ نه پر ڪيترين فني خوبين سان مالا مال آهي، اُن جي پڻ ڪين خبر هئڻ گهرجي. جهڙي طرح راڳ باڳيشريءَ ۾ گيت آهي ”تن ۾ آهي تات منن مارن جي“ راڳ

اولاد پڻ نيائيندي آئي، جو سنت پيسورام پڻ جڏهن بہ بمبئيءَ مونسان ملڻ ايندو هئو تہ هو پڻ پنهنجي والد صاحب وارو رشتو نيائيندي هر دفعي منهنجي ڏرمپتنيءَ کي ساڳئي نموني ئي خرچي وغيره ڏيندو رهيو!

بعد ۾ آءٌ جڏهن پنهنجي رڪارڊن سبب پوري سنڌ ۾ مشهور ٿيس، تہ ايڇ.ايم.وي. وارن منهنجي مٿان ان ڳالهہ جو ذمو رکيو تہ ڀڳت ڪنورام کي رڪارڊ ڀرائڻ لاءِ کهڙي بہ نموني مڃايو وڃي! تڏهن مون جڏهن ڀڳت صاحبن سان اهڙي ڳالهہ ڇيڙي تہ هنن نهہ پهہ وراڻيو ”ابا! آءٌ ڪٿي لاهور ۽ دهليءَ هلندس!“ تڏهن ايڇ.ايم.وي. وارن خاص مشينون گهرائي ڀڳت صاحب جي پنهنجي ڳوٺ جر وارن ۾ گهر جا در دروازا بند ڪندي اُتي سندن گهر ۾ ئي هنن جي آواز جي رڪارڊنگ ڪئي. ڀڳت صاحبن چيو، تہ ”چندر ڀڳوان ! مونکي تہ رڪارڊنگ جي خبر آهي ڪونہ، پوءِ جڏهن ٽي منٽ ٿين تہ ڪٽي منهنجي منهن تي هٿ رکجانءِ. آءٌ پاڻيهي ڳائڻ بند ڪندس!“

ڀڳت صاحبن سان منهنجو نينهن جو ناتو ايترو تہ گهرو رهيو، جو سندن آخرين سفر واري ريل گاڏيءَ ۾ بہ آءٌ ساڻس همسفر رهيس. ٿيو ائين، جو مان تہ هوس سوٽ بوٽ ۾ مبلوس نوجان، تنهن لاءِ منهنجي ميزبانن منهنجو بندوبست اُن ئي گاڏيءَ ۾ سيڪنڊ ڪلاس ڊبي ۾ ڪيو هئو. پر مونکي جيئن ئي ڀڳت صاحبن جي خبر پيئي تہ رُڪ اسٽيشن تي ئي آءٌ لهي اچي ڀڳت صاحبن کي پيرين پئي مليس. ڪيتريون ڳالهيون ڪرڻ کانپوءِ جڏهن گاڏي جو وقت آيو تہ آءٌ کانئن ٽوڙي اجازت وٺڻ چاهي هنن بہ هٿ وڌائي مونکي دل کولي آشيرواد ڏني! آءٌ پنهنجي ڊبي ۾ اچي واپس مس وينس ۽ گاڏيءَ اجا هلڻ ئي مس شروع ڪيو تہ ڀر واري ڊبي مان گولي ڇُٽڻ جا ڌڌڪو ڏيندڙ ٺڪاءُ ٿيا! ان صدمي مونتي ايترو گهرو اثر ڇڏيو، جو ڀڳت صاحبن جي باد ۾ پوءِ مون ايڇ.ايم.وي ۾ ڪيترا ئي ڪلام رڪارڊ ڪرايا!

ڪانپوءِ اڄ به سانڀي ٿازگيءَ سان گهر گهر ۾ ٻڌيو وڃي ٿو.

ماسٽر چندر جي وڏي خصوصيت هئي جون پيدا ڪيل اُهي دلفريب طرزون آهن، جن کي هندوستان جي ڪيترن مشهور و معروف سنگيتڪارن نوشاد، بلوسي راڻي ۽ ٻين ڪيترن پنهنجي سنگيت دوران دهرايون آهن. جيئن 'جنهن کي دلڙي ڏيڻ، تنهن کان ڌار ٿيڻ' تي هندي فلم 'بابل' جو گيت 'ڇوڙ بابل ڪا گهر موهي پيڪي نگر آج جانا پڙا' ۽ 'اِهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن' کي هندي فلم 'ميلا' ۾ زندگي ڪي ميلي دنيا مين هم نه هونگي افسوس هم نه هونگي' سان دهرائڻ اِهي اهڙا نوس مثال آهن، جيڪي ماسٽر چندر جي انفرادي خوبين جي احترام ۾ هر جاءِ تي پيش ڪري سگهجن ٿا. توڙي ماسٽر چندر جي مشهور ڪافي 'ڪبوتر ڪبوتر' کي بلوسي راڻيءَ 'مغرور' فلم ۾ 'ستمگر ستمگر' گيت دوران پڻ دهرايو آهي.

صرف شعر لکڻ، طرز ڏيڻ ۽ ڳائڻ به هڪ مڪمل فنڪار جي وصف ناهي، پر ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي انوکي ادا سان هزارن جي انبوه کي ٻڌي ويهارڻ ئي ڪنهن مڪمل فنڪار جي صحيح ڪسوٽي ٿي سگهي ٿي. ماسٽر چندر کي مالڪ اهڙو ته حسين ڏانءُ بخشيو هئو، جو هُن هڪ هڪ لفظ کي پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي نموني ادا ڪيو، جو اُهو لئه ۽ سُر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندا هئا. ان لحاظ کان سنگيت ۾ 'Throw of Words' هڪ اهم خصوصيت ڪري ليکي ويندي آهي، جيڪا ماسٽر چندر کي مالڪ طرفان ڀرپور نموني عطا ٿيل هئي.

سڀ کان اهم ڳالهه ته جنهن به شخص کي ماسٽر چندر کي روبرو ٻڌڻ جو شرف مليو، اُهو هن جي حسن ۽ شبه کان پڻ اينترو ته متاثر ٿيندو هئو، جو هر پروگرام جي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ انيڪ ماڻهو ساڻن ملڻ ايندا هئا. وري ڳائيندي ڳائيندي انيڪ ٽوٽڪا ٻڌائڻ هن جي 'Sense of Humour' توڙي مزاقيه لطافت جو بهترين مثال آهي. تنهن ئي ته Tips وارن 'ماسٽر چندر جا مزاقيه ٽوٽڪا' البم آلبم ڪري پيش ڪيو آهي.

هاڻ آءُ ماسٽر چندر کي هڪ شخص طور ٻڌائڻ چاهيندس ته پل هن

مالڪوس ۽ تال تين تال ۾ ''ڪيئن ڊولڻ تو بن جيئان''، راڳڻي ڪافي
۾ ساڳئي ئي تين تال ۾ ''عشق ٻڌايم پٽيون'' ۽ راڳ ڀيم پلاس
ايڪ تال ۾ گيت آهي ''ملي وڃ منار يار''، اهڙا انيڪ راڳ نظر اچن
ٿا جيڪي ڪلاسيڪل راڳن درباري، ڀيرو، درڳا، ڀوپالي، شاستريه سنگيت
جي سُرن کان سواءِ سنڌي لوڪ راڳن ۾ سورٺ ’ڪليجو منهنجو هجي
نگهاه يار هجي‘ مارو ’ڪيئن وساريان سنگهار، عمر پنهنجا ڪيئن
وساريان پنوهار‘، ڪوهياري ’دل هن جي ۽ منهنجي هڪ آهي‘ ۽ ’سپڻا
پنهنجي اکين کي جهل تون‘، سنڌيءَ جون مشهور راڳڻيون سنڌي لوڙائو
ڀيروي ’رنائي رهن پر هجين حياتي‘ توڙي ’تنهنجي شهر ۾ آيس
قسمت سان‘، لوڙائو پهاڙي ’هڪڙي ڳالهه ته ٻڌ منهن هيڏي ڪري‘
’تنهنجون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس‘؛ اهڙا انيڪ مثال ڏيئي
سگهجن ٿا.

مڪمل فنڪار اُن کي چئجي جو صرف گايڪ نه پر پاڻ ئي شاعر
پاڻ ئي گايڪ، پاڻ ئي سنگيتڪار ۽ سڀ کان وڏيڪ ته جنهن ادا سا
هوُ هزارن جي انبوه سان ائين هم ڪلام ٿئي، جو ٻڌندڙ پاڻ ڀلائي هر
جي راڳ اندر گم ٿيو وڃن، ساڳي ڳالهه ماسٽر چندر جي رڪاردن
پڻ ملي ٿي، جو ٻڌندڙ پنهنجي ڪرت ڪار ۽ وجود وڃائي هن جي
سنگت ۾ محو ٿيو وڃن ٿا. هڪ اهم ڳالهه ته هوُ مڪمل فنڪار ا
ڪري چئبو، جو ٻئي ڪنهن به اڪيلي گايڪ کي مالڪ اُهي سڀ خوبيو
گهٽي قدر ڪونه بخشيون آهن. هڪ ته هوُ آواز جو اهڙو جادوگر هئ
جو سنڌس آواز رڪاردنگ جي تمام ڪسوٽين تي هر طرح Melody, Base
Treble, سان توڙي Range جو ڀرپور سنگم هيو. اهم ڳالهه ته سنگيت ود
لاءِ هنن جي کيل ٽپسيا؛ توڙي هُن جي قلم جو ڏانءُ اهڙو انفرادي، عا
فهم ۽ رس ڀريو آهي جو هر طبقي جي دلين کي جهٽ ڏوڏائي ڇڏي ۽ سندس
هڪ هڪ سٽ کي عوام پنهنجي روزانه جيون ۾ پاڻ محسوس ڪندي استعما
ڪري. جيئن ڪلام آهي ’هڪ ڳالهه ته ٻڌ، منهن هيڏي ڪري‘، ’سپڻا جي
منهن مٽيندين تنهن مان تون ڇا وٺيندين‘، ’رس نه رُسڻ ۾ ڇاهي راڻا
’دلدار نه ڏي دڙڪا‘، ’رنائي رهن پر هجين حياتي‘ وٺندي هنترن سال

آهي، هڪ ٻيو ثبوت آهي 'وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا، پڇي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا' ته جڏهن ورهاڱي جي راڳڻ جي هڪ سنگيت ميه تاريخ آهي، جيڪو ٻڌي هزارين اکيون اڄ به آليون ٿيون وڃن ٿيون.

ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ ڪيل جدوجهد دوران خاص دهليءَ ۾ هڪ ڪنوينشن ۾ گهرايو ويو. جتي پنڊت جواهرلال نهروءَ اڳيان ماسٽر چندر سنڌين جي علم ۽ عقل جو بيان ڪرڻ لاءِ خاص طور ڪلام ڳائي ورتو. 'ائت اچا مان ننڍڙي آهيان'. ان سان گڏ هنن ٻيو ڪلام ڏنو 'هوُ هر فن ۾ آهن سي هوشيار سنڌي'، ائين ٻوليءَ کي آئين شيڊول ۾ آڻڻ لاءِ ماسٽر پڻ پنهنجي طرفان پورو پورو يوگدان ڏنو.

سنڌين جي اُداس ۽ ملول دلين کي ٻيهر خوشيون ڏيڻ لاءِ ماسٽر چندر ڪيترين ئي سنڌي بستين جو دورو ڪيو ۽ ڪلام ذريعي هنن کي همت بخشي 'مولا مستن جا ڪم پاڻ ڪري، نه ته ڪير نماڻن تي نظرڏري!' ماسٽر چندر جي سنگيت، شخصيت توڙي وجود جاهي نرالا رنگ ڪڏهن به متجڻ جا ناهن، جيڪي وقت جون منزلون پار پوندي به هميشه هميشه پوري جاتيءَ جي تاريخ ۾ امر رهندا !

مڪمل فنڪار - ماسٽر چندر

دنيا جي الڳ الڳ ديسن ۾ هزارين لکين فنڪار پئدا ٿيا آهن ۽ سيني پنهنجي پنهنجي دوُر ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريو آهي. دنيا جي لکين ڪلاڪارن مان ڪي ٿورائي ڪلاڪار اهڙا ٿيا آهن جنکي دنيا ڪڏهن نه وساريو آهي. آخر انهن ۾ اهو ڇا هو جو سندن ڪلا جو اثر ڪڏهن نه گهٽيو پر وڌندو ئي رهيو. ڪلا ايشوريئه دين آهي پر انسان گڏ هئي انهنجي ساڏنا. اهي فنڪار پنهنجي فن ۾ اينرو ته محو هوندو هئا جو دنيا ۾ رهي به دنيا کان الڳ رهندا هئا. انهن فنڪارن مان به ڪي ٿورا فنڪار هئا، جنجي فن جو سندن جيئري ئي قدر ٿيو- انهن عالي فنڪارن مان هڪ هو سنڌ جو مهان گائڪ سنگيتڪار ماسٽر چندر.

پنهنجي جوانيءَ واري دؤر ۾ HMV جي تقاضا موجب جيتوڻيڪ ڪيترائي ڪلام رڪارڊ ڪيا، جيئن ''تا سوين سهٽا ڳهن ڪنهن کي ڏسي ڪنهن کي ڏسان''، 'اک ملي اک سان تہ منتن ۾ صفائي تي ويئي.' گيت عوام جي سامهون ايندا رهيا، پر هن جي شخصي صحبت ننڍي هوندي کان سنڌ جي صوفين، سنتن ۽ درويشن سان ٿيندي رهي آهي، جيئن : ڪاڪا جيوترام متائي، ڊاڪٽر روچلداس، سنت ڪنوررام، هادي سائين ۽ سندن گرو گلراج صاحب ۽ ٻين انيڪ درويشن جي صحبت ۾ هوءُ لطف ماڻيندا رهيا. اهو ئي سبب آهي جو هو پوري جيون ۾ ڪنهن بہ خراب علت کان طر طرح سان ڪنارڪ ڪشي ڪندا رهيا؛ تڏهن ئي تہ سندن آواز ۾ اُن پاڪيزگيءَ جي جهلڪ پسجي ٿي، جو جو ڪين تمام سنت ۽ درويش ڪين بي پناه پيار ڪندا رهيا.

ماسٽر چندر هڪ پُرحساس شخص هئو، جنهن جو نماءُ پڻ سندن گيت ۾ پسجي سگهجي ٿو. جيئن تہ شروعاتي دور ۾ هن جيڪي ڪلام ڳايا 'ڪجهہ تہ پلا ڏينم سجڻ، ڪجهہ تہ پلا ڏنيم'، 'هڪ دفعي سير لاءِ سانجهيءَ جو نڪتس شوق مان توڙي سنت ڪنوررام لاءِ چوڻ تہ ' ڪين ڪسجي ها، تنهن کان گاڏي گسجي ها'، 'آهي اهو ارمان هليو ڪنور پيارو'، 'لولي لولي ڪنور ڏيانءِ لولي' اهو سمورو ڪلام هن جي پرپور حساس هئڻ لاءِ بهترين مثال آهن.

هُن جي جيون ۾ ڪجهہ اهڙا واقع بہ ٿيا، جو سنڌ ۾ هن جا بہ پٽ جوانيءَ ۾ ئي هڪ ٻئي پنيان ڏٽيءَ پاڻ وٽ گهرائي ورتا، جن جي غم ۾ ماسٽر چندر اڪيچار ڪلام رڪارڊ ڪرايا، جيئن تہ 'رکي ناتو نيايو ها، سنگت جلدي ڇڏايَو ڇو'، 'غمن وارا ڪيئن عيد ملهائين، سورجنين جا سنگتي آهن'، 'روئان ڇو نہ سرتيون سنگت ويا ڦٽائي' هڪ فنڪار جي دل تي کهڙو گهرو اثر ڇڏين ٿا، ان جي جهلڪ پسائين ٿا.

ماسٽر چندر جي جيون تي سنڌ جي ورهاڱي بہ گهرو اثر ڇڏيو، جڏهن هيءُ ڪلام ڇيو 'مالڪ تون درد ڪتيندين ڪين ڇڏيندين' ان ڪلام کي اڄ بہ سنڌ توڙي هند جا تمام سجڻ ٻڌي ڪري ڪڏهن تہ روئي ويندا آهن، جو اهو ڪلام سندن وجود کي ئي ڌهلائي ڇڏيندو

مان پنا صاحب جي دور کان وٺي اڄ تائين بہ پنهنجي ليکي سچي دنيا مان ٿي آيو آهيان. مونکي ڪجهہ خبر ضرور آهي تہ ڪٿي ڪو سنڌي ڪلاڪار آهي جنهن کي صرف هڪ اِشاري جي ضرورت آهي ۽ يقينن اهو ٻاهر نڪري نروار ٿيندو. ٢٥ سال گائڪ سنگيتڪار هجڻ کان پوءِ بہ اڄ جيڪڏهن سنڌي جنتا مونکي سڃاڻي ٿي تہ مان سمجهان ٿو تہ گهڻي قدر ان ڪري جو مان مشهور سنگيتڪار ماسٽر چندر جو پٽ آهيان.

اگرچ منهنجو ننڍي هوندي کان لاڙو هندستاني سنگيت ڏانهن هو ۽ ڪيئي غزلن جا رڪارڊ ڀرايا ۽ ٻين کان ڳارايا. سنڌي گانو منهنجي زبان تي سولائيءَ سان نہ وهندو هو. پنا صاحب جي گهڻي زور ڀرڻ تي بہ سنڌيءَ ۾ ڳائڻ جي همت نہ رکندو هوس-تڏهن پنا صاحب غصي ۾ چوندا هئا تہ مونکان پوءِ سنڌين ۾ توکي منهنجا ڪلام ۽ ڪافيون ئي ڪم ايندا. پنا صاحب جي اڳڪٿي صحيح ثابت ٿي. منهنجو لڳاءُ سنڌي سنگيت سان ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي رهيو.

موسيقيءَ جي پروگرام دوران ڪڏهن ڪير چوندو آهي تہ ماسٽر چندر جون سڪون لاهي رهيو آهين تہ منهنجي دل خوشيءَ ۾ قولي نہ سمائبي آهي ۽ مان سمجهندو آهيان تہ منهنجي واسطي وڏي ۾ وڏو انعام اهو آهي.

ماسٽر چندر جون رچنائون

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر ٥٠ سال سانده رڪارڊن جي دنيا تي ڇانيل رهيو اُن عرصي ۾ هر دور کان متاثر ٿي ڪيترن ئي گانن رڪاڊن جي صورت ۾ جنم ورتو. اُن عروُج واري وقت ۾ اخبارن وارا بہ ماسٽر چندر ۽ عجيب و غريب خبرون ڇاپيندا رهيا. هڪ دفعي تہ لکيائين 'ماسٽر چندر چريو ٿي پيو آهي.' پوءِ هزارين ماسٽر چندر جا چاهيندڙ حيدرآباد رسان چرين جي اسپتال گدو بندر تي ڳولهڻ ويا تہ ماسٽر چندر ڪهڙي ڪوٺي ۾ آ. خير هن ڳالهہ جو ذڪر ماسٽر چندر رڪارڊ ڀرائي هن ڪافيءَ جي هڪ شعر ۾ ڪيو ۽ هن ايڇ. ايم. وي. رڪارڊ ڀڻ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي، جنهن کي اڄ بہ ڳايو ويندو آ.

اڄ مان پنهنجي پنا صاحب ماستر چندر جي صلاحيتن تي ٿوري گهڻي روشني وجهڻ چاهيان ٿو. ائين تہ هن صاحب جون عظمتون ايتريون تہ بلند آهن جو هنجي تفصيلوار چنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ هڪ طويل مضمون جي درڪار آهي. اڄ بہ سنڌي مونکان پنا صاحب جي ڪلامن جي گهڻي فرمائش ڪندا آهن. سنڌ مان جيڪو بہ اچي ائين چوي تہ ۱۹۳۲ ۾ جڏهن ماستر چندر جو رڪارڊ ''سهڻا عرض آهہ'' نڪتو ۽ ٻيا رڪارڊ جيڪي بہ ماستر چندر پيريا سي ان وقت گهرن ۾، هوٽلن ۾، گهٽين ۾، ڳوٺن ۽ ڪيئن ۾ ٻڌندا هئاسين، سي اڄ بہ ساڳيءَ طرح ٻڌجن ٿا. صرف هينئر انهن کي ڪئسيٽ ذريعي عام تائين پهچايو وڃي ٿو.

قدرتي ڏات سان گڏ سنگيت جي ساڌنا ۽ شعر جي هڪ هڪ لفظ کي محسوس ڪري پوري اُمنگ ۽ جذبات سان ادا ڪرڻ سان ئي انجو پورو اثر پهچائي سگهجي ٿو-سر ۽ لفظ جو ميلاپ ازحد ضروري آهي- ان ميلاپ جي جادوءَ ئي ماستر چندر کي عام ۾ خاص ۾ مقبول ڪيو. ڪوبہ سنڌي ڳوٺاڻو هجي يا شهري، سنڌ ورقي هجي، سڀ ماستر چندر جي ڪلامن جو لطف اڄ بہ وٺن ٿا.

سنگيت جي دنيا ۾ اها ماستر چندر جي دين هئي جو ڪلاسيڪل بنياد سان ڪافين کي اهڙي ڍنگ سان پيش ڪيو جو اهي عوام ۾ پڻ لوڪپريہ ٿي ويئون. شاستريہ سنگيت جي ڄاڻ سان ئي ڪلام يا ڪافيءَ کي دير تائين ۽ الڳہ الڳہ نموني ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. ان خاصيت جي ڪري ئي فنڪار نئون لڳي ٿو ۽ اُن جا گيت امر ٿي وڃن ٿا.

ايڇ. ايم. وي. ڪمپنيءَ جي عرض تي ڪيترين ئي عوام پسند ڪافين کي بہ ماستر چندر جي ادائگيءَ هڪ وڏو معيار عطا ڪيو. ماستر چندر کي شاعريءَ جو خاص ذوق هوندو هو. ڪيتريون ئي نيون تخليقون سندن بيمثل طرزن ذريعي نکري نروار ٿيون. ماستر چندر جيڪي بہ ڳايو دل سان ڳايو- هن جي مجازي عشق جي ڪافين ۾ بہ حقيقي عشق جو عڪس نظر ايندو هو. سندن درويشن ۾ هو صاحب گهڻو پيارو هوندو هو.

ماسٽر چندر کي سڀني ٻارن ۾ پنج پٽ، ڪنعيو، منسک، گوپ، مرداس ۽ مهيش چندر ۽ پنج نياڻيون ڄايون. ١٩٤٥ع ۾ ٻه جوان پٽ ڪنعيو ۽ منسک جوانيءَ ۾ گذاري ويا. پنهنجن ٻن هونهار پيارن فرزندن جي اوچتي ديهانت ماسٽر چندر جي جيون ۾ زبردست قيرو آڻي ڇڏيو. اِن عرصي ۾ ماسٽر چندر ڳائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو. پوءِ پرسرام ضيا ۽ ٻين بزرگن ۽ سڄڻن جي ڪوشش سان ۽ دلاسن سان ماسٽر چندر وري ڳائڻ شروع ڪيو. فرزندن جي اوچتي جدائيءَ ۽ وڇوڙي جي ڏک ماسٽر چندر جي قلم مان ڪيترن نون گيتن کي جنم ڏنو. اُنهن گيتن ۾ انتهائي ڏُک سمايل آهي ۽ اُنهن کي هِن رڪارڊن ۾ سوز ۽ درد ۾ ڳايو آهي. گيت هِن ريت آهن :

”رکي ناتو نيايو ها، سگت جلدي ڇنايوَ ڇو...

رُٺان ڇو نه سُرتيون سنگت ويا ڦٽائي...“

”عاشق ٿيءُ نه اُداس اَندر ۾،

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس...“ وغيره.

ٻنهي جوان پُٽن جي جدائيءَ کان پوءِ ماسٽر چندر ٻين پُٽن تي ڪابه حجت نه رکي. پنهنجي پٽ گوپ جي شاديءَ وقت به پاڻ گهوٽ پيءُ نه بڻيو. گهوٽ پيءُ ڊاڪٽر روچلداس ۽ ماءُ مانا پپُر ديوي کي ٻبهاريائين.

سنگت ڇو ڇني ويا

ايڇ. ايم. رڪارڊ. گائڪ، سنگيتڪار ۽ شاعر: ماسٽر چندر

رکي ناتو نيايو ها، سنگت جلدي ڇنايو ڇو؟

متل ميڙو رتل هيءَ راند اڄ جوڳي ڦٽايو ڇو؟

١. دوُناليون ديوَ جون ۽ برهه جا پالا هلايوَ ڇو؟

کُهڻ واريون ڪڍي ڪاتيون، کُنل ٻيهر کُهايو ڇو؟

٢. نه رهڻو هو ۽ بيراڳي ته هِت بنگلا بڻايو ڇو؟

ڇڏي هيءَ جوءِ جوڳيئڙا جدا جايون اَڏايوَ ڇو؟

٣. غريبن ۽ غلامن کان مِنا منهنڙو مِٽايوَ ڇو ؟

هڏن تان ماس سپ کوري، ’چندر‘ جو سِرُ سُکايوَ ڇو؟

گائڪ شاعر :- ماسٽر چندر

شعر

رُسين تہ رُس مگر، رُسڻ بہ ريت سان ٺيڪ نهي
ناز ڀي ڪر ڀلي، پر نازبہ نيت سان ٺيڪ نهي
ايڏي دل سخت سوز وارن سان ڪين ڪجي
رُسڻ ۾ چاهي رکيو، هرڪو پريت سان ٺيڪ نهي.

گيت

رُسڻ جو ڪهڙو سبب آ منا ٻڌاءِ تہ سهي
اسان کان ڪهڙي ٿي آهي خطا ٻڌاءِ تہ سهي
١. رسبو آ وقت تي، ڪنهن وقت تي ماڻو بہ ڪجي
هرهر نهي ٺيڪ؟ نازو ادا، ٻڌاءِ تہ سهي
٢. چوين جيڪي سو ڪريان، سِر بہ چئہ قربان ڪيان
تڏهن بہ گهنڊ وجهڻ نهي ٺيڪ ڇا؟ ٻڌاءِ تہ سهي
٣. 'چندر' تہ آهي چريو، چرين جو دل ۾ ڇا ڪجي،
چريو بہ تو ڪيو يا ڪنهن ٻيءَ؟ ٻڌاءِ تہ سهي.

(سنڌي ڪافيءَ تي آڌارت)

قسمت ڪئي جُدائي، ڪنهن تي ميار ناهي،
خبر ڇا بہ ٿي پوي تہ بہ ننڍڙو پيار ناهي.
١. اهڙي تہ دل ڳنڍيل آ، هرگز نہ آهي ڇڄڻي،
باقي جدا رهڻ جو ڪجھ اِنتظار آهي.
٢. دل جي آ آس دل ۾، شل آس پوري ٿيندي،
هڪ ڏينهن مونکي تو سان ملڻو تہ يار آهي.
٣. دل آ ٻنهين جي هڪڙي باقي فرق اِهو آهہ،
مان ڪين جهڙو آهيان، هوُ قربدار آهي.
٤. قسمت ڏئي جي موڪل، گڏجي رهون هميشهہ،
مان ڀي تيار آهيان، هوُ ڀي تيار آهي.
٥. جنهن لئہ "چندر" ٿو، سو ڀي تہ رُئندو هوندو،
مونکي ٿي دل ٻڌائي، هُن کي بہ سارَ آهي.

بيشمار آزيون ۽ ستمگرن جون اَرڏايون ۽ اِنڪار جيڪي سنگيت جي سُرن ۾ سمائجي دلين ۾ پيهي ويندا هئا.''

ماستر چندر کي ڪلاسيڪل سنگيت جي زبردست ڄاڻ هئي، جنهن سنڌي لوڪ گائڪيءَ کي ڪلاسيڪي گائڪيءَ جي ميلاپ سان ڳايو. ماستر چندر کي گهڻي ۾ گهڻو مشهور ڪندڙ رڪارڊ هو ''سهڻا عرض آهي.'' سنڌس ئي لکيل، ڪمپوز ڪيل ۽ ڳايل رڪارڊ ۱۹۲۴ع ۾ بازار ۾ آيو. راڳ پيم پلاس، تال جهپتال ۾.

سهڻا عرض آهي

هڪ ڏهاڙي مون ڏِٺو محبوب کي خوش خواب ۾،
مون چيو آزي ڪري آهيان وڏي آزاب ۾.
هِن چيو آهين چريو ٿيو يا بکين بازار ۾،
مون چيو سنگدل نہ ٿيو، آهيان وڏي آزار ۾.
پوءِ پُڇيائين ڪير آهين؟ گهر تنهنجو آهي ڪِٿي ؟
ڇا ڪپي توکي ديوانا ڇو آيو آهين هِتي؟
مون چيو مان ڇا ٻڌايان، بس فقط محبت مِلي،
گهر اوهان جي دل اَندر، آهيان اوهان جي ئي بِلي.
موُر محبت ڪين ملنديءِ، اُت چيائين خار مان،
جان ڏيندس دَرِ اوهان جي، مون چيومانس پيار مان.
هِن چيو پلي ٻَرُ وڃي يا مَرُ وڃي يا سَڙُ صفا،
بِن مرڻ جي ڪين ٿينديءِ، 'چندر' تنهنجي هِت شفا.

جهپ تار

سُهڻا عرض آهہ - منهنجو مرض لاهہ،
سُهڻي صورت تنهنجي- دلڙي موهي آ منهنجي،
تنهنجي ڏسڻ جو ئي - دل ۾ عرض آهي، سهڻا عرض آهہ.

دادا دُڪايل جي هڪ ليکہ ''ماسٽر چندر سان منهنجي دوستي'' بموجب ۱۹۳۳ع ۾ ماسٽر چندر ايچ. ايم. وي. رڪارڊنگ ڪمپنيءَ جي آرگنائيزنگ مئنيجر شري لعلچند وٽ مهمان ٿي اچي لٿو جتي مان بہ اڳي ئي رهيو پيو هوس. ماسٽر چندر اُن وقت ڳڀرو جوان هو. اَسان

غمن وارن جي عيد

غمن وارا ڪيئن عيد ملهائن،
سوُر جنين جا سنگتي آهن.

۱. غمن بنايون بدن ۾ غارون،
ڏکن وڌيون ٿن، دل ۾ ڏارون،
ٻکه ۾ ماس بدن جو ڪائن،
جگر جي خون سان پياس مِٽائين.
غمن وارا ڪيئن.....

۲. ڏينهن جو روئي پائن راڳا،
رات جو جاڳي، ڪڍن اوجاڳا،
درد جا دل ۾ دوُد دکائن،
ڪنهن کي نِماڻا ڪين ٻڌائن.
غمن وارا ڪيئن.....

۳. ڏياريءَ تي ماتم مچائن،
هوليءَ کي هوُ حشر ٿا پائن،
ڏکن جي چولي ڏڻ تي پائن،
برهه وارا ڪيئن دل بهلائن،
غمن وارا ڪيئن.....

۴. پنهنجي هڏن مان سُرندا ناهن،
تنَ جون تارون سُرَ سان ملائن،
سوز فراق جا بيت بنائن،
گڏجي ”چندر“ سان روئي ڳائن،
غمن وارا ڪيئن.....

سهڻا عرض آهي

مشهور شاعر ڊاڪٽر موتي پرڪاش موجب ”آخر ماسٽر چندر جي گيت سنگيت ۾ اهڙو ڇا هو جو سڄي سنڌ اُن جي مشتاق هئي؟ اِها هئي سادن سوُدن لفظن ۾ جوان دلين جي بيتابي ۽ بيچيني، عاشقن جي آهن ۽ محبوب جي ماڻن جو اِظهار، محبت ڪندڙ دلين جون

ڪافي ٿيو سمو سوڙ ڪي - دلدار دوا ڏي،
هِن برهه جي بيمار ڪي - هڪ وار شفا ڏي،
دلدار ونئي دل نه 'ڏڪايل' کي سزا ڏي،
تون ڪجهه ته پلئه ڏيم - سڄڻ ڪجهه ته پلئه ڏي.

وطن جي ياد

مشهور ليکڪا مهتاب محبوب ماستر چندر جي گيتن کي ٻن حصن ۾ ورهائيندي لکيو آهي ''دادا جي ڳايل بي شمار گيتن کي جيڪر ٻن حصن ۾ ورهائجي ته شروعاتي گيت سنه ١٩٤٥ع تائين ڳايا اَٿس ۽ اُن کانپوءِ وارن گيتن ۾ نمايان فرق نظر ايندو. پهرين گيتن ۾ رومانيت آهي جڏهن ته پوئين ۾ بي اِنتها ڏُک. اِهو ڏُک وطن جي وڇوڙي سان گڏ ٻن جوان پٽن جي جدائيءَ جو به هو جيڪو آخرين دم تائين دادا جي جيءَ کي جهوريندو ۽ هڏ ماس ڪوريندو رهيو. هِن پوءِ اهڙو گيت ڳايو جنهن ۾ وطن جي سار سان گڏ، لڏي آيلن کي همتائيندي، پنهنجي دل جي انتهائي درديلن جذبن جو اِظهار نه ڪيو هجي.''
انهن گيتن مان ڪجهه هِن ريت آهن. ''وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ... پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا''، ''مالڪ تو درد ڪٿيندين، ڪين ڇڏيندين''، ''مؤلا مسڪين جا ڪم پاڻ ڪري'' ''مُلڪ منهنجي مان اڄڻ وارا خبر چار ٻڌاءِ'' وغيره.

وطن جي ياد

سنگيتڪار، شاعر : ماستر چندر

شعر : وطن ٿيو جُدا جڻ جُدا جان ٿي،
جُدائي سهي ڪير اِنسان ٿي،
سچي جي پڇو ڳالهه ايمان جي،
هِندوُ پيو روئي ٿا مسلمان پيو.

گيت : مالڪ تون درد ڪٿيندين ڪين ڇڏيندين،
هر هنڌ هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندي.

١. سنڌ جو اڳوڻو شان عجب هو، راحت هئي جڻ راضي ربُ هو،

ٿوري ئي وقت ۾ هڪ ٻئي جا دوست ٿي وياسين. ماستر چندر جي
آواز ۾ سوز ۽ ڳائڻ ۾ سُرُ توڙي لئه تار جي پڪائي اُنهيءَ وقت به دا
جي لائق هئي. اُنهيءَ وقت جي دؤران ماستر چندر منهنجون ٦٧ رچنائون
رڪارڊن ۾ پريون ۽ ڳايون. ماستر چندر گرئموفون رڪارڊن ۾ ڳائيندڙ
سيني ڪلاڪارن ۾ برک رهيو. جنهنڪري اڄ به سندس قدر شناسي پيا
توڙي عزت سان ڪئي پئي وڃي.

تون ڪاڇ تہ پلا ڏي

ڳائڪ، سنگيت رچنا : ماستر چندر - شاعر : شري هوندراج دُکايل

١. ڪنهن ڏينهن ٿيو گذر اوچتو، دلدار جي در کان،
دل کي مون لِڪايو ڪٽي، دلبر جي نظر کان،
واقف تہ اڳي هوس، اِنهيءَ زور زبر کان،
دل تڙپي اُتي، عشق جي آتش جي اَثر کان،
هڪ دانهن ڪري مون چيو، اَلله پناه ڏي،
تون ڪڇ تہ پلا ڏيم - سڄڻ ڪڇ تہ پلا ڏي.

٢. اُن دانهن جي آواز تي در بند ڪيائين،
هڪ چرڪ پري بي خطا پردي کي ڇڪيائين،
منٿن سان پلئہ ڪين ڪٽين ڪين ڪنيائين،
وڄ شوخ نگاهن سان چڙي نيٽ ڇيائين،
دل ڏيئي هٿن ساڻ نہ ڏي ڏوهہ قضا ڏي،
تون ڪڇ تہ پلا ڏيم - سڄڻ ڪڇ تہ پلا ڏي.

٣. زوريءَ تو ڪسي دل ڪٽين دلدار ڏني مون،
ليڪن، خوشيءَ سان هُئي مننار ڏني مون،
هيلو نہ هليو پوءِ لاچار ڏني مون،
اِنڪار ڪريان ڪهڙو مان سرڪار ڏني مون،
دل ڏيڻ جي اِئين ڏوهہ آ سَوَ وارا سزا ڏي.
تون ڪڇ تہ پلا ڏيم - سڄڻ ڪڇ تہ پلا ڏي.

٤. آخر مون چيس روئي سڄڻ کي تہ پلا ڏي،
خيرات پري گنج مان ڪڇ نامي خدا ڏي،

مؤلا مستن

ڳائڪ، سنگيتڪار، شاعر : ماسٽر چندر

مؤلا مستن جا ڪم پاڻ ڪري،
نہ تہ ڪير نماڻن تي نظر ڌري.

١. دنيا رنگہ زماني مان ڇا ڄاڻن، هوُ مؤج اَلستي ٿا ماڻن،
غم ڪڏهن نہ ڪن خوشدر ٿا رهن،
دنيا جي جهنجهٽ کان ٻچن پري.
مؤلا مستن جا ڪم.....

٢. آهہ مؤج درياهہ ۾ بہ ساڻ ملاح، وچ سير ۾ ساٿي آهہ اَلله
ڪندو تنکي ڇا طوفان ڀلا،
تکہ تار مان جن جي ڪشتي تري.
مؤلا مستن جا ڪم.....

٣. ٻِن پئسي بي پرواهہ آهن،
بن فوج خزاني جي شاهہ آهن،
هڪ توڪل ساڻ الله آهن،
جنجون 'چندر' چئيون رهبر تو پري.
مؤلا مستن جا ڪم.....

ماسٽر چندر جي غزل ڳائڪي

جڏهن ماسٽر چندر سنڌي رڪارڊن جي دنيا ۾ قدم رکيو ساڳئي ئي وقت ڪي. ايل. سهگل پڻ رڪارڊن جي دنيا ۾ مشهور ٿيو. سهگل ڪيترائي غزل ڳايا. بيگم اختر پڻ ماسٽر چندر جي همعصر هئي. ماسٽر چندر جي ڳايڪيءَ ۾ پڻ اُردو ڳايڪيءَ جي ڇاپ محسوس ٿئي ٿي. ماسٽر چندر جي ڳايڪيءَ ۾ پڻ اُردو غزل ڳائڪيءَ جون سڀ صلاحيتون مؤجود هيون. اگر هوُ چاهي ها تہ اُردو غزل ڳائڪيءَ ۾ پڻ پنهنجو مقام حاصل ڪري سگهي ها. پر ماسٽر چندر سنڌيءَ ۾ غزل ڳائي، سنڌي غزل ڳائڪيءَ کي عروج تي پهچايو. اُنجا ڪيترائي نمونا ماسٽر چندر جي رڪارڊن مان مِلن ٿا. ماسٽر چندر جي آواز جي خاصيت، سُرن تي ماهريت، لئہ جي پڪائي، غزل ڳائڪيءَ لاءِ بلڪل

رهندو هِندو ۽ مومن گڏ هو، هڪ ٻئي کي ڏيندو سڏ ۾ سڏ ه
مالڪ تون درد ڪٽيندين......

٢. اڄ واري اڄ الفت ناهي، مُلڪ ۾ ساڳي محبت ناهي،
درد سهڻ جي طاقت ناهي، رهجي جُدا ڪيئن جريت ناهي
مالڪ تون درد ڪٽيندين.....

٣. پيءُ ڪيئن سهندو پٽ جي جدائي،
ڏن وارا هِت ڪن پيا گدائي،
يا رب ڪهڙي آفت آئي، تنهنجي مدد سان ٿيندي سٺائي
مالڪ تون درد ڪٽيندين.....

۴. ناز جا پاليل سنڌي نِماڻا، ديس ڇڏي پرديس وڪاڻا،
ساڏن صوفين ڇڏيا ٺڪاڻا، گهرڙا ڇڏي اچ گهمن ويڳاڻ
مالڪ تون درد ڪٽيندين.....

۵. سنڌي نماڻا رُئندا هوندا، ڳوڙهن سان منهن ڌوئندا هوند
ڌارين ۾ ڪيئن سوُتهندا هوندا، پوُر هزارين پيئندا هوند
مالڪ تون درد ڪٽيندين.....

٦. چندر عمر شل وطن ۾ گذري، وطن کان شل دشمن ٻه نه وڇڙي
جو دَمُ نبِري وطن ۾ نبِري، دم نڪري ته ٻه وطن ۾ نَڪري
مالڪ تون درد ڪٽيندين.....

ورهاڱي کانپوءِ ماستر چندر خاص ناهيل ڪلامن سان جدا جدا شهر
۾ وجي سنڌين کي وندرائيندو رهيو ۽ ڪين آٿت ڏيندو رهيو. اُنه
ڪلامن مان سدا حيات اَمر گيت آهن ''ائٽ اجان مان ننڍڙي آهيان'
''وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي''، ''سنڌي گهڙو''، ''واهه واهه ڙ
گهڙا-وڄ وڄ ڙي گهڙا'' وغيره. خاص طور سان سنڌي ڪئمپن ۾ نما
سنڌين کي مستن وانگر گهمندو ڦرندو ڏسي ماستر چندر جي دل ج
گهرائيءَ مان جنهن گيت جنم ورتو ۽ پوءِ هنڪي رڪارڊ ٻه ڪيو،
آهي :

غزل

سنگيت رچنا : ماسٽر چندر، شاعر : پرسرام ضيا

شعر : اَسين آياسين سو آياسين،
وري تنهنجي نہ در تي اچڻو آ.
جي تنهنجيءَ ياد ستايو ڪٽين،
توکي خيالن ۾ ئي ڏسڻو آ.
اَسين پنهنجيءَ دل کي جهَليندا سين،
اَسين پنهنجو پاڻ پليندا سين،
پنهنجي پاڻ سان سوُر سليندا سين،
ڪو سوُر نہ توسان سلڻو آ.
تنهنجي در تي اچون تون اچڻ نہ ڏين،
توکي ڏسڻ گهرون تون ڏسڻ نہ ڏين،
مونکي ڪنهن بہ نموني ڪُڇڻ نہ ڏين،
هاڻي منهن سان ڪجھ بہ نہ ڪُڇڻو آ.
اَسين آياسين سو آياسين،
وري تنهنجي نہ در تي اچڻو آ.

غزل

نہ ڪبو بحث نہ تڪرار - هليا ويندا سين،
نيٺ لاچار ٿي لاچار - هليا ويندا سين.

١. ٿا وفا توکان گهرون - پنهنجي وفا جي بدلي،
جيڪڏهن تون ڪندين اِنڪار - هليا ويندا سين.

٢. تنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي رهون يا نہ رهون،
جي اَسان کان ٿئين بيزار، هليا ويندا سين.

٣. پاڻ ڏاڍِن تي ’ضيا‘ ڪهڙي اَسانجي هلندي،
بند پنهنجي ڪري گفتار - هليا ويندا سين.

هڪ ڳالهہ ٻہ ٻڌ

ماسٽر چندر جو پهرون رڪارڊ ١٩٣٢ع ۾ بازار ۾ آيو. ماسٽر چندر جي آواز ۾ ڀريل رڪارڊن جو تعداد هزار رڪارڊن کان پڻ مٿي آهي.

موزون ھئا. ماسٽر چندر جو پهريون رڪارڊ جيڪو ١٩٣٢ع ۾ بازار ۾ آيو ’’طبيبا خيال سان ڏسجو، اُتم ڪا دل جي بيماري‘‘ محمد بخش ڪوجهيءَ جو لکيل غزل ئي هو. انهيءَ رڪارڊ جي ٻئي پاسي پڻ شاعر مخمور جو لکيل غزل هو جنهن جا ٻول هئا ’’اوهانجي حسن تي دلبر نثار مان به ٿيان.‘‘

اُن دؤر جي سنڌي شاعرن جي غزلن جا ڪيترائي رڪارڊ ڀرايا. اُنهن مان اَظهر گيلانيءَ جا لکيل غزل ’’اجان يي چئو ٿا وفادار آهي، هوُ ڏارين جي محفل جو سينگار آهي‘‘ ڪافي مشهور ٿيو. پرسرام ضيا پڻ شروع ۾ غزل لکيا جيڪي ماسٽر چندر رڪارڊن ۾ ڀرايا جهڙوڪ ’’دل آهي هتن ۾ تو خريدار ڪي ڳولهيان.‘‘ ’’دل ٿي چاهي ته به ٿي ڳالهيون توسان يار ڪريان‘‘ يا ’’مان ته اڳيئي ٿيو بدنام آهيان، تون منهنجي ڪري بدنام نه ٿيءُ‘‘ وغيره.

ماسٽر چندر ڪيترا پنهنجا لکيل غزل پڻ رڪارڊ ڪرايا ’’يا دل ۾ جاءِ ڏي تون...‘‘ ’’وسارينديِن جي تون مونکي‘‘ وغيره. ماسٽر چندر سنڌي غزل ۾ سنڌي راڳڻين جو بهترين نموني پريوگ ڪيو ۽ سنڌي غزل گائڪيءَ کي سنڌ ۾ ڪافي مشهور ۽ لوڪپريه ڪيو. جنکي اڄ به خاص طور سان سنڌي ٻائڻا اُنجو لطف وني خوب ڳائي رهيا آهن.

غزل

ڪر روبروُ صفائي

ياد دل ۾ جاءِ ڏي تون يا دل سان ڇڏي ڏي،
يا مار يا محبت جو جام سڏي ڏي.

١. دانهون ٿو ڪريان درد مان، تون ڇو نٿو ٻڌين،
هڪوار هوت حاڪم اچ منهنجي تڏي تي.

٢. درياهي هجر ۾ مان ٻوڙها ٿو وهايان،
تون ٻوڙ يا ته تار اچي جلد جَڏي کي.

٣. ’چندر‘ سان ڪرين ڇو نه روبرو ٿو صفائي،
تون ڏار يا ڏڪار مگر لاهه ڦڏي کي.

ٻارهون ٻارڻ خوب ٿو يار ٻري.
هڪ ڳالهه ته ٻڌ - منهن هيڏي ڪري...

گيت سنگيت جي رڪارڊنگ جي اوائلي دؤر ۾ ڀهرين گيت لکيو ويندو هو، پوءِ اُن جي طرز يعني ڌُن ناهي ويندي هئي. پر ڪيترا دفعا ماستر چندر ڀهرين طرز ناهي ۽ پوءِ پرسرام ضيا سان گڏجي طرز جي حساب سان اُنکي خوبصورت گيت جي شڪل ۾ آڻي رڪارڊ ڪيو. اِن طرح جي تجربي ڪيترن مشهور ڪافين کي عوام تائين پهچايو جهڙوڪ ”دل ڦٽجي ۽ منهنجي هڪ آ“ ”هيءَ آس اَٿم حُسن جو هڪ باغ بڻايان“ يا ”تون ۾ آهي منهنجو هڪ ڪم ڏيولڻ“ وغيره ۽ هيٺ ڏنل هيءُ گيت :

دلدار نه ڏي دڙڪا

ڳائڪ سنگيتڪار : ماسٽر چندر

شاعر : ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا

دلدار نه ڏي دڙڪا - او شل جيوين،
مان ته يار اڳيئي بيمار آهيان، لاچار آهيان، بيزار آهيان،
تون ڪر نه خفا
ڪر ڳالهه صفا - ڇڏ يار ڪٽين چرچا،
او شل جيوين،

١. هرهر ڇو ٿو يار هيسائين - فربدارن کي ايڏو ڪنبائين،
سڪ وارن کي ڇو ٿو ستائين، درد وارن جو درد وڌائين،
ڪر حشر نه تون برپا - او شل جيوين،
دلدار نه ڏي دڙڪا....

٢. لالن توکي لال وڏايو - چندر ضيا جو رک تون رايو،
ڪيڏو نه توکي مون ٻاڏايو،
نيٺ ڪندين تون لايو سجايو،
تنهنجي ڳالهه رکيم هرڪا،
مان ته يار اڳيئي بيمار آهيان، لاچار آهيان، بيزار آهيان،
تون ڪر نه خفا، ڪر ڳالهه صفا - ڇڏ يار ڪٽين چرچا،
دلدار نه ڏي دڙڪا - او شل جيوين.

ھوئي اھڙو ڪلاڪار آھي جنھن کي رڪارڊنگ ڪمپنيءَ وٽان وڌ ۾ وڌ
يعني ڏھہ سيڪڙو رائلٽي ملندي ھئي. ماسٽر چندر جي ڳايل ھڪ ھڪ
گيت جي رڪارڊ جون ٽڪون ھندن چاھي مُسلمانن جي لبن تي ترنديون
رھيون آھن. موقعي بي موقعي ماڻھو رڪارڊن جي گيتن جون ٽُڪون
دھرائيندا رھيا آھن. جيئن تہ **”دل لڳائڻ آ مصيبت - چئہ ڇا مان چا**
ڪريان“ يا ”ھڪڙي ڳالھہ تہ ٻڌ“ ۽ ”دلدار نہ ڏي دڙڪا - مان تہ
يار اڳيئي بيمار آھيان - تون ڪر نہ جفا، ڪر ڳالھہ صفا - ڇڏ يار
ڪٽين چرچا - او شل جيوين.“ يا ”سھڻا جي مُنھن مٽيندين، تنھن
مان تون ڇا وٺيندين“ يا ”رُنائي رھن - پر ھجين حياتي“ وغيره
سنڌ ۾ ماسٽر چندر جي ھر نئين رڪارڊ جو بي صبريءَ سان اِنتظار
ڪيو ويندو ھو. پوپٽي ھيرانندڻي ماسٽر چندر جي سنگيت ڪلا بابت
لکي ٿي ”ھڪ تہ سندس اَنداز بيان نِرالو ھو، ٻيو تہ سندس شعر ۾ گفتگوُ جو
نمونو ھو، ٽيون تہ ھِن جي راڳ ۾ عشق ۽ معشوق جي حاضر جوابي ھئي
اِنڪري ساري سنڌ جا باشندا سندس آواز، راڳ جي مَفتعن ھئا.“

ھڪ ڳالھہ تہ ٻڌ

ھڪ ڳالھہ تہ ٻڌ منھن ھيڏي ڪري،
ڇو ٿو يار رھين مون ڪان ايڏو پري.

١. ھڪ حُسن جي تاب تپايو آ، ٻيو بِرھہ بيتاب بڻايو آ،
ٽيون ٽول ٽِلڻ ھِرڪايو آ - ھاڻي ڪيئن ڪريان اچ پيرَ پري.
ھڪ ڳالھہ تہ ٻڌ...

٢. چوٿون چرچ بہ پھرين پاڻ ڪيئہ،
پنجون پيار سان جان پھچان ڪيئہ،
ڇھون ڇيڙ ڇا ڇاڪاڻ ڪيئہ،
ھاڻي ڪيڏي وچان ڏس ڏيان ڏري.
ھڪ ڳالھہ تہ ٻڌ...

٣. سَتون سوز ڏيئي، اَٺون اچڻ نہ ڏين،
نائون نوُر حُسن، ڏھون ڏسڻ نہ ڏين،
يارھون يار ”چندر“ کيِ کُچھڻ نہ ڏين،

آزمودن جو بيان اِجهو ڏيئن ڏنو آهي. ''اسان دهليءَ ۾ مهاراجا ڪين استوڊيو ۾ پهتاسين... ديوان لالچند هٿ ۾ واچ کڻي ويٺو هو. مونکي جهيڻي آواز ۾ هدايت تو ڪري، ''چندر ! سِڌو راڳ ڳائجانءِ، مثال پلٽا هٽين يا سرگم پڙهين''. مان ڪنڌ سان ها ڪريان ٿو. ته منٽن وارو راڳ پوڻن ٽن منٽن ۾ ئي پورو ٿي ٿو وڃي. لعلچند اِشاري ۾ ٻڌائي رهيو آهي ته مان اِستائي وري چوان پر مان اِستائي چوڻ بدران ٻئي سرگم پڙهي ٻئي پلٽا هٽي باقي بچيل ١٥ سيڪنڊ سجايا ٿو ڪريان ۽ پنهنجي دل خوش ٿو ڪريان. آفيسر به مُشڪي چوي ٿو ''بهت اَڇا هئه، سنگيت ڪا شان تو اِسي ۾ هئه''.

ماستر چندر کي ڪلاسيڪي سنگيت سان بيحد گهڻو پيار هو. حالانڪ ڪمپنيءَ جي تقاضا ڪري سوين گيت ماستر چندر سِڌا ۽ سولا ڪري به ڳايا پر سي به سڀ گيت، ڪلاسيڪي سنگيت ۽ سنڌي لوڪ سنگيت تي ئي آڌارت هوندا هئا. جهڙوڪ هي ماستر چندر جو مشهور گيت :

مومل جو سال

چيٽ ۾ چاڪن ڪئي دل چوُر، جنهن جو سوُر آ،
وِهه وِهڻ ويساک ۾ ٿيو، چو ته دلبر دور آ،
جيٺ ۾ جاتم ته ايندو، چمڪندو دل جو چمن،
هئه اَلا ! آکاڙ ۾ ٻي ڪين آيو گلبدن،
سَرسُ ٿي ڪجهه سار ساوڻ ۾، وسي برسات ٿي،
ٻُٽ بڌي ۾ ويو ڳري، مُشڪل سان نِبري رات ٿي
اَسوءَ ۾ آلاپ ۽ ورلاپ ۽ واڪا ڪيم،
ڪَتيءَ ۾ ڪوُڪان ڪيم، ڏاڍو رُنم رستا ڏنم،
ناهريءَ ۾ نينهن جي نِشتر ڪيا نيشان نوان،
پوهه ۾ پاڳل ٿيس، تقدير کي مان ڇا چوان،
مانگهه ۾ ٿي ماندڪائي، نبض دل جي ٿي جهڪي،
ڦاڳڻ ۾ آيو ڦِري، پر 'چندر' آئين ڪينڪي.

تال : ايڪ تال ۽ راڳڻي ڀيم پلاس : ڪافي
مِلي وڃ منٺار يار، تن ۾ آهي تار تار،

ماسٽر چندر جي ڪلاسيڪي گائڪي

ماسٽر چندر کي سنگيت ورثي ۾ نہ مليو، بس قدرتي آواز هو ۽ ننڍپڻ کان سنگيت سان لڳاءُ هو. اڃان ڏهن سالن جو مس هو تڏهن کان ننڍا ننڍا بيت ناهي سُرَ ۾ ڳائيندو هو. حالانڪ شهر جي جهونن خيالن وارن بزرگن نٿي چاهيو تہ ڪو هِندو ڇوڪرو راڳہ ناهي ۽ ڳائي. پر ماسٽر چندر پنهنجي شوُنق کي برقرار رکيو. ناروشاه شهر ۾ ڀائي گوڏورام، جو سورداس هو پر ڳاين وڄاين ۾ زبردست ڀڙُ هو. روز سنت وٽ وڃي ڪجھ پڙائيندو ۽ کين ڀڄن ٻڌائي آشيرواد بہ وٺندو هو. سنت گوڏورام جي پرلوڪ پڌارجڻ کان پوءِ ماسٽر چندر پنهنجا نهيل بيت اِسڪول جي هم ڪلاسين ۽ وقتي اِسڪول جي ماسترن کي ٻڌائي ڪافي داد حاصل ڪندو هو. اِسڪول جي هيڊ ماسٽر لوڪومل لڪاڻي جيڪو قطب شاه جو طالب هو، ماسٽر چندر جي وڏيڪ همٿ افزائي ڪئي. هڪ دفعي سندن پتا کيس هالاڻي دربار ۾ سائين سروپداس وٽ مٿو ٽيڪائڻ وٺي ويو. دربار ۾ ماسٽر چندر جو سڄو چاچو ساجنداس جيڪو ننڍي هوندي کان دربار جي حوالي ڪيل هو، سو سنگيت جو سُنو ڄاڻو هو کيس سرگرم راڳن جي شڪل، وادي، سموادي، آروهہ، آوروهہ جي ڄاڻ ڏني. اُن وقت صوفي درويش ڪاڪو جيوترام مٺائي ناروشاه اچي رهيو. سنگيت جا زبردست ڄاڻو هئا ۽ کيس سنگيت جي اِبتدائي تعليم ڏني. ماسٽر چندر جي ملاقات سائين وسڻ گهوٽ جي دربار جي گادي نشين سائين اَمرورام سان ٿي. سائين اَمرورام ماسٽر چندر جي مِٺي آواز کان متاثر ٿي کيس هڪ گويي اَمير خان وٽ وٺي ويا جتي ماسٽر چندر ڪافي عرصي تائين ڪلاسيڪي سنگيت جي ڄاڻ حاصل ڪئي. اُن کانپوءِ عاشق علي خان، کُندن گِرِ کان سنگيت جي سکيا پراپت ڪئي. سُنت ئي ايچ. ايم. وي. ۽ نوين رڪارڊنگ ڪمپنيون وجود ۾ آيون. اُنهن ڪمپنين جو مکيہ ڊيلر هو ديوان لالچند. ديوان لالچند کي جڏهن ماسٽر چندر جي سنگيت ۽ آواز جي ڄاڻ حاصل ٿي تہ هوُ وٽس ڊوڙندو آيو. ١٩٣٢ع ۾ ايچ. ايم. وي. رڪارڊنگ ڪمپنيءَ سان معاهدو ٿيو. ماسٽر چندر پنهنجيُ پهرين رڪارڊ جي رڪارڊنگ جي

سنڌ جو سفر

ورهاڱي کانپوءِ ماستر چندر مادر وطن سنڌ جو دورو ۱۹۵۵ ۾ ڪيو. پاڪستان سرڪار، هندو ۽ مسلمانن جي قرب ڀري خاطري ڪوٺ تي سنڌ ۾ ڪافي سنگيت پروگرام ڏنا. سنڌ واسين پنهنجي محبوب ڪلاڪار جي دل کولي آجيان ڪئي. جڏهن سنڌ واسين کي خبر پيئي ته سنڌن هر دلعزيز مايه ناز ڪلاڪار ماستر چندر کوکراپار کان ريل رستي سنڌ اچي رهيو آهي. تڏهن ماڻهن جا حشام گلن جا هار کڻي اچي اسٽيشن تي ڳاهٽ ٿيا هئا. پنهنجي محبوب ڪلاڪار جو درشن ڪرڻ ۽ مرحبا ڪرڻ. سنڌ ۾ پهچڻ بعد ماستر چندر پنهنجو پهرين پروگرام پنهنجي مرشد قطب علي شاه جي ميلي تي پيش ڪيو. لڳاتار ٽي ڏينهن پروگرام ڏنائين. ويهن هزارن کان وڌيڪ سنڌ جا باشندا پنهنجي محبوب ڪلاڪار جي سنگيت جو لطف ماڻڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا.

سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ سيني مشهور اخبارن ماستر چندر جي آمد جون خبرون شدمد سان شايع ڪيون. جهڙوڪ هلال پاڪستان، نوائي سنڌ ڊيلي، پاڪستان ويڪلي، انقلاب، مزدور ويڪلي وغيره. سندس پروگرام جي ڪاميابي بابت لکيو. لاڙڪاڻي ۾ جشن پاڪستان جي موقعي تي ۱۴ آگسٽ، جناح باغ ۾ زير صدارت مسٽر اندر عادل ڪليڪٽر، رات جو ۹ کان ۱۲ بجي تائين 'ماستر چندر چونڪي ڏني. سنڌ جا ماڻهون سندس منهن ڏسڻ لاءِ مشتاق پئي نظر آيا. هن جشن ۾ جيڪب آباد، سکر، پنوعاقل، ڪنڌڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي مان انڪل ۱۴ هزار کن ماڻهن شرڪت ڪئي. آخر ۾ ماستر چندر پنهنجي همدردن، ماستر غلام دستگير (Sponsor) ۽ ڪليڪٽر جو شڪريه ادا ڪيو.''

هند ۽ سنڌ جو مشهور شاعر شري **هري دلگير** جيڪو انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ئي رهيل هو، پنهنجي هڪ خط ۾ ماستر چندر جي سنڌ جي سفر نسبت هيئن لکيو، ''ماستر چندر ۱۹۵۵ ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ آيو هو. جڏهن مان اڃان پاڪستاني نگرواسي هوس. ماستر چندر ۽ سندس پارٽي ڪاڪو ڏينهن اُتي اچي رهيا هئا. سندس ميزباني ڪرڻ جو شرف مونکي مليو هو. اُتي پنهنجن ڪلامن جي خوب ڌوم مچائي هئائين. اِهو نظارو

ڪِلي ڪِلي، دل وئين ڪسي، پوءِ سوڊا لڏءِ ڪانہ سار،
سال تي ويو پورو سارو، اونهارو سرءُ سيارو،
بهار جو آيو وارو، چندر دل کي نار نار،
ملي وڃ مننار يار... ملي وڃ... ملي وڃ... ملي وڃ....

ٻئي تمام مشهور گيت جيڪي ماستر چندر نِج ڪلاسيڪي سنگيت جي راڳڻين ۾ رڪارڊ ڪيا، جيئن تہ ”سهڻا عرض آهي“ راڳہ ييم پلاس ۾، ”تَن ۾ آهي تاتِ مِنن مارُن جي“ باڳيشري راڳڻيءَ ۾ ”عُمر مان ڪيئن وساريان سنگهار“ ڀوپاليءَ ۾، راڳہ دُرگا ۾ هي ڀڄن ”جپيو جپيو شري رام“ راڳہ درٻاريءَ ۾ ”گهنشام جي صورت“ وغيره.

ڪيئن تو بن جيئان جيئان

راڳہ مالڪونس، تال تين تال، گائڪ، سنگيت
رچنا، ماستر چندر، شاعر : پرسرام ضيا

ڪيئن ڊولڻ تو بن جيئان جيئان،
توکي ياد ڪري غم کائي دل جو،
خون جگر ويني پيئان پيئان.

١. اڄ جي اڇين تہ مان عيد منايان،
تنهنجي خوشيءَ ۾ ناچوُ نچايان،
(ناچ جو اِفيڪٽ ءِ گهنگهرن جو آواز)
گهوروُن گهوري توتان ڏيان ڏيان،
ڪيئن ڊولڻ تو بِن جيئان جيئان.

٢. مونسان ملين تہ مان باجا وڄايان،
(هارمونيم وڄايل)
سرگرم تانون خوب لڳايان،
(سرگرم ءِ تان جو ميل)
مان بہ ’ضيا‘ خوش ٿيان ٿيان،
ڪيئن ڊولڻ تو بن جيئان جيئان.
(سرگر ءِ پلٽن سان گيت سماپت)

ڪيان جو چور ڪي پيرل ڪان ڇڏايان پنهنجي جان بہ بچايان پنهنجو مال بہ بچايان. سو ڇا ڪيائين سا ٻڌي سائي جاءِ تي رکي ائنٽ ڪڍي ويهي ڪنڻ لڳي ائنٽ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. چور جي ليکي تہ ٻار آهي بہ تي منت ائنٽ سان ڳالهيون ڪري ٻائي ٻائي ٽڪجي سمهي پوندي، پر ٻڌندڙ اهو سوچيو تہ اُن سالن جي ڇوڪريءَ ڇا پنهنجي دماغ ڪان ڪم ورتو آهي هوءَ ائنٽ کي ڇوي تي تہ منهنجا منڙا ائنٽ او منهنجا ادرا ائنٽ....

گيت ”اڃان تہ ائنٽ مان ننڍڙي آهيان - وڏي بہ نيٽ تہ ٿينديس مائٽ منهنجو مٽو ڪرائيندا، جوان جڏهن مان ٿينديس، اڃان تہ ائنٽ مان ننڍڙي آهيان....

(مڪٽي ڪان پوءِ ڇا ٿيندو)

گهوٽ چڙهي گهر گهوڙيءَ ايندو - وني نال مونکي نيندو، ڇڏي پيڪن جو گهر هي پُراڻو ساهرن جي گهر وينديس.

(شاديءَ ڪان پوءِ ڇا ٿيندو)

”شاديءَ کانپوءِ پٽ بہ تہ جمندو - پيرل نانءُ ڌريندس، ننڍڙو پيرل ڪيڏڻ ويندو - مانيءَ لاءِ سڏيندس، نڻو اڃان نڻو اڃان پيرل چوندو - راند ۾ ريڌل هوندو، پيرل ! پيرل ! پيرل ! هيڏي اچ - واڪا ڪري سڏيندس.

دانهن ڪري جو چيائين پيرل او پيرل اِو پيرل هيڏانهن اچ تہ ٻاهر جو سندس نوڪر پيرل وينو هو تنهن سمجهو تہ امان شايد مونکي تي سڏ ڪري سو يڪدم برڻ کولي اندر آيو ۽ دروازي وٽ بيهي چوڻ لڳو امان توهان چو سڏ ڪيو اِجهو پيرل حاضر آ. ائين جو چيائين تہ چور حيران ٿي ويو، بيهوش تي ويو، صفا گٽ پيئي وهيس. دل ۾ خيال ڪيائين ڇوڪري اُن سالن جي اُتي ئي ويني آ، اينري ۾ وڏي تي، سو منٽين، سو پرٽين، سو ڏاڙهيءَ سان پيرل بہ ڇٽيائين. ڇوڪريءَ آڱر سان اِشارو ڪيو تہ چور لڪو وينو آهي. پيرل وڃي چور کي پڪڙيو. ڪيئن عقل سان ڇوڪريءَ چور بہ پڪڙايو، مال بہ بچايو ۽ جان بہ بچائي، ٻڌندڙ ويچار ڪيو....

منهنجي اکين آڏو اڄان به ڦري رهيو آهي، جنهن ۾ مسلمان ڀڏندڙ ڄر ڄر پيا چون ”يار چندر شل جيئندو رهين ربّ ربّ ٿاري ڇڏيئه.“

ماستر چندر سنڌ ۾ ميرن جي بنگلي تي عورتن لاءِ خاص پروگرام ڏنو ۽ ادڙين کي ڪافيون، لاڏا ٻڌائي، سندن سڀ فرمائشون پوريون ڪري بيحد خوش ڪيو.

سنڌ ۾ ماستر چندر جا ڪيترائي نوان رڪارڊ پرايا ويا جهڙوڪ **”اڄان ته ائٽ مان ننڊڙي آهيان،“ ”ڪانگ ٿو لنوين اڱڻ ۾،“ ”اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون،“ ”ڪنهن کي سوُر هجي،“ ”ڪونجون ڏيوم خبر منهنجي مارن جي،“ ”پنهنجي خيال سان هت ڪُهڻ آيو آهيان“** وغيره،

ننڊڙي ننڊڙي - ننڊڙي آهيان

ننڊڙي ننڊڙي ننڊڙي آهيان - اڄان ته ائٽ مان ننڊڙي آهيان، وڏي به نيٺ ته ٿيندس، مائٽ منهنجو مڱڻو ڪرائيندا، جوان جڏهن مان ٿيندس. ائٽ اڄان ته مان ننڊڙي آهيان....

”عمر ڪوٽ ضلعي ٿرپارڪر جي ٻهراڙيءَ ۾ هڪ زميندار پنهنجي اٺن سالن جي ڌيءَ سان گڏ بنگلي ۾ رهندو هو. بنگلي جي چوڌاري ڪنڊن جو لوڙهو ڏنل هو ۽ لوڙهي جي ٻاهران هڪ پهلوان پيرل نالي چوڪيدار پهرو ڏيندو هو. هڪ ڏهاڙي ڪنهن ڪم سانگي زميندار ٻاهر ٿو وڃي ۽ گهر ۾ پنهنجي اٺن سالن جي ڌيءَ اڪيلي ڏسي پنهنجي نوڪر پيرل کي پارت ٿو ڪري وڃي. پيرل ٿو چوي ته منهنجا سائين هيءَ ته منهنجي ننڊڙي امان آهي اوهان ان جو ڪوبه فڪر نه ڪيو. زميندار جي ٻاهر وڃڻ جو موقعو ڏسي هڪ چور ڌاڙو ڪرڻ لاءِ پنئين پاسي کان لوڙهو ٽپي بنگلي جي ٻاهران ان جي ڳُنڊي پنيان لڪي ٿو وهي. اٺن سالن جي ڇوڪري جيئن هڪ جاري مان ٻني ڪٽي ٻئي جاري تي رکي رات جو سمهڻ جي ڪوشش ڪئي ته سوجهري تي وڃي چور تي نظر پيس ۽ ڇرڪ ڀري ڏکي ويئي پر دل نه لاٿائين. دل ۾ سوچيائين منهنجو پهلوان پيرل نوڪر ته ٻاهر برابر ويٺو آهي پر جيسين سڏ ڪيانس تيسين چور مونکي ماريُ وجهندو، انڪري اهڙي ڪا اٽڪل

وڃي اُڀيان ڏس کَن جي ماءُ روئي رهي آهي.“ ماستر چندر اُڀيان
وڏي وڃي ماءُ کي ڀاڪر پاتائين. رات جو ٢ بجي اخبارن وارا ماستر
چندر جي گهر آيا ۽ چيائونس ته اَسان ٻڌو آهي ماستر چندر کي ماري
ڇڏيائون. ماستر چندر کين اهڙو ته ٺاهوڪو جواب ويهي لکرايو جو
وات پٽجي وين.

چيائين.... برابر مان ڪُنلُ آهيان.

”مان دنيا کي سڃاڻان ٿو، مان دنيا جو ڏنل آهيان،
نه دنيا ئي لکل آهي، نه دنيا کان لکل آهيان،
چون ٿا ويو چندر ڪُسجي، برابر مان ڪُنل آهيان،
مُئل آهيان محبت ۾، اڳيئي مان مُئل آهيان،
مُئي کي ڪير ماريندو، مان جيئڙن کان ٿَڪل آهيان،
جيئڻ وارا پيا مرندا، مرڻ کان مان ڇٽل آهيان.“

ماستر چندر جو ڪلاڪاري رعب ۽ اوج ورهاڱي بعد هند ۾ پڻ ساڳيو
ئي رهيو. هِند ۾ پڻ هِن کي مقبول ڳائڻي جي حثيت حاصل ٿي.
ماستر چندر هِند ۾ سنڌين جي هر ڪالونين، بستين ۾ سنگيت
پروگرام ڏيئي سنڌين کي ورهاڱي جو ڏُک وسارڻ ۽ ڏُکي دلين تي ٿڌو
ڇنڊو وجهڻ جو ڪم ڪيو ”**هر فن ۾ هوشيار سنڌي**“ ڪلام ڳائي
سنڌين کي گذريل اوج کان ذهن نشين ڪرايو. ١٩٤٩-٥٠ ۾ هِن گيت
کي رڪارڊ پڻ ڪرايو.

هوشيار سنڌي

هوُ هر فن ۾ آهن - سي هوشيار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

١- شهيدن ۾ هاسل ڪنور ۽ ڪالاڻي،
فقيرن ۾ روچل - وسڻ - واسواڻي،
امر لعل - سوامي - اَنبوُ - نيپراجا،
ڏرمون - ٽيئون - هرچو ۽ جيسل گلراجا،
پپر ديوي - رامل - جيوت يار سنڌي،
هو هرداس - عيدن - قربدار سنڌي.

ائٽ اڄان مان ننڍڙي آهيان
او ائٽ اڄان مان ننڍڙي آهيان....

پاڪستان سرڪار ماستر چندر جي پاسپورٽ تي سڀ غلط لڳي ڏنائون. سڄي سنڌ گهميو ۽ سنگيت پروگرام ڏنائين. هڪ پروگرام جي دوران ئي نئون گيت اُتي ئي ناهي ڀائي هندو چاهي مسلمان جو من موهي ڇڏيائين سو گيت آهي :

گهمڻ آيو آهيان

پنهنجي خيال سان هت گهمڻ آيو آهيان، نرالا نظارا ڏسڻ آيو آهيان

١. سچو ملڪ منهنجو - منهنجي آ وڏائي،
منهنجي نور مان هيءَ آئي روشنائي،
پنهنجي خود خدائي پسڻ آيو آهيان.
٢. منهنجو حُسن جلوو منهنجي موج آهي،
پنهنجا اٿم لشڪر پنهنجي فوج آهي،
پنهنجا اٿم خزانا - لُٽڻ آيو آهيان.
٣. متان ڪو 'چندر' چوي 'چندر' ذات عالي،
لڪين روپ منهنجا - لڪين منهنجا نالا،
نرالا هي نالا - رکڻ آيو آهيان،
پنهنجي خيال سان هت گهمڻ آيو آهيان.

ماسٽر چندر جي موت جا ھُلَ

ماسٽر چندر جي موت جا ھُلَ، چري ٿيڻ جا ھُلَ، بنواس ڀوڳڻ جا ھُلَ، سنڌ ۾ هر سال پوندا هئا. اُن وقت لڙائيءَ جو وقت هو. رستن تي لائيٽ پڻ گهٽ هئي. ماسٽر چندر جو گهر اُن وقت فريئر روڊ رام باغ (ڪراچي) وٽ هو. شام جو گهر پهتو ته ڏنائين ته هن جي گهر اڳيان خشام ماڻهو بيٺا هئا. ماڻهن کان پڇڻ تي معلوم ٿيس ''ويچارو چندر گذاري ويو''. هن ماڻهن کان ورجائي پڇيو ''ڀائي چندر ڪهڙو!!'' جواب مليس ''اَڙي ڀائي تو ماسٽر چندر جو نالو نه ٻڌو آهي، جيڪو رڪارڊ ڀريندو آهي؟'' هن دل ۾ سوچيو ته ماسٽر چندر ته مان آهيان، مارڻائون ڪنهن کي؟ ماڻهن مان آواز آيس ته ''وشواس نٿو اچيئي ته

مگر ڪو سمو هو ها زردار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

٧- ڳڻن ساڻ ڳڏ هڪ ٻه اوڳڻ رهن ٿا،
سنڌي ٿي سنڌين کي نه هرگز سهن ٿا،
فقط ذاتي خاطر مرن ٿا ڳهن ٿا،
نه پلجي عزيزن جي سڏ کا لهن ٿا،
نه تہ تہ هر طرح هن سي هوشيار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

٨- محبت جي مجلس ۾ هر قوم هوندي،
مگر تن ۾ هوندو قربدار سنڌي،
ڪمائن ٿا روپئي تي روپيو هتان جا،
ڪري پئسي روپئي تي واپار سنڌي،
حڪومت جي طرفان آهي روڪ جم تي،
مگر بن مان ناهن ٿا ٽي چار سنڌي.

٩- ڪري ڪو ڊيڪاري هندي ياءُ فئشن،
جو ڪن ٿا صفائيءَ سان سينگار سنڌي،
وڃي گهر سنڌين جا گهمين ڪو ڏسي پل،
سجاوت ۾ هوندو نمبردار سنڌي،
نا پاڪيٽ ۾ پل هجي هڪ ٻه پائي،
سُچائيءَ ۾ سيٺيل هوندو يار سنڌي.

١٠-دنيا پر جا سهڻا ڪنا پل ڪريو پر،
حسينن ۾ هوندو سو سردار سنڌي،
چندر چنڊ تائين اگر ڪو به پهتو،
تہ سمجهو سو هوندو پهريون يار سنڌي،
زمين چنڊ تي جي نهيا گهر بزاريون،
تہ هر شيءِ جو هوندو دڪاندار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

٢- دنيا ۾ جي ديشن ۾ سنڌين جا ڏيرا،
ڏيساور لنڊن ۾ ۽ برلن ۾ ڏيرا،
ڏسو آميريڪا ڏسو آفريڪا،
جپان چين جاوا يا جرمن جا ڪارتا،
واپاري ٻٽي ڪن ٿا، وهنوار سنڌي،
هو ڌنڌي ۾ آهن خبردار سنڌي.

٣- ڏسو فلمي دنيا ته ائڪٽر به سنڌي،
ڊائريڪٽر يا ميوزڪ ڊائريڪٽر به سنڌي،
سريلو پلي بئڪ سنگر به سنڌي،
ڪاميڊين ۾ پهريون هو نمبر به سنڌي،
هزارن ۾ هوندا ڪلاڪار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

٤- ڏسو ريل بس ۾ آ ڊرائيور به سنڌي،
ٽڪيٽن لئه ٽي ٽي ڪنڊڪٽر به سنڌي،
دڪان جو آ مالڪ ۽ نوڪر به سنڌي،
ڪري گهور ريلن ۾ ڇوڪر به سنڌي،
پنهنجي پاڻ سان آهن مددگار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

٥- پياسن کي پاڻي پيارن ٿا سنڌي،
جڏا جيءَ ڪيئي جيارن ٿا سنڌي،
ڌرم شالا مندر بنائن ٿا سنڌي،
لٽي گهر کي ميلا لڳائين ٿا سنڌي،
اِهو ڪن ٿا دن رات اُپڪار سنڌي،
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي.

٦- هتي جن جا هر سال لڳندا ها ميلا،
هتي سيئي لوڪل ۾ وڪٽن پيا ڪيلا،
هتي جن جي در تي هزارين هئا چيلا،
ڪسائي ٻٽي هٿ ڪهن ويٺا ڇيلا،

داغن جا آهن دل ۾ داڳا

درد کي سانديان ڪتي سياڳا.

۴- سڪن جي پاليل ڏکن ۾ پيئي

دام ۾ ڦاسي دل ڪيئن ويئي.

جنهن گھايا ها چندر گھراڳا

سا مومل ڪري اڄ پڇاڳا.

رس نہ رسڻ ۾ چاهي راڳا...

راڻو ۽ رانوڙيون

شعر : راڻي مومل کي پائڻ لئہ تڪڙ مان ڪيون تياريون،

تڏهن راڻي کي سمجھائڻ لئہ آيا نر ناريون.

چوڻ لڳا

گيت : راڻا وڃ نہ اُتي جتي رانوڙيون رهن،

ڏھہ ڏھہ پيرا ڏينهن ۾ ڪلي ڪلي خون ڪن،

جت ڪونڌر ڦا ڪسن.

۱- حسن تاب تجلي جڻ ٻري ٻجلي،

راڻا راڄ ماڻين ڇو ٿو موت طلبي،

بي ترس ڪاني ڪنڌ سر ڪوٽ تي ٽنگن ،

جت ڪونڌر ڦا ڪسن....

راڻي جو جواب

۲- چوٿيون سرٿيون سمجايو مان بہ ڪين مڙندس،

حسن هوڏ ڪئي آ تنهنجي لوڏ ڏسندس،

يا تہ مان بہ مرندس جت ٻيا بہ مرن،

مڙد ڪين ڪي مڙن،

جت ڪونڌر ڦا ڪسن....

سوال

۳- هتي حسن جو آه هل ٻيو جادوءَ جو محل،

ڏيئي ڦوڪ پڙهي ڦيٽا گم ڪن ٿيون عقل،

ٻڌي ڏاڍا ڏوٿيون ماڻهن کي گھنا ڪن؛

جت ڪونڌڙ ڦا ڪسن.

داغ پراڻا

سنڌي اَدب جي مشهور اَديب **گوبند مالهي** جنهن ماستر چندر جي ڪيترن پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي. پنهنجا آزمودا لَکي ٿو ''ماستر چندر جي ڳائڻ جي خصوصيت اِها هئي ته هُو رڪارڊ ۾ ڳائي يا هزارن ۾، هر ٻڌندڙ اِئين سمجهندو هو ته ماستر صرف هن جي لاءِ ئي ڳائي رهيو آهي. ماستر چندر سنڌ ۾ چاهي هِند ۾ هر ميلي جو مور رهيو. مونکي جمن شاهه، هالاڻي دربار، مهرابپور ۽ ٻين ميلن جي شخصي ڄاڻ آهي مان هِن جي ڪڏهن قُربندو رهندو هوس. هِن جي اَچڻ جو ٻڌي چوڌاري چرچا ٿيندي هئي. ''سهڻو اچي ويو، ستمگر اچي ويو.'' گهٽيئي گهايل ٿيندا هئا. ڪيترن وٽن تي چڙهي، هِن جي سنگيت جو لطف ورتو.''

سنڌي قصا جهڙوڪ **سسئي پُنهون، عمر مارئي، سورٺ، مومل راڻو، ڪويل ڏيپچند جي ڪهاڻي** وغيره ماستر چندر جي سنگيت پروگرام جا خاص اِسم هئا. ماستر چندر جيڪي طرزون ايجاد ڪيون اِهي سڀ اصلوڪيون آهن. جيئن هي مومل راڻي جون مشهور ڪافيون :

داغ پراڻا

رس نه رسڻ ۾ چاهي راڻا

ريت رسڻ جي رمز نه ڄاڻان

١- پريت پراڻي پيهي پراڻا

عشق اڳوڻون سمجهه سياڻا

مومل ساڳي باغ پراڻا

درد نئين سر داغ پراڻا.

٢- چاڪ نه آهيان چاڪ ڪري وڃ

محل مومل جو پاڪ ڪري وڃ

ڪاڪ ڪري وئين خاڪ جا ڇاڻا

ور ته وساڻل وسن وڻاڻا.

٣- درد چٽي منهنجي دلڙي هٿي آ

درد نئين لئه جاءِ ڪٿي آ

شهر ۾ ويهارو ڏينهن رهي [illegible] ماستر چندر ۽ ساٿين جي منيلا (فلپائين) ۾ ساڳيءَ طرح سوآگت ٿيا فلپائين ۾ رهندڙ سنڌي ماستر چندر جي صحبت ۾ تمام گهڻي خوشي محسوس ڪرڻ لڳا. ائين منيلا ۾ ٻه ويهارو ڏينهن رهي ماستر چندر پنهنجي تمام ساٿين سان گڏ واپسيءَ ۾ سينگاپور ڪان ٿيندا ڪل. پنج مهينا ڪن پرڏيهه جو سفر ڪندي آڪٽوبر 1968 ۾ بمبئيءَ موٽيا. ولائت ۾ سنگيت پروگرامن دوران خاص طور سان پراڻن مشهور ڪافين جون گهڻيون فرمائشون ٿينديون هيون، جيئن ته 'هڪ ڳالهه ته ٻڌ'، ''دل هنجي ۽ منهنجي هڪ آ'' وغيره - پر اُتي هڪ گيت مزاڪيه نوع ۾ جنهن ۾ نصيحت آموز ڳالهين سان ڀريل، ماستر چندر خاص مشهور ڪيو سو آهي :

شعر : ''ڊاڪٽر جو يار ٿيندين ته سدائين بيمار ٿيندين
وڪيل جو يار ٿندين ته جهيڙي جي پاڙ ٿيندين
پوليس جو يار ٿيندين ته خراب ۽ خوار ٿيندين
سُهڻن جو يار ٿيندين ته جان کان بيزار ٿيندين
پر 'چندر' جو يار ٿيندين ته سدائين باغ بهار ٿيندين.

گيت

اعتبار نا ڪجي

ڀلا ڪنهن تي ڪنهن تي،
او منهنجا سائين، ڪولي چونه تو ٻڌائين،
اعتبار نا ڪجي....
هڪڙو اغيار تي - دُنيا دُنيادار تي
کُسندڙ وار تي - عمر ۽ چمار تي
مان سچ ٿو چوان - اعتبار نا ڪجي....
نخريلي نار تي - حرامي ٻار تي
دشمن جي پيار تي ۽ ڪنهن به سرڪار تي،
اعتبار نا ڪجي....
وئشيا جي وفائيءَ تي - جُوا جي ڪمائيءَ تي
ٿڌ سردي وائيءَ تي - پوءِ ڏائي جي پائيءَ تي

جواب

۴- هوندا مڇو اهي مڙد - جن سان جنيون ٿيندين،
هوندا جڏا سي جوان - جن جون سسيون لهنديون،
چندر سچ چيو آ تہ مڙد مشڪندي مرن،
پر ڪين ڪي مڙن،
راڻا وچن نہ اُتي جتي رانوڙيون رهن.

ولائتي سفر دؤران

مئي 1968ع ۾ ماسٽر چندر ٻيهر سڄا سارا پنج مهنا ولائت ۾ ملڪن جا دورا ڪيا. هو پنهنجي ڌرمپتني هيتي ٻائي ۽ سپتر گوپ ۽ مهيش ساڻ وٺي MULCHANDS جي ڪوٺ تي سينگاپور لاءِ روانو ٿيو هئو تہ ڪولمبو وارن کي ان ڳالهہ جي ڪڙڪ پئجي ويئي گوبند چڳاڻي، هرداراماڻي جي منٿن ڪرڻ بعد پهرين منزل ڪولمبو ۾ ڪئي. پهريون پروگرام اَنڊيا ڪلب ۾ آيوجت ٿيو. ٻيا بہ ڪيترائي پرائيويٽ پروگرام ڪين ڏيڻا پيا. هل استيشن 'ڪئنڊي' جي تلسيداس ڏاسواڻي جي بنگلي تي سندن مهمان نوازي ڪئي ويئي. ڪئنڊي ۾ سنڌين جا تڏهن پنجويهہ نيهہ گهر مس هئا پر سڀ جو سڀ راڳہ جا ڪوڏيا.

ائين سري لنڪا ڪانپوءِ ماسٽر چندر سينگاپور پهتو تہ ايئرپورٽ تي ئي حشام ماڻهن جا اچي ويا. ماسٽر چندر جو پهريون پروگرام مولچند جي بنگلي تي ٿيو. سندن وڏو پروگرام پيڪيدار نموني 'سنڌي ڪلب' ۾ آيوجت ٿيو. سينگاپور چڻ هنن جو هيڊڪوارٽر ٿي پيو. ساڳي طرح هر هنڌ سندن شاندار سواگت ڪيو ويو. جاڪرتا (انڊونشيا) ۾، بعد ۾ سنڌي ائسوسيئيشن آف هانگ ڪانگ جي پريزيڊنٽ ڪي.سيتل هري ليلا جي نينڊ تي سندن پروگرام انڊيا ڪلب ۽ ٻين پراڻن سنڌ ورقين جي بنگلن تي پڻ ڪجهہ پروگرام ٿيا. هانگ ڪانگ ۾ ٽي هفتا رهڻ ڪانپوءِ هنن جو جاپان وڃڻ ٿيو. پهريون ڪاريہ ڪرم يوڪو هاما ۾ جتي ان مهل ويهہ پنجويهہ گهر مس هئا. اُتي سنگيت پروگرام ڏيڻ ڪانپوءِ ڪوبي (Kobe) ۾ جي 'انڊين ڪلب' ۾ پهريون وڏو پروگرام ٿيو، جتي آس پاس کان ڪيترائي سنڌي توڙي غير سنڌي اچي گڏ ٿيا.

آهي عشق جو رنگ نرالو -

مون تہ پيتي عشق جي پڪ آ

دل تنهنجي ۽ مُنهنجي هڪ آ.....

٢. اهڙو رستو هُن سان هلندو رهي

منهنجو پيارو مونسان مِلندو رهي

منهنجون گذرن تِنساڻ راتيون

کيون لِکي ڇُپي پيا باتيون

پوءِ نِڙِّنِ ٻنهين جون ڇاتيون

ڇو تہ ٻنهين ڏُرين کي ڇِڪ آ

دل تنهنجي ۽ مُنهنجي هڪ آ.....

٣. ’ضيا‘ پاڻ ۾ پَرچي رهنداسين

اهڙو ناهہ ڪري ٻئي نهنداس

کين پيار اسانجو گهڻبو

منهن کين ٻنهين جو مٺبو

۽ هڪ ٻئي کان کين هٽبو

اها ڳالهہ منهنجي هِڪَ نِڪَ آ

ڇو تہ... دل تنهنجي ۽ مُنهنجي هڪ آ.....

اَسانجي موڪلاڻي آ

مشهور ليکڪا مهتاب محبوب موجب ”محبوب جي ڪراچي وڃڻ بعد مان يڪدم ڏيڍ ڪلاڪ دادا چندر جي ڪئسيٽ ٻڌڻ شروع ڪري ڏني. وچ وچ ۾ سندس ٽوٽڪا، چرچا ڏاڍو وندرائي رهيا هئا ۽ گڏ اِها ياد بہ تازي ٿي ڪئي، جڏهن مان سندن مهمان ٿي هئس... ڪئسيٽ مس پوري ڪيم جو فون جي گهنٽي وڳي، ياءُ نِثار حسيني هو. چيائين، ”اَدي ڪا خبر ٻڌي اَٿو؟ هِيانءُ نپوڙجي ويم...“ ”اَلله خير ڪري... ڇا ٿيو...“ ٻڏندڙ آواز ۾ وراڻيم. ”اَدي ماسٽر چندر گذاري ويو!“

جيتوڻيڪ ياءُ نِثار کي اِها منحوس خبر ريڊيو تان پئي تڏهن بہ اعتبار ئي نہ پي آيو، پانيم تہ ڪا غلطفهمي ٿي هوندي.... ڪاش اِها غلطفهمي ئي هجي ها. پر شام جو آل اِنڊيا ريڊيو تان پڻ اهڙي

بيکاري پير تي - شڪاريءَ جي تير تي
سمنڊ جي وير تي - درياهہ جي سير تي
اعتبار نا ڪجي....
پرياتي ماڪ تي - دلالن جي واڪ تي
خوشامندڙي هاڪ تي - ڪوڙن جي ساک تي
اعتبار نا ڪجي....
مينهن اٽمدائتي تي - سَنوڙيءَ جي فائدي تي
ناپاڪي قاعدي تي - سُهڻن جي واعدي تي
اعتبار نا ڪجي....
زَن مُريد ساڌ تي - ڪريل ڏيري ڏاند تي
زهريلي نانگہ تي - 'چندر' ڪنهن بہ سانگ تي
مان سچ ٿو چوان - اعتبار نا ڪجي....

وديشي سنگيت مئہ ياترا دوران هر ڏيساور ڪولمبو، سينگاپور انڊونشيا (جاڪرتا - يانبڊُنگہ) هانگہ ڪانگہ، جپان ۽ منيلا جي هر سنگيت ڪاريہ ڪرم ۾ ڪن گيتن جون فرمائشون ضرور ٿينديون هيون جهڙوڪ ''اڄان تہ ائڻ مان ننڍڙي آهيان''.. ''روئائي رهن پر - هجين حياتي''... ۽ بين تمام پُراڻين ڪافين مان خاص طور سان '' سهڻا پنهنجي اکين کي جهِل تو...'' يا هيءَ ڪافي...

دل تُنهنجي مِنهنجي هڪ آ

گائڪ سنگيت رچنا : ماسٽر چندر

شاعر : پرسرام ضيا-HMV Record 1939

گيت

دل تنهنجي ۽ مُنهنجي هڪ آ
ڏاڍي اسان ٻنهين کي سِڪ آ
ا. مان ڪنڪي وڻان هو مونکي وڻي
اهڙو ناٿو سڀ سان شال ٻڻي
مون تہ پيتو عشق جو پيالو-
جنهن مونکي ڪيو متوالو

ڏند ڪٿائون ٻڌبيون آهن. ظاهر آ اهڙي وڏي شخصيت باري ۾ عجيب من گهڙت ڳالهيون ۽ افواهه پڻ ڦهلايا ويا آهن. طبيعت جي ناسازي ۽ سبب آخرين ٢ سال ڳائڻ بند ڪري ڇڏيائين. جيئري پنهنجي پڳ پنهنجي فرزند مهيش چندر کي پائي ڄڻکي ڳادي نشين بڻايائين.

ماستر چندر ٣ نومبر ١٩٨۴ تي بمبئيءَ ۾ چولو ڇڏيو. ڄڻي ڪيترين اخبارن، سنڌي هستين، آڪاشوائي، دوردرشن وارن خراج عقيدت پيش ڪئي. سنڌ جي اخبارن ۾ به شرڌانجلي ڏني. مشهور اخبار عبرت ۾ هڪ تفصيلي بيان جون ڪي سِٽون هِن ريت آهن. ”...بر صغير جو جڳ مشهور ۽ معروف سنڌي ڳائڻو ماستر چندر بمبئيءَ ۾ ديهانت ڪري ويو. جنهن تي نه صرف ڀارت بلڪ سنڌ ۾ سنڌي موسيقيءَ ۽ راڳ سان دلچسپي ۽ تعلق رکندڙ حلقن ۾ گهري عدمي جو اِظهار ڪيو آهي. هِن جو لاڏاڻو هڪ اهڙو خال آهي جيڪو شايد ڪافي عرصي تائين پرجي نه سگهي. هِن وقت ماستر صاحب جي ڳايل ڪافي جيڪا وَر وَر ذهن ۾ اچي رهي آهي، اُها آهي ته ”عاشق جو جنازو آهي، ذرا شان سان ڪڍجو....“

عاشق جو جنازو

(HMV Record 1937)

عاشق جو جنازو آ ذرا شان سان ڪڍجو-ڏيان سان ڪڍجو

(Chorus) **عاشق جو جنازو آ ذرا شان سان ڪڍجو.....**

١- سُر ساز وڄن سوز مان، جئن آسمان گجي،
پهرين شروع ٿئي سارنگي، سر سرت سان کجي،
(آلاپ سارنگي)
تنهن کان پوءِ برهه واري بنسي وره مان وڄي
(آلاپ بنسي)
گڏ وايولين، ڪلارنيٽ، قرب مان ڪڇي
(سازن جو اِفيڪٽ)
مرڌنگ سان ملن ساز، سرگم تان سان ڪڍجو -
ڌيان سان ڪڍجو

تصديق ٿي ۽ اُن رات ٽي ساڍي ڏهين بجي ٻيهتي ۾ ماسٽر چندر جو ٽيليگرام اچڻ ڪانپوءِ ته ڪنهن شڪ شبهي جي ڪا گنجائش ئي نه رهي.... اُن ويل دادا جي ڳايل بي شمار گيتن مان هڪ درد ڀريو گيت بي اختيار منهنجي ذهن ۾ اُڀري آيو.

''اَسين مهمان دم پل جا، اَسانجي موڪلاڻي آ....''

اَسانجي موڪلاڻي آ

گائڪ - سنگيت رچنا : ماسٽر چندر،

شاعر - پرسرام ضيا. HMV Record 1942

شعر : لاش منهنجو آءِ عزيزو ڪا گهڙي ترسائجو،
من سڄڻ منهنجو اچي، کولي ڪفن ڏيارجو.

گيت :

مُئي ڪانپوءِ جنازي کي ڪُلهو ڏيندين ته خوش هوُندين،
وني کي قرب وارا پاڻ سان ايندين ته خوش هوندين.

۱. اَسين مهمان دم پل جا اَسانجي موڪلاڻي آ،
فراق، يار ۾ ٽيٽي هينئر جلدي پُڄاڻي آ،
پڇاڙيءَ ۾ اَسانتي قياس آڻيندين ته خوش هوندين،
مُئي ڪانپوءِ جنازي کي ڪُلهو ڏيندين ته خوش هوندين.

۲. شهيد، ناز آهيان، ناز وارن کي هلڻ گهرجي،
عشاقن جي ڪُلهن تي لاش منهنجو هيءُ کڄڻ گهرجي،
اِهو اِنجام عاشق سان جي پاڙيندين ته خوش هوندين،
مُئي ڪانپوءِ جنازي کي ڪُلهو ڏيندين ته خوش هوندين.

۳. حسينن جي گهِٽين مان منهنجي ميت کي گهمائيندين،
پنهنجي در جي اڳيان منهنجي جنازي کي جُهڪائيندين،
'ضيا' جو عرض هي سهڻا اگهائيندين ته خوش هوندين.

ماسٽر چندر ۱۲ سالن جي ڄمار کان ۷۵ سالن تائين لڳاتار ڳايو. ايڏي اورجا جي باوَجود سندن سُر ۽ آواز جي پختگي قائم رهي. اِهو فقط تپسيا ۽ رياض جو ئي پرتاپ هو. سندن زندگي نيم ٽيم واري زندگي هئي. اَلبت سندن شخصي جيون جي باري ۾ ڪنهن کي

مشهور اديبا پوپٽي ماستر چندر تي هڪ ليک ۾ لکيو آهي ''سنڌ ۾ اُن وقت شاعرن جي مزاج جو عجيب دور پئي هليو. مُشاعرن ۾ لفظن جي راند ائين کيليندا هئا جڻ لغڙن جا پيچ لڙائجن ! پر چندر لفظن سان کيليندي - اُنهن کي سَلِيس بڻائي ڇڏيو آهي.''

مشهور شاعر پرسرام ضيا ڪتاب ۾ مهاڳ لکندي ماستر جي شاعريءَ جي باري ۾ لکيو آهي ''ماستر چندر نه صرف مکيه حقيقت شناس ۽ جذباتي شاعرن مان آهي پر ساڻ لاثاني ڪوينا سان گڏ هو سنگيت ڪلا جو پڻ انمول رتن آهي. انڪري ڪوينا ۽ سنگيت جي ميلاپ جڻ سون ۽ سهاڳي جي ميلاپ جيان چمڪائي ڪين ڪوي شرومڻيءَ جي گگن منڊپ جو صحيح معنيٰ ۾ 'چندر'' بڻايو آهي''

ڇو تا ڪپايو

ڪلام

زمانو پُڇي ٿو ته ڇا ٿي وڃايو

پُڇڻ سان وِڃايل وري ياد آيو

١. مِجازي محل ۾ حقيقت جو هيرو،

لڪل هو، لڌو مون، ٿيو لايو سجايو

٢. زَمانو چَريو آ، يا مون کي آ مستي

بُڌائي سگهو پل اوهان ئي بُڌايو

٣. عُمر ساري ناهڻ ۽ ڀائڻ ۾ گُذري،

جو رُڳندي مون ناهيو ۽ کلندي مون ڀايو

٤. وڃن ٿا ويراڳي جهلڻ سان نه جهلبا

وساريل جنين کي وطن ياد آيو

٥. ڪَجو معاف ساٿي ۽ سنگتي سپيئي

اجان تائين ڇو ٿا 'چندر' کي ڪپايو

هڪ عجيب اتفاق چئجي ته هر ڪيتر ۾ سنڌي هستين سان اينري ويجهڙائپ هوندي به ماستر چندر جا خاص دوست شاعرئي هئا. اوائلي ريڪارڊنگ جي دور کان هوندراج دکايل، اظهر گيلاني (گهوٽکي وارو) پرسرام ضيا خاص هئا جن سان پوءِ آخر تائين دوستيءَ جو ناتو هلندو

٢- ايڪتار مان ستار وڄي ڊار سان هلڄو
هيءُ پار اٿو يار جو، سڀ پيار سان هلڄو
جي خاڪ ڪريو پاڪ ته چنڪار سان هلڄو
۽ گلن جي سيڄا نهي، هبڪار سان هلڄو
سڀ ٿو چوان ته سڪ سان ۽ سؤمان سان ڪڻجو -
ڊيان سان ڪڻجو

٣- طابوت هلن فرشتا ڪٽي، شونق مان جهلي،
پنڪي ڀِ پرئين جو به جگر جوش مان جلي،
سڀ حسن وارا گڏجي، ڪڍن سرگسون پلي،
محبوب خود چندر جي جنازي سان گڏ هلي،
الله جو قسم اٿوَ، ايمان سان ڪڻجو-ڊيان سان ڪڻجو.

ماسٽر چندر شاعر طور

ماسٽر چندر پنهنجي قلم مان اڪيچار گيتن کي جنم ڏنو. اُهي گيت گهر گهر جا هر سنڌي طبقي جا پنهنجا گيت بڻجي پيا آهن. ايترن گيتن، ڪلامن، ڪافين، غزلن، قوالين، پڇنن لکڻ جي باوجود به ماسٽر چندر پنهنجي ڪويتا کي ڪتابي مشهوري ڏيڻ جي بلڪل برخلاف هو. گهڻن دوستن، يارن ۽ سڄڻن جي زور بار آڻڻ تي، پنهنجن ٻن سرگواسي پٽن جي ياد قائم رکڻ جي واسطي پنهنجن ڪلامن، شاعريءَ کي ڪتابي صورت ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو.

ماسٽر چندر جي لکيل گيتن جا ٻه ڪتاب ”چندر سان رهاڻيون“ ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون ظاهر ٿيا. اهي ٻئي دفعا ڇپائڻ ڪانپوءِ به خلاص ٿي چڪا آهن. ڪامرشل HMV ڪمپنيءَ جو گائڪ - سنگيتڪار ۽ شاعر هئڻ جي ناتي ماسٽر چندر رڪارڊن ۾ ڪافي ڳالهه ڇڏي ڪونهي. عوام کي هر وقت ڪجهه نه ڪجهه نئون ڏيڻ لاءِ هميشه نئين طرز، نئين شعر جي تخليق ٿيندي رهي.

ماسٽر چندر کي سنگيت ڪلا جي ڄاڻ سان گڏوگڏ شعري فن جي به مڪمل ڄاڻ هئي، جيڪا هن جي هر ڪلام مان ظاهر آ. هن جي شعر تي جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي، ڪوبه تبصرو، تنقيد، آلوچنا يا سمالوچنا ڪنهن سنڌي شاعر، نقاد ڪانه ڪئي آهي.

پنھنجون پيار واري لنوان ھجي.

سِڄ اُڀر نہ توُن شل رات ھجي

٣. ھجي رات سدا، شل ڏينھن نہ ٿئي،

منھنجو ظاھر 'چندر' نينھن نہ ٿئي

خوشيءَ بدلي موت جو مينھن نہ ٿئي

باقي برھہ واري برسات ھجي.

سج اُڀر نہ تون شل رات ھجي

منھنجي محبن سان ملاقات ھجي.

ماسٽر چندر جي گانن جو عوام تي اثر

مشھور معروف ليکڪا پوپٽي هيرانند اڻي هڪ ليک ۾، سنڌ ۾ ماسٽر چندر جي گانن جي جادوئي اثر بابت لکيو آهي "جڏهن بہ سنڌ جي ڪنھن ڳوٺ يا شھر ۾ وڃڻ ٿيندو، چونڪ تي يا بازار ۾ - ماسٽر چندر جا رڪارڊ پيا وڄندا ھئا.

'سُھڻا سھڻا عرض آھہ

منھنجو مرض لاھہ....'

يا

'رُسين تہ رُس مگر رُسڻ بہ ريت سان تو نھي

ناز پي ڪر پلي، پر ناز بہ نيت سان تو نھي...'

حيدرآباد شھر ۾ رات واري سانت ۾ نولراءِ مارڪيٽ وٽ چندر جو راڳہ ھوا جي ڇُھن تي ترندو اچي ڪنن ۾ برندو ھو"

"ڪيچ تہ پلا ڏيم سڄڻ ڪيچ تہ پلا ڏي..."

يا

ڪبوتر- ڪبوتر....خبر ھيءَ ڪٺي وڃ عقل جا اڪابر....

"اسان ڪاليج ۾ بہ ڇوڪرا ڇوڪريون ماسٽر چندر جون ڪافيون ڳائي انتاڪشري راند ڪندا ھئاسين. ھڪ دفعي حيدرآباد جي سري ڳھاٽ وٽ ماسٽر چندر ڳايو تہ ھڪ نوجوانن ڪبٽ مان نوٽن جا بنڊل آڻي مٿس انھن جي ورڪا ڪئي.

مائٽ اچي ڪاوڙيس تہ انھن کي ڇپائين، 'مان ڇا ڪريان؟ ھنجو

رهيو ۽ آن ڪانپوءِ ليکراج عزيز، نارائڻ شام، هري دلگير، ڪميتچند ’پريم‘ جن سان ماستر چندر جي الهاسنگر واري جاءِ توڙي دادر ممبئي ۾ گهٽي دير تائين ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. آن ۾ پرسرام ضيا به شامل رهندو هو ۽ تمام ڪُلئي دل سان حسي مذاق جي ماحول ۾ گُفتگوءِ جو دور چالو هوندو هو. 1984 ۾ ماستر چندر جي ديهانت ڪانپوءِ به نارائڻ شام، هري دلگير خاص شوڪ سيا ۾ اچي شريڪ ٿيا هئا.

ڊاڪٽر ديال آشا ماستر چندر تي ليکه ۾ ماستر چندر جي شاعريءَ بابت ڄاڻايو آهي ”ماستر چندر صاحب جي گيتن، نظمن غزلن جا به مجموعا، جن مان هن صاحب جي شاعرائي قوت جي پروز پوي ٿي. سندس شاعري دماغ جي ڪوت ڪوتا ڪين آهي پر سندس دل جي جذبات، اُمنگن احساسن جو عڪس آهي سندس شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي شاعرائيون خوبيون آهن. ڪو غوافن هجي جو عميق ۾ ٽٻيون ڏيئي لعل لوڇي اچي. **سندس ڪي گيت درسي ڪتابن جي** سونهن وڌائي سگهن ٿا. ماستر چندر صاحب جي ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميناج آهي. سندس شاعرانه طبيعت جو عڪس سندس شعر مان ملي ٿو.

شاعر-سنگيتڪار : ماستر چندر - گائڪ : مهيش چندر

HMV EPE Record 1969

سڄ اُپر نہ تون

سِڄ اُپر نہ توُن شل رات هجي

منهنجي مُحبن سان مُلاقات هجي.

١. سِڄ اُپرندي تون ٿيندو جاني جُدا،

مان به ويندس مري هِڪ جاڻي خُدا

ڪر ڪمزورن تي قياس ادا،

نڪي ڏينهن نہ ڏينهن جي ذات هجي.

سِڄ اُپر نہ توُن شل رات هجي .

٢. هِڪ رات هجي، بِي ايڪانت هجي،

ٿيون سڄڻ سباجهو سات هجي

چوتون برهہ جي چيڙيل بات هجي،

اڄ ڏسي سهڻي کي مونسان بي نياز -
تي رقيبن جي اچي ڀيڳهي مڇي
دربدر مونکي ڏسي تو نهڪ ڏئي -
درد جي کهڙي خبر بيدرد کي
زور آهي اڄ خريدارن جي ڀيڙ -
تي هزارن ۾ طلبگارن جي ڀيڙ
دور ٿيندو ڇو نہ اڄ دلبر جو ناز -
تي وڏي ڏرَ تي جڏهن يارن جي ڀيڙ
هزارين ٿا ڪڍي ڏين ريءَ گُهرئي -
درد جي کهڙي خبر بيدرد کي
بي وفا هرقت ٿو طعانا ڪري -
ڇا ڪريان مُنهنجي نٽي ساعت سَري
رکي هو غيرسان دلدار ساز -
پر رکي ٿو هوُ رُکو مونکي پَري
دل وَني ٿو ڏاڍو ٿي ويهي رهي -
درد جي کهڙي خبر بيدرد کي
هاڻي سُهڻن جا ٻڌي هي داستان -
ٿا عقيدت تي رسن دل جا گُمان
جي سِتم سازيءَ ڪان ايندا ڪيئن باز -
بس 'دڪايل' بند ڪر قلم زُبان
بي وفا جي ياد ۾ تي دل دُکي -
درد جي کهڙي خبر بيدرد کي

آڪاشواڻيءَ تي ڏنل ملاقات ۾ ماستر چندر جي بيان موجب ماستر چندر پنهنجو پهريون پروگرام سڄاول ۾ ڪنهن سنت جي ورسيءَ تي ڏنو. اُن وقت ماستر چندر کي خبر ڪانہ هئي تہ پروگرامن لاءِ پئسا وٺبا آهن. اُتي آيل پلي زميندار ڪيس سادي پلي وني ويو. زميندار سنگيت جو شائق هو جو هن مِنو ڪلهوڙو ڀيڳت ۽ طوائفون پڻ گهرايو هيون. ماستر چندر آيل درشڪن کي پنهنجي سُريلي آواز وسيلي اهڙو تہ

آواز ئي اهڙو آهي جو ڪجهہ بہ ڪٿي قربان ڪجيس!'

ڊاڪٽر موتي پرڪاش لکي ٿو، ''منهنجي ڳوٺ دڙي ۾ وري ماسٽر چندر جي ڳيتن ۽ ڳيتن جي ڇپيل ڪتابڙين جو شائق هو منهنجو سرتو چانڊڻ ڪتي ڳائيندو هو ماسٽر چندر جا راڳ. چونپڙيون ڇا هٽ ڪندو هو، گويا اسانجون دليون قبضي ڪندو هو. چونپڙيون هٽ سان لساري، لڪائي اوطاق جي ٻاهر واري ٿلهي تي ويهي ٻي سُري آواز ۾ پڙهندا هئاسين.... اسانجي پرچاءُ ۽ ناهہ جو ذريعو بہ اُهي چونپڙيون ئي هونديون هيون....

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي موجب، ''اُنهن ڏينهن ۾ ريڊيو نهايت ورلو ڏسبو ۽ ٻڌبو هو، پر فوني جو وجود هر ننڍي وڏي هوٽل ۾ قائم هو ۽ اڪثر ماسٽر چندر جا گانا گراهڪن توڙي رهگذرن کي بيسُرت ڪري ڇڏيندا هئا. نوآباد جتي مان جائو ۽ نپنو هوس سا چانهہ ۽ پان جي دڪانن سان سرشار ايراضي هئي. مونکي بہ چانهہ جو شوق هو پر اُها تہ گهر ۾ بہ ميسر هئي. خاص ماسٽر چندر جي راڳن جي ڪشش، مون کي ڪن دوستن جي صحبت ۾، هڪ نزديڪ هوٽل ۾ ڇڪي ويندي هُئي. جڏهن 'درد جي کهڙي خبر بيدرد کي وارو رڪارڊ گونجار ڪندو هو، تڏهن ٻُڌندڙن جون دليون ڪباب ٿي وينديون هيون....

درد جي کهڙي خبر بيدرد کي

گائڪ - سنگيت رچنا : ماسٽر چندر

شاعر : هوندراج دُکايل

مونکي، هوُ رُئندو ڏسي کِلندو رهيو -

بي رحم هوُ غير سان ملندو رهيو

منهنجي تڙڦڻ کي ڪري نظر انداز -

تهڪ ڏيئي بي عطر ڪلندو رهيو

ڪيئن پٿر دل ۾ پلا ڪندو ڇُپي -

درد جي کهڙي خبر بيدرد کي

سوَ نياين سان نَڪو مون وٽ اچي -

ٻي رُکيءَ سان دِل تي خامي ۽ پَچي

نانگن کان بَچي کين سگهبو - اهڙي محبت تہ هاڻي هلي تون
سُهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون..

٣. دِل نازن سان هيءُ پالِي اَٿم - ڏاڍن سوُرن سان تہ سنڀالي اٿم
آهي دل جي توکي پارت - هيءُ آهي پر مُنهنجي اَمانت
وجهہ تنهن ۾ تون کين خيانت - ڇڏ هاڻي 'ضيا' ول ڇل تون
سُهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون..

ماسٽر چندر جي سنتن درويشن سان صحبت ۽ رچنائون

اسڪولي جيون ڪانپوءِ ماسٽر چندر ڪجهہ وقت سنگيت وديا جي شونق ۾ پرديس گهميو. مگر اوچتو ويراڳ لڳڻ سبب هردوار ۽ بدريناٿ پهچي ويو. جتي گرو گلراج ۽ ماتا پپر جي صحبت نصيب ٿيس. برابر ٻن سالن ڪانپوءِ گروءَ جي آگيا مجي شادي ڪيائين. ڪاڪي جيوترام متائيءَ جي سنگت ۾ ماسٽر چندر کي صوفي درويش ڊاڪٽر روچلداس جي سنگت جو فائدو مليو. روهڙيءَ ۾ سائين روچلداس ماسٽر چندر کي سنگيت سان گڏ اخلاق ۽ ويراڳ ۽ سائين جي سِڪ جو سبق سيکاريو. سائين روچلداس سان ماسٽر چندر جي اهڙي تہ سِڪ بڌجي ويئي جو اسڪولي موڪل وارو سارو وقت روهڙيءَ وڃي سائينءَ جي حضوريءَ ۾ گذاريندو هو. اُتي ماسٽر چندر جي ڪيترن سگهڙن سان ملاقات ٿي. پهرين ملاقات ڀڳت ڪنوررام سان سائينءَ جي اوطاق تي ٿي. رهاڻيون هلندي ڪلام شروع ٿي ويندو هو. پاڻ هٿ ۾ يڪتارو کڻندا هئا. ماسٽر چندر کي گهڙو يا هارمونيم وڄائڻ لاءِ چوندا هئا. پوءِ ڀڳت صاحب ماسٽر چندر کي ڳائڻ لاءِ چوندا هئا. ڀڳت صاحب چپٽين تي تال وٺندا هئا ۽ تمام پراڻا ڪلام، ڏوهيڙا لکائي ماسٽر چندر کي ياد ڪرائيندا هئا ۽ موت ۾ کيس چوندو هو "چندر ڀڳوان تون هڪ ڏينهن ضرور چمڪندين." سنتن جي آسيس سان رڪاوٽن جي نڪرڻ ڪانپوءِ سچ پچ سڄي سنڌ ۾ ماسٽر چندر جي نالي جو پرڪاش ٿي ويو. ماسٽر چندر درويشن جي ميلن ۽ ورسين تي خاص وڃڻ پسند ڪندا هئا ۽ سنت بہ ماسٽر چندر کي تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. اُلهاسنگر ۾ سائين شانتي

ڇريو ڪري ڇڏيو جو ماڻهن کان مٿان نوٽ ڇوڙڻ لڳا. هڪ ڇٽو ڏهه رپيا ڏيڻ لڳو ته ٻيو وري ويهه ڏيڻ لڳو. ٻنهي جي ڇتاڇيتيءَ جي چڪر ۾ نيٺ هڪ ٻئي کي پنهنجو پٽڪو ۽ واچ پڻ لاهي ڏيڻي پيئي.....

ماسٽر چندر جو سنگيت پروگرام معنيٰ اندر سيا، مجال آ جو ڪوبه پنهنجي جڳهه تان اُٿي. جيڪو جتي ويٺو اُتي سُڪ. اها هڪ عام مشهور ڳالهه آهي ته هن مهان گائڪ جي پروگرام ۾ ڪيترن پنهنجن ڄُڻين ۾ پيشاب ڪيا، ڪيترن اکين ۾ آب آڻي رُنو، ڪيترن پنهنجن هٿن کي ڇيهو ڏيئي مٿس پئسا گهوريا.

ڊاڪٽر ارجن سڪايل 'ماسٽر چندر سان مانسڪ لڳاءُ' واري ليکه ۾ لکيو آهي، ''اڄ کان پنجاهه سال اڳه 1933 ۾ منهنجي عمر 14 سال ماسٽر چندر جو پهريو ريڪارڊ ''هڪ ڏهاڙي مون ڏٺو معشوق کي خوش خواب ۾'' چار سال پوءِ - منهنجو پهريون پيار - ماسٽر چندر جو نئون ريڪارڊ ''دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان''. منهنجي شادي - شاديءَ جي سوغات گرئموفون جي فينسي پيٽي - چندر جو رڪارڊ تو آلاپي. ''سباڻن کي ڇريو بڻائن ٿيون اکڙيون'' منهنجي تپسيا ٽُٽي رهي آهي. پاڙي واري وڏوا نائونءَ ماءُ جي فرمائش آهي : ارجن ! اکين وارو ريڪارڊ ته وڄاءِ. خبر ناهي ڪهڙين اکين هنکي به ڇريو بڻايو آهي ؟

سُهڻا پنهنجي اکين کي جَهلِ تون

گائڪ - سنگيت رچنا : ماسٽر چندر

شاعر : پرسرام ضيا

سُهڻا پنهنجي اکين کي جَهل تون - اِهي تير نه هڻُ پلِ پلِ تون

ا. ڪرين ڪوشش ڇو تو گهائڻ جي - ڇَڱي ناهي' ريت سَتائڻ جي
ڇو مُئلن کي تو مارين - وري قياس نه دل ۾ ڌارين
ڇو تو هر هر ايذو رُئارين - جيڪا ڳالهه ڪجي سا سَلِ تون
سُهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون..

٢. اِهي ڪارا وار لڪاءِ مٺا - ڪين واسينگن کان ڏنباءِ مِٺا
اِهو ڏنگه سَهي ڪين سگهبو - دنيا ۾ رَهي ڪين سگهبو

جي ساراهہ. هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو جو خود ڳل جي ساراهہ ڪرڻ وارو قبول ڪندو تہ ڳل ئي اهڙو سهڻو آهي تہ ڳل کي پيدا ڪرڻ وارو ڪهڙو نہ سهڻو هوندو پوءِ مجاز مان يڪدم لفٽ رستي حقيقت تي پهچي ويندو. اهي صوفي درويشن جا قول ڪيئن ڪوڙا چئبا. پر ساڻيو معاف ڪجو مون فقط عاشقانا شعر رڪارڊن ۾ نہ ڀريا آهن پر گروگرنٿ صاحب جا شبد، ڪرشن جون ڪوتائون، رام نام جا ڀڄن، مارئيءَ جي ملڪ لاءِ محبت، سسئيءَ جا سور، وطن جي ياد، ديس ڀڳتن ۽ شهيدن جون ڪوتائون، هندو ڌرم ۽ مسلماني مذهب جا نعغا نصيتون رڪارڊن ۾ ڀريون آهن. مان تہ هزارين رڪارڊ هر قسم جا ڀريا اٿم مگر توهان کي جيڪي پسند آيو سو توهان خريد ڪريو. جنهن وڪر جو وڪرو وڌيڪ ٿيو، ان وڪر مان ڪمپنيءَ رڪارڊ ڪرائيندي ٿي رهي، ان ۾ ڪنهن ڪلاڪار جو قصور نٿو نهرائي سگهجي، نڪي اُن جي رهڻيءَ تي ڪو اثر ٿو پوي...

ڪلام

پرون اڱيئي پيون

عشق اچڻ لڳو پرون اڳيئي پيون اُتي عقل چيو هاڻي ڪيئن ڪبون.

١. آيو عشق تہ جيءَ ۾ جهوري لڳي لنو لنو ۾ سڄڻ جي لوري لڳي
سڪ سُهڻل جي سووار وڌي مونکي نينهن سيڪاريون ڳالهيون نيون
عشق اچڻ لڳو...

٢. آيا لوڪ مڙي شُهہ سوڪ ڪري لڳا سمجهائڻ وڏا ٻوڪ ڪري،
وينا اردگِرد سڀ جهوڪ ڪري ڳالهيون سهمن واريون سهڻيون پيون
عشق اچڻ لڳو...

٣. اهڙي عشق جا ڪيئن احسان ميان پلا سرتيون ٻڌايون ڪاڏي وڃان،
چو ٿيون سمجهايو ناهيان ننڍڙي اڃان ڳالهيون ياد اٿم جيڪي 'چندر' چيون
عشق اچڻ لڳو...

٤. لک لائق جنهن منظور ڪيو اچي لڪلُ 'چندر' مشهور ڪيو
ڦري سوز فراق فقير ڪيو ميڪون محبت جون مہ نکي يار هيون
عشق اچڻ لڳو...

پرڪاش جي موجودگيءَ ۾ ٿلهي وارا ساڌ سائين جيوڻ گهوٽ ماستر چندر مٿان سوَ سوَ نوٽن جي برسات ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته ”سنڌ ۾ ماستر چندر جي هر پروگرام ۾ شاهي اسٽيج جي هيئنان ويهي مان ان جي ڪلامن کي ٻڌندو هوس.“ راتيون راتيون جاڳي درگاهن جي ميلن ۾ سنتن جي ورسين تي قطب علي شاه درگاهه ٽوڙي دادن شاهه، نصير فقير ۽ درازن جا صوفي، قلندر شهباز، هالائي، جتوئي، مانجهند، وسڻ گهوٽ ۽ ٻين درگاهن ۽ درٻارين جا سنت درويش هن جو ڳائڻ ٻڌي ڪيس دعائون ڏيندا رهندا هئا.

فقيري آ مشڪل

ايڇ.ايم. وي. رڪارڊ ١٩٤٠

فقيري آ ڏاڍي مُشڪل، گهڙين، سِرُ يار گهوري آ
نه گهوريو تي دُنيا جو گهر، نه اوري آ، نه اوري آ.

١. **ڪٺائي ڪاڻ دنيا کان، ملامت سوُر سهه سر تي**
دکن سان دوستي رک ۽ ڏکن سان ڪجهه نه ڏوري آ.

٢. **مزا محلن جا هڪ پاسي، ٻئي پاسي، منٺي واري**
ٻئي پاسا تارازيءَ ۾ وجهي تن ساڻ توري آ.

٣. **رَسَن کان روح کي روڪي ۽ اندريون عيش کان تياڳي**
سُڪائي سُر سڄو ساجن، هڏن تان ماسُ کوري آ.

٤. **تنبورو تن، رڳون تارون-هڏن جي ڪر کلي ڪاني،**
چندر چنگُ مان، چت جو پوءِ چوري آ تون چوري آ.

ماستر چندر پنهنجي لکيل مضمون ’مان ۽ سنگيت‘ ۾ لکيو آهي ڪي منهنجا دوست ڪنهن وقت چوندا آهن ته عاشقاڻي شعر ناهڻ ۽ ان سان گڏ ڳائڻ توکي وڏيڪ ڪامياب ڪيو آهي. سو به برابر آهي ڇو جو اسانجي صوفياڻي سنڌڙي ۾ پريم جي بدران ’عشق‘ اکر ڪتب ايندو آهي. معنيٰ ته ساڳي آهي آسمان جو رنگ ته ساڳيو آهي. عينڪ سائي پائبي ته آسمان سائو نظر ايندو. ڳاڙهي پائبي ته آسمان ڳاڙهو نظر ايندو. خير انهيءَ ڳالهه کي جيڪي نٿا سمجهن سي عشق اکر کي چون ٿا مجاز، اهي بندا ته برابر آهن پر مجاز جي معنيٰ آهي قدرت

متو ٽيڪي سارو ڪال سٺاٺيم - ماڻا صاحب پيڪنڊم ڇيو ابا ڇٺو ٽيو ٺو
تون وطن ورئين..

خئر ساٽيو سنڌ ۾ آيس ته سنڌ ۾ فرصت نه ڀاتم ڪافي رڪارڊ نڪري چُڪا هئا تن مونکي اهڙي مشهوري ڏني هئي جو سنڌ واسي مونکي ٻولڇي رهيا هئا.. مان پڪيءَ طرح ڪراچيءَ ۾ گهر ناهي ويهي رهيس.. سنڌي رڪارڊ ئي منهنجا اينرا ٿا هلن جو هندي يا اڙدو ڏانهن به گهٽ ڏيان ٿو ڏيان. شهر شهر ۽ ٻوٺ ٻوٺ ۾ رڪارڊ جيئنگل جهر ۽ ڪيتن جي پيهن تي به هاري رڪارڊ وڄائي رهيا آهن...''

گيت - HMV Record 1937

درد وارن جو سوال

ٻليءَ ٻليءَ تو ٻائين - تون ڪنهن تي عاشق آهين؟

١. ڪاٺ جي پيتي لوهه جا پُرزا، لاک جي ٿالهيءَ ۾ پي،
سُٺي لڳڻ سان سُرُ آلاپي، سوز جا سبق پڙهائين.
تون ڪنهن تي عاشق آهين؟

٢. ڪڏهن اميرن سان محلن ۾ ڪڏهن وسين تو بن ۾،
گهرن ٻرن ۽ جهر جهنگلن ۾ سُرندا ساز وڄائين.
تون ڪنهن تي عاشق آهين؟

٣. ڪڏهن قياس ڪرين گل جو ۽ ڪڏهن ڪرين بلبل جو،
ڪڏهن مِجازي ڪڏهن حقيقي شوق مان شعر بنائين.
تون ڪنهن تي عاشق آهين؟

٤. دردر وارو سيڪو دنيا ۾ دوست 'چندر' جو چوائي،
ڇڻُ ته 'چندر' تو وٽ ڇا آهي ڪولي نئو پڙهائين.
تون ڪنهن تي عاشق آهين؟

....اڳتي ماسٽر چندر پنهنجي سنگيت مئه آتم ڪٿا ۾ لکيو آ:.. ''مونکي سيئي الڳه الڳه ٻوٺن شهرن ۾ وڃي وڃڻ ٿا-مان به پيار سان ڳايان ٿو پر پئسا ڪونه ٿو وٺان.... جتي وڃان ٿو هزارين هندو مسلمان اچي ٿا ڪنا ٿين. هوُ ويچارا وٽچارا ۽ جنڙا چون ٿا هيءَ وري واهه جو ٻيروُ سُريلو جوان جڻ ولائت مان پارسل ٿي آيو آهي.. سوٽ ڪوٽ

ماسٽر چندر جو هندي فلم جڳت ۾ يوگدان ۽ اُن ڪانپوءِ

ماسٽر کي ڳائڻ سان گڏ، اداڪاريءَ جو شونق پڻ زبردست هو. جنهن نوابشاهه جي ناٽڪ منڊلين ۾ پڻ ڀرپور ورتو. ناٽڪن ۾ ڳائڻ وارن جو اُن وقت ڪافي حق رهندو هو. شڪل جو سهڻو هو، ڳلي ۾ تاثير هوس ۽ اداڪاريءَ جي شونق ماسٽر چندر کي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مائل ڪيو. انهيءَ زماني ۾ هيرو ۽ هيروئن کي ڳائڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي ڇاڪاڻ ته ان وقت پلي بئڪ ڳائڻا ڪونه هوندا هئا. ماسٽر چندر ۾ فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ سڀ گُڻ موجود هئا. ١٩٣٥ ۾ بمبئيءَ جي فلم ڪمپنيءَ 'آل انڊيا موويٽن' فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو. ماسٽر چندر پنجن فلمن، موت ڪا طوفان، پريم پريڪشا، ڊالرا، هيريڪين سپيشل ۽ خدائي وطن ۾ ڪم ڪيو.

ماسٽر چندر 'مان ۽ سنگيت' ليک ۾ ٻاڻ لکيو آهي : ''مان ٢٦ سالن جو آهيان، آل انڊيا موويٽن ڪمپني سان ائگريمينٽ ڪري، ناروشاهه ماتا کان موڪلائڻ تو وڃان. جيتوڻيڪ ماتا خوشيءَ سان موڪل نٿي ڏئي تڏهن به نٿو مُڙان ۽ بمبئيءَ تو وڃان 'موت ڪا طوفان' پڪچر ۾ پارٽ به تو ڪريان ۽ ميوزڪ به تو ڏيان پنج ڳانا پڪچر ۾ ڳايا اٿم تنهن ڪانسواءِ هڪ پنجابي ۽ هڪ سنڌي جدا رڪارڊ ڪيا اٿم. منهنجي عزت ٿي رهي آهي اڙدو ۽ انگريزي اخبارن جي پهرئين صفحي تي منهنجا وڏا وڏا فوٽا ڇپجي رهيا آهن. هوڏانهن ڏسو ته نئين ڪمپني 'ممبئي ٽاڪيز' ٿي کُلي. هيري لئه مونکي خوشيءَ سان ڪنيون ٿن. پهرين ڪمپنيءَ مونکي ۽ مس ڪانتا کي خوشيءَ سان موڪل ڏني آهي. پگهار به ٣٠٠ رپيا مان وڌي ٥٠٠ رپيا ٿي آهي. هاڻي ديوڪارانيءَ سان فوٽا به نڪتا آهن. ''اڇوت ڪنيا'' پڪچر جي ريهرسل به روز ڪريون پيا. ڪيڏو نه گد گد تو ٿيان... پر سائينءَ کي الائي ڇا تو وڻين. وڪيل معرفت فيصلو تو ٿئي ته ڪانتا 'اڇوت ڪنيا' ۾ ڪم ڪري ٿي سگهي ''چندر'' ائگريمينٽ موجب نٿو ڪري سگهي. منهنجي جاءِ تي اشوڪ ڪمار کي ڪنيائون جو اُن وقت ڪئميرا جو ڪم سکي رهيو هو. مان خارن مان بمبئي ڇڏي سنڌ ۾ موٽي آيس. اڄي ماتا کي

سوز وارن تان ھاءِ ماڻ صدقي، سارو 'چندر' سنڌن آ،
درد وارن سان دِل جا آهي، تن سان دل ٻهلايان.
چو تہ توتي عاشق آهيان...

ماسٽر چندر جون سنڌي راڳڻيون

شروع شروع ۾ ماسٽر چندر وڏن وڏن شاستريہ سنگيت جي اُستادن کان تعليم وٺڻ کانپوءِ جڏهن رڪارڊن جي دنيا ۾ قدم رکيو تہ هنجي شروعاتي دور جي ڳايل رڪارڊن ۾ شاستريہ سنگيت جو اثر نمايان طور ڏسڻ ۾ آيو. جيئن تہ هن جو پهريون رڪارڊ جنهن سان هو سڃاتو ويو، سو هو راڳ ڀيم پلاس ۾ "سهڻا عرض آهي" اُن ئي دور ۾ پرسرام ضيا جو لکيل راڳ مالڪوس ۾ "ڪيئن ڊولڻ تو بن جيئان" يا ڏُکايل جا هي ڪلام راڳ باڳيشري ۾ "تات منن مارن جي" ۽ راڳ دُرگا ۾ "جپيو جپيو شري رام" وغيره. ساڳئي وقت ننڍي چمار ڪان ئي سنتن درويشن جي صحبت ۾ مندر، درٻارين ۽ خانگاهن ۾ صوفي درويشن جي آستانن تي راتيون جاڳي ڪلام، ڏوهيڙا ڳائيندي سنڌي راڳڻين ۾ بہ خوب مهارت حاصل ڪئي ۽ سنڌي لوڪ سنگيت تي آڌارت ڪيترين ڪافين کي رڪارڊن ذريعي مشهور بہ ڪيو جيئن 'ڪوهياري' ۾ دل منهنجي ۽ منهنجا هڪ آ. سورٺ ۾ 'ڪليجو منهنجو هجي ۽ نگاهي يار هجي.' حُسيني راڳڻيءَ ۾ سچل جو ڪلام 'جوڳي اچ جي آيازي ييبنر سوامي اچ جي آيا' سُرُ راڻي ۾ "دک درد سهندي سهندي دل تي چري چري آ" وغيره ماسٽر چندر رڪارڊن ۾ يا پنهنجي موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ گهڻو سنڌي سُرن ۾ ئي ڳايو جو سنڌي عوام کي بہ اِهو ئي پسند هو ۽ اڪثر ماسٽر چندر کي پروگرامن دوران بہ سنڌي راڳڻين جي خاص فرمائشون ٿينديون هيون خاص طور سان سُرراڻو، ڪوهياري پرڀاتي يا سورٺ وغيره. پلي ڪيترن ابوجهہ سنڌي ٻائرن کي انهن سُرن جي ڄاڻ نہ بہ هجي پر انهن کي ٻڌڻ سان ٻڌندڙن جي دلين تي دير تائين انجو اثر برقرار رهندو آ. شايد ان ڪري ئي سنڌي لوڪ سنگيت ۾ ڳايل ڪافيون اڄ بہ سنڌ ۾ ۽ هند ۾ ڳايون وڃن ٿيون.

نبکتاءِ ۽ ٽوپلو پائي ٿو سنڌي ڪلام ٻائي... سرگم سڻائي ۽ ڪپاٽيون ٻڌائي.... سيئي ڏاڍو خوش ٿا ٿين پر مان ڪَک تي پيس. پل هر روز رات ڏينهن پيو ٻايان. دل ۾ سوچيم مُفت خورن مان مُشڪل مان جان ڇٽندي ڪَکِ تي سيني کي اطلاع ڏنم جيڪو هڪ سو رپيا هڪ پروگرام جا ڏيندو مان ان وٽ ويندس. تڏهن به فرصت نه پاتم تڏهن به سوَ-ٽي-سوَ..چارسوَ-پنج سوَ گهرڻ لڳس پڇاڙي هڪ هزار رپيا هڪ پروگرام لاءِ به مونکي ملڻ لڳا. هاڻي نيڪ آهي مهني جا ڪي ڏينهن نه آرام نصيب ٿئي ٿو... صوفين، سنتن ۽ غريبن لاءِ ته سدائين مفت آهيان، باقي جاگيردار، زميندار ۽ شاهوڪار گهرائن ٿا وڏا وڏا ميلا ٿا لڳائن... هاڻي بلڪل خوش آهيان ڪراچيءَ ۾ گوڪلي روڊ اڪسٽينشن تي بنگلو وٺي وينو آهيان، پنهنجي موٽرڪار به اٿم... مير، پير، وزير ملڻ ٿا اچن انهيءَ ڪري رام باغ گاڏي ڪاتي ۾ جاءِ وٺي اوطاق ٺاهي آهي. منهنجا دوست اڪثر پڇندا آهن ته توهان جنتا جا پيارا آهيو، اُنجو سبب توهان پاڻ ٻڌايو. مان انهن کي جواب ڏيندو آهيان ”هڪ سبب اهو به آهي ته ڪنهن به صورت ۾ مان شعر کي ڦِڪو نه ڪندو آهيان مان سدائين شعر کي مِٺي بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان انڪري هندو مسلمان منهنجي شعر کي لوڪ پريه گيت سمجهي ٻَليءَ ٻَليءَ ۾ ٻائن ٿا ۽ رڪارڊ وٺن ٿا..

چندر جو درد وارن کي جواب

ٻَليءَ ٻَليءَ ٿو ٻايان، مان توتي عاشق آهيان.

ا. دل جي ساز جون سپيئي تارون تنهنجو سُر آلاپن،
دل جي تار جا توسان آهي، تنهن سان تار ملايان.
ڇو ته توتي عاشق آهيان...

٢. جڏهن جڏهن توکي ڪين ڏسان ٿو، ٻولهڻ سان نه لهان ٿو،
تڏهن وڇوڙي ۾ وياڪل ٿي، شونق مان شعر بنايان.
ڇو ته توتي عاشق آهيان...

٣. ڪڏهن قرب جون ڪرين ڪهاڻيون، ڪڏهن ٿو سڪ ۾ سِڪائين،
تنهنجي ڪري مان جوڳي بڻجي، ويس وڳا بدلايان.
ڇو ته توتي عاشق آهيان..

٢. شرمُ حَياءُ سڀ عشق وڃايو، هرِ ڏن ۾ مُحتاج بڻايو،
برهه ڀرايون مَتيون متيون، هوا مَتَ اهڙا جيڪي ڪٽڻ نه جهڙا.
عشق ٻڏايم پٽيون...

٣. سمجهي سمجهي عشق ڪَمائين، يار 'چندر' متان پوءِ پڇتائين،
لاهاپا سڀ لٽيون لٽيون، رُڪ خيال اهڙا جيڪي ڪُسڻَ نه جهڙا.
عشق ٻڏايم پٽيون پٽيون-ٽيا ڦٽ اهڙا جيڪي ڇٽڻ نه جهڙا.

ماسٽر چندر ۽ مارُئي

ماسٽر چندر سنڌ جي سمورن راڳ-راڳڻين توڙي لوڪ ڪهاڻين کي پنهنجي مڌر آواز سان امر بڻائيندي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر هڪ هڪ سنڌيءَ تائين پهچايو. پر ماسٽر چندر جي رڪارڊن ۽ سنگيت ڪاريه ڪرمن مان ڏسجي ٿو ته مارُئي اُنجي پسنديده هيروئن هئي. سچ به آهي ته مارُئي پوري سنڌ جي پوري تهذيب جو اُهڃاڻ آهي، جنهن عمر جا پٽ پٽيهر، عيش آرام ويندي پٽراڻي ٿيڻ جي آڇ به ٺُڪرائي ڇڏي پر پنهنجي لوئيءَ جي لڄ محفوظ رکي. اِهو سمورو سنديش ماسٽر چندر ڳائيندي توڙي رڪارڊن ذريعي يا حاضرين جي مُجوم کي مڻ مست ڪري ڇڏيندو هو. راڳ مارو اُن مارئيءَ جي درد جي دانهن ۽ فراق جي فڪر تي آڌارت آهي. Tips ڪمپنيءَ ماسٽر چندر جي Live پروگرام 'مارو ۽ مارئي' Title سان ڪئسيٽ ظاهر ڪئي هئي. ماسٽر چندر جي ڳايل مارئيءَ تي رڪارڊن مان ڪجھ خاص هي آهي ''اکين اڳيان ڦرن ٿا عمر سي اباڻا''، ''اباڻن جا ساھ منهنجي ۾ پل پل پور پون''، ''عمر مونکي سانگي سنڀاريندا هوندا''، ''عُمر مان ڪيئن وساريان سنگهار''، ''مونکي ڀي ملڪ پنهنجي جي ادا ٿي سڪ سوائي آ''، ''تن ۾ آهي تات منهن مارن جي'' يا ''منهنجا مارُئڙا پنهنجي ملڪ وَسن-اکيون روز انهن لئه رُتُ ٽيون رُئن'' وغيره.

(غزل موزون) ڪليجو منهنجو هڻجي- نگاهي يار هڻجي

ڳائڪ، سنگيتڪار : ماستر چندر - شاعر : پرسرام ’ضيا‘

HMV Record 1937

ڪليجو منهنجو هڻجي ۽ نگاهي يار هڻجي
ڇُني جي تير تہ سيني کان آرپار هڻجي.

١. اِها ئي طالبي ديدار جي تمنا آ،
نگاهون منهنجون هجن ۽ جمالي يار هجي.

٢. شرابي عشق پيئارڻ گُهرين اگر ساقي،
اِنهيءَ شراب جو مونکي دائما خُمار هجي.

٣. اچي مزو تہ ’ضيا‘ اهڙو انتظاريءَ ۾،
خودا ڪري تہ سلامت سو انتظار هجي.

سنڌي سُرن جو ئي ڪمال هو جو ماستر چندر عام ۽ خاص ۾ پيارو بڻيو. سنڌي ادب جي بهترين ليکڪا پوپٽي هيراننداڻي چوي ٿي، ”سنڌ ۾ ڳائڻا ۽ ڳائڻيون ٻيا بہ گهڻا پر ماستر چندر جي آواز ۾ سنڌ جي واريءَ جي مهڪ هُئي جا هر سنڌيءَ جي دل ۾ گونجندي هُئي، هن جي راڳ سان اسانجو ماضي ڳنڍيل آهي. چندر ڀائي تہ اسان کي اجرڪ ۾ ويڙهيل ابوجهہ اکڙين وارو ڀوناڻو ياد اچي ٿو ۽ استائي لهي تہ هالاڻيءَ جي دربار اکين اڳيان اچي بهي.“ مشهور شاعر ارجن شاد جي ويچار موجب ”ڪيس ڪلاسيڪل سنگيت جي زبردست ڄاڻ هئي. ماستر چندر اهڙو ڪلاڪار هو جنهن لوڪ ڳائڪيءَ کي ڪلاسيڪي ڳائڪيءَ جي ميلاپ سان ڳايو...“

(سنڌي ڪافي) تال : تين تال - HMV Record 1941

عشق ٻڌايم پنيون

عشق ٻڌايم پنيون پنيون

تيا ڦٽ اهڙا جيڪي ڇُٽڻ نہ جهڙا

١. عشق سڀو اِسباب لُٽايو، دل جو خزانو خوب کُٽايو،
ٻرهہ ٻرايون ڇَنيون ڇَنيون، پيا پَن اهڙا جيڪي پَرڻ نہ جهڙا.
عشق ٻڌايم پنيون...

٢. ڪونجون ڳوٺ مارن جا هوندا ڳتل- ۽ ميلا مارن جا هوندا مَتل
ساري پوک مارن جي هوندي پڪل- ڪيو خبر ٻنين ۽ ٻارن جي
ڪونجون ڏيوم خبر....

٣. سارو حال ڏجو وڃي ڪونجون کھي، ڪاڏو، ننڍ 'چندر' جا حرام ٿيئي
ويو جسمُ سُڪي اِهي سور سَهي، آهي ڳٽتي لڳل ڪا ڳنوارن جي
ڪونجون ڏيوم خبر....

ماسٽر چندر عوامي گائڪ- عوامي شاعر

ماسٽر چندر جي فنڪارانا خاصيت اها به هئي جو هوُ هڪ ئي وقت شاعر به هو، گائڪ به هو ته موسيقار به هو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪابه رچنا تخليق ڪرڻ لاءِ ماسٽر چندر کي دل و دماغ تي ڪوبه زور ڏيڻو نه پيو محسوس ٿئي، جڻ ته لفظ پنهنجو پاڻ هڪ مقرر جاءِ وٺندا فطرتي شاعريءَ کي جنم ڏيندا رهيا. دراصل هڪ منجهيل شاعر جي سڃاڻپ ئي اها آهي جو انجي ڪم آندل ٻولي سرل ۽ سليس به هجي ته اُن سان گڏوگڏ معنيٰ خيز به هئڻ گهرجي جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کان 'واه واه' نڪريو وڃي ۽ ڪو ائين به چئي وهي ته اها ته اسانجي روز مره جي ٻولي آهي. مثال طور ماسٽر چندر ڪيترن ئي رڪارڊن ۾ لڪيل ڪافين، ڪلامن جي ٽُڪن جي آخري حصي جنهن کي شعري فن ۾ 'رديف' چوندا آهن اهڙي طرح استعمال ڪيو جيئن هر عام ماڻهون ڳالهين دوران انڪي پيش ڪندو رهندو آهي- جهڙوڪ هي رڪارڊ 'سُهڻا جي منهن متيندين، 'تنهن مان تون ڇا وٺيندين'/ ايڏو جي سخت ٿيندين 'تنهن مان تون ڇا وٺيندين.'' يا ''مونکي تو يار سنايو، نهيو اهو به ڇڱو/ جُدائي ڏيئي جلايو 'نهيو اهو به ڇڱو'' ''اهڙي تو ساڻ محبت آهي دل تي جائي/ قياس جوڳي منهنجي حالت آهي دل تي جاٽي''. يا ''دل لڳائڻ آ مصيبت 'چئه پلا مان ڇا ڪريان' ۽ ''تا سوين سهڻا گهمن 'ڪنهن کي ڏسي- ڪنهن کي ڏسان يا ٻئي ڪيترائي رڪارڊ اُن وقت جا مشهور جيئن ته، ''منهنجو رُئڻ، تنهنجو کلڻ 'ائين ڪرڻ ڇڱو نه ٿئي يا ''ناز نوان نوان سکي 'ماري ڇڏيئه ٻيو ڇا ڪيئه' وغيره.

مشهور شاعر ڊاڪٽر **موتي پرڪاش** موجب ماسٽر چندر اول پنهنجا

گيت : - HMV Record 1943

جهنگلن جون رائيون

جهنگلن ۾ جيکي جهرمر لائن-محلن ۾ ڪيئن مُنهن مُرڪائن

١. اُتن اسُر جو ڏٽيءَ کي ڏِيائن-ٻہ ٻہ ڇٽيون ٽي جنڊ هلائن
ٽرن برن ۾ هرڙا ڪاهن-برساتين تي پوک پچائن
مينهن جي خاطر سارنگ ڳائن-سارنگ ڳائي مينهن وسائن
جهنگلن ۾ جيکي جهرمر لائن.....

٢. منڪا مٽن تي، لاڏا ڳائن-جهنگ جون ڇنيون ڪيئن سرُ ٽيون ملائن
منڪا پرن کي نار هلائن-منڪا پري هڪ ٻئي کي ڪٽائن
شرم حياءُ سان قدم وڌائن-وات تي ڪنهن سان ڪين ڳالهائن
جهنگلن ۾ جيکي جهرمر لائن.....

٣. ڪانچ جنين جو سِنگريون ڏونٽرا، للُڙ مريڙو ڳنر مِتيرا
پونگين ۾ ويهي باهہ دُکائن-دانگين تي سي دٻڙ پچائن
دل ٻاهر ۽ ڏُڌ سان لائن-نِڪرن ۾ سڀ گڏجي کائن
جهنگلن ۾ جيکي جهرمر لائن.....

٤. ميرا ڪپڙا نُکر نُکر ڌن-ڏکر سُکر ۾ شُکر شُکر ڪن
ڇتيون لڳائي ڪپڙا پائن-ميرا ڪپڙا موُر نہ لاهن
ريشم تي ڪيئن ليڙ مڻائن-لوئي 'چندر' هرگز نہ لڄائن
جهنگلن ۾ جيکي جهرمر لائن.....

ڪونجون ڏِيوم خبر

HMV Record 1955

ڪونجون ڏيوم خبر مُنهنجي مارن جي
مُنهنجي ماروئڙن تہ وارن جي

١. ڪونجون ولر ڪري اوهان تہ ڏي وڃو
وڃي ڇئجو تہ ڇو تا پيرو پڇو
اها منت نماڻيءَ جي تہ مڃو-ڪجهو پارت ڪا ويچارن جي
ڪونجون ڏيوم خبر....

کھي پيا کُھن - پر ھجين ٿل حياتي
رُنائي رهن پر ھجين ٿل حياتي
۳. ڏکي ٿل رهان مان، هو خوش تي گذارن
پري کان ڏسان من، پلي نا نهارن
ڏکاري ڇڏن - پر ھجين ٿل حياتي
رُنائي رهن پر ھجين ٿل حياتي
۴. مان بي چئن آهيان، هو پل چئن پائن
ھجن ٿل سلامت، 'چندر' نا نيائن
نهن يا ڏهن - پر ھجين ٿل حياتي
رُنائي رهن پر ھجين ٿل حياتي
گايڪ، سنگيتڪار : ماسٽر چندر - شاعر : پرسرام 'ضيا'
HMV Record 1939

تون ھجين ۽ مان ھجان

تون ھجين ۽ مان ھجان - برسات جون راتيون ھجن
باغ ۾ ٻئنک ھجي ۽ برهه جون باتيون ھجن
۱. مَئِه ھجي ۽ مان ھجان ۽ تون ھجين گانو ھجي
ڪوُڪوُ ڪوئل جي ھجي ٻُلبل سنديون باتيون ھجن
تون ھجين ۽ مان ھجان...
۲. تنهنجي اکين جي اِشاري ساڻ ٿل ڪُسجي وڃان
تنهنجي نيڻن ۾ سمايل قُرب جون ڪاتيون ھجن
تون ھجين ۽ مان ھجان...
۳. تون منهنجي سامهون ھجين ۽ مان تنهنجي سامهون ھجان
خاص تُنهنجو منهنجون وڻ هينان ملاقاتون ھجن
تون ھجين ۽ مان ھجان...
۴. مان تو لئه ماندو رهان ۽ تون مون لئه ماندو رهين
هڪ ٻئي جي لئه 'ضيا' دِليون ٻَئي آتيون ھجن
تون ھجين ۽ مان ھجان...

لَکيل گيت رڪارڊ ڪيا : مثال طور: ’’مجتا، عرض آه‘‘ جن گيت ۾ پلٽا به جٽا ته رفتار به جٽي. بس، رفتار بعد ’مجتا‘ جو لفظ وري ائين ڪٽندو جو پانءَ ته سڀني کي سڌ پيو ٿئي ! سندس لَکيل گيت: ’رُنائي رهن ته جنتا کي جهومائي ڇڏيو. ڏسندي ڏسندي ’رُنائي رهن پر-هجين حياتي‘ گهڻن جو تکيه ڪلام ٿي پيو ! گهوناٺو، ڪنهن معشوق يا يار دوست کي خط لکائي ته اُن جي پڇاڙي ائين ڪري : رُنائي رهو پر هجيوَ حياتي.

شعر

HMV Record 1939

سِڪَ ۽ سنگت جو سڄڻ سڳو،
کڏهن مان تو چکيان کڏهن هو تو چکي
کريون لِڪَ چُپ گڏجي راند بئي،
کڏهن مان تو لکان کڏهن هو تو لکي
غم درد جدائيءَ جو جي اچي،
کڏهن مان سِکان، کڏهن هو تو سِکي
اها رات وصال جي هڪ بئي وٽ،
کڏهن مان تو نِکان کڏهن هو تو نِکي
سچي محبت جو آهي گاڏو ’چندر‘
کڏهن مان تو ڏِکيان کڏهن هو تو ڏِکي

رُنائي رَهن شل هُجين حياتي

رُنائي رهن پر هجين شل حياتي
پلي پيا وڙهن پر هجين شل حياتي
۱. جُدا ٿي رهن توڙي گڏجي گذارن
رکن راضپو يا ته ڪاوڙ پيا ڪن
اچن نا اچن - پر هجين شل حياتي
رُنائي رهن پر هجين شل حياتي
۲. ڇڏيان چو نه هو تن تان جندڙي به گهوري
گهرن ماسُ مون کان ڏيان هوند کوري

جي سفارش سان پرسرام ضيا کي ڪمپنيءَ جو پڪو شاعر مقرر ڪيو ويو. ٻنهي جي محبت ايتري وڌي ويئي جو هر محفل، مجلس، سنگيت پروگرامن ۾ ٻئي گڏ رهندا هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ پڻ اها محبت جيئن جو تيئن قائم رهي. ايتري قدر جو ماسٽر چندر پرسرام ضيا جي ڏيءَ کي پنهنجي نُنهن بڻايو. پرسرام ضيا ماسٽر چندر جي ڪلا ۽ شاعريءَ بنسبت هيٺيان ويچار ظاهر ڪيا آهن. ''..... ماسٽر صاحب جيڪڏهن فقط گويو هجي ها ته شايد منهنجي ايتري دلچسپي نه رهي ها پر ماسٽر صاحب سنگيت آچاريه هوندي به هڪ سٺو شاعر هو ۽ آهي...... پنهنجي هردل، عزيز دوست بابت ماسٽر چندر اجهو هيئن چيو آهي ''..... هن جا سوين گيت هز ماسٽرس وائس وارن مونکان ريڪارڊ ڪرايا. ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو پر سدا سٻاجهو، لڄاري سڀاءَ وارو شخص هو. سندس ڪاويه ڪيتر ۾ ڪيل شيوائون بي نظير آهن.......''

چندر ۽ ضيا جي دوستي ١٩٥٨ تائين قائم رهي. ١٩٥٨ ۾ ضيا صاحب هن دنيا مان چالاڻو ڪري ويو. پنيان ڇڏي ويو پنهنجا امر گيت.......

گائڪ-سنگيتڪار ماسٽر چندر | **دل آهي هٿن ۾** | **شاعر پرسرام ضيا**

دل آهي هٿن ۾ تو خريدار ڳولهيان،
بازاري محبت ۾ طلبگار کي ڳولهيان.

(١) قيمت آ منهنجي دل جي فقط پيار محبت،
سستو هي آهي سودو ناهي زر جي ضرورت.
بس ڪُھرجي وفا تي تو وفادار کي ڳولهيان،
دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان.

(٢) دل پنهنجي اتم ڪرڻي حسينن جي حوالي،
ڪو سُهڻو خريدار بڻي دل کي سنڀالي.

ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا هڪ رچناتمڪ جوڙي

ماسٽر چندر ۽ ڏکايل جي جوڙيءَ ڪانپوءِ ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا جي جوڙيءَ جي رڪارڊن سڄي سنڌ ۾ طوفان مچائي ڇڏيو. ١٩٢٩ کان ١٩٤٧ تائين پرسرام ضيا جي سادن سودن لفظن ۽ ماسٽر چندر جي سوز ڀرئي آواز سنڌين جي من کي خوب ريجهايو. ”ڪبوتر-ڪبوتر، خبر هيءَ ڪٿي وڃ عقل جا اڪابر“، ”تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سهٽا ڪين رهايو تو“، ”ملڪ منهنجي مان اڇڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ“، ”توکي آهي خنجر وهائڻ جي عادت“، ”اک ملي اک سان تہ منتن ۾ صفائي تي وئي“ اهڙن سوين گيت هن جوڙيءَ کي ڪافي مشهور ڪيو.

ماسٽرچندر جي ضيا سان ملاقات ١٩٢٩ ۾ آڪٽوبر مهني ۾ تي. ١٩٣٩ ۾ سنت ڪنوررام جي موٽ ڪانپوءِ هن جي ياد ۾ رڪارڊ ڀرائڻ لاءِ H.M.V ريڪارڊنگ ڪمپنيءَ واران ريڪارڊنگ مشين ڪراچيءَ ۾ ئي ڪٽائي آيا. ديوان هوتچند جي بنگلي تي رڪارڊنگ شروع ڪئي ويئي. ان رڪارڊنگ دوارا هڪ نوجوان نئون شاعر ماسٽر چندر جي شهرت کان مُتاثر ٿي ساڻس ملڻ لاءِ ڪهي آيو. ماسٽر چندر جي ملڻ کان اڳہ هن هڪ شعر لکي ماسٽر چندر جي شاگرد کي وٽ پهچائڻ لاءِ ڏنو.

اُن شعر جون ٽڪون هن ريت هيون :

”دل آهي هٽن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان
بازاري مُحبت ۾ طلبگار کي ڳولهيان“

اُن شعر ماسٽر چندر کي ڪافي متاثر ڪيو. ”ضيا“ تخلص پڙهي سمجهيائين مسلمان هوندو. هن هڪدم ان شاعر سان ملڻ جو اِرادو ڏيکاريو. ماسٽر چندر هڪ قداور سانوري رنگ جي نوجوان کي ڏسي مسلمانڪي ڍنگ سان آدر ستڪار ڪيو. هن پڻ مسلمانڪي ڍنگ سان موٽ ڏني. ملاقات جي دُواران ماسٽرچندر کي خبر پيئي تہ شاعر مسلمان نہ هئو. پر هن جو تخلص ”ضيا“ هن جي مسلمان اُستاد رکيو هو. هن هڪ ئي ملاقات ۾ هڪ شاعر ۽ گائڪ جي دل ٻڌجي ويئي. ماسٽر چندر

’’خبر ڪانهي ته ڪٿي وڃي عقل جا اڪابر... عشق جي اِنتها ته جاگرافي جو مرڪب سمايل هوندو هو انهن گيتن ۾..... چندر جا رڪارڊ ڪوسن ڪيڪن وانگر وڪامندا هئا. هر طبقي جو سنڌي سنگيت پريمي ماسٽر چندر جي رڪارڊ جو منتظر رهندو هو. هن سنڌ جي انيڪ شاعرن جي رچنائن کي پنهنجي سنگيت سان سنواريو جن ۾ گهٽي ياڻي هن دڪايل جا گيت رڪارڊ ڪرايا.... پر سرگواسي پرسرام ضيا جي اچڻ بعد جڻ ’’سون تي سهاڳو‘‘ ٿي ويو. چندر سالن تائين انيڪ شاعرن جا گيت ڳايا ۽ ڦهلايا، ليڪن ضيا جا ڳايل هن جا وداني ۽ جادوُ بياني جا مرڪب هئا جي اڄ به لوڪ پريه ۽ روح کي ريجهائن ٿا....‘

گائڪ-سنگيتڪار **شاعر پرسرام ضيا**

ماسٽر چندر

شعر : وطن کان دوُر آهيان- دربدر آهيان، غريب آهيان
ڏسو ڇا ڇا نه ٿيو آهيان- تڏهن پڻ خوش نصيب آهيان
سڄڻ جيئن ڏڪاري ٿو- مان تيئن اُن جي قريب آهيان
پلائڻ سان نه پلجان ٿو- مان ماڻهو ڪو عجيب آهيان

گيت :

تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان،
پر سهڻا ڪين رَهايو ٿو.

(۱) تنهنجي درد ۾ پنهنجو ديس ڇڏي،
پرديس ۾ وينس جاءِ اڏي.
مان ڪين ڇڏيان ها پنهنجو وطن- پر نياپن ساڻ گهرايو ٿو،
تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان پر سهڻا ڪين رهايو ٿو.

(۲) تنهنجي عشق سڄڻ مجبور ڪيو،
مونکي پنهنجي وطن کان دوُر ڪيو.

تو انکري اڄ حُسن جي سرڪار کي ڳولهيان،
دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان.

(٢) واپار ’ضيا‘ اهڙو نصيبن سان ٿئي ٿو،
دل مُفت ۾ هِڪ عاشقي ناشاد ڏئي ٿو.
تو قرب جي ميدان ۾ قربدار کي ڳولهيان،
دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان.

مشهور معروف فصيح زبان جو مالڪ ليکڪ شري **ٺهلرام آزاد** پنهنجي لکيل ليک ’سنگيتڪار ماسٽر-چندر گيتڪار پرسرام ضيا‘ ۾ لکيو آهي: ”سنڌ سڳوريءَ واپاري وڻجارن کانسواءِ صوفي سنتن، درويشن ۽ فنڪارن کي بہ جنم ڏنو آهي. اُنهن فنڪارن ۾ هڪ جوڙي هئي ماسٽر چندر ۽ شاعر پرسرام ضيا جي. لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تائين سنڌي سنگيت ۽ شاعريءَ تي ڇانيل رهيا. چندر ’چنڊ‘ کي چوندا آهن. ضيا جو مطلب آهي ’پرڪاش‘. قدرت چنڊ ۽ پرڪاش جي جوڙي ”چندر ۽ ضيا“ جي روپ ۾ بڻائي ۽ ٻنهي جو رشتو اٽوٽ رهيو. منهنجو هن سنڌ جي هن مايہ ناز جوڙيءَ سان سنڌ کان ئي ناتو هو. ماسٽر چندر سنگيت جي دنيا ۾ چمتڪاري ڪلاڪار ٿي آيو. ماسٽر چندر سنڌي سنگيت کي هڪ نئون موڙ ڏنو. هڪ نئين انداز سان ۽ پنهنجي مخصوص شئلي ۾ هن سرل سنگيت سان سنگيت پريمين کي منترمگڌ ڪري ڇڏيو. سنگيت کي نئون اعزاز ۽ شرف عطا ڪيو. طوائفن ۽ رئيسن جي ادارن ۽ محفلن مان سنگيت نڪري شهر-شهر، ڳوٺ-ڳوٺ تائين پهتو. ماسٽر چندر گراموفون-ريڪارڊ ڊيلرس جي هر شهر جي دڪان تي دلڪش چهري وارو، شيرواني ۾ ملبوس مشڪندڙ مکڙي واري ماسٽر چندر جي تصوير ازخود ڏيان ڇڪائيندي هئي. گرامفون تي سُئيءَ سان وڄندڙ رڪارڊ ڪنن ۾ سريلو آواز گونجيو هو. ”ڪجهہ تہ پيا ڏيم سڄڻ ڪجهہ تہ پيا ڏي... ”رُس نہ رُسڻ ۾ چاهي راڻا.....“، ”سهڻا عرض آهي، دل جو مرض لاهہ.....“، ”اُن بعد هڪ لُبو سلسلو آهي ”ڪبوتر-ڪبوتر....“

شان سان ڪڍجو'' ۽ ٻي تمام مشهور ڪافي :

'اڪ ملي اڪ سان تہ منٺن ۾ صغائي ٿي وئي

جيڪا پنهنجي دل هئي پل ۾ پرائي ٿي وئي.

ان کان سواءِ پڇن ''ڪرشن مراري - گرورڌاري'' ۽ ''هري رام بول'' وغيره. ان ئي دور ۾ هن Duet جو بہ تجربو ڪيو -

گائڪ سنگيتڪار صدقي وڃان مان پياري HMV Record No 6734

ماستر چندر Dest No 3229

گائڪا : نامعلوم Duet **(ڏگانو)**

شاعر : هوندراج دکايل

Male : **صَدقي وڃان مان پياري، پياري - نازو ادا تان واري**

Female : **سيني تي دلبر دوڏاري-برهہ ڪٽاري ماري**

انترو (Male) : **تن من هي واريان سجنا**

Female : **توريءَ ڪيئن گهاريان سجنا**

Male : **چال البيلي متواري - نيڻ خماري پياري**

Female : **سيني تي دلبر دوڏاري-برهہ ڪٽاري ماري**

انترو - ٢

Male : **دلبر ڏيون چار نگاهون**

Female : **سيني جي پار نگاهون**

Male : **سُرت ڪَسي تو منهنجي ساري**

Both : **آگ 'دکايل' باري**

Male : **صَدقي وڃان مان پياري، پياري - نازو ادا تان واري**

Female : **سيني تي دلبر دوڏاري-برهہ ڪٽاري ماري**

ويهين صديءَ تائين سنڌي سنگيت روحدار هوندي بہ صرف روايتي دائرن اندر ئي بند هو. جنهنکي سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر فنڪارانہ صلاحيتن سان هڪ نئون موڙ ڏيندي خاص مقام ڏنو جو سنڌي سنگيت صرف چند سازن جهڙوڪ، هارمونيم، سارنگي، طبلو وغيره تائين محدود رهيو. ماسٽر چندر ماڊرن Music Arrangement ۾ ان دؤر جي فلمي دنيا مان اوچ ڪوٽيءَ جي سازيندڙن سان نج سنڌي راڳڻين ۾ سنڌي

جڏهن تون سان توڙ نڀائي آ، پر دلبر ڪين نڀايو تو،
تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان پر سهڻا ڪين رهايو تو.

(۳) تون شاد رهين آباد رهين مونکي هردم دلبر ياد رهين،
’ضيا‘ هاڻي وڃان تو پنهنجي وطن
جو دِل تان دوست ڀُلايو تو،
تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان پر سهڻا ڪين رهايو تو.

سنڌي سنگيت جي ڦهلاءَ لاءِ ماسٽر چندر
جون يادگار خدمات ۽ تجربا

۲۰ صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي تائين سنڌي سنگيت جي ريڪارڊنگ
واري دنيا ۾ هيل تائين صرف solo گيت ئي چند محدود سازن کي ساڻ
ڳائيندي عوام تائين پهچنا هئا. پر ماسٽر چندر پنهنجي سموري ڄاڻ، فن
۽ هنر جو فيض پنهنجي سنڌي بوليءَ کي پهچائڻ لاءِ ان کي اڪيلي
ڳائڪ جي دائري کان ٻاهر ڪڍي سنڌي سنگيت ۾ پهريون دفعو Duet
گيت کي ريڪارڊ ڪرايو ۽ اڃا به اڳتي وڌي ريڪارڊن ۾ Chorus جو
اُپيوگ ڪيو. تاريخ شاهد آهي ته اهو ماسٽر چندر ئي هو جنهن H.M.V
جي بينر (Banner) هيٺ نه صرف پاڻ کي اوسر ڏيڻ چاهي پر پاڻ سان
گڏوگڏ ٻين به ڪيترن ئي منجهيل ڳلوڪارن کي ساڻ کڻي سنڌي
سنگيت ۾ دُگاني (Duet) ۽ Chorus جي پرمپرا جو پايو وڌو.

جيتوڻيڪ اسان هيڏي ڏکي دؤر کان هم ڪنار آهيون، جتي پنهنج
سنڌي سڀاڄها ئي سنڌي سنگيت ڏانهن غيرواقف رهندي پنهنجي
فرض ادائيءَ لاءِ پڻ ڪوتاهه نظر رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي ج
ڀارتيه سماج ۾ سنڌي سنگيت سگهارو هوندي به ڪو مڃيل نقا
(Music Critic) ۽ نه ئي هنن سنڌي سُرن جي ڪو پرک ڪندڙ پئدا ٿي
سگهيو آهي جو هوُ ٻُڌائي سگهي ته ماسٽر چندر ٻين ريڪارڊن ذريعي
ڪهڙو يوگدان ڏنو. انهن گيتن جا شاعر ڪير هئا ۽ اهي گيت ڪهڙ
سُرن تي آڌارت هئا وغيره. ۱۹۲۵ جي آس پاس ماسٽر چندر جي گيتن
کي Chorus سان سينگاريو انهان خاص هئا ”عاشق جو جنازو آ- ذر

ماستر چندر جو سنت ڪنوررام ۽ جيوٽي پائيءَ جي ريڪارڊنگ ۾ اهم يوگدان

ماستر چندر پنهنجي لکيل آتم ڪٿا ''مان ۽ سنگيت'' ۾ سنت ڪنوررام بابت لکيو آهي ''پهرين پهرين ملاقات سنت ڪنوررام سان روهڙي شهر ۾ ڊاڪٽر روچلنداس صاحب جي اوطاق تي ٿي...چاڪاڻ جو ڀڳت صاحب مهني ۾ هڪ دفعو ضرور ڊاڪٽر صاحب جن وٽ صلاح مصلحت وٺڻ لاءِ ۽ علاج جي بهاني ايندا هئا...ڪين ادب سان ''پائو'' سڏي رهاڻيون ڪندا هئا. مونکي 'چندر ڀڳوان' ڪري سڏ ڪندا هئا...مان گهڙو وڄائيندو هوس پاڻ مستيءَ ۾ مُراد فقير، درياخان ۽ ٻين درويشن جا ڪلام يڪتاري تي ڳائيندا هئا. مان ڳائيندو هوس ته چوندا هئا ''چندر ڀڳوان'' تنهنجي گلي ۾ سرسوتيءَ ديويءَ جو واسو آهي. تون ضرور چمڪندين...سندن نظر ڪرم اهڙي رهندي آئي جو گهرو ياتين وانگر ياڻ لڳا... فقط هڪڙي اکر عرض ڪرڻ تي منهنجي شهر نارو شاهه ۾ هليا ايندا هئا ۽ اچي منهنجي گروءَ جا ميلا ملهائيندا هئا...سندن سچي محبت جي اهائي نشاني آهي جو شهادت پائڻ کان فقط هڪ منٽ اڳ ياڪر پائي رُڪ جي سٽيشن تي موڪلايو اٿائون، پاڻ مانجهندن کان موٽيا ته مان لاڙڪاڻي کان - انٽرڪلاس ۾ سامان رکي وينس خبر پوڻ سان ساڻن ٿرڊڪلاس ۾ چرن وندنا ڪرڻ ويس گاڏي گهٽو وقت بيهندي هئي - ساڻن رهاڻين ڪرڻ جو چڱو موقعو مليو - بلڪل خوش پئي لڳا ۽ ڪاڏو پئي سيني کي ورهائي ڏنائون - فقط هڪ منٽ اڳ موڪلائي، سامان سانگي انٽرڪلاس ۾ آيس - بس جڏن ئي گاڏي ڇُٽي، تڏن گولي ڇُٽي...هاهاڪار مچي ويو.... هڪ منٽ اڳ جو مُشڪندڙ مهانڊو ڏٺم سو مُرجهائبو پيو وڃي... مان هزار بار نمسڪار تو ڪريان اُن صوفي قربدار اڳيان، جنهن جا سُريلا آواز ٻڌي مون سُرَ جي سُرت پرائي...'' ماستر چندر سنت ڪنوررام جي ياد ۾ ريڪارڊ پڻ پرايا ''آهي اُهو ارمان هليو ڪنور پيارو'' (No 16299 Record) ''لولي لولي ڪنور ڏيان ۽ لولي'' وغيره... ماستر چندر

لوڪ گيتن کي جديد ۽ روايت جي سنگم سان اعليٰ پختگي بخشي جو ٻنهي هنجي تاثير ۾ پنهنجو وجود وڃائي جهومندا رهن - ريڪارڊنگ جي دور ۾ ماسٽر چندر سان جيڪي سازينده هميشه ساٿ رهيا، ان مان خاص هئا سيٺي خان(ڪلورنيٽ تي) بشير احمد (وائلن تي) ناٿ (مئنڊولن تي) ڪرتارسنگهه (پيانو تي) فقيرو (سارنگي) نورو (طبلي تي) ڊبل پيرن جي هارمونيم تي پنڊت امرناٿ ۽ هن ڪافيءَ جي Music Arrangement ڪئي.

گيت:

تنهنجي به ڪجهه دل آهي
ٻڌ تہ راڻا
تنهنجي به ڪجهه دل آهي
او راڻا

هلڻ تو تنهنجو ٻڌائي - ملڻ تو تنهنجو ٻڌائي ۽ ڪلڻ تو تنهنجو ٻڌائي او راڻا.... تنهنجي به ڪجهه دل آهي

(۱) مان جي اچان، تون مُنهن تو لڪائين
مان تو وڃان، تون حشر مچائين
لڪي لڪي تو جهاتڙيون پائين
چو نہ تو اک اک سان اٽڪائين
شايد تو سهڻا شرمائين درد ڪي دل ۾ لڪائي...او راڻا
تنهنجي به ڪجهه دل آهي

(۲) ڪڏهن ڪُلونت، ڪڏهن مرُوت ڪڏهن عداوت، ڪڏهن صداقت
ڪڏهن آ ڪاوڙ، ڪڏهن آ اُلفت - ڪڏهن آ ناز تہ ڪڏهن آ نوڙت
ظاهر آڪڙ اندر ۾ الفت، نينهن وڏو ٿي نِوائي...او راڻا
تنهنجي به ڪجهه دل آهي

(۳) ڪنهن ڏينهن جي مونکي ڪين ڏسين تو، اندر لُڇين تو، پر نہ ڪُڇين تو
چَندر 'ڪٿي آ چندر' ڏلو ڪو، رمز سان راهه ويندن ڪان پُڇين تو
مان بہ سِڪان ۽ تون بہ سِڪين تو، سِڪڻ تو سڀ سمجهائي...او راڻا
تنهنجي به ڪجهه دل آهي

(۲) ڪنهن سان ملڻو پوندو مِلندس پيو
ڪنهن سان ڪلڻو پوندو ڪِلندس پيو
جتي رُلڻو پوندو رُلندس پيو،
پر دِل نہ ڪنهين سان لائيندس
تنهنجيون ڳالهيون ڪنور.......

(۳) نڪي درد نڪي فرياد اَٿم
تون سان آهين دل شاد اَٿم
تنهنجي صورت ساڳي ياد اَٿم،
پيو تصوُر دِل ۾ پچائيندس،
تنهنجيون ڳالهيون ڪنور.......

(۴) ڪنهن ٻئي کي 'چندر' ڪين چاهيندس
دُنيا سان دِل نہ لڳائيندس
نڪي پنهنجي دِل پرمائيندس،
بسُ توسان دِل بهلائيندس
تُنهنجون ڳالهيون ڪنور مان ڳائيندسُ
توکي پنهنجي ڪين ڀُلائيندس

سنت ڪنوررام سان مُلاقاتن جو سلسلو وڌندي محبت جي ميڪ اهڙي پُختي پئجي ويئي جو ڀڳت ڪنوررام جي پيڻ جو نالو هيڪند ٻائي هو تہ هوڏانهن ماستر چندر جي ڌرم پتنيءَ جي سچاٽپ بہ ساڳئي نالي سان هئي. نالو تہ هڪ بهانو هو پر ڀڳت صاحبن کي ماستر چندر جي محبت ايڏو موهت ڪري ڇڏيو جو جڏهن بہ نارو شاه يا ان جي آس پاس اچن تہ پنهنجي ان پيڻ کي ڪڏهن بہ ڪونہ ڀُلائن ۽ وڃڻ کان اڳ سيڙجي اچي خرچي ڏيئي پوءِ اڳيان وڃن. جيڪو رشتو سائين پيسورام تائين هلندو آيو.
ڀڳت ڪنوررام هر سال وسڻ گهوٽ جي ورسيءَ تي وڃي تہ ماستر چندر کي ضرور سڏ ڪري پر ڪهڙي نہ ڪهڙي بهاني ماستر چندر اُتي

پنهنجي ڪاريڪرمن دوران اڪثر سنت ڪنوررام جي صحبت ۽ ٻين ڳالهين جو ذڪر ڪندا رهندا هئا. HMV جي مئنيجر لالچند جي تمام گهڻي ڪوشش باوجود سنت ڪنوررام ريڪارڊ پرائڻ لاءِ راضي نه ٿيا. آخر لالچند ماسٽر چندر کي عرض ڪيو جو انکي خبر هئي ته سنت ڪنوررام جي ماسٽر چندر سان خاص دل آ ۽ انکي ڪڏهن به نه ڪندو - پر ماسٽر چندر اهڙي حُجت هلڻ پسند نه ڪئي. لالچند سان گڏ سائين امرداس صاحب (سائين سڪرامداس صاحب جا پتا) جي آستان تي سائين امرداس صاحب ۽ ماسٽر چندر جي ڳالهه کي سائين ڪنوررام قبول ڪيو- سنت ڪنوررام ريڪارڊنگ وقت مائڪرو فون يا ٻي Technical ڄاڻ، ڳاني جي شروعات وقت يا ڳاني کي ڪيئن ختم ڪرڻو آ وغيره سڄي جانڪاري ماسٽر چندر کان وٺندا رهيا - اهڙيءَ طرح ۱۹۳۵ ۾ هڪ ساڌارڻ مقام تي، سکر ۾ عارضي Studio اڏيندي پڳت ڪنوررام جا ڪجهه گيت ريڪارڊ ڪرايا ٠.

سنڌ جي مشهور ڳائڪا جيوٽيءَ ٻاٽي تي ”سنڌي لئنگئيج اٿارٽي آف سنڌ“ طرفان ’فرنگي موسيقيءَ‘ ۾ هڪ تمام خوبصورت ليک ۾ هڪ هنڌ ڄاڻايو اهي ته ”هڪ پيري شاهه قادريءَ جي ميلي تي اُستاد ٻيبوخان، اُستاد خيرمحمدخان، سيد قاسمعلي شاهه، پورو سِڪُ، ماسٽر چندر ۽ ٻيا فنڪار آيا. جيوٽيءَ ڳايو. محفل تي ڇائنجي ويئي چندر ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ سندس ريڪارڊنگ ڪمارخان جي موسيقيءَ ۾ ڪرايائين. پاڻ شاعرا به هئي.“

تُنهنجون ڳالهيون ڪنور مان ڳائيندسُ
توکي پٽلجي ڪن ٻڌائيندس

(۱) تنهنجي پريت جي مالا پُئندس مان
لڪي تو لئه سانول رڱندس مان
روئي ڳوڙهن سان مُنهن ڌُئندس مان،
پيو آب اکين مان وَهائيندس.
تنهنجيون ڳالهيون ڪنور.......

آڪاشوائيءَ جي ڏرو ڏيوار اندر اڀ ئي ڪري چڪو هو. جيئن ته ”واهه واهه ڙي ڳهڙا، وڄ وڄ ڙي ڳهڙا“ يا ”پلي منٿ ڪن پر ميان مان نه ڪڏهين، بنا عشق ڪجهه ٻيو قبوليان نه ڪڏهين“ ۽ ”راتا وڃ نه اُٿي جتي رانڙيون رهن“، ”ڪانگ تو لنوين، اڱڻ ۾ ڪانگ تو لنوين“ وغيره.

اِهو به سچ پنهنجي جاءِ تي برقرار رهندو ته اوچتي لڏپلاڻ سبب ماسٽر چندر جڏهن اباڻا اجها ڇڏي هندستان جي اَجنبي منزلن ڏانهن راهي ٿيو ته ڪيس ڪيتري ئي موسيقارانه خزاني تان هٿ ڪڻڻو پيو. ماڻهن ۾ ڏاڍي تمنا هئي ۽ جنهنجي پورائيءَ لاءِ اُهي ساڳيائي HMV طرفان ريڪارڊ ڪيل گيت، آڪاشوائيءَ جي معرفت ٻيهر ريڪارڊ ڪرائي عوام تائين پهچائيندا رهيا. آڪاشوائي دهليءَ جي External Service، معرفت ماسٽر چندر جي آڪاشوائيءَ جو تان ڳايل نوَن پُراڻن گيتن جو لطف سنڌ وارا به وٺندا رهيا. ماسٽر چنرد آڪاشوائيءَ مشهور ۽ معروف ڪلاڪار رهيو هو. A گريڊ ڪلاڪار طور تسليم ٿيل هو. ان ڪانسواءِ آڪاشوائي آڊيشن ڪميٽي جو جج پڻ هو. ڪيترن نون ڪلاڪارن جي آواز جي ٽيسٽ وني آڪاشوائي تي ڳائڻ جو موقعو ڏنو. هڪ دفعي 1965 ڌاري ماسٽر چندر جو هڪ گيت، جنهن ۾ ڪارن جي ساراهه ڪيل هئي، ريڊيو تان حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ عورت ٻڌو هو. گيت جا ٻول هئا :

ڪاري هر شيءِ پياري

ڪرشن ڪارو لڳي ٿو پيارو - ڏسو جڳت ۾ تنهنجا نظارا
ڪکر به ڪارا پاڻيءَ وارا - جنهن مان وَهي ٿي گنگا ڌارا

ڪاري مَسُ آ سِپن جي پياري - جنهن سان لِکن ٿا خط دل وارا
ڪوئل ڪاري لات نِياري - لَنوين سُريلا سُرَ نِتُ نِيارا
اکڙيون ڪاريون ڪيئن نه کُهن ٿيون-جڏهن ٿيون ڪن قاتل اِشارا
ڪارا ڪارا وار وٺن ٿا - ڪن واسينگن وانگر وارا
ڪاري هر شيءِ لڳي ٿي پياري،

جئن ’چندر‘ اکڙين جا تارا
ڪارن سان ڪر پيار پلي - پر پوُرن ڪان پَڇ پري پيارا

ڪونه وجي سگهي. هر ڀيري ماسٽر چندر کين نياپو موڪليندو ته سائين توهان اڪيا! ئي ڪافي آهيو، چندر به توهان ۾ سمايل آهي، بدنصيبيءَ سان ۱۹۳۹ ۾ ڀڳت ڪنوررام جي شهادت جو واقعو ٿيو ۽ نيڪ ان ڪانپوءِ وسط گهوٽ جي ٻهرين ورسيءَ جا ڏينهن آيا ته ڀڳت صاحب ماسٽر چندر سان سپني ۾ روح رهائيون ڪندي چيو، ابا ! هاڻي ته ويندين!!

ڪلام : سنگت ڦِٽائي ويا ٥

رُٺان چو نه سَرتيون، سنگت ويا ڦِٽائي
اُداسي هليا ويا، اُداسي بڻائي

۱. رهيا رات هڪڙي، صبح جو لڏيائون
مسافر ته هوا پر، ائين چو ڪيائون
ٻڌائي وڃن ها، مونکان موڪلائي...
رُٺان چو نه سَرتيون.......

۲. آيا سٺر لئه ها، ته ڪُجهه سٺر ڪن ها
ڏسن وائسن ها، رهن ها گهمن ها
اُميدون اندر جون، ويا دل ۾ دٻائي...
رُٺان چو نه سَرتيون.......

۳. خبر جي پوي ها، وڃن ڦا ويراڳي
ڪريان ها رهاڻيون، ’چندر‘ تن سان جاڳي
مونکان ڪين ڀُلندا، مونکي ويا ڀُلائي...
رُٺان چو نه سَرتيون، سنگت ويا ڦِٽائي.

ماسٽر چندر جون آڪاشوائيءَ تان سنگيت مئه سفر دوران انيڪ نيون رچنائون

سنگيت جا شائق شايد ڪيترين ڳالهين کان اڻواقف هجن جي ماسٽر چندر جي موسيقارانا سفر جو اهم حصو رهيون آهن. ورهاڱي ڪانپوءِ ماسٽر چندر ڪيترين نين رچنائن کي جنم ڏنو. جنهن مان ڪي هزماسٽرس وائس (HMV) ۾ پڻ ريڪارڊ ٿيون پر اُنجي تخليق گهڻو اڳ ماسٽر چندر

گهڙا او گهايل - مِٽيءَ جا ناهيل - سُرَ تا وڄن تو ۾ سارا
توکي وڄائن پيار سان ڳائن - عاشق مُحب موچارا
ساڻ ڪري يڪتارا...
واهه ڙي گهڙا تُنهنجا ڀاڳ ڀلارا...

1. سنڌ جا گهڙا تون سنڌ ۾ جائين
واڄٽ وڄائي هند ۾ آئين
اڄ ڪلهه توکي سِکو تو ڀائين - ڀائن توکي فلمن وارا
واهه ڙي گهڙا تُنهنجا ڀاڳ ڀلارا...

2. ڪهڙي گهڙا تو ڪَئي آ ڪمائي
مُحب هٿن سان ڪن پيا صفائي
سِکَ سان چاهن سعد سپاهي - توڙي هُجن سڪندرُ ۽ دارا
واهه ڙي گهڙا تنهنجا ڀاڳ ڀلارا

3. خالي آهين تہ خوب وڄين ٿو،
پوَئي ٿو پاڻي، تہ ڪين ڪڇين ٿو
اونڌو ٿين درياه ترين ٿو - تاريئہ سُهڻي ميهرپارا
واهه ڙي گهڙا تنهنجا ڀاڳ ڀلارا

4. سينهو ناهي سِرَ تي وِهارن
ڪي ڪي ’چندر‘ چيلهہ تي چاڙهن
ٻانهن وَرائي ٻاڪيون پائن - توکي چاهن سڀ دل وارا
واهه ڙي گهڙا تنهنجا ڀاڳ ڀلارا

ماسٽر چندر - پئدائشي فنڪار
عوامي(LIVE) پروگرام دواران ٿيل رچنائون

هن ڌرتيءَ تي انيڪ انسان الڳ الڳ ڪردارن ۾ پنهنجو رول نڀائي هيءَ دُنيا ڇڏن ٿا. پر اُهي ڳاڻ ڳٽيون شخصيات هونديون آهن. جيڪي فن، علم، هُنرُ پاڻ سان کڻين ايندا آهن ۽ سنسار ۾ رهندي پنهنجي روزانہ زندگيءَ ۾ اهو ڪجهہ ڪري ڏيکاريندا آهن جو دماغ- چرخ ٿي ويندو آهي. سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر بہ ساڳي صنف ۾ شُمار ٿئي

آن عورت لَئي موڪليو هو ته ماستر چندر! حن ڪان ا ٻ تو اهڙو سنو
ڪلام ڪڏهن نه ٻڌايو آهي. ماستر چندر سمجهي ويو ۽ لئي
موڪليائينس: ''ادي ڀيڻ! خط تنهنجو پهتو. وڏي مهرباني پر اهو تـ
ٻڌاءِ تون رنگ جي پڪي ته نه آهين؟'' جواب آيو : ادا چندر تون تـ
ڪو اولياءُ آهين. منهنجو رنگ اهڙو پڪو آهي جو اُس ۾ به نه ڦِٽي!!

ڪلام : ڪارن سان پيار ڪر

ريڊيو ريڪارڊنگ،

سُهڻن جي چڏي صحبت ڪارن سان پيار ڪر ڪر
سهڻن سان دل لڳائي، ڌاڪا نه کاءُ در در
سُهڻا نظر ۾ هوندا، عاشق هزار ڏيندا
ڪارا نظر کان بچندا، هم راز هڪ سان رهندا
جن مان نه فائدو آ، تن سان نه ڪر تون لَر لَر

2. ڪارا حياءَ سان هلندا، سُهڻا سڏيندا ويندا
ڪارن جو يار هڪڙو، سهڻا سوين ڦٽيندا
جِن مان نه فائدو آ، تن جو نه ڏيان ڏر ڏر

3. سُهڻن جي سڪندڙن کي سوُ سوُ رقيب هوندا
ڪارن کي عاشقن کي هر هنڌ حبيب هوندا
تنهن جي ڪري نه آهون، سُهڻن جي لاءِ پر پر

4. سُهڻا ڏسڻ ۾ سُهڻا، ليڪن اندر جا ڪارا
سُهڻا پليت دل جا، ڪارا ئي قرب وارا
پيغام هيءُ 'چندر' جو پَرسا پُڄاءِ گهر گهر
سهڻن جي چڏي صحبت ڪارن سان پيار ڪر ڪر

ماستر چندر آڪاشواڻي جي پروگرامن ۾ ڪيترن ئي گيتن ئي
مشهور ڪيو پر سڀ کان وڌيڪ لوڪپريه گيت، جنهنجي اڄ فرمائش
ايندي آ سو آهي ''واهه واهه ڙي گهڙا...وڃ وڃ ڙي گهڙا...

واهه واهه ڙي گهڙا

واهه واهه ڙي گهڙا ; وَڃُ وَڃُ ڙي گهڙا

ڪي آچ ڪندو هو تہ پل هو پنهنجي جيون جي ڪهڙي بہ آتسڪنا کي بيان ڪن جيئن تہ هر انسان کي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي ضرورت رهندي آ پوءِ ڪير اُتي پڇندو هو تہ 'سائين ڳائڪ کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت ٿيندي آ' وري ڪير پڇندو 'پل' واپاريءَ کي ڪهڙي ڳالهہ جي ضرورت ٿيندي آ؟' جنهنجو حلُ وري شاعريءَ ۾ ماسٽر چندر اُتي جو اُتي هيئن پيش ڪندو هو.

ضرورت

انسان کي رهي ٿي، سنسار جي ضرورت
سنسار ۾ رهي ٿي وهنوار جي ضرورت
ڪوڙن کي سدا رهندي اشتهار جي ضرورت
سچ کي ڪڏهن تہ رهندي، اخبار جي ضرورت
ڳائڪ کي سدا رهندي سُرتار جي ضرورت
بي تار کي نہ رهندي لئڪار جي ضرورت
ڀڳتن کي سدا رهندي ڪرتار جي ضرورت
مشتاق کي رهي ٿي منٺار جي ضرورت
لوڀيءَ کي سدا رهندي ڪلدار جي ضرورت
نوڳيءَ کي سدا رهندي مُردار جي ضرورت
سُستن کي سدا رهندي سرڪار جي ضرورت
چُستن کي رهندي ڪم ڪار جي ضرورت
هاريءَ کي سدا رهندي هرنار جي ضرورت
مسڪين کي رهي ٿي سهڪار جي ضرورت
نادار کي رهي ٿي زردار جي ضرورت
زردار کي رهي ٿي واپار جي ضرورت
سنگدل کي سدا رهندي انڪار جي ضرورت
سڪندڙ کي سدا رهندي اقرار جي ضرورت
سُهڻن کي سدا رهندي سينگار جي ضرورت
عاشق کي 'چندر' رهندي ديدار جي ضرورت

ٿو. جنهن ان دور ۾ ڪلامُ رچڻ، انهي سنگيت سان سجائڻ، پاڻ ئي ڳائڻ ۽ ريڪارڊ جي ماڌيم سان گهر گهر تائين پهچڻ اهو سڀ صرف ماسٽر چندر جي انفرادي شخصيت جو حصو هو.

مونکي اڄ بہ ياد آهي منهنجي عمر 13-12سال مس هُئي. اجمير ۾ ماسٽر چندر جو Live پروگرام هلي رهيو هو ۽ ٻڌندڙن جو شاهي انبوهہ انکان لطف اندوز ٿئي ان وچ ۾ ڪنهن آئر ڊيڪاري اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اجازت وٺندي ٻاهر جو رُخ ڪيو تہ اُن ئي وقت ماسٽر چندر ٺهہ پهہ هڪ نئون ڪلام شروع ڪيو. جنهن اڃان نہ ئي شعر جو روپ ورتو هو نہ اُنجي ڪا ڌُن (Composition) ٿي هئي نہ ئي انکي ڪنهن عظيم فنڪار جو آواز مليو هو. اُهو ڪلام هو.

نوان نَموُنا

وِهڻ جا نموُنا اُٿڻ جا نمونا

هلڻ جا نموُنا سکئين يار ڪنهن ڪان

1. **سدا جئين سُهڻا هُجئي شل حياتي**

جَڏي تو وجين ڇو ڇني مُنهنجي ڇاتي

بنا ڏوهہ سِرَ تي وَهائين تو ڪاتي

کُهڻ جا نَمونا سکئين يار ڪنهنڪان....

2. **وڃي تو تہ سهڻا ڏيئي- وڃُ نِشاني-**

ڪندين قرب جاني- مَڇان مهرباني

سُجهي تو دُنيا ۾ نہ تنهنجو ڪو ثاني

رُسڻ جا نمونا سکئين يار ڪنهنڪان....

3. **اول دِل لڳائي ۽ نظرون ملائي،**

ڪري گهوُر گهائيءَ ، چندر ڪي چتائي،

وري گهندُ مُنهن ۾ وجهي شور پائي-

ڏسڻ جا نمونا سکئين ڪنهنڪان....

ماسٽرچندر نہ صرف هڪ راڳيندڙ ۽ منجهيل موسيقار هو هڪ بيگانو عالم ۽ مفڪر پڻ هو- ڪيترن ئي پروگرامن هلندي پاڻ تمام حاضرين

مهيش کان شروعاتي دور ۾ ئي مهيش کي شاستريه سنگيت جي مڪمل ڄاڻ ڏيندي پنڊيپ، ياڳيشري ۽ ٻين راڳڻين سان گڏ سنڌي ڪافيون پڻ ڳارائيندا هئا. ماستر چندر جو اهو پيشنگوئي سچ پچ حقيقت جو روپ ورتو، جڏهن ڪجهه سال پوءِ اڳتي هلي، مهيش چندر نه صرف سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ پر پوري ڀارت جي سنگيت ۾ مقبوليت جون بلنديون ماڻيون. مهيش چندر جي ڪمپوزيشن کي ڀارت جي هندي فلمن ۾ توڙي غزل گو گائڪيءَ کي هڪ خاص مقام حاصل ٿيو. ايتري قدر جو ١٩٩٨ دوران اُن وقت جي ڀارت جي پرڌان منتري اٽل بهاري واجپائيءَ خود پنهنجيءَ شاعريءَ کي مهيش چندر جي سهڻي سنگيت سان سجائيندي ''گيت نيا گاتاهون H.M.V. جو آلبم سنگيت شائقن آڏو پيش ڪيو.

مهيش جو فرزند گَورَو (Gaurav) Graduation ڪرڻ کانپوءِ دادر ممبئيءَ ۾ Mutual Funds توڙي Financial Adviser طور شيوائون ڏيندي پنهنجي والد صاحب سان گڏ سالن کان هلندڙ سنگيت پروگرامن'' سر چندر جا-رات چندر جيءَ ۽ ''سر نوان - نغما نوان'' جي آيوجن ۾ مڪمل طور سهيوگي ٿيندو رهيو آهي. مهيش چندر جو فرزند گورو پنهنجي نوڪري/ پروفيشن سان نڀائيندي پنهنجي پتا صاحب کي هر پروگرام ۾ صلاح مصلحت ۽ پروگرامن جي آيوجن ۾ پورو سهڪار ڏيندو آهي. گورو جي پتنيءَ جو نالو ڊاڪٽر شرڌا چندر آهي. هوءَ ڊائٽ ڪنسلٽنٽ/ نيوٽريسنٽ آهي. مشهور هاسپٽل ٻيچ ڪئنڊي سان جڙيل آهي. ڪيس باندرا ۾ پنهنجي ڪلنڪ پڻ آهي.

مهيش چندر جي وڏي نياڻي جيا Graduation ڪرڻ سان گڏ سنگيت سکيا جو اڀياس ڪندي، هينئر گرهست جيون اُديوگپتي هيمنت لکواڻي سان گڏ والد صاحب جي پير ۾ دادر ۾ ئي رهندڙ آهي، جنهنکي هڪ پٽ هرش ۽ هڪ نياڻي آشنا آهي.

ڪٽنب جي ٻين ڀاتين ۾ مهيش جا 2 وڏا ڀائر گوپ ۽ هري ٻه ننڍي هوندي کان سُر ۽ تال سان وابست رهيا آهن. سنڌ جي سنگيت پريمين جي اُچ متائڻ لاءِ ماستر چندر سان گڏ محبت جو پيغام کڻين 1955 ۾ لاڙڪاڻو، پنوعاقل، نوشهرو ٻين ڪيترن شهر مان رٿن ڪندي H.M.V. جي

آلاپاسنگر پتھرين ۾ پيڳناٿي ڊولڪ وادڪ ٺانورداس هرسال سنت
ڪنورام جي ميلي تي ماستر چندر کي ضرور ڳرائيندو هو تہ رات جو
ٻين ٻجي ماستر چندر جو ڪاريہ ڪرم رکندا هئا جيئن هزارن ۾ آيل
ماستر چندر جا شائق وينا هجن ۽ ميلو متو رهي- هڪڙي سال تہ ايتري
خلق جو ماسترچندر کي ڪُلهن تي ويهاري اِستيج تائين وٺي ويا-
ائين پرگرام هلندي وچ مان هڪ ماڻهو اُٿيو ۽ چيائين، 'پڳت صاحب
مونکي هدايت ڪيو جيئن مان خوش گُذاريان' ماستر چندر ڪلندي
تمام خوشنما ماحول ۾ چيو : **'ڪڻ قلم ۽ لِکُ'.**

هدايت :

چڱا چار چون تن جي ڳالهہ مڃڻ
دل جي ڳالهہ سچي جوء سان نہ ڪرڻ
مُکي راجا اڳيان سچ ڳالهائڻ
ڪنهن ۾ عيب ڏسڻ، تنهن کي تُرتُ ڍڪڻ
ٻيا ڪم ڇڏي ست سنگ کي ٻڌڻ
اهي پنج ئي وچن جي تون پاڙيندين
پڪ آهي 'چندر' خوش گهاريندين

ماستر چندر جو ڪٽنب

ماستر چندر جي گهر جو سمورو ماحول فنڪارانا ۽ سنگيت مئہ رهيو
آهي- هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي فنڪارانا صلاحيتن لاءِ
پنهنجي ٽئين نمبر فرزند مهيش چندر کي وارث ڪري مقرر ڪيو هو
مهيش اڄان ٨ سالن جو مس هو جو ماستر چندر ڪيس پاڻ سان گڏ هر
پروگرام ۾ وٺي ويندو هو ۽ مهيش ۾ 'هنکي اهو ڪجهہ نظر ايندو هو
جو معصوميت واري دور ۾ منچ تي اُٿاري بهاري ڪائنس ڳارائيندو هو
تہ جيئن هزارن جو مجموعو مهيش کي ٻڌڻ سان گڏ ڏسي بہ سگهي
اتفاق سان ماستر چندر مهيش ۾ اُهي سمورا گڻ ڪوٽان ڪوٽ پري
ڇڏيا جي هڪ منجهيل سنگيتڪار ۽ گائڪ لاءِ ضروري هوندا آهن. هو

ڳائيندي ڇيو ”سنگيت آچاريه ماسترچندر جي ڪيترن ئي
ريڪارڊن جي تمام پُراڻي هئڻ جي ڪري، اسان مڙني فنڪارن
جو اهو فرض ٿو ٿئي ته انهنڪي نئين سر وري ريڪارڊ ڪرائي
انکي محفوظ ڪجي.“ اڄ ماسترچندر جي ڳائڻ جو Remix سڄي
سنڌ جي ڳلي ڳلي ۾ وڄي رهيو آ. ماسترچندر جي هيءَ پُراڻي
ڪافي جنهنجي فرمائش جناب ممتاز لاشاريءَ ڪي هر پروگرام ۾
ٿيندي آ.

گايڪ : ماستر چندر

شاعر : ماستر چندر ۽ ضيا

حُسن جو باغ

هيءَ آس اٿم حُسن جو هڪ باغ بڻايان
ڏئي عشق جو پاڻي اِهو آباد ڪرايان
سڀ ناز ۽ انداز وارا سهڻا سڏايان
هي آس اٿم حسن جو هڪ باغ بڻايان...

1. عاشق جي حسينن کي ڏسڻ لاءِ سڪن ٿا
معشوق جيڪي پنهنجي محبوبن لئه مرن ٿا
آهون ٿا ڀرن پر نه ڪڏهن منهن سان ڪُڇن ٿا
مُحبن لئه ملڻ واسطي اندر ۾ لُڇن ٿا
داوت مان ڏئي باغ ۾ سيني کي گُهرايان.
هيءَ آس اٿم حسن جو هڪ باغ بڻايان...

2. سيني کي چوان صرف اِجازت آ ڏسڻ جي
موڪل آ فقط دُور کان ديدار ڪرڻ جي
بي ناهي اجازت ڪا ڇُهڻ جي ۽ ملڻ جي
موڪل آ فقط شربتي ديدار پئڻ جي
مشتاق سيئي اهڙي طرح راضي ڪرايان..
هيءَ آس اٿم حسن جو هڪ باغ بڻايان...

خواهش تي اَتي سنڌ ۾ پڻ ريڪارڊ پيرائي آيا جي اڄ تائين بہ سنڌ جي گهر گهر ۾ ماستر چندر جون سڪون پيا لاهن. هينئر بہ ٽوپ نيويارڪ ۾ رهندي پنهنجي ٻارن آرتي راڄ، هريش ۽ انيل کي ساڻ ڪري امريڪا-ڪئناڊا ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ سنگيت پروگرام ڏيندو رهندو آهي.

جڏهن تہ ماستر چندر جو ٻيو نمبر پٽ هري ننڍي کان ئي ڪوهڪ نہ پر سيپئي ساز وڄائڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ خاص Accordian تي HMV جا پرايل ريڪارڊ اڄ بہ گهر گهر پيا گونجندا آهن. اڄ ڪلهہ هو ممبئي پر Income Tax Consultant طور انتهائي نامور شخصيت جو مالڪ آهي، انجا بہ ٻار وويڪ ۽ آنند باندرا ۾ ڪنهن Executive پوسٽ تي سلسليوار خدمات انجام ڏئي رهيا آهن.

ماستر چندر کي ٽن پٽن سان گڏ، ڌيءَ جي نعمت سان ۵ نياڻيون بہ عطا ٿيون، جن مان چار ڪملا، ڪوشليا، مونا ۽ سندري ممبئيءَ ۾ سلسليوار، نيپن ٻيلاٽي، رام ناواٽي، ڪمار ڪيسواٽي ۽ اندر ٽيڪچنداڻيءَ سان گرهست جيون ۾ مشغول آهن، جڏهن تہ پنجين نياڻي پدما، وشن جپاني سان گڏ بئنڪاڪ ۾ رهندڙ آهي.

سنڌ ۾ ماستر چندر جو ڪلام اڄ بہ نئون آ

تازو ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ سنڌ جي وڏي ڳائڪ جناب ممتاز لاشاري سان فون تي ڳالهائڻ ٿيو، جيڪو اڄ پاڻکي ماستر چندر اسڪول جو هڪ ادبي شاگرد ڪري سمجهي ٿو جيتوڻيڪ گهر گهر ۾ هينئر انجا ڪيترائي ڪلام ڏينهن رات ٻڌا وڃن ٿا ۽ ماڻهون انجي آواز تي مُفتون آهن پر پوءِ بہ انتهائي صدق ۽ صداقت وچان مونکي ٻڌايائين ادا ڪلام تہ اسان ڪيترا ئي ڳايون جيڪو حظُ ماسترچندر کي وري وري ڳائڻ ۾ اَچي ٿو يا جيڪا مقبوليت جيڪي ماستر چندر جي ڪلامن دواران ملي ٿي. ان لاءِ مون ضروري سمجهو تہ گهٽ ۾ گهٽ فون تي اوهانجي شڪريہ ادائي ڪري سگهان.

ڇهو ئي وقت اڳ مرحوم محمد يوسيف سنڌ جي مشهور ۽ منجهيل فنڪار ماسترچندر جا ڳايل ڪلام هي ڪئسيٽ ۾

نئين سنڌي عوامي راڳ جو موجد آهي. اهڙا ڳالهه چٽي ۽ مڪمل چئبي ته چندر، پنهنجي ڳائڻ جي نرالي رنگ ڍنگ جو پاڻ ئي خالق آهي. چندر کان اڳ اهڙو ئي ڪو چٽو مثال گهٽ ۾ گهٽ مونکي ڪونه سُجهي البت چندر جو نقل، اهل، پيروي پوءِ گهڻن ئي ڪئي.''

''اهو هڪ اتفاق چئجي يا خوشقسمتي جو ماستر چندر سنڌي قوم ۾ جنم ورتو. جنهن پنهنجي آواز ۽ شاعريءَ ذريعي سنڌين کي عشق مجازي ۽ عشق روحانيءَ جي عميق ۾ سالن تائين ٽُٻيون ڏياريون.....

شعر

هڪ شونق، اٿم دل ۾ جي بڌو ته بڌايان
عوشاق سڀ ڪٺا ڪري هڪ شهر بڌايان
بيو قُرب جو قلعو بڌي کي گهايل گهرايان
۽ محبتين کي ميڙي هڪڙو ميلو لڳايان

بِيا وَکر سڀ وساري وَکرُ عشق رکايان
حاڪم جي هجان ملڪ جو ته حڪم هلايان
۽ عشق عدالت جي پاور جي مان پايان
جو عشق کان خالي ڏسان سو قتل ڪرايان

پربوه لڳل يارن لئه بنگلو بنايان
سڪ وارن جي لاءِ سني سيجا وڇايان
ڪو سوز ۾ سڙيلن کي مان دم ته پٽايان
جي دَمُ نه ڏنم درد ۾ ته نالو مٽايان
مِلي عشق شهادت تڏهن مان 'چندر' چوايان.

حُسن وارن جا نمونا

ڪنهنڪان سِڪئين سهڻا سڄڻ، سڀ ته بُڌاءِ ڪڏهن سِڪئين مارڻ جا، ڳارڻ جا، ساڙڻ جا يار نمونا، اِهي يار نمونا....

1. ڪڏهن تو ڪرين جهيڙو ڪڏهن پيار ڪرين تو
ڪڏهن تو رهين ساڻ، ڪڏهن ڌار رهين تو

3. ’چندر‘ کي چوان باغ ’ضيا‘ آهي ٻڻايو
سڀ حُسن جا پوڄاري پنهنجا پير گهمايو
سڀ سوز جا ۽ سڪ جا اچي ساز وڄايو
۽ عشق جو آلاپ عُشاقن کي ٻڌايو
جيئري ئي مزو بهشت جو سيني کي وڻايان...
هي۽ آس اتم حسن جو هڪ باغ ٻڻايان...

ماسٽر چندر جي ڪلامن، ڪافين گيتن جون ڪيتريون ڪئسيٽون پڻ بازار ۾ اچي چڪيون آهن. انهن مان **”سَسئيءَ جا سور“، ”ڪوئل- ڏيپچند جي ڪهاڻي“** موويڪ ڪمپنيءَ جون نڪتل آهن. **”شاه سچل سامي“** ۽ **”ڪبوتر-ڪبوتر“** انڊيا ٻڪ هائوس وارن ڪڍيون آهن ۽ **”اڃان تہ ائٽ-مان ننڍڙي آهيان“ ”هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ“ ”مارو ۽ مارئي“** ۽ **مَذاقي ٽوٽڪا“** ٽپس ڪمپنيءَ وارن جو نڪتل آهن.

ورهاڱي کانپوءِ هند ۾ ٺهيل سنڌي فلمن اباڻا **جهوليلال لاڏلي، سنڌوءَ جي ڪناري، سنت ڪنورام** وغيره فلمن ۾ ماسترچندر پنهنجي اداڪاريءَ جو جوهر ڏيکاريو ۽ هنن فلمن ۾ پلي بئڪ ڏنو اباڻا فلم ۾ ڳايل گيت **”وطن کان جُدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا.“** اڄ پڻ ورهاڱي جي ياد ۽ اباڻن جي ياد تازي ڪري ڇڏي ٿو. جهوليلال فلم ۾ ڳايل گيت **”سيئي جون سدائين“، ”تون ئي آسون پڄائين، جهوليلال سائين جهولي جهوليلال سائين“** ڀڳتي سنگيت جو امٽ مثال آهي. سنڌين دلين کي آٿت ڏنو. **لاڏليءَ** ۾ ڳايل گيت **”شل هي زمانو ڪنهن کي نہ رُلائي“** ماسترَ چندر فلمن ۾ جيڪي بہ گيت ڳايا آهن اُهي فلمن جي بين گيتن جي ڀيٽ ۾ الڳ ٿي بيهن ٿا. اڄ بہ سدا حيات ۽ امر گيت آهن.

جيڪو عشق کان خالي ڏسان سو قتل ڪرايان

سنڌ جي مشهور اديب ذوالفڪار راشديءَ موجب ”چندر نہ رڳو سنڌي ڪافي ۽ ڪلام جي لفظي ڪايا پلٽ ڪري ڏيکاري، پر ان کي هڪ نئون انداز، آواز، لهجو، وڄت ۽ طرز ادا ۽ عطا ڪئي. اهڙي طرح هو

مون پُڇيس کهڙيءَ ڳليءَ ۾ گهر اٿئي مونکي ٻُڌاءِ
شوخ تي يڪدم چيائين، وڃ هلي سِرُ نہ کپاءِ.

اِن چيو ظالم جي تيو تا چو تا ڦهرين پيار ڏيو
بي خبر تي ناز سان نهاري وري تڪرار ڏيو
هن چيو ڪُجهہ هوش ڪر، واهيات چو واڪا ڪرين
چِٽُو پلا ڪهڙو اٿي مطلب جو تو ايڏو رڙين

مون چيو هيءَ جان آ اچ ڪان وني توتان جُڙي
گهر ٻُڌاءِ ڪاٿي اٿئي من مان اچان ڪو دم لڙي
لال تي ويس رُخ صفا، منهن پي ويس مون ڏانهن ڦري.
هلڻ تي هو وک وڌائي، مون چيس بيهہ ڪا گهڙي

ڪاوڙ چڙي گهر جو پتو ڏي ناز مان مُشڪي وري
نائنءُ ڏٺيءَ جي رحم ڪر، سنگدل نہ تيءَ ويندس مري،
هُن چيو ڪجهہ ڪين ورندءِ سوُر سختين ڪانسواءِ
ويندي چيائين هيئن فقط، پَل مَرُ وڃي مان ڇا چوانءِ

مون ڏنو روئي ڏنم ماري نظر گم تي ويو
تہ اچي درويش هڪ مونکي هدايت ۾ چيو
اي چندر چو تو روئين بس ڪر منا ڪو غم نہ ڪر
ڪر وڃين جيئن مان چوانءِ، دل کي وڏو ڪر، غم نہ ڪر.

ڪافي (شاستريہ سنگيت تي آڌارت)

تال : ايڪ تال

دِلڙي نہ ڪر ماندي - پِرَ ڏي تي وڃُ پاندي
سُهٽل سندو جي سور - دل ۾ پچائين پور
نوُر ۾ ني ويندين نوُر - برهہ جو تيندين باندي...
دلڙي نہ ڪر ماندي..

ڪڏهن تو ڪرين خوش ڪڏهن بيزار ڪرين تو
تو روز ڏسان تنهنجا اڪيچار نمونا - اڪيچار نمونا....

2. سچ پڇ تہ توکي مون ئي آهي ناز سيکاريو
هٿ ساڻ توکي ظلم جو رستو مون ڏيکاريو
تڏهن پي سچڻ تو ڇو منهنجو تورو وساريو
اُستاد کي تون هاڻي نہ ڏيکار نمونا - ڏيکار نمونا....

3. عاشق مان تيس توکي مون معشوق بڻايو
مان قرب جي ڪاتيءَ سان آهي پاڻ کُهايو
تڏهن بہ 'چندر' کي ۽ 'ضيا' کي آ ستايو
ڪرهاڻ اهي بند تون سرڪار نمونا - سرڪار نمونا....
اِهي يار نمونا - اِهي يار نمونا....

ڊاڪٽر موتي پرڪاش ٻڌائي ٿو. ''ماسٽر چندر جي سادن سوُد
لفظن ۾ هُئي جوان دلين جي بيتابي ۽ بي چيني، عاشقن جي آهن
محبوب جي ماڻن جو اِظهار، محبت ڪندڙ دلين جون بيشمار آزيون
ستمگرن جون ارڏايان ۽ انڪار جيڪي سنگيت جي سُرن ۾ سمائج
دلين ۾ پيهي ويندا هئا...''

پوپٽي هيرانندڻيءَ موجب ''هڪ تہ سندس اندرا بيان نرالو
بيو سندس شعر ۾ گفتگو جو نمونو هو، ٽيون تہ هن جي راڳ ۾ عاشق
معشوق جي حاضر جوابي هئي....

حُسن وارن جا ظُلم

هڪ دفعي، جيئن سئرلئہ سانجهيءَ جو نڪتس شونق مان
پريان ڏٺم ٽولو حسينن جو اچي پيو ذونق مان
ڏسڻ سان مدهوش ٿي ويو هوش پڻ ڪنهن راز ٿي
ناز تي، رفتار تي، گفتار تي، انداز تي

سڀ ويا نڪري فقط هڪڙي نهاريو ناز مان
مون چيو دل ۾ وڏيءَ واقف تہ ٿيان هن راز مان

ڪافيءَ تان متاثر ٿيو ”ڪيا هن حسن عشق تي گهرا“ HMV ۾
رڪارڊنگ دوران انيڪ ڀيرا نوشاد صاحب به ماستر چندر جي صحبت
۾ ازغيبي تسڪين محسوس ڪندو هو نه صرف اُتي پر ڪيترا ڀيرا
اسانجي شواجي پارڪ (ممبئي) واري گهر سيڙجي ايندو هو - سنڌين
جي لاڏلي ميوزڪ ڊائريڪٽر بلوسي راڻي هندي فلم ’مغرور‘ ۾ گيت
”ستمگر ستمگر ستمگر“ ماستر چندر جي مشهور ڪافي ”ڪبوتر ڪبوتر
ڪبوتر“ جي طرز ڪي جيئن جو تيئن ريڪارڊ ڪرائي ٻاهر ڪڍيو -

دل لڳيءَ جو ڳالهيون

اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن
کهڙيون ٻڌايان، هت بيشمار آهن

1. مومل هئي ڪاڪ تي ڪيئن ڪونڌر هزار کهندي
مومل ڏنم اهائي راڻل جي لاءِ روئندي
ڪٿ مومل ڪٿ مينڌرو - ٻئي ڏار ڏار آهن
اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن

2. سسئي به هوت خاطر ڪيئن موت هو قبوليو
پهڻن سان سِرُ ڦٽائي، پٿرن تي پاڻ روليو
ڏرتيءَ ٻئي ڏٻايا، شاهد ڳنوار آهن...
اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن

3. او دل لڳائيندڙهن پڙ ۾ نه پير پائج
منزل ذرا ڏکي آ، دل سوچي سمجهي لائج
گل کي چنبڙ سنڀالي، گل سان خار آهن...
اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن

4. بُلبُل به ڏنم مون وٽ رُئندي خزان ۾ آئي
گل ڪانسواءِ ڇپائين، دل ’چندر‘ آ گهبرائي
خوش ٿي به ڪيئن سا ڪلندي، جنهن کي خُمار آهن...
اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن

ماسٽر چندر جو ايجاد ڪيل بي بها طرزون

ماسٽر چندر جيڪي طرزون يا ڌنون ايجاد ڪيون اهي سڀ
اصلوڪيون آهن، جيڪي هن جي ڳائڪي جي اصليت جو اظهار ڪر
ٿيون. جيئن تہ **’هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ‘ لوڙائو ڀهاڙيءَ** ۾ يا **’رُنائي رهن پ**
هجن حياتي لوڙائو ڀيرويءَ ۾ سنڌي راڳڻين تي ٻڌل هي ڌنو
انڪانسواءِ ٻئي ڪيترين ئي ماسٽر چندر جون تيار ڪيل ۽ عوام
قبول پيل ڌنن کي اڄ بہ هند سنڌ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ پيش ڪي
وڃي ٿو. اِرادي يا غيراِرادي ماسٽر چندر جي ڳائڪي ۽ ان جي طرز
جي اثر کان ٻاهر نڪرڻ سنڌي لوڪ ڳائڪ لاءِ مشڪل ئي رهيو آهي
نہ صرف پنهنجي سنڌي جاتيءَ جا بلند پايہ ڳائڪ ۽ موسيقار برصغي
هندو پاڪ جا مڃيل سنگيتڪار ۽ گلوڪار پڻ ماسٽرچندر جي ڌنن کي
ماسٽرچندر جي رچنائن کي، ڪانئس اجازت وٺندي مشهور معروف
سنگيتڪارن هندي فلمن ۾ نہ صرف دوهرايو آهي پر انهن ئي ڌن
جي معرفت کين بي تحاشا مقبوليت پئي ملي آهي- انهن سمور
تفصيلاتن جو ذڪر ڪرڻ هتي ممڪن ناهي ٿوري ۾ ائين چئجي
ڪجهہ سال اڳ KTN Satelite Channel معرفت محمد قاسم ماڪا ه
هفتي سنڌي موسيقيءَ جي شاهوڪاري بابت پروگرام ڏيندو هو. جنه
۾ ڪيترائي ڀيرا ماسٽرچندر لاءِ عقيدت جا پُشپ پيٽ رکندي ڏاپند
ئي نہ هو. هن نہ پوري سنڌ ۽ انهن تمام 32 ملڪن کي جتي KTN ڏن
وڃي ٿي پنهنجي شائقن کي، پنهنجي ناظرين کي کُليو کُلايو ٻڌايو
نوشاد جهڙو عظيم موسيقار، جنهنکي **’ميلا‘** فلم جي Title گيت ’’
زندگي کي ميلي، دُنيا ۾ ڪم نہ هونگي‘‘ ۽ **’’ڇوڙ بابل ڪا گه**
موهي پي ڪي نگر اَج جانا پڙا‘‘ اهڙن وار ڪڙا ڌنن لاءِ ياد ڪيو وين
آهي خود اهي ڌنون بہ نوشاد جون پنهنجون نہ پر اُنجي همدم رفي
دوست جون هيون، جنهن انڪان گهڻو وقت اڳ سنڌي سنسار کي اه
گيت ڏنا **’’اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن‘‘** ۽ **’’جنهنڪ**
دلڙي ڏيڻ تنهنکان ڌار ٿيڻ چڻ تہ **آهي مرڻ‘‘** جي طرز تي ’چ
بابل ڪا گهر...‘ جي فلم ’’سنياسي‘‘ ۾ پڻ نوشاد، ماسٽر چندر جي



سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

- گوپ چندر (آمريڪا)

سنڌين ۾ سر جو سرتاج، هو ماسٽر چندر
هو پهريون سنڌي هو قابل، گراموفون سنگر
(1920) اُن وقت ڳائيندا ۽ وڄائيندا هئا ميراثي
ٻيو مندرن ۽ مڙهين ۾ ڀڳت ۽ اُداسي
عاشق ۽ عشق جي لفظ کان، هئي سنڌيءَ کي نفرت
ليلا مجنو هير رانجهي جي قصن لاءِ، نہ هئي ڪا عزت
هندن ۾ نرتيہ ۽ سنگيت لاءِ، ڪو مان نہ هو
شعر و شاعري ۽ ساز وڄائڻ، ڪو شان نہ هو
تنهن وقت هڪ ننڍي ڳوٺ ۾، سنگيتڪار جو اَوتار ٿيو
شهر ناروشاه ۾، چندرمان جو چمتڪار ٿيو
جنم 1907 ڊسمبر تاريخ 9، گيتا جينتيءَ تي جائو
مائٽن کي هو ٻار هڪڙو، ٿيو لايو سجايو.
اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾، کٽيائين ڪيئي اِنعام
مئٽرڪ پاس ڪري، سنگيت سان پاڙيائون اَنجام
دوست ۽ مٽ مائٽ چوندا هئس، ڳائڻ وڄائڻ ناهي ڪم هندن جو
اَڙي چندر ڪو ٻانهن بہ ڪونہ ڏيندءِ، نالو ٿو ٻوڙين سنڌين جو
وڃ ڪاليج ۾ ڪو ڊاڪٽر يا اِنجنير ٿيءُ، يا ڪو ڪر ڌنڌو ڌاري
خانداني ٻار ٿي ڇو ڪريو آهين، تو عمر وڃائين ساري
جواب ماسٽر صاحب ڏنو :
”ڪو پيار ڏئي نہ ڏئي، ڪو عزت ڏئي نہ ڏئي
ڪو ٻانهن ڏئي نہ ڏئي، ڪا شادي ٿئي نہ ٿي
منهنجي سنگيت سان شادي آ، مون تنهن سان دل لاتي آ

حُسن تي ۽ عشق جا گهيرا

كيا هِن حُسن عشق تي گهيرا - عشق تي گهيرا
هڪ نہ، هزارين ڀيرا

1. ڪٿ حُسن وڳا پائي ٿو - ٻڌندو وڃ
كيئن گهوُرن سان گهائي ٿو - ٻُڌندو وڃ
هِتِ عشق ڏكا كائي ٿو - ٻڌندو وڃ
كپڙا ڦاڙل پائي ٿو - ٻڌندو وڃ
كيئن حُسن پارائي ڦيرا - عشق كي ڦيرا
هڪ نہ، هزارين ڀيرا

2. لڳي حسن عشڪ جي جنگ آ - ٻڌندو وڃ
كيو حسن عشق كي تنگ آ - ٻڌندو وڃ
وِڌو حسن عشق كي ونگ آ - ٻڌندو وڃ
ڇو تہ حسن اڳيان اڙٻنگ آ - ٻڌندو وڃ
تہ بہ عشق پُڇائي ڀيرا - حسن جا ڀيرا
هڪ نہ، هزارين ڀيرا

3. كيئن تيرُ حُسن ڇوڙيو آ - ٻڌندو وڃ
كيئن تيرَ جِگر توڙيو آ - ٻڌندو وڃ
توڙي عشق 'چندر' لوڙيو آ - ٻڌندو وڃ
تہ بہ منهن نہ عشق موڙيو آ - ٻڌندو وڃ
توڙي جوش جلايا جيرا - عشق جا جيرا
هڪ نہ، هزارين ڀيرا

هزارن ۾ چندر جا رڪارڊ ٿي ڀريا، ۽ لکن ۾ ٿي وڪاميا
تنهن ڪانپوءِ سنڌي سنگيت جا، ٻيا پڻ سوين ٿيا ڳائڪ
هندو سنڌي ڪلا لاءِ، آهستي آهستي پيدا ٿيا، ٻيا پڻ شائق
ماسٽر چندر هو موسيقار (ميوزڪ ڊئريڪٽر)، جنهن سنت ڪنوررام
جا رڪارڊ ڀرايا
دڪايل ۽ پرسرام ضيا جهڙا لائق، شاعر پڻ اڳتي آيا
اَڄ سنڌ توڙي هند ۾، سنڌي سنگيت آ جاري
اِها ڀرين ڪوشش هئي، ماسٽر چندر جي ساري
''Services Through Sangeet''
(1947) ورهاڱي ڪانپوءِ ماسٽر چندر صاحب، اَچي بمبئيءَ ۾ واسو
ڪيو
سنگيت جي مڌر گيتن سان، سنڌين جو من خاصو ڪيو
ماسٽر چندر صاحب وري نئين سر، هند ۾ پير کوڙيا
سرڪار پڻ پناهگيرن لاءِ، ڪلياڻ ڪئمپ جا در کوليا
سنڌين جا پيارا، سوشل ورڪر ۽ ڪلاڪار ڳولهڻ لڳا
پنجني ڪئمپن ۾، دربدر سنڌين کي وسائڻ لڳا
اُن وقت سرڪار جي پاران خاص ماسٽر چندر کي، ڪلياڻ ۾ گهر
مليو
سنڌين جا ڏک درد، سرڪار تائين پهچائڻ لاءِ، ماسٽر چندر مليو
اَئڊ منسٽر يو نسلي سان ملي، شانتيءَ جو پرچار ڪيو
هڪ هڪ ڪئمپ ۾ ڳائي، سنڌي ڀائرن تي اُپڪار ڪيو
سنڌي هلي نئين سنڌ ناهيو، ڪنڊلا ڳانڌي ڌام وَسايو
ڀائي پرتاب ۽ دڪايل، ماسٽر چندر کان اَهڙو رڪارڊ ڀرايو
گهر گهر ريڊيو سيلان، ۽ هندستان اَخبار ۾ پرچار ڪرايو
ماسٽر چندر جي خدمتن پڻ، سنو رنگ لڳايو

مون پريت سرن سان ڳائي آ، سنڌي ڀيرويءَ سان لنوَ لاتي آ.''
(ڀيروي-راڳڻيءَ جو نالو آهي)

سر پڇائي، سر ۾ ڳائي، خود ناهي، خود ڳائڻ لڳو
گيت غزل ۽ ڪافين کي، خوب سجائڻ لڳو

(1930ع ۾) H.M.V. رڪارڊنگ ڪمپني وارن، هاڪ ٻڌي چندر جو پهريون رڪارڊ سنڌيءَ ۾ پرايو، چندر جو وڃڻ لڳو در در (سهڻا عرض آهي منهنجو مرض لاهه)

اَهڙيءَ طرح سڄي سنڌ ۾، گرامفون ۽ رڪارڊ جو، پهريون شمار ٿيو
سنڌي سنگيت جو جنم ٿيو، جنهن لڪل چندر ظاهر ڪيو
اُن وقت نه هئا ريڊيا ۽ نه هئا، لائوڊ اِسپيڪر
۽ نه ڪو اَهڙو ذريعو هو، اَخبار جو پهچڻ گهر گهر
هر ڳليءَ، هر چونڪ تي، دهل وارو ڪندو هو اعلان
هندو ۽ مسلمان، اَچي گڏ ٿيندا هئا ٻڌڻ لاءِ اعلان
مٽ پرو دڳ تي بهي، زور سان واڪا ڪري، ڏيندو هو پيغام
اَچو اَچي ٻڌو، اَڄ حيدرآباد، هيراباد ۾، آهي چندر جو ڪلام
اُهو ٻڌي گد گد ٿي، اَچي مڙندا هئا ماڻهون حشام
ڪٿان ڪٿان سوَن ڪوهن تان، ٻڌڻ ايندا هئا پروگرام
جڏهن سوز مان، آلاپ ڏيئي، ڳائيندو هو ڦاڙي جگر
هر طرف گونجي اُٿندو هو، واهه واهه ري يار چندر
هڪ شڪل جو هو سهڻو، ٻيو ڪپڙن پائڻ جو هوس ڍنگ
ٽيون مشڪ هئس منهن تي، چوٿون سنتن جو هوس سنگ
پنجون پيار مان ڳائيندو هو، نه مڇي ويندو هو رنگ
ڇهون ذات پات جو فرق نه هئس، هئس صوفياڻو اُمنگ
چندر پاڻ هو شاعر، گائڪ ۽ موسيقار
H.M.V. رڪارڊنگ ڪمپنيءَ جو، هو برک ڪلاڪار
خاص رڪارڊنگ مشين، رڪارڊسٽ سنڌ ۾ تي کڻي آيا

چندر جي آرزو

سنگيت جي سکيا، هرهڪ سنڌي ٻار کي، باقاعدي ڏيارجي
سر تال ۽ راڳ راڳڻين جي ڄاڻ اُستادن کان ڏيارجي
هر سنگينڪار، اَداڪار، هدايتڪار جو دنيا ۾ مان آ
هر محفل ۾ اِهو سنڌو ڪلاڪار، هر قوم جي سڃاڻ آ

ڏڻيءَ در اِلتجا

اِهائي اِلتجا، چندر جي ايشور در آ
اَسان جي ديس ۾ سنگيت جي ڪا جوت ٻري (1938)

آخر سندس قلم مان

هر شروعات جي، آخر ته ٿيندي ضرور
وري هيءَ وسايل جوت، ڪٿي ٻرندي ضرور
(1984ع ۾) نومبر تاريخ ۲ ماستر صاحب کيو لاڏاڻو
هيءُ ڪوڙو جهان ڇڏي، سچي وطن ويڳاڻو
”آواز نيٺ ايندو، زمين آسمان مان
هڪ ڏينهن هليو وينديں، چندر جهان مان“

شعر

سک ۽ سنگت جو سچڻ سڳو
ڪڏهن مان تو چکيان ڪڏهن هو تو چکي
ڪريون لڪ ڇپ گڏجي راند ٻئي
ڪڏهن مان تو لڪان ڪڏهن هو تو لکي
غم درد جدائيءَ جو جي اچي
ڪڏهن مان تو سکان ڪڏهن هو تو سکي
اها رات وصال جي هڪ ٻئي وٽ
ڪڏهن مان تو تکان ڪڏهن هو تو تکي
سچي محبت جو آهي ڳاڏو چندر
ڪڏهن مان تو ڏکيان ڪڏهن هو تو ڏکي

(1955ع) سنڌ سرڪار جي دعوت تي، سڄي سنڌ ۾ 9 مهينا پروگرام ڏنا

ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه، نوشهروفيروز، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻا
جيڪب آباد، رتو ديرو ۽ ٻين، خاص محفلن ۾ پروگرام ڏنا
ساڻ گوپ چندر، شاگرد لڇمڻ ۽ طبلي تي نهچل سات ڏنا.

(1968ع) سيلان، سينگاپور، انڊونيشيا، هانگ ڪانگ، منيلا ۽ جپان
مان دعوت آئي

گوپ ۽ مهيش سان گڏ ماسٽر صاحب شهر شهر ۾ موج مچائي

(1982ع) فرينڊس آف اوورسيئز، ملهائي ڊائمنڊ جبلي ماسٽر چندر
جي

H.M.V. رڪارڊنگ ڪمپنيءَ پيش ڪئي، گولڊن ڊسڪ ۽ ملهائي
گولڊن جبلي-ماسٽر چندر جي

سنڌي سماج جا وڏا، بانيڪار ۽ سنڌي، هندي ڪلاڪار، آيا برلا هال
۾ منسٽر، ڀڳت، پرشوتم ڪپور ۽ آچاريه ڀڳوان پڻ سواگت لاءِ آيا برلا
هال ۾

لڳاتار 50 سال ماسٽر چندر جي، شيوائن جي، هڪ هڪ جٽي پئي
ساک ڪئي

75 سال جنم ڏن جون مبارڪون ڏئي، ڪلاڪار جي پئي هاڪ ڪئي
اڄ ڏينهن تائين هند ۽ سنڌ ۾، قائم آهي نالو ماسٽر چندر
سنگيت جو سمراٽ، سر جو بادشاهه، شاعر موسيقار هو ماسٽر چندر
تنهن کانپوءِ به سنڌين ۾، سنگيت جي آ جوت ٻري
گوپ ۽ مهيش گائڪ آ، خالي جڳهه چندر جي ڀري
هيءُ چندر ڪلا سنگيت گهراڻو، چنڊ جيان روشن سدا قائم رهي
آرتي راج پوتي، هريش ۽ انيل پوتا، ڳائن اهڙو ترانو، جئن سنڌيت
سدا دائم رهي

(فوٽو ٣) ڪيترن سالن کان گذرڻ ڪانپوءِ بہ جڳهہ جي ڪا مرمت وغيرہ نہ
ڪي آهي ۽ نہ ڪو پوچي رنگ وغيرہ لڳايو ويو آهي. ايتري قدر جو
گهرجي دالان ۾ ٻاڙهين سرن جي فرش جا (تن ڏينهن ۾ ٻاڙهين سرن
جي فرشن جو رواج هو) ڪي ٽڪرا زبون حالت ۾ هئا پر ان جي مرمت
بہ نہ ٿي هئي. ديوارن تان بہ ڪن ڪن هنڌان پلستر نڪري ويو هو.
انهن جي مرمت بہ ڪونہ ٿي هئي.
ناروشاہ ۾ ٻن ڏينهن رهڻ سان گهٽيئي سنڌي مسلمان ۽ هندن سان
اٽڪل ٢٥ گهر هندن جا بہ آهن) گڏجاڻي ٿي ۽ ڪيترن وڏي ٿهي
وارن ماستر صاحب نارو شاہ ۾ ١٩٥٥ ۾ ڏنل سنگيت پروگرام جو قرب
سان ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايائون تہ هشام ماڻهو اچي ٻاهت ٿيا هئا ۽ پروگرام
جو پورو پورو لطف ورتو جو رات جو ڪافي دير تائين هليو هو.

ماستر چندر جو سنڌ ۾ پڙاڏو

روٽري انٽرنئشنل نواب شاہ ڪلب طرفان داعوتن ملڻ تي سڳوري
سنڌ ۾ بہ دفعا وڃڻ جو شرف مليو. پهريون دفعو ١٩٩٧ ۾ ٻيو دفعو مارچ
٢٠٠ ۾.
اڳئين دفعي ۽ هاڻي ڪيترن هنڌن تي ماستر صاحب جو پڙاڏو
محسوس ٿيو. انهن جي باري ڪجهہ احوال هيٺ ڏيان ٿو.
(١) سنمان :
جڳهہ **پرشد سڪندر آرٽ گئلري** نواب شاہ پاران منهنجي سنمان ۾
هڪ جلسو رٿيو ويو هو جنهن ڪن مشهور ۽ ناميارن سنڌي گائڪن
پروگرام ڏنو. انهن ۾ وسترو ۽ لاشاري بہ هئا. سيني گائڪن ماستر
صاحب جا ڪلام بہ ڳايا. پروگرام پوري ٿيڻ ڪانپوءِ مڪا ميلو ٿيو تہ
ٻڌايائون تہ اڄ بہ سنڌ ۾ ماستر صاحب جي ڪلامن کي ٻڌڻ جا شائق
خاص ڪري وڏي ٿهي وارا. ماستر صاحب جا ڪجهہ ڪلام جئين تہ
تائي رهن پر هجين حياتي'' تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان پر
جا ڪين رهايو ٿو.'' قسمت ڪئي جدائي ڪنهن تي ميار نہ آهي''
وغيرہ. لاشاري جي هڪ ڪيسيٽ پوري ماستر صاحب جي ڪلامن سان



ماسٽر چندر جو ناروشاه

سنڌ ۾ رهائشي استان

-روٽرين ڀڳوان ڀاڳچنداڻي (بيوس)

هن دفعي (مارچ ٢٠٠٦) ۾ هڪ دفعو وري سنڌ جي سئر ڪرڻ جو موقعو مليو ته ناروشاه (ساهتيءَ سنڌ ۾ ننڍو شهر) ۾ به ڏينهن رهيس. ناروشاه منهنجو جنم آستان آهي ۽ ماسٽر چندر جو گهر به اُتيئي هو. جتي سندس ۽ سندس ڀاءُ وليرام جا پريوار رهندا هئا. ماسٽر چندر صاحب جو پٽ گوپ مون سان گڏ ناروشاه اسڪول ۾ پڑهندو هو.

ماسٽر صاحب اصلوڪي گهر کي وڏائي به ٻيون ماڙيون پنهنجي مربي پٽن ڪنئعي ۽ منسڪه جي نالي جيڪي ننڍيءَ عمر ۾ ئي هڪ ٻئي پٺيان سرڳواس ٿي ويا هئا، جوڙايون هيون.

هن وقت اُن گهر ۾ ٽن مهاجرن (جيڪي هند مان لڏي ويا هئا) جا پريوار رهن ٿا. هن مهاجر جي سهيوگه سان مونکي ماسٽر صاحب جي گهر ۾ اندر وڃڻ جي اجازت ملي ۽ ڪجهه فوٽا ڪڍڻ جي منظوري به ملي جن مان ڪي فوٽا متي شايع ٿيل آهن. مان هتي ٻن ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس.

فوٽو(١) ماسٽر صاحب جي نالي وارو سنگمرمر جو پٿر جو مکيه دروازي جي مٿان ديوار ۾ جڙيل هو. اهو اڃان تائين موجود آهي (جيتوڻيڪ اکر ٿورا ميسارجي ويا آهن) پڇڻ سان خبر ڏنائون ته ماسٽر صاحب جي ناموس ۽ ڳالهيءَ جون وارتائون اُتي جي رهندڙ سنڌي مسلمانن کان ٻڌڻ ڪانپوءِ ان نالي واري پٿر کي اُتي جو اُتي رهڻ ڏنو ويو ايتروڻي نه پر ٻن الڳه سان اڏيل ماڙين جا نالا 'ڪنئيالعل ڪٽيا' ۽ 'منسڪه محل کي جئين جو تئين رهڻ ڏنو ويو. جيتوڻيڪ (فوٽو ٢) هنئير 'ڪنئيالعل ڪٽيا' جا اکر ميسارجي ويا آهن، پر 'منسڪه محل' جا اکر اڃان تائين قائم آهن.

ماستر چندر ۽ سندس گهر

-سهڙيندڙ : اُستاد محمد ملوڪ سستوئي.



حاجي اختر حسين خانزادي جي زباني، حاجي
احب پنهنجون ساروڻيون ٻڌائيندي چيو : ته ورهاڱي
انپوءِ آءُ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ جڏهن پاڪستان
ياسين ته عجيب اتفاق سان اسان سنڌ آياسين ۽ پوءِ سنڌ جي سهڻي
هر ناروشاهه پهتاسين ڪنڌياري کان ايندي پهريان دربيلي جو شهر
چي ٿو ۽ پوءِ ناروشاهه جو شهر. دربيلي کان جڏهن ريل گاڏي ناروشاهه
هر طرف هلڻ شروع ڪيو ته هي علائقو ٻئي پاسي کان ٻنهه مختلف هو
تي هر طرف باغات ئي باغات هئا چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ هئي ۽
هر ناروشاهه کي جڻ ته باغن پنهنجي جهوليءَ ۾ وٺي ڇڏيو هجي
ن وڏن وڻن جي ڪري شهر ته نظر ئي نه پئي آيو. اڄ به ناروشاهه
جڻ وقت ڏکڻ-اتر ۽ اوير کان اچبو ته شهر بلڪل نظر نه ايندو
هي.ناروشاه جي ريلوي اسٽيشن جو عروج جڏهن ياد ايندو آهي ته
ين مان لڙڪ تري ايندا آهن. ريلوي اسٽيشن واري علائقي جنهن ۾
ادي آهي انهيءَ علائقي کي هريپور چوندا آهن ۽ هري پور کان
ريبن اڌ ڪلو ميٽر اوير طرف شهر نو لکيءَ جي ساجي ڪپر تي اڏيل
ي. نو لکي واهه جي ڪري هي شهر انگريز دور ۾ سرسبز هو ۽ لبّانار
ن ۽ ساوڪ جو هجڻ به هتي پاڻيءَ جو جام ۽ سني پاڻيءَ جو سبب
ي اڄ به ناروشاهه جي جر جو پاڻي صاف ۽ شفاف آهي هتان جا
ٺهون مسافريءَ دوران اڄ تائين پاڻي گڏ کڻي پوءِ سفر ڪندا آهن
وشاهه شهر پهچڻ وقت خبر پئي ته هتان جي ماڻهن کي ٻين سهوليتن
ن گڏ روشني (لائيٽ) جو بندوبست به آهي. نارو شاهه شهر سونهن ۽
يا جو مجمعو نظر پئي آيو ۽ پوءِ منهنجي ڪٽنب هن جنت جو
ڪ ڏيندڙ. نارو شاهه جي شهر ۾ هميشه لاءِ رهڻ جو اِرادو ڪيو ۽ پوءِ
ن اسٽيشن تي لهي شهر طرف آياسين. هتان جا ماڻهو سادا سباجها
ڪ دل، ايماندار ۽ مهمان نواز هئا. هندستان مان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ

پريل آهي ٻا مونکي سوکڙي ڪري ڏنائين.

(٢) سيشن جج قادر بخش اُمراڻي

سندس بنگلي ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. هڪ ننڍي سائونڊ پروف ڪمر
۾ HMV جو پراڻو گراموفون رکيل هو ۽ ڪيترن ناميارين ڳائڪن جو
آڊيون ڪيسٽون بہ هيون. پر ماسٽر صاحب ۽ ڀڳت ڪنوررام جا پرا
78 RPM جا رڪارڊ پڻ موجود هئا. اُمراڻي صاحب ٻڌايو تہ ڪجھ وق
ڪڏهن ايڪانت ۾ هن ڪمري اچي وهندو آهيان ۽ سنگيت جو لط
ماڻيندو آهيان. وڌيڪ چيائين تہ ماسٽر چندر ۽ ڀڳت ڪنوررام جهڙ
فنڪارن سنڌ ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمائي ويا ۽ اسانکي پنهنجو عاشق بڻائ
ويا.

(٣) ڳوٺ جو سفر

ڪنهن ڳوٺ ۾ وڏيري صاحب جي ڪوٺ تي وڃڻ ٿيو ۽ ڪيس ماس
صاحب جي هڪ ڪيسٽ سوکڙي ڪري ڏنم. (ماسٽر صاحب جون ڪ
ڪيسٽون پاڻ سان کڻي ويو هوس) وڏيري صاحب ڪيسٽ کي اک
تي رکيو ۽ احسانمنديءَ جو اظهار ڪيو. چيائين تہ هتي وڏي تِه
وارا دلبر ماسٽر صاحب جا شائق آهن ۽ ان ڪيسٽ ۾ رڪارڊ ٿ
ڪلامن کي ٻڌي ڏاڍا متاثر ٿيندا.

حيدرآباد ۾ :

حيدرآباد هڪ ميوز شاپ تان ڪن ناميارن سنڌي ڳائڪن جون آ
ڪيسٽ ونڻ ويس. مونکي اڻ تڻ هئي ۽ پڇيومانس تہ ماسٽر چن
جون ڪيسٽ بہ هئس ڇا؟ دڪان وارو مونڏي گهوري نهارڻ لڳو. جڏه
آتڪ ڏنومانس تہ مان ڪنهن سرڪاري محڪمي جو ماڻهو نہ آهيا
هندستان مان هتي مهمان ٿي آيو آهيان ۽ مونکي اهي ڪيسٽون ه
وَراهڻ لاءِ کپن تہ چيائين اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اچ. اڌ ڪلاڪ ڳانپوءِ ويس
بہ ڪيسٽون ڏنائين ۽ تاڪيد ڪيائين تہ ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪِريان
فلاڻي دڪان تان ورتيون اٿم. مطلب اهو تہ هندستان مان اهي ڪيسٽ
سمگل ٿي وڃن ٿيون ۽ اُتي وِڪامن ٿيون.

چنڊر ۽ H.M.V ۾ سنڌي ۾ چنڊر ولبرام لکيل هو. گهر جي اوير طرف کان بلڪل هڪ نئون گهر ٺهيل هو ۽ ان جي اتر ۾ هڪ ٻيو گهر منسک محل نالي ٺهيل هو. جنهن تي ٺهرائڻ جي تاريخ 1945ع لکيل آهي ۽ ٻاهرئين اوير واري دروازي تي ڪنيالال لکيل آهي. گهر ۾ رهائش ڪانسواءِ رڌ پچاءَ -وهنجڻ جو عمدو بندوبست موجود آهي ويڪرو آڳڻ مٿي وڃڻ لاءِ الٻ الٻ ڏاڪڻيون ڪمرن اندر وڏا وڏا ڪٻٽ انهن تي شيشا ورانڊي جي ونگن تي ڇٽ سالي ماڙيءَ تي گيلريون ٺهيل آهن. گهر ۾ پاڻيءَ جو انتظام بهترين نموني تشڪيل ڏنل آهي مطلب تہ ماسٽر چنڊر جو گهر سندس آسودگي ظاهر ڪرڻ سان گڏ پراڻي دور جي ڪاريگريءَ جو زنده شاهڪار آهي. آئون ماسٽر چنڊر جي گهر کي اڄ تائين اصل حالت ۾ برقرار رکيو پيو اچان. مونکي خوشي ان وقت ٿي جڏهن خبر پيم تہ آءُ ماسٽر چنڊر جي گهر ۾ رهڻ سان گڏ ماسٽر چنڊر جي پڙهڻ واري اسڪول ۾ پڙهندو بہ آهيان. پرائمري اسڪول جيڪو اسان جي گهر جي ڏکڻ طرف هو اهو انن ڪمرن تي مشتمل هو. هن ان جو اڱڻ تمام وسيع هيو. اسڪول جي اڱڻ تي نم جا وڏا وڏا وڻ هئا جن جي ڇانو ۾ اسان شاگرد راند روند ڪندا هئاسين تنهن وقت جا اُستاد ٻڌائيندا هئا تہ ماسٽر چنڊر وانڊڪائيءَ جي وقت ۾ اسڪول جي وڻن هيٺيان راند سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن جهوٽاريندو هيو مونکي قدرت جو عجيب رنگ اهڙو لڳو جو ماسٽر چنڊر جي گهر ۾ رهڻ سان گڏ ان جي تعليم پرائڻ واري درسگاهہ جو اعزاز حاصل ٿيو. جنهن تي آءُ ننڍپڻ کان وٺي اڄ تائين فخر محسوس ڪندو آهيان.

ماسٽر چنڊر جي نارو شاهہ آمد

سنہ 1955ع چند ماڻهو اسان جي گهر آيا جن منهنجي والد نشير احمد خانزادي جي پڇا ڪئي. ليڪن خدا کي ڪجهہ ٻيو منظور هو. بابا سائين چند مهينا پهريان هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪو هو ۽ آءُ ياڻرن ۾ وڏو هئس. منهنجي ننڍي ڀاءُ جو نالو مختار احمد هو ليڪن وڏو هجڻ ڪري گهرايل ماڻهن جو آدر ڀاءُ مونکي نصيب ٿيو. گهڻو وقت گذري وڃڻ انهن جا نالا مونکي ياد نہ آهن. پوءِ انهن ماڻهن ٻڌايو

مائٽن سان سٺو ورتاءُ ڪندا هئا. منهنجو پيءُ جنهنجو نالو بشي
حسين خانزادو هو سو هندستان ۾ پرائمري اُستاد هو. بابا جي پڙهي
هجرت ڪري انتظاميه سان ميل جهول ۾ تڪليف درِ پيش نه آئي
اسانکي جلدي ئي هڪ گهر ڏنو ويو جيڪو تنهن وقت جي پرائمري
اسڪول ۽ هن وقت جي گرلس پرائمري اسڪول - گرلس هاءِ اسڪو
جي اُتر واري گهٽي جي پرسان اڃ تائين موجود آهن. منهنجو وا
صاحب اِنڊيا ۾ پرائمري اُستاد هجڻ جي ڪري هتي به پرائمري
اُستاد مقرر ٿيو. گهر ملڻ ڪانپوءِ اسان ڏاڍو خوش ٿياسين ڇو ته اسانک
مليل گهر نارو شاهه جي سيني گهرن کان منفرد هو. اسانکان پهريان ه
گهر ۾ رهندڙ خاندان جي آسودگي ۽ خوشحالي جي چڱي ڄاڻ حاص
ٿئي پئي. منهنجي والد مونکي پر واري پرائمري اسڪول ۾ داخ
ڪرايو ۽ چيائين ته اختر حسين توکي سنڌ ۾ رهڻو آهي ۽ تون سنڌ
پڙهه پوءِ بابا جي هدايت تي عمل ڪندين مون سنڌي پڙهڻ شرو
ڪيو تنهن وقت آءُ اُردو ڳالهائيندڙ پهريون سنڌي شاگرد هيس سنڌ
لکڻ پڙهڻ ته پري ٿيو پر منهنجي لاءِ سنڌي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ به و
مسئلو هو. آءُ اسڪول کان جڏهن گهر موٽي ايندو هيس بابا ۽ امان ج
اڳيان روئيندو هيس ۽ چوندو هيس ته مون کي سنڌي سمجهه ۾ نه ٿ
اچي. ليڪن والدين جي همت ڏيارڻ تي آءُ ڪجهه سالن ۾ سنڌ
سمجهڻ لڳس. اُستادن جي محنت سان سنڌي لکڻ پڙهڻ لڳس جڏه
آءُ سنڌي چڱي طرح سمجهڻ لڳس ته پوءِ پنهنجي گهر بابت معلوما
حاصل ڪئي ته هي گهر ڪنهن جو هو معلوم ڪرڻ تي پتو پيو ته ه
گهر سنڌ جي مهان ڪلاڪار ۽ شاعر ماسٽر چندر جو آهي اسان جي گ
جي جاءِ ۾ پٿين ڏاڪٽين ورانڊي جي ونگن مطلب ته گهر جي سين
نمايا جڳهين تي لڏپلاڻ بابت شعر/ بيت لکيل هئا. پهريان ته آءُ انه
بيتن ۽ شعرن کي گهر جي سونهن ڇٽ سالي سمجهندو هيس ۽ پوءِ اه
پٿين تي لکيل شعر روزانو پڙهندو هيس ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن
هيس. گهر جي در تي اتر طرف واري گهٽيءَ کان داخل ٿيڻ وار
دروازي جي مٿان تختي نظر ايندي هئي جنهن تي انگريزي ۾ ماس

لڙڪ لڙي پيا ۽ سندس لاءِ آيل مداحن جون اکيون پڻ آليون هيون. ماڻهن پيار سان ماستر چندر سان ڳلي ملن پيا ۽ هٿن ۽ پيشاني تي چميون ڏين پيا. ڪجهه مداح ماستر چندر جو هيءُ گيت جهونگارن پيا **قسمت ڪئي آ جدائي ڪنهن تي معيار ناهي** پوءِ ماحول صفا سوڳوار ٿي ويو. هر طرف ماٺار ٿي وئي ڪجهه دير خاموشيءَ ڪانپوءِ وري ماڻهوءَ ۾ جوش جاڳيو ۽ ماستر چندر کي ڪُلهن تي کنيو. ماڻهن چندر جي هڪ جهلڪ پسڻ لاءِ پليٽفارم جي سامهون ٽڪيٽ گهر، پاڻيءَ جي ٽانڪي، وڻن ۽ بيٺل گاڏيءَ جي ڇت تي چڙهي ويا هئا. ماڻهن منهنجو ماستر چندر سان تعارف ڪرايو ۽ منهنجي پاران ماستر چندر جي آمد تي ظاهر خوشيءَ جو احوال به ان کي ڏنائون ۽ اهو به ٻڌايائونس ته اختر حسين خانزادو توهان جي گهر ۾ رهي ٿو پوءِ ڀاڪر پائي مليو ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي مونکي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ شروع ڪيو. سفر ڪلاڪن ۾ طئي ٿيو. ماڻهن ۾ ايتري ته خوشي هئي جو اڄ تائين مون ڪنهنجو به اهڙو استقبال ۽ جوش ناهي ڏٺو جهڙو ماستر چندر جو نارو شاهه اچڻ تي ڏٺو هو. ماستر چندر جي عيال کي پاڪستان ڇڏي ئي ڪافي وقت ٿيو پر ناروشاهه ۽ سنڌي ماڻهن جي دل مان وسري نه سگهيو هو. ماستر جي استقبال وارو جلوس جڏهن منهنجي يعني ماستر چندر جي گهر جي سامهون پهتو ته ماستر چندر ٽانگي مان لهي ٽڪڙو ٽڪڙو پنهنجي گهر جي طرف هلڻ شروع ڪيو هو. ۽ جلد هلي پنهنجي گهر چائنٺ تي پهچي نِوڙي چائنٺ کي چمي ڏنائين ۽ انهيءَ ڪمري ۾ هليو جتي سندس جنم ٿيو هو ۽ پاڻ ٻڌايائين ته هتي هنن سرن جي مٿان منهنجو جنم ٿيو هو ۽ پوءِ سڄي گهر ۾ گهمڻ لڳو. ڀتين کي چُميون ڏيندو رهيو ڪڏهن کِلي پيو ته ڪڏهن روئي پيو. بعد ۾ نلڪي طرف هليو پاڻي پيتائين، هٿن منهن ۽ ڪپڙن کي به پاڻي هنيائين. ايتري قدر جو پاڻيءَ کي اکين ۽ چپن تي بار بار رکڻ ۽ چمڻ لڳو. انهيءَ وقت عجيب ڪيفيت هئي. منٽ ۾ ماحول خوش گوار ۽ منٽ ۾ ماحول سوڳوار ٿي پيو وڃي. اُتي مونکي للطيف سائين جون هي سِٽون ياد آيون.

تہ ٽن ڏينھن کانپوءِ ماسترچندر گھر گھمڻ لاءِ اچي ٿو. آءٌ پڇيو تہ اھو ھن وقت ڪٿي آھي جنھن تي مھمانن وراڻيو تہ ھو ھن وقت حيدرآباد آھي. ماستر چندر جي اچڻ جي خبر جھنگل جي باھ وانگر سڄي علائقي ۾ پکڙجي ويئي. آءٌ تہ ھن وقت خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيس. ائين پيو لڳي جڻ ڪو وڏو بادشاھ اسانجي گھر ايندو ھجي. آءٌ مھمانن کان موڪلائي گھر آيس. خوشيءَ جي خبر گھر جي سيني ڀاتين کي ٻڌايم. وقت تمام ٿورو ھو. اسان ڪوشش ڪري گھر کي رنگ روغن ڪرايو. جتان جتان ٿورو بہ نشان ڪيل ھو انکي جلدي جلدي ۾ ٺھرايوسين. مگر اسانجي گھر ۾ جڻ ڪا شادي ھجي. اسان گھر کي ڪنوار وانگر سينگاريوسين. سڄي شھر نَاروشاھ کي بہ سينگاريو ويو ھو. ھر ھنڌ ماستر چندر جا ڪلام وڄايا پئي ويا. ننڍن وڏن جي وات ۾ ماستر چندر اچي ٿو. ھر اک کي ماستر چندر جي ڏسڻ جي جڻ کي اُڃ ھئي آخر تيون ڏينھن بہ ٿيو. شھر نارو شاھ ۾ پلا پلا گھوڙا گھرايا ويا ھئا. پلا پلا اُٺ گھرايا ويا ھيا. وري پليون بگيون ٽانگا پري پري کان گھرايل ھئا. جيڪي ماستر چندر جي استقبال لاءِ سندس سداحن گھرايا ھئا. گھوڙن جي پِڇيءَ ۾ چانديءَ جون ڳانيون پھتل ھيون. سنج بہ چانديءَ سان اڏيل ھئا. اُنن جا رنگبرنگي جھلون وري سوارن کي بوسڪي جا پٽڪا پِڇيءَ ۾ اجرڪ بگين کي جھنڊيون لڳل پيادل ماڻھن جي ھٿن ۾ گلابن ءِ موتيو جا ھار بس ائين لڳي رھيو ھو جڻ تہ ناروشاھ جي اسٽيشن ڪنھن وڏي ميلي جو ڏيک ڏئي رھي ھئي. اسٽيشن تي ننڍا وڏا پوڙھا پڪا ماستر چندر جي ھڪ جھلڪ ڏسڻ جي لاءِ بيتاب ھئا. اسٽيشن تي سندس مداحن پاران ٽڏي پاٽيءَ جون سبيلون لڳايون ويون ھيون. آخر پڌعيدن طرفان نوشھري لائين تان گاڏي آئي. ماڻھن جي انتظار جون گھڙيون ختم ٿيون. ماستر چندر گاڏيءَ جي دروازي کان بھي پنھنجي استقبال لاءِ آيل ھزارين ماڻھن جو ھٿ لوڏي شڪريو ادا ڪيو. اسٽيشن تي عورتن جو تعداد بہ ڪافي ھو جڏھن گاڏي پليٽفارم تي بيٺي تہ ماستر چندر گاڏيءَ کان ھيٺ لھي آيو سندس اکين پنھنجي جنم ڀوميءَ واري شھر ۾ پھچڻ تي

ماستر چندر جي نارو شاهہ ۾ ملهايل ورسيءَ جو احوال

گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نارو شاهہ ۾ رات جو ماستر چندر جي ورسيءَ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل نامعياري اديبن شرڪت ڪئي ۽ ميزبانيءَ جا فرائض انطام جناب سردار علي خان عالماڻي نائب ناظم ضلعہ نوشهرو فيروز جناب سڪندر خشڪ ڊ.ڊي.او. روينيو نوشهرو فروز جناب گل مورو-خادم حسين مري ساگر يوسف مري سنڌ جي ادبي سنگت گڏيل طور تي سر انجام ڏنا. تقريب جي شروعات ماستر چندر جي جنم واري جاءِ سندس گهر ۾ ميڙبتيون ٻاري ماستر چندر کي عقيدت جي ڀيٽا ڏيڻ سان ٿي. ماستر چندر جي زندگيءَ تي ڊا. غلام قادر سومري جي پٽ افتخار سومري پنهنجي والد جو لکيل مقالو ماستر چندر آچاريہ جي پڙهڻ سان شروعات ڪئي. شعيب احمد ٽيوٽو بہ ماستر چندر جون ناروشاهہ ۾ گهاريل گهڙين جو تفصيلي ذڪر ڪيو. جناب سڪندر علي خشڪ ماستر چندر جي زندگيءَ تي روشني وڌي ۽ حاجي اختر حسين خانزادي پاران ماستر چندر جي گهر کي اصل حالت ۾ برقرار رکڻ تي خراض تعسين پيش ڪيو ۽ ماستر چندر گهر جي ڀاهران نالين ۽ پڪين گهٽيون ضلع حڪومت کان نهرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ماستر جي گهر کي درپيش ڪنهن بہ مسئلي کي ترجيع بنيادن تي حل ڪرڻ جو وچن ڪيو.

جناب علي خان عالماڻي صاحب نائب نازم ضلع نوشهرو فيروز ماستر چندر جي ڪلام ۽ سنڌ سان محبت جو خاص ڪري ذڪر ڪيو ۽ ماستر چندر جي نالي سان نارو شاهہ ۾ هڪ شاهي گيٽ نهرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ميزبانيءَ جا فرائض الزام ڏيندڙ حاجي اختر حسين خانزادي پنهنجي مختصر خطاب ۾ سيني مهمان جو شڪريو بجاءِ آندو ۽ چيائين تہ ماستر چندر جي عقيدت ۾ گڏ ٿيندڙ سيني مهمانن جو ٿورائتو آهيان جن نارو شاهہ جي جائي سنڌ جي مهاڪلاڪار ماستر چندر جي ياد ۾ گڏ ٿيا ۽ هن موقعي تي حاجي اختر حسين پاران سيني مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جا تعفا پيش ڪيا ويا ۽ بعد ۾ مياندا داد راهو صاحب اي.ڊي.او. فنانس - ايڊيوڪيشن پنهنجي خيالن جو اظهار

سچڻ ۽ ساٿيھہ ڪنھن اڻاسيءَ وسري
حيف تني کي ھوءِ جن وطن کي وساريو

ماستر چندر سان گڏ سندس ھڪ پٽ بہ نارو شاھہ گھر گھمڻ لاءِ آيل ھيو جنھنجو نالو **گوپي چندر** آھي. ماستر چندر جو پٽ پنھنجي پيءُ سان نارو شاھہ جي ماڻھن جي عقيدت ۽ محبت ڏسي بيحد خوش پئي ٿيو. ماستر چندر ٽي ڏينھن ھتي ناروشاھہ ۾ رھيو ۽ روزانو رات جو راڳ جي محفل مچائيندو ھيو. ھتي لائوڊ اسپيڪر گھٽ ھئا تنھنڪري چندر جا مداح جامع مسجد جو لائوڊ ڪٽي ايندا ھئا جنھن تان ڪجھہ ماڻھو ناراض پئي ٿيا تہ پوءِ شھر جي اڪثريت ماستر چندر حمايت ۾ ھئي جنھن ڪري خلق ڪٽي خاموشي اختيار ڪئي. ھتي جيترو بہ وقت رھيو تہ روزانو پنھنجي گھر ضرور ايندو ھو ۽ پنھنجي نلڪي جو پاڻي پيئندو ھيو. ھتان وڃڻ واري وقت راڳ ڳائڻ لاءِ ساز طور استعمال ٿيندڙ گھاگھرون ھتان جي ڪنيرن کان ٺھرايائين ۽ بہ ٽي گھگھيون پاڻيءَ لاءِ ٺھرايائين جيڪي وڃڻ وقت پاڻ سان گڏ ھندستان کڻي ويو ھو. ناروشاھہ ۾ ڳايل وقت مليل پئسا مسجد شريف لاءِ ڏئي ويو ھو. وڃڻ وقت شھر جي سيني ماڻھن کان موڪلائي ويو ھو. شھر جا ماڻھو چندر کي ساڳئي استقبال سان اسٽيشن تي رُخصت ڪرڻ لاءِ وياسين ۽ ماڻھن اوچنگارن سان کيس رُخصت ڪيو. اسانجي گھر - (يعني ماستر چندر جي گھر کي ڪيترائي سياح اديب دانشور ۽ سندس دوست ھند ۽ سنڌ مان سندس گھر ڏسڻ ايندا آھن) ڪڏھن تہ ٽي ٽي ڀيرا ھڪ ڏينھن ۾ بہ سندس مداح گھر گھمڻ ايندا آھن. اسان ڪڏھن بہ گھر گھمڻ لاءِ اچڻ وارن کان بيزاري محسوس ڪندا ناھيون مگر وس آھر ھنن جي خدمت بہ ڪندا آھيون. تازو 2007ع ۾ ضلع حڪومت جي نائب ناظم سردار علي خان عالماڻي جي تعاون سان جناب سڪندر علي خشڪ ڊي.ڊي.او روينيو نوشھرو نيروز ۽ سنڌ جي ادبي سنگت ڀاران نارو شاھہ ماستر چندر جي ورسي وڏي شان ۽ شوڪت سان ملھائي وئي. تقريب سان سيئي انتظام منھنجي حوالي ۾ جن کي مون آسان طريقي سان نڀايو.

قادر سومري پاران ماستر چندر تي لکيل ڪتاب سنگيت آچاريہ ماستر چندر مهان ڪلاڪار جي مهورت ۾ مونکي دعوت ڏني ۽ آءٌ انهيءَ دعوت ۾ پهتس تہ اُتي موجود مهمانن سان منهنجو تعارف ڪرايو ويو ۽ مهمانن سان ملهايو ويو. دعوت ۾ شريڪ مهمان جناب مظهرالحق صديقي جناب محمد ابراهيم جويو جناب ابدالعميد سنڌي ڊاڪٽر حبيب صديقي محمد حاشم لغاري پروفيسر اعجاز قريشي دادي ليلا نصير مرزا ڊا. عابد لغاري منظور سولنگي ادريس جتوئي ذوالفتار هاليپوٽو گل موڙو جَهڙا عقابر اِنسان موجود هئا. سڄو پنڊال پريل هو اُتي مون ناچيز کي ماستر چندر تي ڳالهائڻ جي دعوت ڏني هئي. منهنجي سامهون علم جا پنڊار ۽ يونيورسٽون وينل هيون اهڙن عظيم ۽ انمول انسانن جي سامهون اختر حسين خانزادي جي زبان ماستر چندر تي ڇا ڳالهائيندي، ماستر چندر تہ دنيا ليول جو سنڌ هي ڳائڻو ۽ شاعر هو. لفظ منهنجو ساٿ نہ پيا ڏين. چپ خشڪ ٿي پيا وڃن. مگر مون همٿ ٻڌي ماستر چندر جي شان ۾ ۽ ماستر چندر جي محبت ۾ ميلو مچائيندڙن جي خدمت ۾ چند لفظ چيا جيڪي هيٺ ڏنل آهن.

رکي ناتو نپايو هان، سنگت جلدي ڇنايو ڇو

نہ رهڻو هو بي راڳي پو، هتي بنگلا بنايو ڇو

حق موجود، سنڌ موجود

سنڌ جا سڄڻو ! اديبو، شاعرئو، دانشورو سنڌ جي آڳاٽي مهان ڪلاڪار سنگيت آچاريہ ماستر چندر تي، ناميارو محقق ڊاڪٽر غلام قادر سومرو جي قلمي پورهئي کي شايع ڪرائي مذڪورو ڪتاب جي مهورت لاءِ هت گڏ ٿيل سيئي دوستو سڀ تہ اوهان وڏي مبارڪ جا مستحق آهيو جو پنهنجي مشاهيرن کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ علمي ادبي طريقا استعمال ڪندي، سندن يادن کي زندگيءَ جي نوعيتن کي، مختلف پيرائن ۾ مختلف رخن کي روشناس ڪرائڻ لاءِ تمام پهلوئن کي ڪني ڪرڻ لاءِ وسان نہ ٿا گهٽايو. سو سنگت جي مها نالي ماسترچندر جي

ڪندي ڇيو تہ ماستر چندر پنهنجي شاعريءَ سان گڏ سنڌ جي صوفي بزرگن کي ڳائي ڇڏي مڃتا ماڻي آهي ۽ سنڌ هي راڳ ۾ نوان لاڙا پڻ ڏنا آهن جن مان اسانجي نئين نسل کي سٺي ڄاڻ ملندي. ان موقعي تي هن چندر جي ورسي ملهائيندڙ کي واڌايون ڏنيون هن کان بعد ۾ جناب جويو تاج جويو پنهنجي صدارتي خطاب ۾ 1947ع ۾ جي ورهاڱي تي روشني وڌي. هند-پاڪ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کانپوءِ اڪثر هندو پنهنجو وطن سنڌ ڇڏي اکين ۾ آب آڻي پنهنجا اباڻا ڪک خالي ڪري پارت هليا ويا. چندر پڻ سنڌ ڇڏي انڊيا ۾ پهريان اجمير پوءِ ممبئي ۽ ڪلڪتي ويو. آخر ۾ ممبئيءَ ۾ مشقل رهائش اختيار ڪيائين جتي شيوا جي پارڪ لڳ سندس گهر چندر هائوس آهي مطلب تہ جويو صاحب ماستر چندر جي شاعري ڪلاڪاريءَ سميت زندگيءَ جي سڀني پهلوئن تي ڳالهايو هن کانپوءِ راڳ رنگ جي محفل تي جنهن ۾ اُستاد عبدلقيوم وسطڙو سندس فرزند غلام رضا وسطڙو قائم الدين سولنگي سڄي رات ماستر چندر جو راڳ ڳائي محفل کي خوب گرمايو ۽ مهمانن کان خوب داد حاصل ڪيو. هن محفل مان شعر جو ماڻهن خوب مزو ماڻيو. لطف اندوز ٿيا. اسانجي نئين نسل کي ماستر چندر بابت ڇڱي ڄاڻ حاصل ٿي. ڪي.ٽي.اين ۽ سنڌ ٽي.وي. پاران ورسيءَ جو سڄو پروگرام رڪارڊ ڪيو. ورسيءَ ۾ محمد اسلم خانزادو عرف بابو فوجي اُستاد سهراب خانزادو نديم اختر خانزادو فاروق احمد خانزادو وسيم افتر خانزادو تنوير احمد خانزادو انيس احمد خانزادو محترم اُستاد گل حسن تيوٽو نعيم احمد تيوٽو اُستاد محمد ملوق سستوئي خاص تعاون ڪيو.

ورسي ملهائڻ کان اڳ ۽ پوءِ جناب سڪندر علي خشڪ صاحب جو اسان سان پورو تعاون رهيو آهي. ورسيءَ واري ڏينهن خشڪ صاحب پاران گهٽين ۽ نالين کي نهرائي ڏيڻ وارو واعدو پورو ڪيو ويو آهي جنهن جا اسان ٿورائتا آهيون. ماستر چندر بابت ۾ سنڌ ۾ ڪٿي بہ ڪا تقريب ٿيندي آهي تہ مونکي ضرور دعوت ڏني ويندي آهي. 20 اپريل 2008 تي سنڌي لئنگويز آٿارٽي پاران حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر غلام

ماسٽر چندر سنڌ جو هڪ نہ وسرندڙ فنڪار



- محمد رمضان سهتو

وطن جي حب هر ڪنهن انسان جو فطري شبو آهي. وطن جي حب ۾ عظيم جدوجهد ڪندي ڪيترا انسان دنيا ۾ پنهنجون قيمتي جانيون قربان ڪري چڪا آهن. جنهن لاءِ دنيا جي ادبي تاريخن ۾ ڪيترائي شاهڪار ملندا. وطني حب جو جذبو نہ رڳو پنهنجي جان قربان ڪرڻ سان ظاهر ڪري سگهجي ٿي ليڪن ان لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي نمونا ٿي سگهن ٿا جهڙوڪ :- ادبي، سياسي، فن ۽ اداڪاري پڻ وطني حب جي جذبي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي سگهن ٿا.

قلندر شهباز پيتائي گهوٽ، سچل جي سنڌ سڄوريءَ پنهنجي متيءَ ۽ محبت ڀري سرزمين مان جنتي غلام دائود پوٽہ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، حسام الدين راشدي، ميران محمد شاه جهڙا عظيم دانشور، سخنور، اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن. اُتي سنڌ سڄوريءَ جي پٽي استاد خير محمد جيوڻي ٻائي، ماسٽر چندر ۽ استاد منظور علي خان جهڙا نہ وسرندڙ فنڪار پيدا ڪري دنيا وارن لاءِ ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ ۽ سنڌ جي سرزمين پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سبب اينتري تہ شاهوڪار آهي جو دنيا جا عظيم دانشور بہ سنڌ جي ٻوليءَ، ثقافت ۽ رسمن ريتن جي مطالع لاءِ ڪوشان نظر اچن ٿا. سنڌ جي مفڪرن، اديبن ۽ شاعرن ۽ فنڪارن تي تفصيل سان لکڻ لاءِ هن ننڍڙي مضمون ۾ جاءِ ڪانہ آهي ليڪن آئون پنهنجي جذباتي خيالات ۾ اڄ سنڌ جي هڪ نہ وسرندڙ شاعر ۽ فنڪار ماسٽر چندر جي وطني حب، روح رهاڻ بابت ذڪر ڪندس جيڪو سنڌ واسين لاءِ پنهنجي فنڪاريءَ سبب هميشه زنده رهندو. سندس ڳايل ڪلام ۽ سنڌ لاءِ احترام ۽ سڪ جو اندازو پڙهندڙ حضرات اڳتي هلي ڪندا تہ ماسٽر چندر ڪي پنهنجي منڙيءَ سنڌ لاءِ ڪيتري حُب هئي. ماسٽر چندر اڄ جسماني طور هند ۾ سنڌ وارن کان الڳ تي

ناماچاري ڪان اسان جو نسل تہ ببشڪ واقف آھي مگر اسان جي پوين
کي ان جي گيت مالائن جي حقيقت آشڪا ڪرڻ لاءِ ھي ڪتاب اھم
ڪم سرانجام ڏيندو جينوٽيڪ سنڌي سنگيت ۾ نمايان
ڪارڪردگيءَ آڌار تي سموري سنڌ ماستر چندر تي فخر ڪري ٿي
مگر اسين ناروشاھہ واسي سندس جنم ڀوميءَ ڪي پنھنجي شھر سان
ملبل نسبت تي اَجا وڏيڪ خوشيءَ جو اِظھار ڪندا رھندا آھيون مگر
مونکي خصوصي احساس ۽ فخر جون لوليون تسڪين آور بنائينديون
آھن تہ مان ان مھان ڪلاڪار عظيم انسان جي گھر ۾ رھان ٿو جيڪو
ان نسبت سان وڌيڪ مطابقت ڏني آھي، ان جي ڊيزائين ۽ دروازي
سان لڳل نالي جي اصل تختي کي حفاظتي انداز ۾ برقرار رکيو آھي
۽ جيئن مھان سنگيت ڪار جو روح پنھنجي جنم ڀوميءَ جي تسڪين
سان گڏ تاديبي سڪون ماڻي سگھي آئينده بہ اھڙو مثبت ڪردار ادا
ڪرڻ جو خواھان آھيان مزيد لاءِ عرض تہ چندر جي يادگار سلسلي ۾
وس آھر تعاون ڪندو رھندس. اوھان سيني سڄڻين جي مھرباني جن
مون کي مدعو ڪري ڳالھائڻ جو موقعو ڏئي، موضوع جي ھر پاسي کي
ڪارائتو بنايو آھي آخر ۾ آءٌ اينترو ضرور چوندس تہ ھن عظيم ڌرتي
جي عظيم فرزند محترم سڪندر علي خشڪ جيڪو ماستر چندر جي
ناتي اسان سان تعاون ڪيو آھي اِھو اسان ڪڏھن بہ وساري نہ ٿا
سگھون سچ پچ تہ منھنجي سڄاڻپ ماستر چندر جو گھر ئي آھي 1955
جڏھن ناروشاھہ آيو ۽ ھنان گھمڻ ڪانپوءِ واپس ھندستان موٽي ويو تہ
خط لکي منھنجو ۽ منھنجي گھر وارن جو شڪريو ادا ڪيائين.

آخر 20 اپريل 2008 تي 6 وڳي شام سنڌي لينگوئيج اٿارٽي،
حيدرآباد.

مرحوم ۽ اُستاد عبدالله سومرو مرحوم ناروشاد ھاءِ اسڪول جي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ طرحي طرحي جون ڪوششون ڪري رھيا ھئا ۽ ھڪبئي لاءِ ٻئي ڄڻا لازم ملزوم ھئا.)

ماستر چندر پينٽ ۽ قميص ۾ ملبوس ھو اسٽيشن گيٽ تي پيار ۽ سڪ وچان شھرين جي اينتري تہ رش تي ويئي جو گاڏيءَ مان لھي ٽانگي تي سوار ٿيڻ تائين ڪين اٽڪل اڌ ڪلاڪ جو ٽائيم لڳي ويو. استاد عبدالله مرحوم سائين گڏ ٽانگي ۾ سوار ٿيو ۽ پويان سندس ڪيترائي ٽانگا جلوس جي شڪل ۾ ھلڻ شروع ٿي ويا منھنجي خيال ۾ ماستر چندر جي جمڻ وقت بہ اينتري خوشي ناروشاہ جي شھرين کي ڪانہ ٿي ھوندي جيتري ھن نئين ملاقات وقت ڪين ٿي ھئي. مطلب تہ ڪيس ٽانگن جي جلوس ۾ شھر ۾ آندو ويو جيئن تہ ڪين ناروشاہ ۾ صرف چوويھہ ڪلاڪ ترسڻو ھو تنھنڪري استاد عبدالله مرحوم طرفان ڪيس شھر گھمڻ ۽ دوري ڪرڻ جي تڪڙي دعوت ڏني ويئي. ليڪن مھمان جي پھرين خواھش اھا ھئي تہ مونکي پھريائين پنھنجو گھر گھمايو وڃي سندس انھيءَ اسرار تي سندس ٽانگي کي سندس آباڻي گھر واري گھٽي ۾ بيھاريو ويو. جيئن تہ سندس گھر ۾ مھاجر فيملي آباد ٿي چڪي ھئي. تنھنڪري ان مھاجر کي سڏائي ماستر چندر جي خواھش کان آگاھہ ڪيو ويو. جنھن پنھنجا ٻار پاسيرا ڪرائي گھر ۾ اچڻ جي خوشيءَ سان موڪل ڏني. جيئن ئي ماستر چندر گھر ۾ ھرھڪ ڪمري جو واري واري سان معائنو ڪري رھيو ھو، مون ڏٺو پئي تہ سندس اکين مان نير جاري ھو ھر ھڪ ڪمري گھمڻ بعد نلڪي تي آيو ۽ پنھنجي ھٿن سان نلڪو ھلائي ٻتي ڍڪ پاڻي جا پيتائين ۽ استاد عبدالله مرحوم کي التجا ڪيائين تہ جيسين آئون ھتي آھيان مونکي پنھنجي نلڪي جو پاڻي پياريو وڃي.

ھنن مثالن سان سندس وطني حب نمايان نظر اچي ٿي. استاد عبدالله مرحوم يڪدم پئسا موڪلي شھر مان ھڪ نئون دلو گھرايو ۽ ان نلڪي تان پرائي ٺڪاڻيءَ ڏانھن روانو ڪيو. جتي ماستر چندر جي رھڻ جو بندوبست ڪيل ھو. ھن کان بعد ڪيس ناروشاہ جو شھر گھٽي

ڇڪو آهي. ليڪن سنڌس جادو ڀرئي آواز ٻڌڻ سان اڄ به اهو محسوس ٿيندو ته سنڌس محفلون اڄ به هندستان ۽ سنڌ وارن سنڌين لاءِ ناقابل فراموش آهن. هن پنهنجي آواز ۽ فنڪاريءَ جو اصل سنڌ تي پورو ڏاڍو ڇمائي اهو محسوس ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي ته هو اڄ به سنڌ ۽ هند جي سنڌين لاءِ زنده آهي.

سيپٽمبر سنه ١٩٥٥ع جو اهو ڏينهن مونکي ياد آهي جنهن ڏينهن ماستر چندر ۽ سنڌس وڏو پٽ پنهنجي ساٿين سان هندستان کان ڪجهه سنڌ گهمڻ آيا هئا ۽ هڪ رات لاءِ ٺارو شاه پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾ پڻ اچي ترسيا هئا. منهنجي مستقل رهائش انهن ڏينهن ۾ نوڪريءَ سانگي ٺارو شاه شهر ۾ هئي. ان ڏينهن ٺاروشاه شهر ۾ اها ڳالهه ڪنوڻ وانگر هلي رهي هئي ته اڄ ماستر چندر اچي رهيو آهي. سندن اچڻ جو پروگرام فيڊر ڳاڏي جيڪا محرا ٻپور کان پڊ عيدن وڃي هئي ان ۾ هو. افسوس جو اها فيڊر لائين هن وقت بند ڪري سنڌي ماڻهن کان اها سهوليت به کسي ويئي آهي.

ان ڏينهن منجهند جو انڪل ساڍي ٻارهين بجي ڳاڏي اسٽيشن تي پهتي هئي. ٺاروشاه جا ڪئين شهري ماستر چندر جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ڳاڏيءَ جي انتظار ۾ اڳئي اسٽيشن تي موجود هئا جن ۾ آئون به شامل هوس، جئين ئي ڳاڏي بيٺي ته يڪدم هڪ پوري رنگ جو اڌڙوٽ عمر جو شخص هڪ ڳاڏيءَ مان نمودار ٿيو، جيئن ته ٽرين اينٽري ڏٺي نه هئي تنهنڪري مهمان جي شناخت جلد ۽ آسانيءَ سان ٿي ويئي سنڌس پريان سا زنده ثابتيءَ خاطر ڪافي هئا ۽ هڪ نينگر جنهنجي عمر ان وقت انڪل تيرهن چوڏهن سال ٿئي ها ساڻن گڏ هو آئون هتي ٺاروشاه شهر جي هڪ شخصيت جا ان وقت بيحد احترام ۽ عزت جي لائق ٺاروشاه هاءِ اسڪول جو ڪيس روح روان چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ان جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ڇاڪاڻ ته ان شخصيت جو هن مضمون سان گهڻو واسطو آهي. اها شخصيت هئي استاد عبدالله سومرو مرحوم جنهن وڏي ڳاڏي مان لهندي ماستر چندر جو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايو. (ياد رهي ته استاد غلام علي قريشي

هجوم جو ڏيان ڇڪجي ويو ۽ گوڙ پڻ گهٽجي ويو ۽ سڀ ڪو هڪ ٽڪ تي ويهي رهيو ۽ ماستر چندر (ائٽ اچا مان ننيڙي آهيان، وڏي به نيٺ ته ٿيندس) ٻڌائي حاضرينن جا واهه واهه سان گڏ داد حاصل ڪيا ان ڪلام پوري ٿيڻ بعد استاد عبدالله مرحوم طرفان ماستر چندر کي ناروشاه هاءِ اسڪول ۽ شهرين طرفان به رومال پيش ڪيا ويا جي سندن ئي هٿ جا ناهيل ۽ پينٽ ڪيل هئا. ياد رهي ته استاد مرحوم هاءِ اسڪول ۾ ڊرائينگ ٽيچر سان گڏ هڪ وڏي آرٽسٽ جون خدمتون انجام ڏيئي پنهنجون يادون ڇڏي ويو آهي. خدا شال ڪين انهيءَ قومي خدمت جو صلو ڏئي اهڙن محبوب استادن لاءِ اڄ به اکيون اشڪبار آهن ان بعد محفل جو اختتام ٿيو ۽ سڀ ڪو واه واه جا گيت ڳائيندو اوجاڳيل اکين سان پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيو.

ماستر چندر جو گهڻو تڻو ڪلام عشقيه مزاجي آهي سندس ڪلام جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته هن سنڌي راڳڻين جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن شاه جي سورمين ڪانسواءِ پڪو راڳ، لاڏو لوليون، فراق ۽ جدائي جي موضوعن تي گهڻو ڪلام ڳايو آهي. جو اڪثر سندس ئي چيل معلوم ٿئي ٿو ۽ سندس ڪجهه رڪارڊ ڪرايل ڪلامن ۾ پرسرام 'ضيا' جو ڪلام پڻ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. آئون جڏهن به آل انڊيا ريڊيو تان يا ڪنهن ٽيپڪارڊ ۾ ماستر چندر جو ڪلام ٻڌندو آهيان ته منهنجي اکين اڳيان سيپٽمبر سنه ١٩٥٥ع جو اهو ڏينهن ۽ رات تري ايندي آهي جنهن ڏينهن مون ماستر چندر کي ڏٺو ۽ رات جو سندس زبان مان ٻڌو ته 'ائٽ اچا مان ننيڙي آهيان، وڏي به نيٺ ته ٿيندس' خدا شال اهڙن زنده دل فنڪارن جي روح کي آرام ڏئي.

ڳپتي ڪري ڳولهايو ۽ آخر ۾ مارڪيٽ واري جامع مسجد جا ان وقت زير تعمير هئي ۽ انجي تعمير ڪرائڻ ۾ استاد عبدالله مرحوم جو وڏو هٿ هو. مسجد ڳولهائڻ لاءِ ماسٽر چندر سان گڏ اسان به مسجد ۾ داخل ٿياسون. استاد عبدالله مرحوم مسجد جي اڏاوت لاءِ ورتل ڪوشش بابت ۽ ضرورتن بابت ڪيس تفصيل سان ٻڌائي رهيو هو ۽ ماسٽر چندر سندن ڪوشش جي مسڪرائيندي واکاڻ ڪري رهيو هو. ان ڪان بعد استاد مرحوم طرفان ڪجهه آرام ڪرڻ لاءِ ڪيس مشورو ڏنو ويو ۽ ٽڪاڻي ۾ پهچائي سڀ ڪو پنهنجي منهن هليو ويو ۽ ايندڙ رات جو هاءِ اسڪول گرائونڊ تي راڳ رنگ جي محفل جو انتظام ڪيل هو. تنهنڪري سڀ ڪو خواهشمند انهن گهڙين جو شدت سان انتظار ڪري رهيو هو. آخر انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون رات آئي شائقين هاءِ اسڪول گرائونڊ پهچڻ شروع ٿي ويا. مون ڏٺو ته حاضرينن جو هڪ اٿاهه سمنڊ نظر اچي رهيو جيڪي پري پري جي ٻهراڙيءَ وارن ڳوٺن ۽ نوشهرو فيروز پريا، دربيلو ۽ ڪنڊيارو وغيره شهرن ڪان ماسٽر چندر جي هڪ جهلڪ ڏسڻ ۽ ڪيس ٻڌڻ لاءِ کهي آيا هئا.

سڀ ڪو ماسٽر چندر کي نزديڪ ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جو سامهون هڪ سهڻي نموني سجايل ڊائس تي پنهنجي سازندرن سان ويٺل هو ۽ محفل جي شروع ٿيڻ لاءِ استاد مرحوم حاضرين کي ضابطي ۾ رهڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر تان اپيلون ڪري رهيو هو.

محفل جو آغاز ٿيو ۽ اوج تي پهتي شائقين پنهنجي پنهنجي خيال مطابق فرمائشون ڪرڻ لڳا ڪجهه فرمائشون پوريون ٿيون ۽ ڪن لاءِ ٽائيم نه هئڻ سبب معذرت گهري ويئي. ماسٽر چندر پنهنجي فن سخاوت جو ثبوت ڏيندي ۽ حاضرينن کي يڪراءِ راضي ڪرڻ خاطر لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪندي ٻڌايو ته هاڻي آئون اوهان سيني جي اڳيان هڪ سنڌ جي نئين سوکڙي ڪلام جي صورت ۾ پيش ڪندس جيڪو آئون هندستان ڪان ناهي کڻي آيو آهيان ۽ اجا رڪارڊ به نه ڪرايو اٿم اُميد ته اوهان سيني کي پسند ايندو ۽ آئون اهو هتان ڪراچيءَ وڃي رڪارڊ ڪرائيندس ۽ پوءِ هندستان ويندس. انهيءَ تي

آواز جي نوراني چادر معاشوه تاڻيل رهي.

انهن پايان ٿو ته ان طلسماتي ڪشش ۽ هپناٽائيز ڪندڙ صوتي اثر جو هڪڙو ڪارڻ ته چندر جي اندر جو سوز هوندو، جيڪو هو پوريءَ طرح پنهنجي راڳ ۾ پلٽائي ڇاڻندو هو؛ پر ٻيو وڏو ۽ پڌرو سبب اهو ٿو نظر اچي، ته ان زماني جي مبهم ۽ موهوم عشق حقيقيءَ تي ٻڌل سنڌي ڪلام، صوفياڻي راڳ ۽ فقيراڻي سرتال واري سانتيڪي وايومنڊل ۾، عشق مجازيءَ جي پيڙ تي پهريون ڏونڪو هڻڻ وارو ماسٽر چندر ئي هو. صوفياڻي ڪلام جي بيت ۾ ماسٽر ۽ ضيا جون ڪافيون (چندر جون ڳايل)، هڪ سچي پچي ۽ خاطي انسان جي اُڌمن جي ڀرپور ۽ ڪلمڪ اپٽار هيون. اهڙيءَ ريت چندر، نه رڳو سنڌي ڪافي ۽ ڪلام جي لفظي ڪايا پلٽ ڪري ڏيکاري، پر ان کي هڪ نئون انداز، آواز، لهجو، وچت ۽ طرز ادا ۽ عطا ڪئي. اهڙيءَ طرح هو نئين سنڌي عوامي راڳ جو موجد آهي. اها ڳالهه چٽي ۽ مڃيل چٽبي ته چندر، پنهنجي ڳائڻ جي نرالي رنگ ڍنگ جو پاڻ ئي خالق آهي. چندر کان اڳ جو اهڙو ئي ڪو چٽو مثال گهٽ ۾ گهٽ مونکي ڪونه سجهي. ها، البت چندر جو نقل، اهل، پيروي پوءِ گهڻن ئي ڪئي. اهو نئون نرالو ۽ من موهه انداز خلقڻ وارو، ڪوي ۽ راڳي، منهنجي سرت سان ٽيڻ ۽ اڪ پنڻ کان گهڻو اڳ ئي پنهنجو وجود مڃائي، مانڊاڻ منڊي، بلڪ مات ۾ مانڊاڻ وجهي چڪو هو. مان جهنگ جهر، واهڻ وستي، شهر ٻهر سندس ٻول ٻرندي ٻڌا.

عشق مجازيءَ جا سوز پريا راڳ ڳليءَ ڳليءَ پکيڙڻ واري راڳيءَ جڏهن پنهنجي جوءِ مان آکيري پتجڻ جو عذاب سنو، ته اُن پيڙا کي وچڙيل توڙي اڻوچڙيل وطني ماڻهن جي روح ۾ رسائي ڇڏيائين:

مالڪ، تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين،

هر هنڌ، هر حال مو، رانول، رهبر ٿيندين.

مونکي اهو ٻڌي ڏاڍو ڏڌ ۽ سرهائي پهتي آهي، ته ڊسمبر ١٩٨٢ جي ٢٧ تاريخ سنگيت آچاريه ماسٽر چندر جي پنجهترين (٧٥) سالگره وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي پئي وڃي. مان هن خوشيءَ جي ڏينهن ۽

هڪ ڳالهه ته ٻڌ !



- ذوالفقار راشدي (شاهه جو ڳوٺ، لاڙڪاڻو، سنڌ)

جڏهن اجا سانير سان مس ٿيس، ته پهريون ئي ڀيرو ماستر چندر جو آواز هنن لفظن ۾ ڪن پيم :

"هڪ ڳالهه ته ٻڌ، منهن ٽيڏي ڪري!"

تڏهن مون ۾ ايتري سرت به ڪانه هئي جو ماستر چندر جي اُن ڳالهه جو مطلب پروڙي سگهان، جيڪا هن ڪنهن من-پرتي کي منٿ ڪري ٻڌائڻ پئي گهري. پوءِ به اُهو رڪارڊ مونکي ايڏو ته وڻيو هو، جو ور ور ڪري ٻڌڻ سان ڍءُ ڪونه پئي ٿيو. خاص طرح ماستر چندر جو هڪ ڏنڪ سان چوڻ : "هڪ ڳالهه ته ٻڌ !"

اُنهن ڏينهن ۾ ماڻهن جي ذهن تي هونءَ ته ڀڳت ڪنوررام ۽ جيوٽي بائي ڏاڍو گهڻو ڇانيل هئا، مگر جڏهن ڪٿي گراموفون تي چندر جي ڪلام جو رڪارڊ وڄندو هو، ته ماڻهو مڙي ويندا هئا. چندر پنهنجي انداز، ساز، الفاظ ۽ آواز سان ملول دليون گد گد ڪري ڇڏيندو هو. خاص ڪري جواڻ جماڻ دليون. چئجي ڪٿي ته اُنهيءَ زماني ۾ مونکي جيوٽي بائيءَ جا مارن جي سڪ وارا ڪلام سمجهه ۾ ڪونه ويهندا هوندا مڃان ٿو، ته ڀڳت ڪنوررام جو "آءٌ ڪانگا، ڪر ڳالهه مون سان تن ماروئڙن جي"، پڻ منهنجي ٻاراڻي فهم جي پهچ کان مٿي هوندو، توڙي جو ماڻهو سندس ٻاجهاري ۽ مٺي آواز، نماڻي ۽ پياري انداز جا گهوريا هوندا هئا. مگر تن ڏينهين ته منهنجي عمر ماستر چندر جي عشق مجازيءَ جي مام کان محظوظ ٿيڻ واري به ڪانه هئي، پوءِ به الائي ڇو چندر جو راڳ سڌو من ۾ پيهندو پائڻبو هو، سندس هر ٻول، هر ڪلام ۽ هر رڪارڊ، دل کي هڪ عجيب، اڃاتل ۽ الوڪ بهاري بخشيندو هو. من ٻوڏ ۾ اچي ويندو هو ۽ بدن جي لون لونءَ ڪانڊارجي ويندي هئي. چندر جو آواز ٻڌندي دل چوندي هئي، ته جيڪر وچ وچ ۾ اها ساز سرور جي گهاري به نه هجي ته چڱو ۽ منهنجي سڌٻڌ تي غبي جادوءَ پريئي

اَسين مهمان دم پل جا



- مهتاب محبوب (سنڌ)

ٽيليپيٿي يا ڇهين حس ڇا آهي؟ مان في الحال ان بحث ۾ نٿي پوڻ چاهيان. بس رڳو اينرو ڄاڻان ٿي ته جيتري دير ٽيليفون يا ٽيليگرام پهچڻ ۾ لڳائين، انهن کان به اڳ ۾، جا شيءِ پهچي ٿي، اُهي آهن پسڻ يا پروڻ، جيڪي پاڻمرادو پوندا آهن ۽ جن جي تائيد رڪي رڪي پئي ٿيندي آهي.

پسڻ رڳو انهن جا پوندا آهن جن سان روح جو ڪو ويجهو ۽ گهرو لاڳاپو هجي. جو سٽ ڪنهن کي اچي ته سور کان پاڻ به بچائي نه سگهجي.

تنهن ڏينهن مونکي به اوچتو دادا چندر جي ڏنل فيروزي رنگ جي پارڪر پين جي نب ٽهرائڻ جو خيال آيو، صبح سان سائين محبوب کي ڪراچي اُسهندو ڏسي اِها پين آڻي ڏني مان ۽ گڏ تاڪيد به ڪيم ته واپسيءَ تي هند مان گهمي آيل غلام علي شاد نالي ڪنهن ڪلاڪار وٽان اهو خط ۽ ڪتاب به ڪنيو اچن جنهن جو مهنو ڏيڍ اڳ، هن خط ذريعي اطلاع ڏنو هيم، ته ڪيس مهيش چندر منهنجي لاءِ ڏنو هو. الائي ڇو مونکي انهيءَ خط جو ڏاڍو انتظار ٿي پيو. ٻه- ٽي ڦيرا ماڻهو ڪراچي ويو پر شاد صاحب ڄاڻايل ائڊريس تي موجود ئي نه هو. رڪي رڪي پور ٿي پيا ته الائي دادا جو ڪهڙو نياپو هوندو، ڪهڙي ڳالهه هوندي محبوب جي ڪراچي وڃڻ بعد مان يڪو ڏيڍ ڪلاڪ دادا چندر جي ڪيسٽ ٻڌڻ شروع ڪري ڏني. وچ وچ ۾ سندس ٽوٽڪا ۽ چرچا ڏاڍو ندرائي رهيا هئا ۽ گڏ اها ياد به تازي ٿي ڪئي، جڏهن مان سندن مهمان ٿي هئس. مون محسوس ڪيو ڄڻ مان هند مان موٽي نه هجان... ڪيسٽ مس پوري ڪيم جو فون جي گهنٽي وڳي، ياءُ نثارحسيني هو. يائين، 'ادي خبر ٻڌي اٿو؟' هيانءُ نپوڙجي ويم....' الله خير ڪري... ڇا ٿيو.' ٻڌندڙ آواز ۾ وراڻيم.' ماسٽر چندر گذاري ويو!

موقعي تي ڪيس دلي دعائن، نيڪ تمنائن، اٿاهه محبتن ۽ سڀ کان وڌي ڀالهه، ته سنڌ مان سلامن جي سوغات موڪليان ٿو.

سنگيت آچاريه، مان توکي، تنهنجي جنم ڏينهن ۽ مان سالگره مبارڪ چوان ٿو! ڌڻي توکي عمر خضري عطا ڪري ۽ اسان هر سال اوهانجي جنم ڏينهن جي مبارڪ ڏيندا رهون، جيسين جيئون!

فلم : جَهوليلعل

شاعر : گوورڌن ڀارتي - سنگيت : سي. ارجن

گايڪ : ماسٽر چندر

سيني جو سدائين تون....

سيني جون سدائين تون ئي آسون پڄائين،
جهوليلعل سائين، جهولي جهولي لعل سائين.

۱. سوين ٿا اچن روز تو در سوامي
مگر تو وٽان ڪوئي وڃي ڪونه خالي
جي وچڙي وڃن ٿا تن کي وري تون ملائين
جهوليلعل سائين....

۲. ڏکين کي سکيو ۽ ستابو ڪرين تو
بکين جا به داتا ڀنڊار ڀرين ٿو
ميا مهر جا مڙني تي وري ٿو وسائين
جهوليلعل سائين....

۳. امر جوت تنهنجي سدا جڳمڳائي
سڄي جڳ جون راهون ٿو روشن بڻائي
ڪري تون اُجالو سارو انڌيرو مٽائين
جهوليلعل سائين....

۴. صدق سان جي ڪنهن ڪنن مان پُڪاريو
اُنهن کي به اونهي منجهان توئي تاريو
ڪنن مان ڪڍي ٿو ڪشتيون ڪناري لڳائين
جهوليلعل سائين....

پيٽُن جهڙي ڏيءِ جو درجو ڏنو، تڏهن اچان سندس والده بہ حيات هئي. دادا کيس خوشخبري ٻڌائيندي چيو، ”امڙ، پيريءَ ۾ ڌيءِ جائي اٿئي ”تہ هوءَ بہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ دادا کي چيو تہ ان ڌرم جي ناتي کي توڙ تائين نڀائج ۽ واقعي دادا ائين ڪري ڏيکاريو. اڄ جڏهن تہ رت جا رشتا ئي مشڪل سان ٿا نڀائي سگهجن. هن پوري آدر ۽ مان سان هن دين ڌرم جي رشتي کي توڙي نڀائي پنهنجي مهانتا جو اڻ مٽ ثبوت ڏنو. هڪ پيري ڏانهس لکيل خط جي پڇاڙيءَ ۾ شرارتا لکيم ”توهان جي وڏي ڀيڻ“ تہ جواب لکيائين، ”ادي هاڻ مان تنهنجي اها چٺي دستاويز ڪري رکي آهي. تو پاڻ پنهنجي اکرن سان قبول ڪيو آهي تہ تنهنجي وڏي ڀيڻ ماهتاب هاڻ تہ مان ننڍڙو آهيان. مون تي ڪوئي بار ڪونهي، نڪا ميار آهي. مان رسندس تہ تون مونکي ضرور پرچائيندينءَ. جي احوال ۾ دير ڪندس تڏهن بہ ننڍڙو ڀاءُ سمجهي معاف ڪندينءَ ۽ وري وري پٺي ريجهائيندينءَ ڳتيون ناهي ڪاڏو ڪارائيندينءَ. مان تہ اچان تہ ڀارت ۾ مون سان ملڻ ضرور ايندين....“

دادا چندر کي سنڌ اڇڻ جي ۽ سنڌ واسين سان ملڻ جي بي انتها خواهش هئي، پر جڏهن هو اچي پئي سگهيو، تڏهن سندس مصروفيتون انتهائي وڌيل هيون. ڪڏهن بئنڪاڪ تہ ڪڏهن نيويارڪ تہ ڪڏهن جپان، ٻيو تہ نهيو سڄي هندستان ۾ ئي هو اڪيلي سر پورو نٿي پئجي سگهيو ۽ ان مصروفيت ۾ وقت گذارڻ جو احساس ئي نہ رهيس، پنو تڏهن پيس، جڏهن پنهنجا هيٺا هڏ سنياريائين، تڏهن نهايت ئي ڏک مان لکي موڪليائينم.

”پيريءَ ۾ پياس تہ عيب موڙيوئي اُيا ٿيا
سڄ مڙيوئي ساڻ، پر جوين ريءِ جڏا ٿيا...

دادا چندر جهڙي حساس دل فنڪار لاءِ اهي اهڃاڻ ڏاڍا مايوس ڪندڙ هئا. هو اڪثر سوچيندو هو تہ هن حياتي ۾ دل وارن ۽ دلبر ديس جو ديدار نصيب ٿيندو الائي ائين ئي پڪي اُڏامي پرديس وسائيندا. تڏهن لکيائين، ”الائي گهٽا دم آهيون، مان تہ توکي دعائون

جينوٽيڪ ڀاءُ نثار کي اها منحوس خبر ريڊيو تان پئي تڏهن بہ اعتبار ئي نہ پي آيو، ڀانيم تہ ڪا غلطفهمي ٿي هوندي.....ڪاش اها غلطفهمي ئي هجي ها. پر شام جو آل انڊيا تان پڻ اهڙي تصديق ٿي ۽ اُن رات ئي ساڍي ڏهين بجي بمبئي مان مهيش چندر جو ٽيليگرام اچڻ ڪانپوءِ تہ ڪنهن شڪ شبهي جي ڪا گنجائش ئي نہ رهي. تہ اسانجو دادا ۳ نومبر تي هميشه لاءِ موڪلائي ويو.... اُن ويل دادا جي ڳايل بي شمار گيتن مان هڪ درد ڀريو گيت بي اختيار منهنجي ذهن ۾ اُڀري آيو.

"اسين مهمان دم پل جا

اسانجي موڪلاڻي آ...."

مونکي لڳو تہ دادا اسان سيني سميت، پنهنجي ارٿي سان گڏ ويندڙ لاتعداد سنڌين کي پڻ ويندي ويندي اهو گيت ٻڌائي سندن دل کي دڪي ڪري رهيو هو... يا ڪو دلاسو ڏيئي، سندن دردن جو درمان ڪري انهن جو روح ريجهائي رهيو هو...... اهو گيت، ڪو نياپو هو يا دلاسو، پر دادا جي دل جو ترجمان ضرور هو. جڏهن بہ ڪي پيارا، دل وارا رڻ جا راهي بنجي اسان ڪان دور ٿي ويندا آهن تہ پاڻ سان گڏ اسانجي زندگي جا بہ ڪي ڏينهن....ڪي سال ديئا داستي ٽڳايو وڃن.... پوءِ اهي ڏينهن گهٽجي گهٽجي جڏهن وڃي پري رهندا تہ اسين بہ وڃي انهن سان ملندا آهيون، ڪنهن پياري، پنهنجي ۽ ويجهي جي زندگي جا ڏينهن گهٽائڻ لاءِ..... اسين بہ تہ ڪيڏا نہ بي رحم آهيون......

دادا چندر اها مهربان ۽ ڀاڄهاري هستي هئي، جنهن جي شفقتن جي ڇانو ۾ مونکي ويهہ ڏينهن گهارڻ جو شرف حاصل ٿيو. جڏهن تہ خط و ڪتابت کي ويهہ ورهيہ گذري ويا آهن. جيڪا منهنجي اسڪول جي زماني ڪان وٺي سندس سچي زندگي تائين قائم رهي. دادا کي خدا پنج ڌيئر ۽ پنج پٽ ڏنا. جن مان بہ پٽ ڦوهہ جواني ۾ ڪيس درد جو ارمان ڏيئي هلي ويا. ڪيس ڪابہ پيڻ ڪانہ هئي. اها سندس حسرت ۽ آرزو هئي تہ ڪيس ڪا پيڻ هُجي ها. هن مونکي ڌئين جهڙي ڀيڻ ۽

مئل آهيان محبت ۾ اَچِئي.
مان مئل آهيان.
مئل کي ڪير ماريندو، مان جيئرن کان تتل آهيان.
جيئڻ وارا پيا مرندا،
مان مرڻ کان ڇٽل آهيان.

دادا جي شاعريءَ جا ٽي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. قلم جي رواني ۽ بندش پڙهندڙ کي بيحد مزو ڏيندي. بحر ۽ وزن جي ڄاڻ هوندي به هن پهريائين شعر کي مٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس خاص ڪوشش اها ئي رهندي هئي ته جيئن شعر ڦڪو نه ٿئي- نه ته ڪاظم صاحب ۽ نياز صاحب سندس استاد هئا ۽ سنگيت ۾ عاشق علي ۽ امير خان.

سنڌ ۾ دادا چندر جا ڪيترائي ڪيسٽ نڪرندا رهيا آهن پر افسوس ته ڪيس نه اُنهن جو اطلاع مليو نه رائيلٽي. جنهن ڳالهه جو ڪيس ارمان رهيو. هن چاهيو ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪانئس اهڙي اجازت ته ورتجي ها.

دادا جي سدائين اها آس هئي ته پنهنجي هلندي هلي ۽ ڪنهن جو محتاج نه ٿئي، جيڪو دم جيئي، سو خوش ٿي جيئي. خدا سندس اها خواهش پوري ڪئي.

دادا جي ڏاڍي خواهش هئي ته مان هڪ دفعو هند اچي ساڻس ملان، جو ڪيس پنهنجي جهان ڇڏڻ جي بشارت ملي چڪي هئي. سندس آخرين ڏينهن وارن خطن ۾ اڪثر اظهار هوندو هو جن کي پڙهي ڏک ٿيندو هئم. پر هن دلگير نه ٿيڻ جون ڏاڍيون دلداريون ڏنيون. هن سانحي تي خاص منهنجون نظرن آڏو هر هر دادي هيتي، جو نور وارو نماڻو چهرو اچي رهيو آهي، جنهن کي دادا چندر راڻين جيان راضي رکيو. ٻئي ڄڻا صبح جو پنهنجي پنهنجي پلنگ تي ويهي، چانهه مان ڪوسيون ڪوسيون سُرڪڙيون پريندي ڏاڍو وڻندا هئا. خدمت گذار نُهرون، لائق فرزند، فرمانبردار رعايا جيان سندن خدمت ۾ حاضر هوندا هئا. پر هجن ته جيڪر اُڏامي وڃي دادا جي غمخوار ڪتنب

پيو ڪريان. پر ڪاڻ تہ روبرو اچي مِل تہ خوشي ٿيندي. محبوب منڙو ۽ توهان سيئي اچو. احوال يڪدم ڏيو، ديدار ڏيو.... ضرور اچو....''
هر ڀيري اهائي واٽ تہ جلدي اچو. دادا چندر مونکي دل جي گهراين سان هند اچڻ جي دعوت ڏني ۽ مونکي سندس ڀروسي ۽ آسري تي سائين محبوب اِهو اڪيلو سفر ڪرڻ جي همٿ ڏياري.

دادا چندر وٽان اهڙو ڪوٺ نہ اچي ها تہ مان ''اندر جنبين اُڇ'' ۽ ''سرهي سرهي سار'' ڪڏهن بہ نہ لکي سگهان ها. سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر، اعليٰ ڪلاڪار سنگيت ڪار ۽ بهترين شاعر هئڻ کان پهرين، هڪ عظيم انسان بہ هو. قدرت جا گهرا راز ۽ رمزون سمجهائڻ جو ڪيس پنهنجو منفرد ڏانءُ هو. منهنجي دل ڪي، جڏهن بہ ڪي گهاءُ رسيا. مون جڏهن بہ ڪي صدما سَنا. تہ هن نيڪ دل انسان پنهنجي وشال دلين ۽ دلدارين سان اهي دور ڪري مونکي ڪنهن روشن ماڳ تي آڻي ٿي رسايو. اڄ بہ دل جا غبار مونکي سندس هي شعر ياد ٿا ڏيارين.

سک دک دونو پائي پائي
سمجهو ايڪ سان،
دونو ڪا آدر ڪيجئي،
ڪيون؟ دونون هئن مهمان.

دادا چندر اسان کان هاڻ ڏار ٿيو آهي پر هن جي جهان ڇڏڻ جا افواه تہ سندس جوانيءَ جي زماني کان ئي هلندا ٿي آيا. جن ڪي هو کلي پيو منهن ڏيندو هو. هڪ ڀيري رات جي وقت ڪي اخبار جا رپوٽر، اهڙي تصديقي ڪرڻ لاءِ سندس گهر تي آيا. انهن کي چيائين تہ قلم ۽ ڪاغذ کڻو ۽ اخبار لاءِ خبر لکو.

مان دنيا کي سچاٽان ٿو،
مان دنيا جو ڏنل آهيان،
نہ دنيا ئي لکل آهي،
نہ دنيا کان لکل آهيان.
چون ٿا ويو چندر ڪسجي،
برابر مان ڪنل آهيان.

سدا حيات فنڪار ماسٽر چندر

دنيا جي تختي تي اُهي قومون پنهنجا ٻانءَ اوچا ڪري زنده رهنديون آهن، جيڪي پنهنجي فنڪارن، اديبن، اڳواڻن ۽ محترم هستين جو مان ۽ قدر ڪري ڄاڻين. ڇو ته هيرن مثل عظيم انسان ۽ املهه فنڪار صدين بعد پيدا ٿيندا آهن ۽ قسمت سان ئي قومن جي حصي ۾ ايندا آهن، سنڌي قوم به لاشڪ ته خوشقسمت آهي جنهن ۾ سنگيت آچاريه ماسٽر چندر جهڙي سدا حيات فنڪار جنم ورتو ۽ پنهنجي سموري زندگي فن جي دنيا لاءِ ارپي ڇڏي.

فن جي دنيا ۾ ماسٽر چندر سان گڏ ڪيئي نالا اُڀريا، اُسريا.... بادلن جيان دلين تي ڇانيا ۽ پنهنجي فن جي سڳنڌ ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ويا پر ماسٽر چندر جو نالو اڄ به انهن سڀني ۾ ائين ڪڙي ۽ نکري بيٺو آهي جيئن چنڊ، تارن ۾.....

انڪساري ۽ نياز نوڙت جهڙا گڻ سياءُ ۾ شامل هئڻ سبب، ماسٽر چندر ڪڏهن به پنهنجي فن جي عظمت تي ڪو غرور يا وڏاءُ نه ڪيو ۽ شايد ته انڪري ئي هر سنڌي پنهنجي ان عظيم فنڪار تي ناز تو ڪري.

ماسٽر چندر جڏهن به ڪو گيت ڳايو آهي ته موسيقيءَ جي روح ڪي ڇڳيءَ ريت سمجهي، اُن ڪي پنهنجي اندر ۾ سمائي جذبن جي سچائي ۽ شدت سان منفرد روپ ڏنو آهي. هُن جو روح ۾ لهي ايندڙ آواز ٻڌي ائين پيو لڳندو ته، نه رڳو فن جا شيدائي پر جڻ سمورا ساز به سندس فن جي شاهدي ڏيندي وجد جي عالم ۾ جهومي رهيا هجن ! سچ ته اهڙو جادو جهڙو ڳائڻ هر راڳيءَ جي وس جي ڳالهه ناهي.

اڄ اهو عظيم فنڪار ۽ شاعر اسان ۾ نه هوندي به پنهنجي گيتن ۽ گفتار وسيلي، پنهنجي امر فن ۽ سهڻي سياءُ ڪري، اسانجي دلين ۾ سدائين زنده رهندو.

اسانکي پنهنجي فنڪارن ۽ سندن بيمثال فن لاءِ سدائين قدر رهيو آهي. تنڌهن ئي پنهنجي عظيم فنڪارن کي خراج عقيدت پيش ڪندي

سان سنڌن ڏک ۾ شريڪ ٿيان... ۽ ياڻ مهيش چندر کان پڇيان ته ڪٿي آهي اسانجو دادا چندر. ڪھڙين اڻ ڏٺين واٽن ۾ وڃائجي ويو آهي دادا. جو اُنان موٽي به نٿو اچي سگهي....ڪاش وڇڻ وارا ڪنهن طرح سان پنهنجي وجود جو احساس ڏياريندا رهن ته انهن جي جدائي کي به دل ائين برداشت ڪري. جيئن زندگيءَ ۾ ڪنهن جي دائمي دوري خير خيرت وارن خطن يا خبرن جي آڌار تي گذاري ڇڏبي آهي.

فلم : سنت ڪنوررام

شاعر : گوورڌن ڀارتي - سنگيت : سي. ارجن

گايڪ : ماسٽر چندر

ٻاجهارو تون، سونهارو تون - ڀڳتن جي لاءِ ڀلارو تون
ڀرمن ۾ ڀٽڪيل راهيءَ جو - رانول رکوارو تون
هڪ تون ئي تون - هڪ تون ئي تون

١. ڀن ته ٻوڙين پاتال ۾ - پهڻ به تارين تون
مئل جئارين تون - نت نيارو تون، نامپارو تون
هن جڳ جو هيءَ جيارو تون
ڀرمن ۾ ڀٽڪيل راهيءَ جو رانول رکوارو تون-هڪ تون

٢. ڪامل ڪشتيبان تون، ڪپر ڪنارو تون
ساٿ سهارو تون - سهڻا سائين ساٿ
اوپارو تون، لهوارو تون - تنڪ تار مان تارڻ وارو تون
ڀرمن ۾ ڀٽڪيل راهيءَ جو رانول رکوارو تون-هڪ تون

٣. تون ايشور الله تون - رب ۽ رام به تون - شنڪر شام به تون
چنڊ تارو تون، اجيارو تون ۽ جندل جوتين وارو تون
ڀرمن ۾ ڀٽڪيل راهيءَ جو رانول رکوارو تون-هڪ تون

٤. تون ڪعبو، ڪئلاش تون، مترا ڪاشي تون ۽ اوناشي تون
اوتارو تون، پوڄارو تون، مسجد، مندر، گردئارو تون
ڀرمن ۾ ڀٽڪيل راهيءَ جو رانول رکوارو تون-هڪ تون
هڪ تون ئي تون - هڪ تون ئي تون

قدرت کيس وطن جي سڀ سان ڀرپور ڪومل دل ڏني هئي. جنهن سان هو وطن واسين جي نفيس اَحساسن ۽ دلي جذبن جي ڀرپور ترجماني ڪندو هو. هن ٻه ڳٽي شاعر/فنڪار پنهنجي گيتن ۽ شاعري جي اِنفرادي سونهن جا جلوا پنهنجي هم وطنين کي انهيءَ ساڳي جذبي سان پهچايا، جنهن جذبي تحت اُنهن کيس ڏسڻ ۽ ٻڌڻ تي چاهيو.

اعليٰ خاندان جي هن چشم و چراغ ۾ اعليٰ اِنسانن واريون مڙئي خوبيون موجود هيون، هو ننهن کان چوٽيءَ تائين سچو سون هو. اَحساس، ڄاڻ، سمجهه سچائي، سٻاجهڙائي، جفاڪشي، خود داري، جرئت ۽ حوصلي جهڙن گڻن وارا اَهڙا منفرد ۽ شانائتا اِنسان، لاشڪ ته صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ جڏهن پيدا ٿيندا آهن، ته پنهنجي سموري دور کي، پنهنجي وجود جي لالاڻ سان رنگي ويندا آهن.

شخصي طور ۽ فن جي حوالي سان ڪيل سندس لافاني خدمتون سنڌ واسين کان ڪڏهن نه وسرنديون.

سنگيت ڪلا جو ساگر

جڏهن کان دادا چندر ''سر ۽ ساز'' جي دنيا ۾ پنهنجو مبارڪ قدم رکيو آهي تڏهن کان ئي هو هر دؤر ۾ عظيم ۽ مقبول گائڪ ليکيو ويجي ٿو. اهو اعزاز گهٽ فنڪارن کي حاصل آهي نه ته سنگيت ڪلا اُهو ساگر آهي جنهنجي من پاتال ۾ سوين ماڻڪ موتي لعل ڀريا پيا آهن جنجو ڪو ڇيهه ئي ناهي. دادا چندر به انهن مان هڪ آهي. اسان سنڌين جي خوشنصيبي آهي ته اهو جواهر اسانجي حصي ۾ آيو آهي جنهنجي غير فاني ڪلا، سنڌ جي سينڌ ۾ سندور جيان چمڪندي رهي آهي.

هنجا گيت سنگيت، سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سٽيءَ جيان سمايل آهن. ورهيه لنگهي ويا آهن پر دادا جو آواز اڄ به هرڪنهن لاءِ بي اِنتها اُتساه جو باعث آهي. سندس سدا بهار آواز ۾ جيڪا دلڪشي ۽ حسن آهي، جا زينت ۽ جواني آهي، سان دلين کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ نٿي رهي.

هن جا امر گيت ڪڏهن ته ٻڌندڙ کي گهايل ڪيو ڇڏين ته ڪڏهن وري گهاون تي مرهم جو ڪم ڏين ۽ ڪڏهن نئين سنئين چڪڻ ڪاڻ،

سندن ڏينهن ڏهاڙا ملهائي ان روايت کي زنده رکندا اچون ته اسان زنده قومون آهيون، اسان بي قدرا ناهيون، پنهنجي فنڪارن کي جياري سندن يادگار قائم ڪري اسين انهن تي ڪو ٿورو نه پيا ڪريون پر ان نيڪ عمل سان اسين جڻ پنهنجو پاڻ کي پيا جياريون.... پنهنجي قوم، ڪلچر، ٻولي ۽ روايتن کي جيئرو ۽ زنده جاودان رکڻ جا جتن پيا ڪريون..... شال اهو بي مثل جذبو هر سنڌيءَ جي دل ۾ اَبد تائين قائم رهي (آمين)

اَمر ڪلاڪار

سنڌ جي سونهن کي گيتن ۽ راڳن ۾ سمائيندڙ، محفلن جو مور ماستر چندر فن جي دنيا ۾ اَهڙي اِضافي مند جيان هو جيڪا وري نه موٽي.... سنڌ ۾ رهندڙ ماستر چندر جي دوستن ۽ مداحن کي اَڄ به هن بنا اُهي ماڳ ۽ مقام ٻسا پيا لڳن جتي هو سندن وچ ويهي، پنهنجي گيتن جو جادو جاڳائيندو هو. اُهي سنگيت پريا گيت ۽ نغما سنڌ واسين جي دلين ۾ جڻ جڳن کان آباد هجن. جي وسريو نٿا وسرن، هن جي مقبوليت جو اِهو عالم آهي ته سنڌ جي نامياري فنڪارن ماستر چندر جي ڳايل گيتن کي ساڳئي اَنداز ۽ سر ۾ رڪارڊ ڪرائي داد حاصل ڪيو آهي، سندس گائڪيءَ جو اَنداز لاشڪ ته دلڪش ۽ منفرد آهي پر جيڪو گيت جنهن فنڪار تي فٽ ٿي چڪو هجي اوليت ته بهرحال اُنجي اصليت کي ئي ملڻي آهي، چو ته ماستر چندر، ماستر چندر ئي هو! هنجي جتيءَ ۾ پير پائڻ ڪنهنجي وس جي ڳالهه ناهي. سنگيت ڪلا جي فيلڊ ۾ ماستر چندر اُهو منفرد مقام ايڏي آسانيءَ سان نه ماڻيو، اُن لاءِ ڪيس طويل جد و جهد ڪرڻي پيئي.... پنهنجي گيتن کي جهر جهنگ ۾ ڳائي هن سنڌي ڪلا کي اَمر جوت بخشي. هو پنهنجي سهڻي سياءُ ۽ گيتن جي حوالي سان هند ۽ سنڌ کان علاوه پوري دنيا ۾ رهندڙ سنڌين ۾ پيار واري شخصيت طور سڃاتو ويندو هو ۽ اَڄ به ساڳي مان ۽ آدر سان ڪيس ياد ڪيو ٿو وڃي، سندس سوين خوبصورت گيت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تمام گهڻا مقبول آهن.



مرحوم ماسٽر چندر

- دادي ليلاوتي ٽي. هيرانندائي (سنڌ)

سنڌ جي هڪ مشهور فنڪار ۽ موسيقيءَ جي ماهر ماسٽر چندر جو نالو ڪهڙي سنڌيءَ نه ٻڌو آهي! حالانڪ هو پاڪستان بڻجڻ کانپوءِ ڀارت ۾ مقيم هو، پر تنهن هوندي به سندس گيت، غزل ۽ ڪافيون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اَڄ ڏينهن تائين ڳايون ۽ وڄايون وڃن ٿيون، ۽ اِئين ڪٿي چئجي ته رڳن ۾ پڙاڏو ڪن ٿيون. اَسانکي اَڄ به اَهڙن سنڌي سڳورن تي ناز آهي جن پنهنجي ملڪ، زبان ۽ ثقافت کي ڳائي وڄائي ۽ ڳڏوڳڏ پيغام به پهچايو.

منهنجي هن سان ملاقات پاڪستان کان اَڳواٽ ٿيل هئي ۽ مان به هن جا ڪيترا سنڌي راڳ جهڙوڪ 'هڪ ڏهاڙي مون ڏٺو محبوب کي خود خواب ۾'، سنسار سمجهه تون سپاٽا-مسافرخانو، وغيره وغيره ڳائيندي هيس.

منهنجو ڀاءُ سهجرام وڪيل، جو هن وقت ممبئيءَ ۾ مقيم آهي سو ماسٽر چندر سان هميشه باجو وڄائيندو هو ۽ جڏهن جڏهن ۽ جتي جتي هن پياري کي ڪنهن اسٽيج تي آندو ويندو هو ته منهنجو ڀاءُ به ويندو هو ۽ هنجي راڳ کي نباهي ايندو هو جيڪي گانا هي ڳائيندو هو اُهي منهنجو ڀاءُ اَچي مونکي ٻڌائيندو هو ۽ مان به هڪدم هارمونيم ڪٽي اُهي گانا سمجهي ويندو هيس ۽ ڳائيندي هيس.

اَسانجي گهڻي ملاقات ۱۹۴۴ ۾ ٿي جڏهن هنجا ۽ منهنجا 'هز ماسٽر وائس' ۾ رڪارڊ ڀرجڻ لڳا ۽ اُهي ڪراچيءَ ۾ ٿيا. آخر اَڳتي وڌي مونکان پنهنجون ڌنون جي مان تيار ڪري آئي هئس، سي مون هنکي ٻڌايون ۽ کانئس به سندس ڌنون ٻڌندي رهيس ۽ آخر ۾ پاڻ ۾ راڳ جي ڏي وٺ ۾ مزو ايندو هو.

سندس گانا روز بروز مقبول ٿيندا ويا ۽ خاص ڪري ليڊيز جي محفل ۾ اُها ئي فرمائش هوندي هئي ته ماسٽر چندر جو ڪو گانو ٻڌايو.

ڀارت ۾ وڃڻ سان هن موسيقيءَ جي ماهر چڱو نالو ڪڍيو ۽ اُتي به

سمورا ڦٽ آڪيڙيو رکن. ٻڌندڙن جي دل ان محل سنگيتڪار چندر جي هٿ وس هوندي آهي. وڻيس ته ماري وڻيس ته جياري. ٻر ڪسر نفسي اها جو پاڻ پيو گيتن ۾ چوندو آهي :

”مارين يا جيارين ٻوڙين توڙي تارين منا تنهنجي مرضي“

هن هزارين گيت ڳايا آهن. اُن مان ڪنهن ڪي وڌيڪ سارهائڻ ائين آهي جيئن بيشمار تروتازه گلن مان هڪ جي چونڊ ڪري انهن ڪي سارهائڻ گل ته بهرحال سيبئي سهڻا ۽ وڻندڙ تين دادا جا گيت به گلن جيان. آهن، جن جي خوشبو دادا جو سر آهي.

او راڻو

هلڻ تو تنهنجو ٻڌائي ملڻ تو تنهنجو ٻڌائي
کلڻ تو تنهنجو ٻڌائي تنهنجي به ڪجھ دل آهي
١- مان جي اچان، تون منهن تو لڪائين
مان تو وڃان، تون حشر مچائين
لڪي لڪي تو جهاتڙيون پائين
چو نه تو اکه اکه سان اٽڪائين؟
شايد تو سهڻا شرمائين، درد ڪي دل ۾ لڪائين... او راڻا
٢- ڪڏهن ڪلوفت، ڪڏهن مرووت
ڪڏهن عداوت، ڪڏهن صداقت
ڪڏهن آ ڪاوڙ، ڪڏهن آ اُلفت
ڪڏهن آ ناز ته ڪڏهن آ نوڙت
ظاهر آڪڙ اندر ۾ اُلفت، نينهن وڌو ٿي نوائي.. او راڻا
٣- ڪنهن ڏينهن جي مونکي ڪين ڏسين تو
اندر لڇين تو، مر نه ڪڇين تو
چندر ڪتي آ، چندر ڏنو ڪو
رمز سان راه ويندن ڪان پڇين تو
مان به سڪان ۽ تون به سڪين تو، سڪڻ تو سڀ سمجهائي
”ته تنهنجي به ڪجھ دل آهي“



سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

- آغا سليم

ماضيءَ جي برف پوش ماٿرن ۾ سنٽل منڙا، سريلا، ننڍڙا ڪاءَ اَحساسن ڪي ڇهندڙ آواز، جيڪي زندگيءَ جي اَڪيلن گهڙين ۾ ننڊ مان جاڳائي، ساري وجود ۾ گونجندا آهن، اُنهن آوازن ۾ ماسٽر چندر جو آواز بہ آهي.

ڪو زمانو هو جو ماسٽر چندر جو آواز سنڌ جي رستي رستي، واهن واهن ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گونجندو هو. پاڙي ۾ ڪنهن سرندي واري وٽ فونو (گراموفون) هوندو هو تہ پاڙي جا سڀ ماڻهو اَچي مڙندا هئا ۽ فوني مان چندر جو آواز اُڀرندو هو.

هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌ، منهنجي هيڏي ڪري

ڇو تو يار رهين، مونکان ايڏو پري.

عجيب مانڊاڻ منڊجي ويندو هو.

چندر پاڻ ئي شاعر هو ۽ پاڻ ئي پنهنجو ڪلام ڳائيندو هو. سادا لفظ سادا سر ۽ منڙو آواز، ماڻهوءَ جي اَندر ۾ لهي ويندو هو.

ننڍپڻ ۾ مونکي چندر کي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. ورهاڱو ٿيو، چندر هليو ويو ۽ منهنجو شوق پورو نہ ٿيو.

پانيان ٿو ١٩٥٣ ۾ چندر سنڌ ۾ گهمڻ آيو. جهانيان وارن جو مريد هو. تنوير عباسيءَ ٻڌايو تہ ٽنڊي جهانيان ۾ اَڄ رات چندر جو راڳ آهي. اَسين بہ ئي سندس راڳ ٻڌڻ لاءِ وياسين ۽ پهريون دفعو منهنجي هن سان ملاقات ٿي. نهنو، نماڻو ۽ ننهن کان وني ڇوٽيءَ تائين رڳو سڪ ئي سڪ نهنو، نماڻو ۽ سڪ وارو سندس سڀاءُ هو، تهڙو ئي سندس آواز ۽ ڳائڻ جو اَنداز هو.

چندر جو راڳ اَسانجي سنڌي سينا جي عظيم ورثي جو حصو آهي جنهن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي.

سندس ڪيترائي رڪارڊ پيريا ويا.

ڪيترو ئي ڪٿي ٻئي هنڌ نالو نڪري ته به پنهنجو اَصولڪو وطن ڪير ڪونه وساري سگهندو. هميشه اِهيئي وڇوڙي جون وايون-جدائيءَ جا جذبا ۽ عشق جي آواز جي اُڇلن جي دماغ تي ڪيفيت طاري آهي. اُتي به سنڌي ماروئڙن تي ڪئين نغما ۽ گيت ڳايا اَٿن.

آخر اُنهيءَ حب، سڪ ۽ ورلاپ کين سنڌ ۾ هڪ ڀيرو ويزا تي آندو ۽ هن اَچي سنڌ جي سر زمين جي چائنٺ چمي ۽ پنهنجي مڌر آواز سان نمسڪار ڪري پنهنجو آلاپ پلٽيو. شهر توڙي ٻهراڙيءَ وارن کين دعوت ڏيئي گهرايو ۽ سندن گيت ڪافيون ۽ صوفي ڪلام ٻڌي سڪ ۽ اُمنگ سان داد ڏنو.

ٻهراڙيءَ ۾ ڪن سر پسندن کان اِهو سنو نه ٿيو. ڪيس اَڻ سڌيءَ طرح چيو ويو ته هتان روانو ٿئي ۽ اُنهيءَ موقعي تي هن هي نغمو ڳايو ته،

’تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سهڻا، کين نيايو تو. اَڄ به اسين دل جي گهراين سان ياد ڪريون ٿا ۽ سندس مرتيوءَ کي اَڄ سال ٿيا آهن. سندس ورسي ڀارت ۾ جوش وخروش سان ملهائي ويندي آهي ۽ سيبيئي هنجي راڳ ۽ سر کي اَڄ به ساراهي رهيا آهن. شل پرماتما کين پنهنجي رحم ۾ رکي ۽ سندس ڪٽنب پريوار تي آسيس ڏري.

وياسي وينجهار هيرو لعل ونڌين سي
تنهنجي سدا پويان سبهي لهن نه سار
ڪتين ڪٽ لوهار اُتي اُلهي ڀيتين

شاه لطيف

هنجي ڪلام جو پروگرام اَسانجي سنڌ جي .T.V تي آندو ويو آهي ڇاڪاڻ ته سنڌي ماهرن جي اِهائي طلب رهي آهي ته اَڳوڻا فنڪار جي پنهنجي فن جو ورثو ڇڏي ويا آهن، اُنهن کي آڏي اُجاگر ڪجي ۽ نئين نسل سان واقفيت ڪجي ۽ اِئين سمجهن ته اَسانجا اَباڻا ڪيڏا نه سٺا ۽ لاجواب فنڪار هئا.



ماستر چندر

ڪلياڻ آڏواڻي

ماستر چندر کي مان هر سال جهانيان جي ميلي تي ڏسندو هوس، جو حيدرآباد سنڌ ۾، فقير هادي بخش جي سرپرستيءَ هيٺ، قطب شاه واري درگاه تي لڳندو هو. هادي بخش صاحب پاڻ مسند (گادي) نشين هو ۽ پاڻ سان ڊاڪٽر روچلداس کي وهاريندو هو. ٻئي سڪوت جون صورتون ۽ مانَ جون مورتون هئا. سندن سنمک ماستر چندر با ادب پنهنجن سازيندڙن سان همنشين هوندو هو. ماستر چندر جي آواز ۾ جو سوز ۽ گداز هو سو لاشڪ بيمثل هو ۽ ماڻهن کي مفتون ڪندڙ هو. مسلمان ڳائڻا جي پاڻ به سر ۽ ساز ۾ حافظ هوندا هئا سي پڻ سندس ڳائڻ جي انداز تي فدا هوندا هئا. عام مسلمان ۽ هندو سندس نالو ٻڌي، بيحساب تعداد ۾ اچي جمع ٿيندا هئا ۽ سر جهڪائي، سن ٿي سن ۾، وجد ۽ حال جا مجسم ٿيا وينا هوندا هئا. سندن زبان مان ڪڏهن ڪڏهن ’هاءِ! هاءِ!!‘ جون صدائون به نڪري وينديون هيون. هادي بخش هٿ کڻي سندس طرف دعا طور ڦيريندو هو.

اُنهن ڏينهن ۾ ريڊيو نهايت ورلو ڏسبو ۽ ٻڌبو هو، پر فوني جو وجود هر ننڍي وڏي هوٽل ۾ قائم هو ۽ اڪثر ماستر چندر جا گانا گراهڪن توڙي رهگذرن کي بيسرت ڪري ڇڏيندا هئا نوآباد جتي مان ڄائو نپنو هوس سا چانهه ۽ پان جي دوڪانن سان سرشار ايراضي هئي. مون کي به چانهه جو شوق هو پر اُها ته گهر ۾ به ميسر هئي. خاص ماستر چندر جي راڳن جي ڪشش، مون کي ڪن دوستن جي صحبت ۾، هڪ نزديڪ هوٽل ۾ ڇڪي ويندي هئي. جڏهن ’درد جي ڪهڙي خبر بيدرد کي‘ وارو رڪارڊ گونجار ڪندو هو تڏهن ٻڌندڙن جون دليون ڪباب ٿي وينديون هيون. ريڊيو تي ڏٺل ملاقات ۾ ماستر صاحب حيدرآباد

پيغام - بياد
ماسٽر چندر صاحب



-محمد عظيم مهر

(۱) سنڌ وارن لاءِ ماسٽر چندر ڪو نئون نالو نہ آهي. چندر کي سنڌ واسي اڄ بہ سڄڻن وانگر ساھ ۾ سانڍيو وينا آهن. غريب- غربا، هاري ناري، مارو ماڻهو، وطن ولهارن ۾ چندر جو ذڪر آهي. سنڌ جيستائين قائم و دائم آهي اوستائين ماسٽر صاحب زنده جاويد آهي.

(۲) ماسٽر صاحب جي اندر جو آواز، وطن جي ڇڪ، وطن جي حب ۽ اُڪير ماروئڙن ۽ سانگيڙن لاءِ پڪارون، گيتن، غزلن ۽ ڪلامن ۾ بيخودي واري ڍنگ کي رچائڻ صرف ۽ صرف ماسٽر جي مهارت آهي. ان سبب ماسٽر کي هردلعزيز شخصيت جو مقام حاصل آهي. سنڌ وارن کي ماسٽر لاءِ اڄ بہ پنهنجن جيترو قرب حاصل آهي، جيتوڻيڪ هزارون ميل مفاصلو-وطن دوري، زماني جا انقلاب بہ سنڌ واسين کي چندر کان دور نہ ڪري سگهيا آهن.

(۳) چندر هڪ ذات، هڪ نالو، هڪ قوم نہ آهي، چندر سدا حيات، هردلعزيز، پرڪشش فنڪار ۽ هڪ اڻ کٽندڙ منزل آهي، جنهنجو پرو نڪو پاند، پراون ۽ پنهنجن ۾ يڪسان مقبول هڪ وانيت آهي جا هميشهہ زنده جاويد رهندو. اسان جون دعائون ساڻس حال شريڪ آهن تہ خدا پاڪ کيس هميشهہ خوش خورم رکي ۽ سداءِ شاد ۽ باد هجي.

- آمين.



وڃن ٿا... وڃن ٿا... پر وڃن ٿا

پوپٽي هيراننداڻي

سنڌي ڳائيندڙ گهڻائي هئا ۽ آهن مگر نج سنڌي آواز وارا ڳائڻا تمام ٿورا آهن. سنڌ-بيابان جي ريتيءَ جي تپت لُوءِ جي هوڪ اُنهن ٿورن ڳائڻن ۾ آهي جن مان هڪ ماسٽر چندر آهي.

چوندا آهن تہ تانسين هريداس کان سنگيت سکيل هو. جيستائين هو گواليار جي راجا جي دربار جو گوئيو هو، پنهنجي مٺي آواز جي ڪري مشهور هو. جڏهين هو اَڪبر جي دربار ۾ آيو تہ ڪنهن پارکوءَ چيس تہ تنهنجي آواز ۾ ميناج آهي مگر سوز ناهي. جڏهن آواز ۾ سوز ٿيندو آهي تڏهين ئي راڳ ٻڌندڙ جي دل جي گهرائين ۾ گهڙي سگهندو آهي. اِهو ٻڌي تانسين ڏاڍو بيچين ٿي ويو هو. نيٺ هو هڪ مسلمان اُستاد وٽ ويو ۽ رياض ڪري پنهنجي آواز ۾ سوز پئدا ڪيائين. جنهنڪري سندس ڳائڻ ۾ تاثير پئدا ٿي ويو.

تانسين رات جو اَڪبر بادشاهہ جي خواب گاهہ ۾ ويهي ڳائيندو هو. هنجي آواز جون لهرون بادشاهہ جي ڪن وٽ مس اَچي پهچنديون هيون تہ کيس ننڊ ڪٽي ويندي هئي. هڪ دفعي هڪ اِلاهي فقير کيس عرض ڪيو تہ ”بادشاهہ کي تہ هر روز تو راڳ ٻڌائين، ڪڏهين اسان فقيرن کي بہ ڪجهہ ٻڌاءِ.“ تانسين اُن فقير سان انجام ڪري هڪ رات نويڪلائي ۾ کيس عشق تي راڳ ٻڌايو. راڳ پوري ٿيڻ تي جان تانسين ڪٽي اَکيون کولي تہ ڏسي فقير جو بدن بدلجي هڪ رت جو تلاءُ ٻڻجي پيو آهي! عشق جي بيان فقير جي رڳن ۾ آگ لڳائي ڇڏي هئي ۽ هو زنده رهي ئي نہ سگهيو هو! تڏهين وڃي تانسين ڄاتو هو تہ درد آواز جي لهرن ۾ اوتجي ٿو تہ اُنجو کهڙو نہ گهرو اَثر ٿئي ٿو!

ماسٽر چندر جي آواز ۾ بہ سوز هو. منهنجي ڪٽنب ۾ ناناڻي پاسي جو هڪ شخص ڳائڻو هو. هو چوندو هو تہ ”غزل مسلمان ئي ڳائي سگهي ٿو اُن ڪانپوءِ پنجابي يا سنڌي. جيڪڏهن پنجابي مسلمان يا سنڌي

جي سريگهات وري محفل جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ مٿس انهيءَ موقعي تي زر جي وَرکا ٿي هئي. اِهو سريگهات، بازار جي منجهہ ۾ هو ۽ منهنجي گهر جي نزديڪ هو. هيئنر بہ جڏهن سندس ڪو گانو ريڊيو تي ٻڌندو آهيان تہ سراپا وجد ۾ هوندو آهيان. خاص ڪري جڏهن اُهو عاشقانہ رنگ ۽ صوفيانہ ڍنگ جو هوندو آهي.

’ڪبوتر ڪبوتر‘، ’حسينن جا ٽولا‘، ’رنائي رهن...‘ وغيره تہ اسان کي سنڌ ۾ هر هنڌ مست ڪندا هئا، پر هتي ’وڇن ٿا وڇن ٿا....‘ وارو درد انگيز راڳ لڳن ۾ لرزش آڻي ڇڏيندو آهي ۽ سنڌ جي صوفي آستانن جي سڳوري ياد دم ۾ تازي ڪندو آهي. مان ماسٽر چندر کي هتي ڪن محفلن ۾ گڏيو هوس. نهايت خليق ۽ حليم انسان هو ۽ حسد کان بنہ پاڪ نظر ايندو هو.

رنائي رهن هجين شل حياتي

رنائي رهن پر هجين شل حياتي
يلي پيا وڙهن پر هجين شل حياتي

١- جدا ٿي رهن توڙي گڏجي گذارن
رکن راضپو يا تہ ڪاوڙ پيا ڪن
اچن نا اچن - پر هجين شل حياتي

٢- ڇڏيان چو نہ هوتن تان جندڙي بہ گهوري
گهرن ماس مون کان ڏيان هوند ڪوري
کهي پيا کهن سهٽا - پر هجين شل حياتي

٣- دکي شل رهان مان، هو خوش ٿي گذارن
پري کان ڏسان من، يلي نا نهارن
ذڪاري ڇڏن سهٽا - پر هجين شل حياتي

٤- مان بي چئن آهيان، هو يل چئن پائن
هجن شل سلامت، چندر نا نيائن
ٺهن يا ٻهن - پر هجين شل حياتي

وڻيل ڳارن جي وڪڙن ۾، وڏا ورڻام ويا وڃي''
ورهاڱي وقت چندر دردي‌لي آواز ۾ ڳايو:-
''وڃن ٿا وڃن ٿا يار پکي ماڳ پنهنجا ڇڏيندا وڃن ٿا....
يار......''
۽ ورهاڱي بعد هند ۾ اچي چيو:-
''ناز جا پلبل سنڌي نماڻا - گهرڙا ڇڏي اَڄ ٿئبرڙا ويڳاڻا.''
پر چندر بنيادي طرح سنڌي ڳوناڻي دل جو آواز هو. ورهاڱي بعد سنڌي گهڻو تڻو شهرن ۾ ئي اچي وسيا. سنڌ جي زمين کان اوُ صفا ڪٽجي ويا! جن وٽ سنڌ جي پوُنءِ جي سڳنڌ هئي سي سنڌ ۾ ئي رهيا انڪري چندر جو سنڌ ۾ راڳ جو راڄا هو سو پڪڙ پائي نه سگهيو.
پروفيسر رام پنجواڻي جو ڪراچي شهر مان اچي بمبئي شهر ۾ وسيو هو ۽ جنهن جي زبان ۾ شهريپڻي واري چترنا هئي سو چندر کي گوءِ ڏيئي ويو! پنجواڻي صاحب کي ڳالهه چوڻ جي خاص ذات مليل هئي. هنتي مالڪ جي مهرباني آهي. هوُ پنهنجو مک کولي ته ٻڌندڙ پنهنجا ڪن کوليندا. ماستر چندر پنجواڻيءَ جي توُهه وٺي پنهنجي سنگيت پروگرامن ۾ ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون. پر ماڻهو سنگيتڪار جو سنگيت ئي ٻڌڻ ايندا آهن. ماستر چندر جيڪي سر ۾ آڪاڻيون ٻڌائيندو هو:

''اَچا ته مان ننڍڙي آهيان
وڏي ٻه ته نيٺ ٿيندس
مائٽ منهنجو مڪڙو ڪرائيندا''

اُهي اَڄ ٻه ماڻهن جي ڪنن ۽ دلين ۾ وڃن ٿيون. پڳت ڪنور بعد سنڌي ماڻهو ماستر چندر جو آواز ٻڌڻ لاءِ ئي مستانا هوندا هئا. اَڄ ٻه چندر جو رڪارڊ ٿيل آواز ٻڌ جي ٿو ته اَجرڪ ۾ ويڙهيل سادو ڳوناڻو سامهون ڏسجي ٿو! اَڄ ٻه چندر جو آواز اسان کي ماضيءَ واري سنڌ ۾ وٺي هلي ٿو. چندر ڳائي ته سنڌ جي فضا ڦهلجي وڃي ٿي. اُهو-جنهن پئي ڳاتو.
''وڃن ٿا.... وڃن ٿا....'' سو پکي اَڄ پاڻ خود اُڏامي ويو آهي. سندس بدن فاني هو مگر سندس آواز لازمان آهي.

مسلمان غزل ڳائي ته هندستان جي ٻئي مسلمان ڳويئي کي ڳوءِ ڏيئي سگهي ٿو.'' افسوس آهي جو ماستر چندر جادوئي آواز جو مالڪ هوندي به سنڌي غزل کي ڳائڪيءَ ۾ نه آندو آهي. اگر هوُ سنڌي غزل جو آغاز ڪري ها ته سنڌي غزل، پاڻ چندر ۽ سنڌي شاعر ٽيئي امر بڻجي وڃن ها.''

ماستر چندر لوڪ ڳائڪ هو. سنگيت وديا جي ڄاڻ هوندي به هوُ پڪي راڳ طرف مائل ڪين ٿيو. هوُ سنڌ جي ڳوناڻن جي دلين جي ڪيفيت جو بيان اَهڙي انداز ۾ ڪندو هو جو ٻڌندڙ جي لبن تي ازخود مشڪ هلي ايندي هئي! هڪ ته سندس انداز بيان نرالو هو ٻيو ته سندس شعر ۾ گهگهروُ جو نمونو هو، ٿيون ته هنجي راڳ ۾ عاشق ۽ معشوق جي حاضر جواني موُجود هوندي هئي. انڪري ساري سنڌ جا باشندا سندس راڳ ۽ آواز تي مفتون هوندا هئا. شهر جي مارڪيٽ هجي يا ڳوٺ جو هٽ، چندر جو رڪارڊ وڄندو ته ماڻهن جو ميڙاڪو اُت حاضر هوندو. چندر جي سليس ۽ سوادي اکرن ۾ سنڌ جي واريءَ جو هٻاءُ ۽ سنڌي ڳوناڻي جي دل جو پيار اهڙيءَ ريت لبالب پريل هوندو هو جو هرڪو ڳوناڻو سمجهندو هو ته اِهو منهنجي من جوئي آواز ۽ چوڻ آهي!

''هڪڙي ڳالهه ته ٻڌ-منهن هيڏي ڪري، چو تو يار رهين مون ڪان پري...''

''تنهنجي شهر ۾ آيس، قسمت سان-پر سهڻا ڪين رهايو تو''

''سهڻا سهڻا عرض آهه-منهنجو منهنجو مرض لاهه''

کهڙا نه سادا سودا لفظ آهن؟ جنهن ڪڏهين اسڪول جو منهن به نه ڏٺو هجي سو به ڪوشش ڪرڻ بنا ئي سولائيءَ سان سمجهي وڃي.

ڪڏهين هوُ ڳوناڻي پيار جي نمائيندگي ڪندي ڳائيندو هو :-

''جنهن وقت تو نهارين، سهڻا اَکيون ڪڍين تو دل کي گهڻو وڻين تو
جنهن وقت پائين جهاتي، عاشق مرن ٿا ڪافي
اکڙين ۾ رکي ڪاتي، قاتل جڏهين ٻڌين تو ويتر گهڻو وڻين تو.''

نه ڪڏهن شهرين جي دلين جي ڌڙڪڻ جي ترجماني ڪندو هو:-

''منا مسڪين مڪرن ۾، ڏنگن زلفن جي چڪرن ۾

وارا پنهنجو واچون ”اهي پيتا ڏريندا هئا تہ پورا سورا هت ڪٽي دعائون ڪندا هئاس!

پر! اهڙو ڇا آهي چندر جي راڳ ۾؟ ماستر چندر جي راڳ ۾ ڳوناٽي دل وارو پيار آهي!

’دل تہ چاهي ٿي سدا دلبر سان گڏجي مان گهمان پر ڇا ڪريان منثار سان گڏجي گهمڻ جي آ منع.‘ محبت جي مڪتب ۾ سبق سڪ سوز جا جيڪر پڙهان مجبور آهيان ڇا ڪريان گڏجي پڙهڻ جي آ منع.‘

جنهن وقت تو نهارين سهڻا اکيون ڪٽين تو
دل کي گهٽو وٽين تو
جنهن وقت پائين جهاتي-عاشق مرن ٿا ڪافي
اکڙين ۾ رکي ڪاتي-قاتل جڏهين ٻٽين تو
ويتر گهٽو وٽين تو.‘

شهري سنڌيءَ کي چندر جي راڳ ۾ چترت ٿيل پيار جي جذبات ۾ سرشار ٿيل محبوبا جا ماڻا ٿا موهين :-

حسينن جي صحبت ۾ سوُ سوُر آهن
رهن پيي ٿا پر ۾ مگر دور آهن
نہ مارن ٿا سهڻا نہ جيئارن ٿا سهڻا
نہ در تان ڌڪارن نہ ڏارن ٿا سهڻا

سنڌ ۾ ان وقت شاعرن جي مزاج جو عجيب دور پئي هليو. مشاعرن ۾ لفظن جي راند ائين ڪيليندا هئا جئن لغڙن جا پيچ لڙائجن! پر چندر لفظن سان ڪيليندي بہ انهن کي سليس ٻڻائي ڇڏيو آهي:-

’منا مسڪين مڪرن ۾ ڏنگن زلفن جي چڪرن ۾ وتيل وارن جي وڪڙن ۾ وڏا وريام ويا وتجي.‘

ڏنگي رفتار جي ڏنگيلن ۽ مني گفتار جي گهايلن نڪ جي نزاڪت ۽ نراڙ جي اڏاوت يا ديدن جي دنالين ۽ پنبڙين جي پرن وارن جو ذڪر ماستر چندر ائين ڪيو آهي جو ٻڌندڙن جي چپن تي ازخود مشڪ هلي ٿي اچي. سندس ’انداز بيان‘ نرالو آهي.

ماسٽر چندر

جڏهين بہ سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو، چونڪ تي يا بزار
۾-ماسٽر چندر جا رڪارڊ پيا وڄندا هئا.....

’سهڻا سهڻا عرض آ-
منهنجو منهنجو مرض لاهہ‘

يا ’تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان پر سهڻا
ڪين رهايو تو....‘

حيدرآباد شهر ۾ رات واري سانت ۾ ٽولراءِ مارڪيٽ وٽ وڄندڙ
راڳ هوا جي لهرن تي ترندو اچي ڪنن ۾ پرندو هو:

’اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون....اهي دل لڳيءَ.....‘

يا

’اچا تہ ائٽ مان ننڍڙي آهيان
وڏي بہ نيٺ تہ ٿيندس..... اچا تہ ائٽ مان‘

سنڌ ۾ ڳائڻا ۽ ڳائڻيون ٻيا بہ گهڻا هئا پر چندر جي آواز ۾ سنڌ جي
واريءَ جي هوڪ هئي جا هر سنڌيءَ جي دل ۾ گونجندي هئي ۽ جتي
بہ رڪارڊ وڄندو هو هندو توڙي مسلمان ٽوليون ٺاهي راڳ جو رس ۽
لفظن جو لطف پيا وٺندا هئا-

اِهو زمانو هو جڏهن ڪلاڪار جي مذهب يا ڌرم ڏانهن ڌيان ن
ڏيئي سنڌي جنتا سنڌي ٻوليءَ کي سنڌيءَ جي آواز ۾ ٻڌي سڌ ٻڌ
وڃائي وهندي هئي. ماسٽر چندر جي آواز تي گهٽيئي هندو ۽ مسلمان
مشتاق هئا. سنڌي معنيٰ راڳ جا شونقين! سو سکر جو سيد منورشاه
هجي يا شڪارپور جو سيٺ ڦيمتراءِ، اهي سونا ٻيڙا ۽ منڊيون بہ لاهي
ڏيندا هئا !

هڪ دفعي حيدرآباد جي سري گهاٽ وٽ ماسٽر چندر ڳايو تہ هڪ
نوجوان ڪبٽ مان نوٽن جا بنڊل آڻي مٿس اُنهن جي ورکا ڪئي
مائٽ اچي ڪاوڙيس تہ انهن کي چيائين، ’مان ڇا ڪريان؟ هنجو
آواز ئي اهڙو آهي جو ڪجهہ بہ ٿئي قربان ڪجيس!‘

ڳوٺن ۾ سدا نماڻا ڳوناڻا مٿس گهورون پيا گهوريندا هئا. پڇندي

چندر ڪٿي ڄائو، ڇا پڙهيو، ڪنهن کان سکيو؟ نوابشاهه ضلع جي ناروشاهه ڳوٺ ۾ يا درويشن صوفين جا ڏوهيڙا ۽ ڪلام ٻڌي منجهس راڳ جو شونق جاڳيو يا پڻ ڪنوررام جي آسيس ۽ سائين وسٹرام جي گادي نشين سائين امررام جي پريرڻا سان چندر مان ماسٽر چندر ٺهيو انهن ڳالهين ۾ اسان جي اينتري دلچسپي ناهي جيترو موهه اسانکي هنجي آواز سان آهي. هو ڇا به ڳائي، مٽيءَ جي مهما ڳائي ڇوي:-

'تون به مٽيءَ جو مان به مٽيءَ جو'

يا ابرن جي اشارن ۽ ڳهور جي ڳهاون جو ذڪر ڪري، آسا مان وري ڪري ڳائي يا ڊبل سرن ۾ پ ڌ-پ ڌ، گ م-گ م ڇوي- بس چندر جي آواز جهٽ سان اسين سنڌ جي فضا ۾ هلي ٿا وڃون! هنجي راڳ سان اسانجو ماضي ڳنڍيل آهي. هو ڳائي ته اسانکي اجرڪ ۾ ويڙهيل ابوجهه اکڙين وارو ڳوناٺو ياد اچي ٿو، هو راڳ جو انترو ڪٽي ته سنڌڙيءَ جا سنت ياد اچن ۽ استائيءَ تي لهي ته هالاڻي دربار اکين اڳيان اچي بيهي! چندر جي ان سنڌي آواز جي گونج سندس پٽ مهيش جي آواز ۾ ملي ٿي ۽ يقين ٿئي ٿو ته جوت مان جوت ٻرندي آهي. ان آواز ۾ سمايل سنڌ ۾ واپس هلڻ لاءِ ئي ور ور ڪري سنڌي چندر کي پاڻ وٽ گهرائيندا آهن ۽ هو سينگاپور هانگ ڪانگ، جپان هليو ويندو آهي. نه رڳو اُهي سنڌي پر سنڌ وارا سنڌي به اڳوڻي سنڌ محسوس ڪرڻ لاءِ کيس پاڻ وٽ گهرائيندا آهن.

هت هند ۾ به گهڻا ڳائين ٿا پر چندر جي آواز وارو سوز منجهن ڪٿي؟ اهو 'سهڻا' ڇوڻ وارو انداز بس چندر وٽ ئي سوگهو آهي. سنڌ جي ففيراڻي نموني جي ڳالهه ڪينهي.

’مان ٿو چوان مران ٿو - ھو ٿو چوي پلي مر
ڪيڙو نہ محب منھنجو حاضر جواب آھي!‘

چندر جي شعر جي خوبي آھي، ان ۾ ڊائلاگ يعني گفتگوءَ جو نوح:-

’ڪڙ ڪڙ ڪري در ڪي بہ ڪڙڪايم پڇائين ڪير آ
ھاٽي پلا مان چا ڪريان نالي ڪٽڻ جي آ منع
واڪا ڪري جئن مون پڪاريو - ٿي خفي ھن ھئن چيو واپس ھليو
وڃ تون چندر - اندر اچڻ جي آ منع.‘

حقيقت ۾ ماسٽر چندر جي راڳ ۽ آواز ۾ سنڌ جي نمائيندگي ٿئي ٿي. چندر ڳائي ٿو:-

وڃ وڃ ڙي گهڙا - واہ واہ ڙي گهوڙا
سنڌ جا گهوڙا تون سنڌ ۾ جائين
واجٽ وڄائي ھند ۾ آئين

خالي آھين تہ خوب وڄين ٿو
پوئي ٿو پاٽي تہ ڪين ڪڇين ٿو
اونڌو ٿين درياہ ترين ٿو
تاريئہ سھٽيءَ ميھر پارا....وڃ

يا

چندر چاھہ مان جھمريون پايو
ھٿ ڇيلھہ تي ھڪ لھرايو
ھڪ پريل ھڪ خالي وڄي تالي
پنيون مرادون شل ٿين شاديون
شل وسن واديون

تہ اسان کي سنڌي راڳ، تال، ناچ ۽ ريتن رسمن جي جھلڪ ملي ٿي ۽ ھنن گيتن، راڳن ڪافين ۽ لاڏن کي سنڌي ھندو مسلمان، شاھوڪار غريب، پڙھيل اڻ پڙھيل مطلب، تہ سڀ سنڌي پنھنجائي گيت ڪري سمجھن ٿا.

جي مائيڪ اڳيان ڳائڻ لاءِ ٽيڪنيڪل ڳالهين ۾ ماسٽر خاص مدد ڪئي.

جڏهن لاهور ۾ مقيم گرئمو فون ڪمپنيءَ جي سنڌ لاءِ مول ايجنٽ لالچند ٻيرو جوان ماسٽر چندر کي رڪارڊن پرائڻ لاءِ چونڊيو ۽ همٿايو تڏهن ماسترچندر پهرئين رڪارڊ Twin جي ليبل ۾، هڪ پاسي سائين ڏرمداس جو ''پينگهي ۾ تہ پريم جو ڏنو امڙ اوراڻو ۽ ٻئي پاسي محمد بخش ڪوجهيءَ بہ ڪلام - اهو رڪارڊ اينرو تڪڙو ۽ گهڻو هليو جو چندر کي هز ماسٽرس وائس رڪارڊن ۾ آندو ويو. هن جي آواز کي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پهچائڻ ۽ رڪارڊن جي وڪري لاءِ هنکي مجازي-عشقي گيتن ڳائڻ لاءِ آماده ڪيو ويو. اهو رڪارڊ هو'' هڪ ڏهاڙي مون ڏنو محبوب کي خوش خواب ۾... سهڻا عرض آهي'' هاڻي چندر پنهنجا گيت پاڻ لکڻ لڳو. پوءِ قدرت جو قهر ٽيو جو ماسٽر چندر جا بہ جوان پٽ، جواني ماڻڻ کان اڳ ئي راهہ رباني وٺي رمندا رهيا. ڪنئي ۽ منسکہ جي بيوقتي ديهانت ماسٽر چندر کي پنهنجي زندگيءَ کان ئي بيزار بڻايو، هن جي وئراڳ ورتي، گيتن-رڪارڊن ۾ اوتجي آئي. وقت بادشاه چندر جي دل جي زخمن تي ملم لڳايو تہ وري رڪارڊن ۾ موج مچي موٽي آئي ۽ ٻڌندڙ چندر تان ٻلهار وڃڻ لڳا. آزادي ورهاڱو ساڻ ڪٺي آئي ۽ سنڌ مان لڏ پلاڻ ٿي تہ ماسٽر چندر رڪارڊن ۾ ۽ پروگرامن ۾ هڪ طرف سنڌ ڇڏڻ جو درد ۽ نرواسين لاءِ اُميد آسري جو سنديش ڏنو. ان دور کان متاثر ماسٽر جن گيتن کي جنم ڏنو سي آهن ''مالڪ تون درد ڪٽيندين....'' ''وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا....'' ''ائٽ اڃان مان ننڍڙي آهيان'' وغيرہ سنڌين جي وسيجي وڃڻ تي زندگيءَ جي گو ناگيت' پڻ ماسٽر چندر جي گيتن رڪارڊن مان ٻڪڻ لڳي.

چندر چوندو- ڳائيندو رهيو ''چندر کي ڪير ماريندو، مان جيئرن کان ٿٽل آهيان، جيئڻ وارا پيا مرندا مرڻ کان مان ڇتل آهيان.'' مونکي ياد آهي ٻڌندڙ ڪومائجي ويندا هئا.

اڄ تہ چندر، ڪسڻ مرڻ کان گهڻو مٿي آهي، هو سداحيات آهي- هنجي ڪلامن ڪافين کي اڄ بہ ٻڌجي پيو ٿو. منهنجي دل ۾ بہ هو جيئڻ جو تئين سلامت آهي ۽ بس.



ماسٽر چندر جي ياد ۾

- گوبند مالهي

ماسٽر چندر منهنجو ٻوڻائي راڄائي ٿي نه، منهنجو ڏونراڻهون ماڻٽ ٿي نه، منهنجو محبوب ڳائڪ ڪلاڪار رهيو آهي. ننڍي هوندي ڪان وٺي، مون لاءِ اها ڪلهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي. ننڍي هوندي اسڪول مان نڪري ٽڙتڪڙ ۾ گهر ۾ ڪاڏو ڪائي سڌو ماسٽر چندر جي ڀاءُ ولو (ولبرام -هاڻي حيات ڪانهي) جي دڪان تي پهچندو هوس ۽ باقي ڏينهن ماسٽر چندر جا هڪ پاسي وڄندڙ ڪچا رڪارڊ ٻڌندو هوس. شام ماڻهن جا اچي مڙندا هئا. بزار ۾ هڪ قسم جي گپا گيهه لڳي ويندي هئي.

ماسٽر چندر جي ڳائڻ جي خصوصيت اها رهي جو هو روبرو ڳائي يا رڪارڊ ۾ ڳائي ٻڌندڙ سمجهندو هو ته ماسٽر خاص هن لاءِ ٿو ڳائي. هن جي مرڪ موهيندڙ هئي ته هنجي ڳائڪي جو انداز به انوکو، پنهنجو مٽ پاڻ هو. ماسٽر چندر سنڌ ۾ هر ميلي جو مور هوندو هو ۽ هر ورسيءَ جو مکيه ڳائڪ رهيو. مونکي هن سان گڏ الاهي ڀيرا هالاڻي دربار، وسڻ شاه ۽ جمڻ شاه (پٽ عيدن) جي ميلن ۾ وڃڻ جا موقعا مليا. وايو منڊل ۾ بهار اچي ويندي هئي، هنکي ڏسڻ سان مکڙا کلي اُٿندا هئا ۽ ڳائڻ سان هڪ قسم جو عطر اوتجي ويندو هو.

چندر جڏهن ڳائيندو ”دل تنهنجي ۽ منهنجي هڪ آ“، ٻڌندڙ ڇريا ٿي پوندا، ماسٽر ڳائيندو : ”هڪ ڳالهه ته ٻڌ منهن هيڏي ڪري“، ڪن سڄ پچ سرلا ٿي ويندا. هن تان ٻڌندڙ جنسي بلهار ويندا هئا. هو هندن توڙي مسلمانن ۾ شهرن توڙي ٻوڻن ۾، هڪ جهڙو لوڪپريه هو. هن ڪيترن ٻوناين کي گراموفون سنگر بڻايو. هنسراج سونارو (هنسراج) ماسٽر پرمانند ساگر، ماسٽر فتح چند، نورو مسخرو (نورو نمازي) هن جي سفارش ۽ سهڪار سان رڪارڊن جي دنيا ۾ آيا. خود سنت ڪنوررام جي شروعاتي ريڪارڊنگ ماسٽر صاحب جي سهڪار سان ٿي. سنت ڪنوررام

جي پنهنجي ذاتي حلقي ۾ ڪم جي فلاح ويلو تپسيا جي دؤر مان گذريو، جتي سنگرو نراج ۽ ماتا پيرديوي ۽ جي صحبت نصيب ٿيس. ڪجهه وقت کان پوءِ گرو نراج هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. ماستر کي هن عدمي بيحال ڪري ڇڏيو. سندس چاچو ڪيس درگاهه قطب شاهه تي وٺي ويو جتي هو فقيرن جي لهه وچڙ ۾ آيو ۽ کيس من جو آنند پرابت ٿيڻ لڳو. سنتن وٽ به هو پنهنجي پاڻ ڪرڻ ويندو هو. ڊاڪٽر روچلداس وٽان روهڙيءَ ۾ ۽ هتي هندستان ۾ پڻ هن گهڻو ڪجهه پرايو. سندس وئراڳ ورتيءَ جي هڪ جهلڪ -

رڪارڊ : پينگهي ۾ پريم جو ڏنو جيجل اوراڻو....

(ڪلام - سائين، ڏرمداس)

ويري ورهاڱي پوءِ وطن کان وڇڙي وڃڻ جو درد هر سنڌيءَ کي تڙقائيندو رهيو. ماستر چندر وطن جي ياد ۾ -

رڪارڊ : مالڪ تون درد ڪٽيندين....

مستر چندر هزارين راڳ ڳايا ۽ اُنهن مان ڪيترائي پاڻ قلمبند ڪيائين. هنجي شعر جا به مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. سندس سادن سودن لفظن ۾ ايتري ته ڪشش پريل آهي جو هنجي ناهيل گيتن جون ڪي مصراعون شاعريءَ جون لاثاني ستون بڻجي پيئون آهن. مثال طور : 'رنائي رهن پر هجين حياتي...'

رڪارڊ : سڪ ۽ سنگت جو يار سڳو.....

رنائي رهن شل پر هجين حياتي......

شاهه، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، غبا ۽ قومي شاعر دڪايل جا به هن ڪئي گيت ڳايا آهن. دڪايل جي هڪ پريم-رس واري گيت جون ڪي ستون پيش آهن :

رڪارڊ : اَئي پڪي تنهنجي پرن تي جي اِجازت ڏين لڪان

(ڪافي-هوندراج دڪايل)

٧٧ ورهين جي ڄمار ۾ ماستر چندر وفات ڪئي. سندس ديهانت تي هند ۽ سنڌ ۾ شوڪ جي لهر ڇانئجي وئي. ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ جي برک ليکڪا ماهتاب محبوب جي گهر ۾ سندس جنم-ڏن ملهايو ويو،



کلا جو کوهنور - ماسٽر چندر

پروفيسر ارجن شاد

سنگيت آچاريہ چندر-سنگيت جي کيتر ۾ قدم رکڻ سان ئي هن جو پرڪاش چوطرف ڦهلجي ويو ۽ لڳاتار اڌ صدي هر شهرت جي چوٽين تائين پهتو. ماسٽر چندر سنڌ ۾، نوابشاه ضلعي جي ناروشاه شهر ۾ ۱۹۰۷ ۾ ڄائو هو. ٻارهن سالن جي عمر ۾ هن باقاعدي ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ هو ايڏو تہ برک ڳائڪ بڻجي ويو جو هز ماسٽرس وائس وارن هن کي رڪارڊ ڪرڻ واسطي دعوت موڪلي. سندس پهريون رڪارڊ 'سهڻا عرض آهي منهنجو مرض لاهہ' ايترو تہ مشهور ٿي ويو جو ماڻهو گهرن ۾، گهٽين ۾، برپٽن ۾، بيابانن ۾، بازارن ۾ جهونگاريندا نظر ايندا هئا. اِن هڪڙي راڳ سان ئي هو سنڌين جي دلين ۾ پيهي ويو. اٽڪل اَرڙهن سؤ رڪارڊ ڀري، هن سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ رڪارڊ قائم ڪيو جو اڄ ڏينهن تائين ڪو ٽوڙي نہ سگهيو آهي. ماسٽر چندر جي عظمت واضح ڪرڻ لاءِ اَنيڪ صفتن جو اِستعمال ٿي سگهي ٿو، پر ٿوري ۾ اِئين چئجي تہ هو هڪ بيمثل ڪلاڪار هو فن جي دنيا ۾ هن کي هڪ يگاني حيثيت حاصل هئي. اِئين ڪٿي چئجي تہ هو هڪ (phenomenon)هو. ماسٽر چندر ڳائڻ جي ٽيڪنيڪ جو اُستاد هو ۽ کيس ڪلاسيڪل سنگيت جو گهرو اَڀياس هو. هن لوڪ-سنگيت کي نرالي اَنداز ۾ پيش ڪيو ۽ هو پهريون ڳائڪ هو جنهن لوڪ-سنگيت کي ڪلاسيڪي رنگ ۾ ڳايو. ماسٽر چندر جي گيتن ۾ سوز آهي ۽ سندس درديلو آواز دل جي گهراين تائين پهچي وڃي ٿو.

رڪارڊ : تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سهڻا ڪين رهايو تو....

ماسٽر چندر درد فراق جا گيت ڳايا آهن پر هن جي فطرت وئراڳ طرف ڪافي مائل هئي. جوانيءَ واري وقت ۾ هو ٻہ سال سانده بدريناٿ

شاد - توهانجي هڪ پنهنجي ذاتي وصف آهي ۽ اُوهانجي ٻائڻ جي اَنداز ۾ به اَنوکائي مؤجود آهي، پر ساڳئي وقت اُوهين پنهنجي پنا جون سڪون به لاهيندا آهيو- اوهين جيڪڏهن ماستر چندر جي راڳ جو ڪجهه حصو ٻائي ٻڌائيندا ته ٻڌندڙ اندازو لڳائي سگهندا ته اوهانجي گائڪيءَ تي هن جو ڪيتريءَ حد تائين پرڀاو پيو آهي.

گيت : سڄ اُير نه تون، شل رات هجي.....

فلم : سنڌوءَ جي ڪناري

شاعر : گوورڌن ڀارتي - سنگيت : سي. ارجن

گايڪ : ماستر چندر

اهڙو ڪو وريو واءُ الا جيوت اُجهاڻي - افسوس هي جهان آ ڪن پل جي ڪهاڻي

١. سورج صبوح جو چڙهندو - سانجهيءَ جي وقت لهندو،
جيڪو به ڏانو نهندو - سو ڏانو نيٺ ڊهندو.
ڪوئي نه هت رهيو آ - ڪوئي ٻي هت نه رهندو-
ڪوئي به هت نه رهندو
اءِ دوست آ دنيا جي اها ريت پراڻي - افسوس هي جهان آ...

٢. وڇڙي جو يار ويندو - موٽي نه مور ايندو،
جڳ مان جڏهن لڏيندو - سڀ ڪجهه هتي ڇڏيندو
سنسار مان رڳو هو نيڪي ۽ نالو نيندو-
ايندو نه ساٿ ڪوئي جڏهن ٿيندي پڇاڻي - افسوس هي جهان آ...

٣. سنسار جي ٻلي جو نت ڏيان جو ڌري تو
سو آدمي امر آ - جو نيڪ ڪم ڪري تو
تون سوچ ته ڪيئن تنهنجي ادا عمر وهائي
افسوس هي جهان آ - ڪن پل جي ڪهاڻي.

جني ڪيترائي اديب ۽ فنڪار اڳي ڪنا ٿيا هئا. ماهتاب محبوب
حميد سنڌي ۽ ٻين ڪيترن سڄڻن پنهنجي پنهنجي تاثرات ظاهر
ڪئي.

سدا حيات ماستر چندر جهڙا عظيم فنڪار ڪڏهن بہ مرڻ جا ناهن
سندن ڪلا هميشه امر آهي. پر اهڙا مهان ڪلاڪار عوام جي زندگي ۾
جو حصو بڻجي چڪندا آهن. سندن ياد اڪثر اکڙين ۾ آب آڻي
ڇڏيندي آهي ۽ اها تمنا رهندي آهي تہ ڪاش اهڙا انسان اسان کان
ڪڏهن نہ وڇڙن : پر سنسار جي ريت نرالي آهي-شاعر ضيا صاحب
لکيو آهي.

رڪارڊ : 'وڇڙ وارن کي وِڇڙو هو، ويا آخر وڇڙ وارا،
اسان کان ويا ڪري پاسو، هئا پاسو ڪرڻ وارا.'

ماستر چندر ڪيترين ئي سنڌي فلمن لاءِ ڳايو، جڏهن تہ اباڻا، لاڏلي،
سنڌوءَ جي ڪناري، سنت ڪنوررام، جهوليلعل وغيره. پيش آهي فلم
جهوليلعل جي هڪ جهلڪ.

رڪارڊ : جهوليلعل سائين.

لائق پتا جو لائق فرزند مهيش چندر-هندستان جو برک گائڪ، جنهن
سنڌي، اردو ۽ هندي گائڪيءَ ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو آهي
ديش وديش ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر پسايو اٿس. (مهيش ڏانهن
مخاطب) مهيش جي، ماستر چندر اوهانجو پتا، اوهانجو گرو هو. اوهان
شاگرد جي حيثيت ۾ جيڪر پنهنجي گروءَ بابت ڇا چوڻ چاهيو؟

(ارجن شاد ڏانهن مخاطب) شاد صاحب، اوهان کي خبر آهي تہ
مان جو ڪجهہ آهيان، پتا صاحب جي بدولت آهيان. ننڍي هوندي
کان هنن مونکي شاستريہ سنگيت کان واقف ڪرايو. سر، تال ۽ راڳڻيون
سيکاريون ۽ انهن جو ئي مون تي تمام گهڻو اثر آهي. پر دراصل
منهنجي خيال موجب جيستائين ڪلاڪار کي پنهنجو انداز بيان ناهي
يا هن کي ڪو قدرتي آواز ناهي، تيستائين هو مڪمل ڪلاڪار ٿي نہ
ٿو سگهي. پتا صاحب کي قدرتي آواز هو ۽ انداز بيان پنهنجو هو، ان
ڪري هو مڪمل فنڪار هئا.

سڄيءَ سنڌ تي ڇانئجي ويئي. ان آواز ۾ نہ هو ڀڳت ڪنوررام جي ڀڳتيءَ جو پرڀاءُ، نہ جيوتيءَ جي تان ۽ نہ منوءَ ۽ موتڻ جي ڇيرن جي ڇمڪار. پوءِ بہ منجهس اهو ڪي هو جو ان ڪان اڳہ سنڌيءَ ۽ سنڌ جي ڪنين ڪين پيو هو. ان آواز مان عجيب بيتابي جهلڪندي هئي. منجهس اهڙي ڪا اُڇل، اهڙي ڪا اوت هئي جو دليون سرشار ٿي ويندڻيون هيون ۽ اکيون خمار ۾ پرجي ويندڻيون هيون. جيڪڏهن ڀڳت ڪنوررام سنڌ جي آتما هو تہ ماستر چندر جوان سنڌين جي دل جي ڌڙڪڻ ٿي پيو!

ماستر جي سنگيت جو اهو ڪرشمو ۱۹۳۳ع ڪان ۱۹۴۷ع تائين هليو. سڄا سارا ۱۴ سال. اهوئي دوُر هو، جڏهن سياست رنگ بدلايا، پنهنجا پراوا ٿيا ۽ ملڪ جي ورهاڱي جي نوبت آئي. ان هوندي بہ اهو ماستر چندر جو آواز هو، جيڪو هندن چاهي مسلمانن ۾ هڪ جيترو پيارو هو ۽ هردل واري، شهريءَ چاهي دهقانيءَ پاڻ کي ان سان ڳنڍيل ٿي سمجهيو.

ماستر چندر اول پنهنجا لکيل گيت رڪارڊ ڪيا : مثال طور : ”سهڻا، عرض آهي“. هن گيت ۾ پلٽا بہ هئا تہ رفتار بہ هئي. سهڻا عرض آهي بدلجي ٿي پيو ”سهڻا سهڻا، عرض عرض، آهي آهي... منهنجو منهنجو، مرض مرض لاهہ لاهہ. سهڻا!“بس، رفتار بعد ”سهڻا“ جو لفظ وري ائين ڪٽندو جو ڀانءِ تہ سهڻن کي سڏ پيو ٿئي! سندس لکيل گيت : ”رنائي رنائي رهن“ تہ جنتا کي جهومائي ڇڏيو :

(۱) رنائي رهن پر هجين حياتي،
پلي پيا وڙهن پر هجين حياتي،
تن تان ڇڏيان مان جند جان گهوري،
گهرن ماس مون ڪان، ڏيان هوند ڪوري،
ڪهي پيا ڪهن سائين، ڪهي پيا ڪهن...پر هجين حياتي.
(۲) دکي پل رهان مان هو خوش ٿي گذارين،
پري ڪان ڏسن پر ڪين ڪي نهارين،
ڏڪاري ڇڏين سائين، ڏڪاري ڇڏين....پر هجين حياتي.

سنڌي جوان جي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز ماسٽر چندر



- موتي پرڪاش

اُهو سنڌي سنگيت جو اُلشڪ سونهري زمانو هو!

مشهور سنڌي ڳائڻيون جيوٽي، گولي ۽ نوابي ڳائينديون هيون
''جن جي هٿان ويئڙا پرين، تن کون پڇو سڌ سوُر جي''، تڏهن ٻڌندڙ
جي وات مان واهه واهه نڪري ويندي هئي! جڏهن ناميارا ڀڳت مئ
۽ موتڻ، ڇيرن جي ڇمڪار ڪري، هڪ هٿ ڪن تي رکي ۽ ٻي ٻانهن
ڦهلائي، عمر مارئيءَ جي آڪاٽي ڪٽندا هئا ۽ اوچي آواز ۾ ڳائيندا هئ
: ''عمر ادا، مان ڪي ٿي وطن پنهنجو پيارو'' يا ''قبر تائين ڪندي
ويئي اباڻا اباڻا'' تڏهن حشام ماڻهن جا هڪ آواز تي چوندا هئا،
وڃائي ڇڏيئہ ڀڳت صاحب، وڃائي ڇڏيئہ.'' ڀڳت ڪنوررام، جڏهن
ڇير ۽ جامو پائي نچندو هو ۽ اسر جو پرياتي ڳائيندو هو.

''اسر جو رام ريجهاءِ بندا، پنهنجي پريتم ڪي پرچاءِ، بندا''
تڏهن رام ۽ رحيم ۾ ڪو فرق ڪين سمجهبو هو ۽ ٻڌندڙ هندو ۽ مسلمان
جي اکين مان نير ڇلڪي پوندو هو. مڙهيءَ ۽ مسجد ۾ هڪ ئي ڏي
روشن هو. نہ وير ونجوڳ، نہ ڪلفت عداوت. موچي، ناتي، ڀنگي
ڪمي، ڪاسبي، لوهار، رازو، واڍو، هاري ناري، ريڍار، دوڪاندار
زميندار سڀ هڪ هنڌ ويهي راڳ جي جادوءَ تي جهومندا هئا، هڪٻئ
کان وڌ سنگيت رس جا ڪوڏيا اچي مڙندا هئا. وقت جي سمڪ ڪا
پوندي هئي. صبح جي اَچ وري ويندي هئي. عبدالله چانهہ واري جي
چانهہ تيار ٿي ويندي هئي، هيمن جي هوٽل کلي ويندي هئي، گرم گر
چانهہ جا پيالا چاڙهي پوءِ وڃي هرڪو گهر جا ڪڙو ڪڙڪائيندو هو!

سنڌي سنگيت جي درياهہ ۾ ان وقت هڪ نئين لهر اُٿي. رنگبرنگي
جلويدار، اوچي اُتاهين، جيڪا ماسٽر چندر جي آواز جو جادو بڻجي
شهرن کان واهڻن تائين، هر سنڌيءَ کي پنهنجي چوہ ۾ چڪيندي

ڪيئن پٿر دل ۾ پيا ڪنڊو چيي؟
درد جي ڪهڙي خبر بيدرد کي؟
زور آهي اڄ خريدارن جي پيڙ،
تي هزارن ۾ طلبگارن جي پيڙ.
اوُر ٿيندو چو نه اڄ دلبر جو ناز!
تي وڏي در تي جڏهن يارن جي پيڙ.
دل هزارين تا ڪيڏي ڏين ري گهرئي،
درد جي ڪهڙي خبر بيدرد کي؟

رڪارڊ ٻڌي ڪنهن کي پنهنجو پٿر دل معشوق ياد ايندو! ”واهه ماستر واهه، وڃائي ڇڏيئه، چئي سيني تي ڏڪ هڻندو. عاشق جون اکيون اَشڪبار ٿي وينديون. ڪنهن کان ٿڌا شوڪارا پرجي ويندا. ڄڻ ڏياريءَ جي رات ماتم شروع ٿيو!

اسانجي ناناڻي ڳوٺ جاتيءَ ۾ ٻيڙين ۾ شغل سفر ڪرڻ جو شوق هوندو هو. گونگڙو واهه شهر جي پرسان وهندو هو. پاڻي چڙهيو ته ناڪتا ننڍڙيون ٻيڙيون آڻي ڪپر وٽ بيهاريندا هئا. ڏينهن جهڙالو ٿيو ته ٻه ٽي ٽوليون سير شغل ئي تيار ٿي بيهنديون. پوءِ جنهن ٽوليءَ سان نانو هجي، تنهن سان هرڪو شامل ٿيڻ چاهي. ناني وٽ گراموفون به هو ۽ پڳٽ ڪنور ۽ ماستر چندر جا نوان رڪارڊ به هئا! بس...سون تي سهاڳو. کاڌي پيتي جا سپ وکر کنيا ويندا. ميوا ڇا، آچار ڇا، مناڀون ڇا، او ويندي پاپڙ تائين، سپ کي هڪيو حاضر هوندو. ٻيڙيءَ ڪنارو ڇڏيو ته نانو آڳيل تي ويهي گراموفون کوليندو، سُئي بدلائيندو، رڪارڊ ٻوليندو ۽ چابي ڏيئي هلائيندو. جوان تاس کيڏڻ ۾ مشغول ۽ ٻاهر ماستر چندر جو آواز گونجندو :

ستمگر محبوب جا مهڙا ماڻا ڪنهن ڏنا ٻڌا؟ انهن ڏکن ڏوراپن، ناز انداز، ستمگريءَ ۽ مغروريءَ جون ڪهاڻيون گونگڙي واهه جي لهرن تي ترڻ لڳنديون. آڪاش ۾ بادل مڙي ايندا ۽ اکين مان بوندون برسڻ لڳنديون. ائين لڳندو هو، ڄڻ سپ قدرتي ڦان تي پيا آهن!

١٩٤٠ - ١٩٤١ع ڌاري جي ڳالهه آهي. ٻڌو سين ته ماستر چندر سجاول

ڏسندي ڏسندي ”رنائي رهن پر هجين حياتي“ گهڻن جو تکيه
ڪلام ٿي پيو! ٻوڙا ڳو، ڪنهن معشوق يا يار دوست ڪي خط لکائي ته ان
جي پڇاڙي ائين ڪري : رنائي رهو پر هجيوَ حياتي.

ماستر چندر جي سنگيت سان منهنجون ننڍپڻ جون ٻي شما
يادگيريون جڙيون پيئون آهن. منهنجو نانو سرڳي ريواچند ۽ منهنج
مامو هيمن داس سرڳي ته ماستر جي سنگيت تي جنسي مفتون هئا
ناني وٽ ٻوتاري وارو گراموفون هو، نس پس ۾ اهڙو جهڙو هينئر ه
ماسٽرس وائس ڪمپنيءَ جو مونو گرام آهي. هر ڏياريءَ جي ڏڻ تي
نانو صاحب دڪان کي رنگ روغن هڻندو، جهالون سان سينگاريندو
دوائن وارن ڪٻٽن جا شيشا اُگهي چمڪائيندو گراموفون رڪارڊن جون
پيتيون ڪڍائي اُهي دڪان جي ميز تي رکائيندو هو. ته گولا ٻتيون
ٻرنديون، آتشبازيءَ جو لقاءُ لڳندا. هڪ طرف نانو منائيءَ جا پڙ
ورهائيندو ته ٻئي طرف مامو اسان سيني ٻارن کي گراموفون کان پري
قطار ۾ وهاري، نون رڪارڊن جي پيتي کولي، گراموفون تي رڪار
چاڙهيندو، حشام ماڻهن جا گهٽيءَ ۾ اچي مڙندا. تن ڏينهن ماسٽ
چندر، دڪايل جا گيت ڳائيندو هو.

ماستر جو آواز ٻڌي، ڪي ٻيهي ويندا، ڪي دوڪان جي دڪي
تي دابو ڪري ويهي رهندا ۽ ڪي فرمائشون ڪندا : دلدار ماستر ج
اُهو رڪاٽ (رڪارڊ) ٻڌاءِ... درد جي کهڙي خبر بيدرد کي.

نانو جواب ڏيندو، ”ميان، صبر ڪر. اها فرمائش به پوري ڪندس.“

ميان جي پٺڪي ۾ ور پوندو، مڇين کي مروڙو ايندو ته ٽيستائين
پلٽي ماري ويهي رهندو، جيستائين سندس فرمائش پوري ڪا
ٿيندي:-

درد جي کهڙي خبر بيدرد کي؟
مونکي هو روئندو ڏسي کلندو رهيو،
بي تکلف غير سان ملندو رهيو.
منهنجي تڙڦڻ ڏي نهارڻ کان سواءِ،
ٺهڪ ڏيئي بيخبر ٽلندو رهيو.

اُڏامڻ جو نيزو تي مون کان کسيائين،
مگر منٿ، آزاديءَ سان آخر ڇڏيائين،
پڇو آيو مشڪل سان آهيان، برادر،
ڪٽي نيٺ پيغام آيو ڪبوتر

تن ڏينهن مائڪرو فون ڪونه هئا. هزارين جي تعداد ۾ خلق هئي. پوءِ بہ چپ چاپ اهڙي جو هر لفظ ڪنن مان لنگهي، دل جي تهن تائين وڃي پهچي. ٻئي ڏينهن سڄاول جو سڄو شهر ڪبوتر اُڏائيندو رهيو. نڄاڻان ڪهڙا محبوبن تائين پهتا، ڪهڙا پيغام ڪٽي موٽيا ۽ ڪهڙا پر پٽائي خاموش ٿي ويا!

منهنجي ڳوٺ دڙي ۾ وري ماستر چندر جي گيتن ۽ گيتن جي ڇپيل ڪتابڙين جو شائق هو منهنجو سرتو چانڊڻ ڪتي. ڪڏهن اسڪول ايندو هو تہ ڪڏهن نہ. دڪان تي بہ تہ ڪم ڪرٽو پوندو هو ويچاري کي. هٿ سندس، ڪپڙا نير ۾ ٻوڙيندي نيرا ٿي ويا هئا. ڳائيندو هو پڳڙا شوق سان ۽ ڳائيندو هو ماستر چندر جا راڳ. خبر ناهي ڪٿان ماستر چندر جي ڳائڻ جون چونڀڙيون هٿ ڪندو هو. چونڀڙيون ڇا هٿ ڪندو هو، ڳويا اسان جون دليون قبضي ۾ ڪندو هو. چونڀڙيون هٿن سان لساري، لڪائي، اوطاق جي ٻاهر واري ٿلهي تي ويهي ٻي سري آواز ۾ پڙهندا هئاسين. اُهي چونڀڙيون ئي اسانجي جهڳڙي ۽ روسامي جون ڪارڻ بڻيون هيون ۽ اُهي چونڀڙيون ئي اسانجي پرچاءُ ۽ ناه جو ذريعو هونديون هيون.

آخر ماستر چندر جي گيت، سنگيت ۾ اهڙو ڇا هو جو سڄي سنڌ ان جي مشتاق هئي؟ سندس راڳ ۽، سادن سودن راڳن ۾ جوان دلين جي بيتابي ۽ بيچيئني، عاشقن جي آهن ۽ محبوب جي ماڻن جو اظهار هوندو هو، سنمگرن جون ارڏايون ۽ اقرار هوندا هئا، جيڪي سنگيت جي سرن ۾ سمائجي، روح ۾ پيهجي ويندا هئا. ڪروڙين ۽ ٻيڙن کي پنهنجيءَ ڪوهيل جوانيءَ تي افسوس ٿيندو هو. جوانن کي انهن راڳن ۾ پنهنجي دل جي تصوير ملندي هئي. سنڌي جوان جي جذبن، اُڌمن ۽ احساسن، ڏکن ۽ ڏوراپن، مايوسين ۽ مونجهارن جو اهو عڪس، ڪڏهن

۾ آيو آهي. بس، ناني پنھنجي موٽر ڪڍي ته راڻ رنگ جا ڪوڏي
قطار ناهي بيهي ويا. ڇي اسين به هلنداسين. رهمون موالي ڊرائيور
هو. سڄي موٽر سٽجي ويئي ته فڪر نه آهي. ٻيو چڪر ٿيندو. مجال
ڪو رهجي وڃي. پيٽرول جي ڪمي ڪانه هئي. نانو برماشيل جو
ايجنٽ هو.

ماسٽر چندر جي اها تصوير اکين جي ماڙڪين ۾ اڃا اٽڪي پيئي
آهي. بو سڪيءَ جي خميص ۽ پجامو پهريل. رنگ جو سانورڙو پر
پيشانيءَ تي جوانيءَ جي چمڪ ۽ اکين ۾ لالائي هو نه بيهي ڳائي، نه
چير چمڪائي پر سازيندڙن جي اڳيان ويهي ڳائي. ماسٽر چندر جي
رڪارڊ پرائڻ جو اهو ٻيون دور هو، جڏهن هو گهڻو تڻو ضيا صاحب جو
ڪلام ڳائيندو هو، سليس ٻوليءَ ۾، سادي دل جي حسرتن ۽ تمنائن
جو عڪس، کهاڻيون ٻڌيون هيون ته عاشق پنهنجي معشوق کي پيغام
موڪلڻ لاءِ ڪبوتر پاليندا هئا. انهن جي ڳچيءَ ۾ پيار جو پيغام
اٽڪائي، دل جو حال محبوب تائين رسائڻ جي رمز ڪندا هئا. ماسٽر
چندر به ضيا صاحب جي ڪلام وسيلي، ڪبوتر کي مخاطب ٿي، سنيهه
ٿي مڪا :

ظالم محبوب جي سنگدليءَ جو به جواب ڪين هو. گهٽي انتظار
بعد عاشق کي خط جو جواب ملندو ته هيئن ملندو:

ڪٽي نيٺ پيغام آيو ڪبوتر،
ڪبوتر، ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر.
ڪبوتر چيو : مون ڪئي ڏاڍي ڳولا،
گهمي مون ڏنا حسن وارن جا ٽولا،
اول مونکي آ نظر خوب مرولا،
مگر دور مشڪل ڪئي منهنجي مؤلا،
سڄڻ تنهنجو آخر سڄاتم سراسر...
ڪٽي نيٺ پيغام آيو ڪبوتر.
ڪبوتر چيو اهڙي ڪاوڙ ڪيائين،
غصي ۾ تي منهنجي پرن کي پٽيائين.

ڪڏهن ڪنهن سنگتراش کي بي زبان مورتيءَ ۾ زندہ رَکندي آهي، ڪنهن سنگيتڪار کي جاودانيءَ جو جام لَڳندي آهي، جڏهن هو ٻئي ڪنهن جي ڳلي مان پنهنجي تات ٻڌندو آهي، ڪنهن گيتڪار ۽ شاعر کي امر ٿيڻ جو احساس ڏيندي آهي جڏهن هو ڪنهن جي چپن تي پنهنجو گيت ۽ ڪلام رمندو ڏسندو آهي.

وقت وڏي وٿ آهي. اهو وقت ئي آهي جنهن جي ورقن ۾ تاريخ لکل هوندي آهي. ٣ نومبر ١٩٨۴ع تي بمبئيءَ ۾ ماسٽر چندر فوت ٿي ويو ۽ اهو آواز جنهن سان ڪڏهن عوام جي دل جي ڌڙڪڻ ٻَڌيل هئي، سو هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو. پوءِ به ايها پڪ آهي ته سنڌي سنگيت جي تاريخ ماسٽر چندر کي ڪڏهن ڪين وساريندي؛ وساري ڪين سگهندي، پوءِ چاهي اها تاريخ ڪٿي به لکجي. سنڌ ۾ چاهي هند ۾.

دل کي گهٽو وٽين ٿو

جنهن وقت ٿو نهارين - سهڻا اکيون کڻي ٿو -
دل کي گهٽو وٽين ٿو
سچ ٿو چوان او سهڻا ويتر گهٽو وٽين ٿو
١- چشمن سان ڳالهه چوري سوري ناز سان منهن موڙي
اکرين جا تيز چوڙي-زم مان ڪشي هٽين ٿو -
ويتر گهٽو....
٢- جنهن وقت پائين جهاتي - عاشق مرن ٿا ڪافي
اکڙين ۾ رکي ڪاتي - قاتل جڏهين بٽين ٿو -
ويتر گهٽو....
٣- هڪ ٿي چندر اشاري - زخمي ڪيئه هزارين
پيهر وري نهاري - گهايل جڏهين ڪرين ٿو
ويتر گهٽو....

ڏکايل جي ڳيتن ملن، ڪڏهن ضيا جي ڪلام مان ته ڪڏهن خود ماستر جي شعر مان پلتجي پوندو هو. ان ڪري ته مون چيو ته ماستر چندر جوان سنڌي ۽ سنڌ جي دل جي ڌڙڪڻ هو!

افسوس...وقت گذري ويو. ماستر چندر به پنهنجو زمانو ڏٺو، جڏهن هل اُٿندا هئا ته اچ ماستر چندر سان هي حادثو ٿيو، اچ ماستر چندر کي سندس حاسدن زهر ڏيئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اچ ماستر چندر کي ڳائيندو ٻڌي گهڻا دل تي ڏک هٿي خاموش ٿي ويا.

پارت ۾ ۱۹۷۵ع تائين ماستر ڪجهه نه ڪجهه ڳائيندو رهيو. ڪڏهن آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي پروگرام لاءِ رڪارڊنگ ڪرڻ ايندو هو ته يادگريون وري تازيون ٿي ويندي يون هيون.

اُهو سمو به آيو جو جيڪو سنڌي عوام کي جهومائيندو هو ۽ جنهن جي آواز سان ڳڻ هزارين لوڪ جهونگائيندا هئا سو بمبئيءَ جي شيواجي پارڪ ايراضيءَ جي گهر ۾ گوشه نشين ٿي ويو.

جولاءِ ۱۹۸۳ع ۾ جڏهن بمبئيءَ ويس، تڏهن مان ۽ راجن چاولا سندس ديدار ڪرڻ وياسين. ڏٻرو ٿي ويو هو. ڪنن تي مفلر ويڙهيل، بستري تي ليٽيل، پڇيو مانس، ”ماستر، سڃاڻو ٿا؟“ جواب ڏنائين، ”نه“. جنهن سان آل انڊيا ريڊيو جي اسٽوڊيو ۾ رڪارڊنگ ڪندي ڪيئي گهڙيون گذريون هيون، سو سڃاڻي به نٿي سگهيو!

ماستر چندر کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ آئت هو ته سندس اَدِ، سندس پٽ مهيش چندر چڪي آهي. جيڪو موسيقيءَ جي دنيا ۾ پاڻ ملهائي رهيو آهي. ڇا اها خوشنصيبي گهٽ آهي ته پنهنجي جيئري ئي پنهنجي اولاد کي لائقيءَ لڳندو ڏسجي؟

ائين ئي تاريخ دهرائبي آهي. ائين ئي جوت مان جوت جلندي آهي:

جي ٻري ٻاريم اُنهن مان نت نيون، مون ڀنيان جوتيون سدا جلنديون پيئون“ (شيام)

اهو ئي ڏي سندس سرمايو هو، اهو ئي آئت آهي، جنهن لاءِ فنڪار ڪشٽ ڪشالا ڪندو آهي ۽ جيئندو آهي. اهائي تسڪين آهي جيڪا

ڳائي رهيو آهي. ٻالڪنين کان نوجوان ڇوڪريون رهيا اچلي رهيون آهن. آواز جناب چندر صاحب جو آهي.

''مومل ساڳي باغ پراڻا
درد نئين سر داغ پراڻا''

منهنجي من ۾ ڪشمڪش آهي - ڪامني، وجيا، سونا، سنڌو، شبنم، راڌا، وديا، ايلما گينا، ڪير؟ اُهي سڀ ذهن تي ويهه سال راڄ ڪنديون رهيون. منهنجن پنجن ناولن ۾ اُنهن سيني اچي پنهنجي پنهنجي ياد ڏياري، لڳي رهيو آهي : مومل ساڳي، قصا پراڻا. سن ١٩٤٧ع لڏپلاڻ. چندر ڳايو :

''سنڌي ديس پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا،
وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا.''

ٻه سال کن چندر جي دوستيءَ مان ڳڻ، دڪايل سان ياري رکي هيم ۽ پئي ڳايم، ڪانه ڪپي سرڪار ڏاري ڪانه ڪپي. مگر.... پنهنجي سرڪار آئي ته مون کي سنڌوءَ جي اَمرتي جل تان هٿ ڪٽڻو پيو.... مان وري چندر جي حضور ۾ پهچي شانتي ڳولهڻ لڳس، چندر آلاپيو :

اڄ واري سا اُلفت ناهي
ملڪ ۾ ساڳي محبت ناهي

۽ پوءِ.... پاڪر ۾ رهيا آهيون. ڪڏهن هو تو سکي ڪڏهن مان تو سکان.

۽ هاڻي.... پنجاهه سالن جي دوستي نيائيندي هيءَ پني تکري لکي سندس قرض اَدا ڪرڻ ٿو چاهيان..... زندگيءَ جون بهارون، اونهارا پورا ٿي ويا آهن..... خزان دور چالو آهي.... ڪنن تي لفظ چندر جا ئي پيا پون :

''اَڄ ڪين جي ڇڏيئه نه سياڻي ته ڇڏيندين !
آخر ته اَدا تون ٻه زماني مان لڏيندين!!''

چندر نه رهندو، سڪايل نه رهندو، ٻنهين جا ڪجهه لفظ رهندا.
''چندر ۽ سڪايل سکي جا ٻه پاسا.''

پنجاھہ سالن جي ڪٿا
ماسترچندر سان مانسڪ لڳاءُ



- ڊاڪٽر ارجن سڪايل

اَڄ ڪان پنجاھہ سال اَڳي-سنہ ۱۹۳۳ع منھنجي عمر ۱۴ سال-ڪشور
اوستا-ھڪ طرف اَنگريزي ھاءِ اسڪول جي تعليم-ٻئي طرف سار
ڪتاولِي جو پاٺ-ٽئين طرف ماستر چندر جو پھريون رڪارڊ-ستو، رجو
۽ تمو گڻ جي ڪشمڪش.

''ھڪ ڏھاڙي مون ڏٺو معشوق کي خود خواب ۾''

چار سال پوءِ-منھنجو پھريون پيار-ماستر چندر جو نئون رڪارڊ-

''دل آھي ھٽن ۾ تو خريدار کي ڳولھيان''

منياڻي، ناروشاہ، ڪنڊ يارو ۽ ھالاڻيءَ جون درٻاريون-ماستر چندر
جي ڪوٽ تي ڊزن کن ميڊل-مٿي تي ڪلف لڳل، زري لڳل، جوڳي
رنگ جو پٽڪو لڳل، مئٽرڪ جو اَمتحان ڏيئي آيو ھوس ھڪ ھٿ ۾
گيتا-ٻئي ھٿ ۾ يونانِي طب جو ڪتاب طب اَڪبر-ڪنن تي چندر
جو ڪلام.

''ڪبوتر چئَج آب اکڙين ۾ آڻي
ملي وڃ مران تو الله پاڪ جاڻي.''

منھنجي شادي-شاديءَ جي سوغات گرئموفون جي قيمتي پيتي
ھڪ ھٿ ۾ مريض جي نبض ٻئي ھٿ ۾ گھوڙي جون واڳون.
چندر جو رڪارڊ تو آلاپي :

سياڻن کي چريو بڻائن تيون اکڙيون

منھنجي تپسيا تتي رھي آھي : اُپنشدن ۽ ويچار ساگر ۾ شانتي
ڳولھيان تو-پاڙي واري وڏوا نائوءَ ماءُ جي فرمايش آھي : اَرجن اَڪين وار
رڪارڊ نہ وڄاءِ. خبر ناھي ڪھڙين اَکين ھنئي بہ چريو بڻايو آھي؟
ننڍھہ آدم جي ڪميل ميدان تي فئشنبل گائڪ نيڪتاءِ ۽ فل سوٽ ۾

تائين تاڙيون بند نٿيون ٿين.

سبب ڪهڙو آهي ؟

سبب اِهو آهي تہ سنگيت سمراٽ جي ساڳي گائڪي، ساڳي طرز- ادا، ساڳي مُرڪ ۽ ساڳيو ناز وَ اَنداز ۽ اَدائون پيارو مهيش چندر هوُبهوُ پيش ڪري رهيو آهي. اکيون بند ڪري، ڪن سرلا ڪري، فقط ٻڌي رهڻ وارا اِئين ٿا محسوس ڪن تہ سدا حيات ماسٽر چندر خود جيئرو جاڳندو وري جنم وٺي آيو آهي ۽ اَسين اِن صاحب سُخن ۽ گائن آچاريہ کي اڄ وري ٻڌي رهيا آهيون.

سبب ٻيو بہ آهي :

ٻيو سبب اِهو آهي تہ ڀڄن، پرارٿنا، شبد ڪيرتن بہ منيون چيزون آهن پر جنهن **رومانٽڪ گائڪيءَ** کي ماسٽر چندر سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڪٽي آيو ۽ پورا پنجاهہ سال سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ سنڌي جاتيءَ جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو سا حقيقت نِجي هئي ۽ حقيقت هئي ۽ اکين جي سامهون هئڻ ڪري دلين کي ڇهڻ واري هئي. ڀلي ڪو سهڻيءَ کي طالب ۽ ميهار کي مطلوب يا خدا يا ڀڳوان سان ڀيٽ ڪري يا سَسُئيءَ کي طالب ۽ پنهل کي خدا سمجهي، پنهنجون معنائون مڙهي، پر عام لوڪ، عام ماڻهو تہ سهڻي ۽ ميهار کي سسئي ۽ پنهون کي، مومل ۽ راڻي کي، لئلا ۽ مجنوءَ کي، ديويداس ۽ پاروءَ کي، پيار ۽ محبت جي سچي دل ڇڪيندڙ، داستان ڪانسواءِ ڪوئي ٻيو هوائي يا خيالي يا فلسفانو داستان سمجهڻ وارا نہ آهن. ماسٽر چندر جو جادوُ اِنڪري هلي ويو جو هن هزارن لوڪن جي وچ ۾ ويهي آلاپيو :

”دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان،

پر ڪو وٺڻ وارو هجي.“

وري هالاڻيءَ جي دربار ۾ ٽنڊه آدم جي ڌرمشالا ۾ يا ڪراچيءَ جي آرٽلري ميدان تي ڳائيندو رهيو ۽ هندو مسلمان يڪ آواز واهہ واهہ ڪندا رهيا.

”ڪري منت ڪوئي مڃان مان نہ ڪڏهن،

بنا عشق جي ڪجهہ ٻي قبوليان نہ ڪڏهن،

رومانٽڪ شاعري ۽ ڳائڪيءَ جو شهنشاه ماسٽر چندر

٢٠ صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ سنڌ جي ساهتي پرڳڻي ۾ هڪ
اهڙي شخص جو جنم ٿيو جنهن سنڌيءَ جي **رومانٽڪ شاعري**
ڳائڪيءَ کي چمڪائي ڇڏيو. نارو شاه جو وينُل ماسٽر چندر اڳتي هلي
سنگيت سمراٽ سڏجڻ ۾ آيو. ڪوي پهلاج هن لاءِ لکيو ته هڪڙو چن
آسمان ۾ هوندو آهي ته ٻيو چنڊ سنڌڙيءَ جي سر زمين تي پئدا ٿي
آهي. ڀڳتن جو سرتاج شرومڻي سنت سائين ڪنور رام اُن کي چندرما
جي نالي سان ئي سڏيندو رهندو هئو.

ماسٽر چندر لوڪ سنگيت ۽ جذباتي شاعريءَ سان، هندن ۽ مسلمان
کي ننڍن ۽ وڏن کي، استرين ۽ پُرشن کي ايترو قدر شيدائي بڻائي
ڇڏيو جو هن جي مٺاڻ بلهار ويندا هئا. هن جي پروگرام جو نالو ٻُڌي
هزارن جي تعداد ۾ ماڻهون ڪنا ٿي ويندا هئا.

ماسٽر چندر جي رات سُر ۽ سنگيت جي برسات. مهيش چندر اِسٽي
تي اچي ٿو ۽ ڳائي ٿو :

”مان دنيا کي سڃاڻان ٿو،
مان دنيا جو ڏٺل آهيان،
نه دنيا ئي لڪل آهي،
نه دنيا کان لڪل آهيان.
چون ٿا ويو چندر ڪُسجي،
برابر مان ڪُٺل آهيان.
مٺل آهيان محبت ۾،
اڳيئي مان مُئل آهيان.
مُئل کي ڪير ماريندو،
مان جيئرن کان ڇنل آهيان.
جيئڻ وارا پيا مرندا،
مرڻ کان مان ڇُٽل آهيان.“

هزارين درشڪ تاڙيون وڄائين ٿا. وڄائيندا رهن ٿا. پنجن منٽ

ڪوڙو دڪان ۾.
”ازگر بہ هليا ويا،
تہ ڪاريگر بہ هليا ويا،
تونگر بہ هليا ويا،
تہ گداگر بہ هليا ويا.
ستايل بہ هليا ويا،
تہ ستمگر بہ هليا ويا.
تون سمجهين ٿو ڇا،
تہ دنيا نئين ڪا اَڏيندين.
آخر تہ اَدا تون،
زماني مان لڏيندين.
ٻُڌ گناهن جي دوا ۽
وَٽُ فقيريءَ جي ڦڪي.
ڀرم ۾ ڀولو نہ ٿي،
پريم ۾ ڪر دل پَڪي،
زر سندو زيتون، ڪيلو
ڪام جو ڪائين مٿان
موهہ جي موري، گجر
غفلت جي اٽائين مٿان.
معرفت مرجان ڪر ۽
قرب کي ڪر ڪهربان.
موملي موتي محبت،
گل غريبي گازبان.“

هن طرح سچي طبابت وڏي نظم ۾ بند ڪري روحاني رمزن کي وکہ ٻوکہ ڪئي اَتس جا ڪنهن رواجي شاعر جي پهچ کان مٿي آهي.

مهيش چندر ۽ گوپ چندر :

ٻالهہ مهيش جي گائڪيءَ کان شروع ٿي هئي. هُن اوچ درجي جي گائڪ کي اِلاهي سنمان ۽ سوغاتون ڏيئي عام ۽ خاص ماڻهن بيحد پيار

منائڻ اچن ڪي هلي حسن وارا،
همايون ۽ بابر، سڪندر ۽ دارا،
منائڻ اچن پل جوهرلعل پارا،
مچان مان نہ ڪڏهن....

ڇوڻ جو مطلب آهي تہ ويهين صديءَ ۾ نہ فقط وڏي ۾ وڏي سنڌي گائڪ طور ماستر چندر سُر سنگيت جو سمراٽ ليکجڻ ۾ آيو پر رڪارڊن جي دنيا ۾، ميڙن ۽ مجلسن ۾، اَميرن ۽ غريبن، توڙي اِسترين ۽ پرشن جي دلين ۾ هوُ تخت نشين ٿي رهيو ۽ ڪوبہ ٻيو گائڪ اهڙو مان سنمان ۽ مرتبو حاصل ڪري نہ سگهيو، نڪو ڪو اَمن ۽ خاص شخص وٽان ڪوئي تاج حاصل ڪري سگهيو.

ماستر چندر کي مغربي ڪسوٽيءَ تي شاعريءَ کي پرکڻ وارا شاعر وڏو شاعر نہ سمجهندا هئا، پر هوُ صاحب تہ وڏو شاعر ۽ صاحب سخن پڻ هو. نہ تہ پلا هن قسم جي شاعريءَ کي ڪوئي ڪيئن ٿو نظر اَنداز ڪري سگهي؟ هن لکيو:

وطن کان دور آهيان،
دربدر آهيان، غريب آهيان،
سڄڻ جيئن جيئن ڏکاري ٿو،
مان تيئن اُن جي قريب آهيان،
وسارڻ سان نہ وسران ٿو،
مان ماڻهو ڪو عجيب آهيان.

گهڻا شعر ٻڌائي سگهجن ٿا.

جنهن مان ثابت ٿي سگهندو تہ هو شاعريءَ ۾ بہ بُلنديِن جي چوٽين کي ڇُهي سگهندو هو. شاھ سچل ساميءَ جهڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ کانسواءِ نباڪہ ويراڳہ ڪرم گيان ۽ ڀڳتيءَ وارين راهن تي بہ چٽا پنڌ ڪيا هئائين.

”دل ٿي نئي لڳي هن،
ڪوي جهان ۾،
ڪوڙو وکر رکيو آ،

هاڻي وارو ملبو گوپ چندر کي جو بنهين پٽن هريش ۽ انيل سان گڏ آرتيءَ کي به وٺي آيو هو. گوپ چندر شروع ڪيو :

”هڪڙي ڳالھ ته ٻڌ،

چوٿون ڇُرچ به ڦرين پاڻ ڪيئہ،

پنجون پيار سان جڻ پڇاڻ ڪيئہ،

ڇهون ڇيڙ ڀلا ڇاڪاڻ ڪيئہ،

هاڻي ڪاڏي وڃان اڄ پير ڀري،

هڪڙي ڳالھ ته ٻڌ منهن هيڏي ڪري.“

هن به ڪلاڪ کن سيني کي جهومايو هو. آرتي راڄ ۽ هريش به مغربي نمونا به پيش ڪيا پر جڏهن سورٺ راڳ شروع ڪيائون ته سيني جون دليون ڄڻ قيد ٿي ويئون. هنن ڳايو هو :

١. **”نہ ڪنهن اِنسان جي موليٰ،**

جدا ڪر چيز دل واري،

نہ دشمن کي به قسمت ۾،

ملي شل آهہ ۽ زاري.“

٢. **”وڄ وڄ ڙي گهڙا،**

واهہ واهہ ڙي گهڙا،

وڄ وڄ ڙي گهڙا.

اڄ مونکي ماسٽر چندر جي چوياريءَ جا چار يار پڻ ياد اچي رهيا آهن ۽ اڪيون ٻوڙهن سان پرجي ويئون آهن.

١. ماسٽر موهن ڳائيندو هو :

تون هجين ۽ مان هجان برسات جون راتيون هجن،

باغ ۾ بينڪ هجي بلبل سنديون باتيون هجن.

اڄ قسمت هن سان مذاق ڪئي آهي جو هن جو آواز بند ٿي ويو آهي. مونکي ياڪر پائيندو آهي ته مان اُداس ٿي ويندو آهيان. هوُ ڪوپري ڪالونيءَ ۾ رهيو پيو آهي ۽ اڄ به هارمونيم اُستاد ليکيو ويچي ٿو.

٢. پرمانند ساگر ڳائيندو هو :

ڪيو آهي ۽ هوُ نہ هندي ۽ اُردو غزلن ۽ رڪارڊن ۽ آڪاشوائي ۽ دوردرشن تي بہ وچينءَ ڪرسيءَ تي وينل نظر اچي ٿو. گذريل سال ماسٽر چندر جي رات ملهائيندي هن هزارين درشڪن کي وجد ۾ آڻ ڇڏيو هو. هو پورا بہ ڪلاڪ اِسٽيج سنيالي ۽ ڳائيندو رهيو :

’’تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان،‘‘

’’ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر.‘‘

’’هزار شڪر جي آيا اوهين پير پري.‘‘

’’عشق ٻڌايو پٽيون.‘‘

هاڻي هوُ صاحب اِن رڪارڊ واري ڪلام کي ٿو پيش ڪري جيڪ رڪارڊ سنڌ ۾ وڄندو هو نہ اِسڪولن جا ٻار ڪلاس مان نڪري اچ ملهڻ پڪوڙائيءَ جي گرئموفون اڳيان بيهندا هئا. زميندار اُنن گهوڙن کي بيهاري ڪلام ٻڌي پوءِ اڳتي وڌندا هئا. پاڙي واري سن ماءُ مونکي وري وري چوندي هئي : اَرجن ! اِهو اکين وارو رڪارڊ هلاءِ. خبر ناهي اِن وڏوا عورت کي کهڙين اکڙين چريو بڻايو هو.

’’ سياڻن کي چريو بڻائن تيون اکڙيون،
ڏکيءَ جاءِ تي ڪيئن اَڙائن تيون اکڙيون.

فقيرن اَميرن کي گهائن تيون اکڙيون،
ڪري نانگو در در نچائن تيون اکڙيون.

سچي هوڏ هستي مِٽائن تيون اکڙيون،
عجب ضابطو ڏس جمائن تيون اکڙيون.

ملڻ لاءِ ماتم مچائن تيون اڙيون،
مني ننڊ منهنجي وڃائن تيون اکڙيون.

سندو نينهن ناتو نڀائن تيون اکڙيون،
فرش تان عرش تي رسائين تيون اکڙيون.

مرڻ تائين ڪنڌ ناڪڍائن تيون اکڙيون،
چندر سان جيوت نڀائن تيون اکڙيون.‘‘

چنبڙ (ماستر چندر) کي سدائين چمڪندو ڏسو.

هن جي جيئري هوندي توڙي سندس پرلوڪ ٿيڻ ڪانپوءِ به سنڌڙيءَ جو هرڪو مرد يا استري، ٻار يا ٻڍو ياد ڪندي ڪيس عقيدت پيريو سلام ڪندا ٿا رهن سو سڀ هن جي عاليشان ڪاريهء عاليشان ڪشلتا سبب ۽ سندس عاليشان ڳائڪيءَ جي ڪري ئي رهيو آهي.

ماستر چندر پنهنجا ناهيل ڪلام، سائين دڪايل ۽ شري ضيا صاحب جون رچنائون گراموفون جي رڪارڊن ۾ ڀري سنڌڙيءَ جي جنتا کي مستانو ۽ ديوانو بڻائي ڇڏيو، اُهي رڪارڊ سون جي انداز ۾ آهن ۽ هزارن گهرن ۾ وڄندا رهيا آهن.

هِن جي ڳائڪي اهڙي مني مٺرُ لڳندي هئي جو ٻڌندڙ هلندي چلندي بيهي رهندا هئا. سندس مِزاج ننڍپڻ کان ئي درويشاڻو هيو جنهن ڪري پنهنجي ڳوٺ نارو شاهه ۾ رهندڙ ڪاڪو جيوترام ۽ ماستر وسئي مل جي سنگت ۾ سچو صوفي بڻجي پيو ۽ ڊاڪٽر روچلداس ۽ ٻين صوفين جي صحبت ۾ حق پرستي ۽ انسان پرستيءَ جي مورتي بڻجي پيو.

مان هُن کي شاعراڻي محفل ۾ پهرين قطار جو شاعر سمجهندو رهيو آهيان. دُنيا جي بي ثباتيءَ تي هن لکيو :

دل ٿي ننڍي لڳي هن ڪوڙي جهان ۾
ڪوڙو وکر رکيلُ آ ڪوڙي دڪان ۾

جوانيءَ جي باغ ۾ به ڪليون يعني سندس ٻه پُٽ اوچتو پرلوڪ پڌاريا ته سندس ويراڳ ۾ ورتيءَ ڪانئس لکايو :

ڙٺان ڇو نه سرتيون، سنگت ويا ڇنائي
اُداسي هليا ويا اُداسي بڻائي

مان ناساز طبعيت سبب گهڻي لڪڻ کان پاڻ کي روڪي ٿو رکان ۽ سندس آتما کي نمسڪار ڪري هي پنو ۽ قلم رکي ٿو ڇڏيان.

سندس ٻه پُٽ جناب مهيش چندر صاحب ۽ گوپ چندر ۽ سندن ٻيو اولاد پڻ پتا جن جو ورثو مخملي آواز ۾ قائم رکي وينا آهن. اُنهن کي به منهنجون قربائتيون مبارڪون هجن.

پونئر تي اچ واسُ مان،
جيڪر ونان جي وس پُڄي،
تي پڪي آڏري اچي مان،
رس پيئان جي وس پُڄي.

٣. ماستر رتن پنهنجو ناهيل ڪلام ڳائيندو هو :

دل ڏجي دل وارن کي،
کهڙو قدر پوندو بي قدرن يارن کي.

۴. ماستر فتحچند جي سورٺ جي ڳائڪي ته وسرڻ جي نه آهي :

ڪليجو منهنجو هجي، نگاهه-اي-يار هجي،
چُڀي جو تير ته سيني جي آر پار هجي !

مضمون جي سماپتي :

هن مضمون کي سماپت ڪرڻ کان اڳ هڪڙي رهسيه واري ڳالهه
باقي آهي. اِها به چئي ڇڏيان.

ڀڳت ڪنوررام صاحب جن جي لولي ۽ هڪڙو پرارٿنا جهڙو گيت
وري وري ٻڌڻ تي دل ٿيندي آهي. اُن جا ٻول آهن :

''نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو''

دادا دڪايل جي وڻ کهاڙي واري نظم لاءِ پڻ وري وري اچ تائين
فرمائش ٿيندي رهندي آهي. مگر، ماستر چندر جا ١٠٠-٢٠٠ ڪلام
اهڙا آهن، جيڪي ٻڌندي ٻڌندي ٿڪبائي نه آهيون.

ائين ڇو آهي ؟

مون کوڙو ڀڳو آهي. پرولي سمجهي آهي. توهان به سمجهو، سوچي
ڏسو.

صداقت پريو سلام

سنگيت سمراٽ ماستر چندر کي، سنت، سائين ڀڳت ڪنوررام
صاحب جن 'چندر ڀڳوان' ڪري ڪوٺيندا هئا. اهڙيءَ وڏيءَ مهم
وارو دل جي پيار وارو خطاب ڏيندو رهيو. سنت ڪوي ڀلاءِ ڇيو آهي
ته، آسما وارو چنڊ پندرهن ڏينهن چمڪندو آهي پر ڌرتيءَ تي آيل

ماستر چندر ڪوي بہ ھو ۽ پنھنجا قلمبند ڪيل گيت بہ ڳائيندو ھو ۽ گڏوگڏ پنھنجي سبڻ ڪوي پرسرام ''ضيا'' جا بہ. پر ھڪ خاص خوبي جا ھن صاحب ۾ ھئي اُھا اِھا تہ جڏھن بہ ڪيس ٻڌو تہ ھنجي مڌر ۽ مني گلي مان صرف سنڌي سر ئي نڪرندا. طرزون بہ پنھنجون ۽ نيٺ سنڌي تہ لفظ بہ سنڌي، تانون بہ سنڌي، آلاپ بہ سنڌي تہ گلي ۽ آواز ۾ تبديل جو نوُح بہ سنڌي. ماستر چندر صاحب جو ڳايل ڪوبہ گيت ڪٿو، توھان کي ھر گيت مان سنڌيت جي سڳنڌ ئي ملندي. (اڄ ڪالھ ڏرمي شبدن جي ڪتابن ۾ بہ توھانکي طرزون فلمي ئي ملنديون پر ماستر چندر جي ڳايل گيتن ۾ نہ.)

ماستر چندر ڇاتو ٿي تہ سندس اُٿي وڃڻ سان سنڌي سنگيت شايد ويڳاڻو ٿي پوي تنھنڪري ئي ھن پنھنجي فرزند مھيش چندر کي سنگيت جي سکيا ڏيندي ھن تي ڪافي محنت بہ ڪئي ۽ مھيش چندر، ڪوشش ڪري پيءُ جي نقش قدمن تي ھلي، ڪافي تڪڙي ترقي ڪري رھيو آھي. ڪن جو رايو آھي تہ مھيش چندر لاشڪ پيءُ جي ڪاربان ڪاپي آھي پر ھن داس جو اھو زوردار رايو آھي تہ اھو وقت دوُر نہ آھي جڏھن مھيش چندر ڪاربان ڪاپيءَ مان اصلوڪي (Original) ڪاپي بہ بڻجي پوي جيتوڻيڪ ان ڏس ۾ ھو پيءُ جي ڳايل گيتن جو اپياس بہ ڪري ۽ خاص ڪري لوڪ گيت (Folk lore) ڏانھن بہ ڌيان ڏئي تہ لوڪ پريتا سندس پنيان پيئي گھمندي.

اسان مان ٿورن کي خبر ھوندي تہ سنڌي ٻولي تسليم ڪرائڻ شروعاتي ڪوشش ماستر چندر پنھنجي سنگيت دواران ڪئي ھئي.

سڀ کان مھان خوبي جا ھن صاحب ۾ ھئي تہ ھن کي پنھنجي مھان ڪلا جو گھمنڊ، ترماتر بہ نہ ھو. سياءُ جو رلڻو ملڻو، ساري انسان ذات پيار، آئي ي عزت ڏيندڙ ۽ ھر ڪلاڪار لاءِ دل ۾ قرب ھئس. ڪنھن جي بہ مدد ڪرڻ ۽ ھردم تيار ھو ۽ پرائي کي بہ پنھنجو ڪري ڇڏيندو ھو.

ھي داس ڪافي وقت ''سنڌ سنگيت منڊل'' جو ھڪ حصو ٿي ھن صاحب ي بلڪل نزديڪ رھيو ۽ تڏھن ئي تہ شرف حاصل ٿيو ھھڙي مھان ڪلاڪار ي شخصيت ۽ ڪلا کي ڏسڻ جو، سمجھڻ جو ۽ گھرائيءَ سان جاچڻ جو.

سنگيتڪار ۽ ڪلاڪارن کي بار بار پرڻام.

سنڌي سنگيت جو سچو سالار- ماستر چندر



- داس طالب

سنڌي سنگيت ۾ مڃيو ويو آهي ته ڀڳتن جو ڳهوٽ هئو اَمر شهيد ڀڳت **ڪنوررام** پر سنڌي سنگيت جو سالار هئو سنگيت آچاريہ **ماستر چندر.** ڀڳت ڪنوررام شڪار ٿيو فرقيوارن آڳ جو، جنهن آڳ ۾ جلائڻ ِانهن فرقي پرست مسلمانن جي اکين ۾ ماستر چندر بہ هئو. (افواهي طرح ڪن هنڌن تي هلي بہ ويو هو تہ ماستر چندر ڪسجي ويو) پر قادر جي قدرت سان ”ماستر چندر تائين هنن جا هٿ پهچي نہ سگهيا.“ ايچ.ايم.وي. جي رڪارڊن ذريعي، ماستر چندر جي مڌر آواز ۾ رڪارڊ ٿيل گيت، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي چڪا هئا ۽ رڪارڊن تي روز بروز وڌندڙ ڪاپي ظاهر ٿي ڪيو تہ هنجي آواز ڪيتري نہ لوڪ پريتا حاصل ڪئي هئي. جا لوڪ پريتا هنجي هندستان ۾ اچڻ سان اُتلو وڌندي ويئي ۽ هنکي روبرو ٻڌائيندو ڏسندڙن جو عدد بہ وڌندو ويو، تانجو لاڙڪاڻہ سنڌ (پاڪستان) جي ماستر ڪلب جي پهرين سنگيت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ ڪانفرنس جي ڪاريہ ڪرتائن وٽان ڪيس ڪوٺ بہ ٿي. (هيءَ ڪانفرنس ١٩٥٦ع ۾ ڪوٺايل هئي ۽ جنهن ۾ پاڪستان جا برک سنڌي سنگيتڪار شريڪ ٿي رهيا هئا ۽ ڀارت مان ماستر چندر کي خاص دعوت ڏني ويئي هئي. هن موقعي تي ٽن ٻين کي بہ ڪوٺ ٿيل هئي جهڙوڪ گلشن صوفي، رام پنجواڻي ۽ هن داس کي. هي داس سنگيتڪار تہ ڪونهي پر ان موقعي تي هن داس جو لکيل وڏو ۽ مڪمل ناٽڪ **مومل راڻو** جو پاڪستان جي رهاڪن، سنڌي ناٽڪ ڪارن ملي ڪري تيار ڪيو هو، پيش ٿي رهيو هو. ماستر ڪلب جي ڪاربردازن کي اها خبر هئي تہ هي داس اگر سنگيتڪار نہ هوندي هڪ برک ٽيڪا ڪار (Critic) ضرور آهي ۽ ماستر چندر وانگر ڪوي بہ.) مذڪور وچور وار پتڙايون ڪافي وقت کان سنڌ جي ٻين اخبارن ۾ بہ ڌهرايون ٿي ويون ليڪن هند ۽ پاڪ جي سياسي متڀيدن کي خيال ۾ رکي اسان ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ بابت ڪو فيصلو نہ ڪري سگهياسين.



سنگيت آڪاش جو چندرما

- سوامي شانتي پرڪاش

پريوءَ جا پيارا ڳالھڙي
ٻول مٺي واٽي.

اوھان ۽ اوھانجي ساٿين کي ڌنيواد آھي جو اوھان سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر جو جنم ڏن ملھائي رھيا آھيو. ماسٽر چندر سنڌي سنگيت روپي آڪاش جو چندرما آھي. سندس ڪنٺ ۾ سرسوتي ديويءَ جو واسو آھي. ھي پيارو سنتن درويشن جو ڪانڪي آھي، انھن جي ٻاڻي ڪيتري نہ صدق وچان سريلي آواز ۾ ڳائي ٿو. پاڻ بہ سوين گيت لکيا اٿائين. سندس مڌر آواز ھزارن کي مگن ڪيو آھي.

شل پرماتما کيس سٺي صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جو اڃا وڌيڪ سنگيت جو رس سنگت کي وٺائيندو رھي.

زماني جي نگاھن ۾ چندر جيئري مثل آھي
مئل کي جي جيئاريندين تہ دنيا ٻي جيئاريندي
وساريندين جي تون مونکي تہ دنيا ٻي وساريندي

-ماسٽر چندر

شل سائين نہ وساري چندر کي
۽ ماسٽر صاحب تہ لافنا سدا حيات آ
ٻلا اَمر فنڪار ڪٿان وسرندو
زماني کان

۽ اَمر فنڪار جي سنگيت
جي جوت جلائي رکي
آھي سندن فرزند گائڪ سنگيتڪار
مھيش چندر

-ناري مٽائي

فلم : اَباڻا

شاعر : پرسرام 'ضيا' - سنگيت : بلو سي. راڻي ۽ سي. ارجن

گايڪ : ماستر چندر

شعر

وڃڻ ٿا وڃڻ ٿا - اُداسي وڃڻ ٿا
وطن کي ڇڏيندا - ساڌ صوفي وڃڻ ٿا
اُميدون سيئي وڃڻ ٿا پليندا
اَللهُ ڄاڻي آخر ڪڏهن ميلا ٿيندا

ٿلهه - وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃڻ ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃڻ ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا هاءِ هاءِ وطن جا ٿاڻا
هاءِ هاءِ منا اباڻا

١. ڇڏي قطب بيدل ۽ بيکس جا ڏيرا
ڇڏي ساهه سوامي-دلپت جا بيڙا
درازن کان اڄ دور ٿيندا وڃڻ ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃڻ ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا.....

٢. ڇڏي پنهنجو سنڌو نديءَ جا ڪنارا
اباڻا اجها ۽ ڇنا پيارا پيارا
پراڻن پکن کي پٽيندا وڃڻ ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃڻ ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا.....

٣. ڇڏي زنده پيرڙ ۽ سکر ساڌ ٻيلو
وسڻ گهوٽ روچل پاروشاه جو ميلو
جدائيءَ سندو داغ ڏيندا وڃڻ ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃڻ ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا.....

وارو دؤر به آيو. جواني ۽ وڏڙاپه ! سندس اُن دؤر جو فوٽو ڏسي سندس وڏڙاپه ورتيءَ جو اَندازو لڳائي سگهجي ٿو. اُن دؤر ۾ هن جو ڪلام چيبو اُن ۾ ورهه ويدنا هئي، درد ۽ سوز هو، سندس گلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. هزارين هندو چاهي مسلمان سندس راڳ تي مشتاق هوندا هئا.

سنڌ ۾ هز ماسٽر وائيس ڪمپنيءَ سندس آواز ۾ ڪيترائي رڪارڊ ڀرايا. ماسٽر چندر مايه ناز گائڪ ته هو پر ڏاڍيءَ ڪيس شاعراڻي دل به ڏني هئي. هن صاحب جي، شاعر پرسرام ضيا صاحب سان صحبت رهي. هن جي اَندر مان شاعريءَ جو چشمو به ڦُٽي نڪتو. هن صاحب ڪي پنهنجا غزل گيت ته ڪجهه شاعر ضيا صاحب جا گيت پنهنجي مٺي آواز ۾ ڀريا جي اڄ به سندس ياد تازي رکن ٿا.

ديش جي ورهاڱي کانپوءِ ماسٽر چندر پريوار سميت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي رهيو. ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ سندس پروگرام ٿيندا رهيا. ڪلياڻ ڪئمپ ٣ جي او.ٽي. سيڪشن ۾ جتي بئرڪ ۾ سائين پرسرام ضيا رهندو هو، ماسٽر چندر به ساڳي بئرڪ ۾ رهندو هو. سائين ضيا صاحب سان منهنجو سنيه سنبنڌ هو. اُن ڪري مان به ماسٽر چندر جي ويجهو آيس.

ماسٽر چندر ۽ سائين پرسرام ضيا صاحب سنڌ ۾ رفيق هئا ته هت هند ۾ هڪ ٻئي جا سيڻ ٿيا. ماسٽر چندر جي وڏي پٽ گوپ سائين ضيا صاحب جي نياڻيءَ سان لائون لڌيون. ونڊر جي لحاظ کان ماسٽر صاحب، سائين ضيا صاحب، شري ناڪرداس آئلاڻي، شري جيتانند ڀراڻي ۽ ٻيا گهر ۾ پٽي راند ۾ ڪندا هئا. ڀارت جي جدا جدا شهرن مان ماسٽر چندر صاحب کي پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ دعوتون اينديون هيون. هي صاحب اُنهن شهرن ۾ وڃي اُتان جي رهواسين کي سنڌي گيتن ۽ ڪلامن جو لطف وٺائيندو هو. عوام کي هِن صاحب لاءِ بيحد پيار هوندو هو. ڪجهه سالن بعد هي صاحب شواجي پارڪ دادر ممبئيءَ ۾ وڃي رهيو. هوُ صاحب هر سال گيتا جينتيءَ ڏينهن جنم ڏِن ملهائيندو هو. داس به ڪڏهن ڪڏهن شرڪت ڪندو هو ۽ هِن عظيم شخصيت کي گيت ذريعي مبارڪون ڏيندو هو. هوُ صاحب مونکي ڀائيندو هو ۽

عظيم سنڌي شخصيت
سنگيت آچار ماستر چندر



- ڊاڪٽر ديال 'آشا'

سنگيت آچاريہ ماستر چندر صاحب هڪ عظيم سنڌي شخصيت هئا
اڄ بہ هوُ هِند کان وڌيڪ سنڌ ۾ چانيل آهن. هزارين سنڌي مسلمان
سندس موسيقيءَ کان متاثر آهن. هوُ سنڌ ۾ ڪي. ٽي. چئنل-سنڌي
چئنل تان ماستر چندر جا ڪلام ۽ گيت ٻڌڻ جا خواهش هوندا آهن
مسلمان ڳايڪ پڻ هِن صاحب جا ڪلام گيت ڳائڻ ۾ فخر محسوس
ڪندا آهن.

سنڌي موسيقيءَ جا مالڪ ڀڳت ڪنوررام صاحب ۽ جناب ماستر
چندر صاحب جهڙيون سُريليون هستيون وري مِلڻ مُشڪل آهن. هو
صاحب عوام ۾ مقبول ۽ پيارا، نينهن ۾ نِيارا، قرب وارا محبتي منتار
دلدار هئا. اڄ بہ سندن ڳايل ڪلام لکن لوڪن جي لبن تي آهن
سنگيت آچاريہ ماستر چندر جي آواز ۾ سوز ۽ درد هو، ميناج هو
جڏهن هوُ ڳائيندو هو تہ آڪاس ۾ پکين کي بهاري ڇڏيندو هو. سنڌ ۾
جڏهن سندس ڪنهن بہ شهر ۾ پروگرام ٿيندو هو تہ جدا جدا ڳوٺن مان
ماستر چندر جا شائق سندس سنگيت سڻڻ لاءِ رات جو ايندا هئا. مون
ٻچپن ۾ خيرپور ميرس ۾ پهريون دفعو سندس منو آواز ٻڌو، اُهو نظارو
اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. اُن وقت اُتي تر چتڻ جي
جاءِ ڪين هئي. ڪيترائي سنگيت جا چاهڪ وڻن تي ويهي ماستر
چندر جي راڳ جو لطف وٺي رهيا هئا. سندس ثاني سنڌ ۾ ڪو ڪين هو

ماستر چندر جو جنم گيتا جينتيءَ جو پوتر ميهني ڊسمبر ١٩٠٧ع ۾
سنڌ جي ناروشاه شهر ۾ شري آسنداس دانيءَ جي گهر ٿيو. ننڍپڻ کان
ئي کيس ڳائڻ جو شوق هوندو هو. هن ڳاين وديان ۾ ساڌنا ڪئي. هن
گرو گلراج مهاراج کان گرو منتر ورتو. هي صاحب گهر گهرست ۾ رهندي
فقير ۽ درويشن جي صحبت ۾ رُهيو، سندس زندگيءَ ۾ وئراڳ ورتي

هو ۽ جن وقت ٻه ئي صاحب پنھنجي پوئدان سبب زنده آهي. تي اجڙا به پريوءَ جا پيارا هئا جي چوندا هئا ته ماستر چندر پروگرامن پيش ڪرڻ لاءِ پئسا وني ٿو. فلاڻو ڳايڪ جيڪي مليس ٿو سو شڪرت ۾ ڏيئي ڇڏي ٿو. اهو شخص سُني عهدي تي هوندي آجيوڪا ڪيندو هو ۽ سازيندڙن کي پئسا وني ڏيندو هو. ماستر چندر عيال وارو شخص هو. عيال جي پالنا لاءِ ڳائڻ ئي سندس پيشو هو پر ڪڏهن به هوُ شرط ڪين وجهندو هو. هي صاحب درويش دل خدا ترس شخص هو. جيڪڏهن سندس مايا ۾ موهي هجي ها ته هو ممبئيءَ ۾ تنهن زماني ۾ پريوار لاءِ بنگلو نهرائي سگهي ها ! هوُ شڪر ۽ صبر وارو سدائين رب جي رضا تي راضي رهڻ وارو شخص هو.

گيتڪار شاعر چندر صاحب :

ڪي آلوچڪ ۽ پاڻ کي عالم شاعر سڏائڻ وارا ماستر چندر کي شاعرن جي صف ۾ شمار ڪين ڪندا هئا پر هي صاحب ته عوام جو شاعر هو. مقبول گيتڪار هو. پر افسوس درسي ڪتابن ۾ سندس گيت شايع ڪين ٿيا. انگريزي شاعر شئلي چيو آهي :

My sweetest songs are those.
which are full of saddest thought

”منهنجا مِٺي ۾ مِٺا گيت اُهي آهن جِن ۾ سوز ۽ درد آهي؛ غم جو اِظهار آهي.“ ماستر چندر صاحب جي گيتن، نظمن، غزلن جا ٢ مجموعا ’چندر جو رهاڻيون‘ شايع ٿيا آهن جِن مان هِن صاحب جي شعراڻي قوت جي پروز پوي ٿي. سندس شاعري دماغ جي ڪوت ڪوتا ڪين آهي پر سندس دل جي جذبات، اُمنگن احساس جو عڪس آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪينتريون ئي شاعراڻيون خوبيون آهن، ڪو غوافن هجي جو عميق ۾ ٽبيون ڏيئي لعل لوچي اَچي. سندس ڪي گيت درسي ڪتابن جي سونهن وڌائي سگهن ٿا. پر قدردانن جو قلط آهي ! پيش آهي ماستر چندر صاحب شاعريءَ جو مختصر جائزو.

ماستر چندر صاحب جي ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميناج آهي. سندس عاشقاڻي طبيعت جو عڪس سندس شعر مان مِلي ٿو. شاعر آفتاب کي

ڇونڊو هو تہ اسانجي وڃڻ کانپوءِ توهان ضرور اسانجي ياد ڳيري ڳائي
ڪنديون. هن دفعي جتي اُلهاسنگر ۾ ڪين هڪ نظم ’سانوڻي گھٽائون
ٻڌائي رهيو هوس. اُن نظم جون هيٺيون مصرائون ڇيون:

جانب جو جان منهنجي سو دِل جو ساهہ منهنجو،
هر وقت جنهنکي ساريان محبوب سو نہ آيو !
اي سانوڻي گھٽائون احوال ڪجهہ ٻڌايو !

هي مصرائون ماسٽر صاحب کي اهڙيون تہ وڻيون جو ڇپائون ’ورائي
ڇئہ‘. هي صاحب هميشه مونکي همٿائيندو رهيو. مان هن صاحب کي
ڪڏهن ڪڏهن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۾ اُتسوَن
۾ پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيندو هوس تہ هوُ هڪدم عرض قبول
ڪري اُتسوَ ۾ اچي پنهنجي آواز ۾ گيت ڳائي شروتائن کي منتر مُگ
ڪندا هئا. سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج کيس سنبهہ ۽ سنمان
ڏيئي گلي لڳائيندا هئا، کيس آسيس ڪندا هئا. مان کيس ڪڏهن
نيناجي هاءِ اسڪول تہ ڪڏهن چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج ۾ اچڻ
جي قربائتي ڪوٺ ڏيندو هوس تہ هي صاحب ڪوٺ قبول ڪري اچي
راڳہ جو رس وناٽيندا هئا.

ڊاڪٽر سائين روچلداس، بابا عيدنداس ڪٽ وارا ۽ ٻين درويش
سنتن سان هِن صاحب جي رغبت رهي، اُنهن مان روحاني فيض حاصل
ڪيائين ۽ سندن ثنا ۾ گيت ڳايائين. شاهپور ڦلهي وارن سنتن سائين
هرچورام صاحب جي مهما ۾ هِن صاحب جيڪو رڪارڊ پرايو سو قابل
ذڪر آهي. سائين جيوٽرام صاحب کيس پائيندو هو. ماسٽر چند
ڳائيندو هو تہ سنت جيوٽرام کيس پنهنجون سونيون مُنڊيون بہ لاهي
ڏيندو هو. سندس سُپاتر سپتر شري مهيش پوجيہ پتاجن کي ڳائڻ ۾
ساٿ ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڪاليجي تعليم اڌ ۾ ڇڏي آيو. ماسٽر صاحب
ديش وديش ۾ پنهنجي سپترن گوپ ۽ مهيش سان گڏ سنڌي راڳ
راڳڻين جو سنڌين کي رس وٺايو. هر ڪينر ۾ هر ڪنهن جا حاسد هوندا
آهن. هڪ حاسد ڪُلايو تہ ماسٽر چندر اَجمير ۾ گذر ڪري ويو. ڪن
اخبارن ۾ اِهو شوڪ سماچار ڇپجي ويو پر ماسٽر چندر صاحب تہ زند

رُس نہ رُسڻ ۾ ڇا هي راڻا !

شاعر چندر معشوق کي ڏوراپو ڏيندي چيو :

”تنهنجي شهر ۾ آيس مان پر سڃاڻا ڪين رهايو تو.“

سچي عاشق ۽ معشوق جي دل هڪ ٿيندي آهي. پر وچ وارا وٿي وجهندا آهن. شاعر چندر چيو :

دل تنهنجي منهنجي هڪ آ،
ڪا اَسان ٻنهي ۾ ڇڪ آ.

سنڌ ۾ ماستر چندر صاحب جو مِجازي عشق وارو ڪلام هزارن لبن تي هوندو هو. سندس اِهو عاشقاڻو ڪلام ڪيس حقيقي عشق جي منزل ڏانهن وٺي آيو. هِن صاحب ڌڻيءَ جي ثنا ڳائيندي سين ۾ هڪ محبوب جو مشاهدو ماڻيو. سندس فيلسوفاڻہ خيالن جي جهلڪ سندس ڪلام ۾ مِلي ٿي.

هي شاعر برهم جي مهما ڳائيندي چوي ٿو :

نِرالو سين ڪان سڃڻ تنهنجو ڪاتو،
نہ رنگہ روپ تنهنجي جو ڪنهن اَنت پاتو،
تنهنجي رچيل راند کي ڪنهن ڪنهن سُڃاتو،
تون ٻي انت آهين نہ ڪنهن اَنت پاتو.

مٿين مصراعن ۾ شاعر نرگڻ برهم جو ذڪر ڪيو آهي. هوُ اُن نِرگڻ برهم کي وري ڀن ڀن روپن ۾ پسي ٿو :

ڪٿي شوَ سڏائين، ڪٿي آهين نانڪ،
ڪٿي رام ٻڻجي تون بيهين ٿو مالڪ.
ڪٿي ڪان ڪرشن، سڏائين ٿو سالڪ،
ڪٿي گيان ڏين ٿو، ڪٿين ٿين ٿو ٻالڪ.

شاعر چندر صاحب آخر آتم اَنيوتي ڪندي هر هنڌ، هر جيوَ ۾ رماتما کي پسي ٿو :

بيابان بر ۾ ۽ گهر ۾ رهين ٿو،
ٻني هر بشر جي اَندر ۾ رهين ٿو،
شوالي، مڙهي ۽ مندر ۾ رهين ٿو،

عرض ڪري ٿو :

سڀ اُپر سگهو سهڻو يار ڏسان،
مان صورت جو سردار ڏسان.
سڀ اُپرڻ ۾ تو اوير ڪرين،
ڇو تو عاشق ساڻ اَنڌير ڪرين.
ڪر قياس اَدا، ڇو دير ڪرين،
ڪر دير نہ تون، دلدار ڏسان.

شاعر چندر ڏٽي ۽ ڏرم ڪان وڌيڪ اهميت عسق کي ڏيندي چيو:

سواءِ عشق جي ٻيو نہ ايمان گهرجي،
دنيا جي نہ عصرت جو سامان گهرجي،
چندر سڀ تو ڇوي نہ ڀڳوان گهرجي.

فارسيءَ ۾ چوڻي آهي :

مجازي قنطرهہ اَل حقيقت

مِجازي عشق حقيقي عشق جي منزل تي پهچڻ لاءِ هڪ پُل آهي. ماستر چندر صاحب بہ شروعاتي دؤر ۾ مِجازي عشق وارو ڪلام چيو آهي. ڪي مِثال پيش آهن. عاشق معشوق کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو :

رُس نہ، رُسڻ ۾ ڇا هي راڻا،
ريت رُسڻ جي رمز نہ جاڻا.

۱. **ريت پراڻي پيهي پراڻا،**
عشق اڳوڻو سمجهہ سياڻا،
مومل ساڳي باغ پُراڻا،
درد نئين سِر داغ پُراڻا.

۲. **شڪن ۾ پالين ڏکن ۾ پيئي،**
دام ۾ ڦاسي دل ڪيئن ويئي،
جنهن گهايا ها چندر گهراڻا،
سا مومل ڪري اڄ تہ پُڇاڻا،

تيندي شام تہ گل جي تياري آ،
ڏينهن چار چمن ۾ بهاري آ،
جڏن آئي خزان گل مرجهايو،
دل ڪنهن سان نہ جڳہ ۾ اَٽڪايو !

ماستر چندر جي ترقي پسند خيالن جي پروڙ بہ سندس ڪلام مان ملي ٿي. سندس دل ۾ ديـن دکين لاءِ درد هو. مسڪين مظلومن لاءِ محبت هئي. هي صاحب اُنهن جي حالت جي عڪاسي ڪندي اَميرن مالدارن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي :

غريبن جي گهر کي نہ ديوار در آ،
زمين فرش، جت عرش نيلو اَمبر آ.
جهنگن جهوپڙين ۾ جنين جو گذر آ !
تڏهن ڀي زبان تي شڪر ئي شڪر آ !!
لڙي ڪا گهڙي وڃ، وڻن ملڪ والي !
او زردار ! تن سان ٿيءُ حالي احوالي !!

جناب چندر صاحب جي ڪلام ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي ۽ رنگين زبانيءَ جو بہ اِستعمال سهڄ ٿيل آهي.

شعر

هڪ شوق اٿم دل ۾ جي ٻڌو تہ ٻڌايان
عوشاق سڀ ڪٺا ڪري هڪ شهر اڏايان
ڀيو قرب جو قلعو ٻڌي کي گهايل گهرايان
۽ محبتين کي ميڙي هڪڙو ميلو لڳايان
ڀيا وڪر سڀ وساري وکر عشق رکايان
حاڪم جي هجان ملڪ جو تہ حڪم هلايان
۽ عشق عدالت جي پاور جي چايان
جو عشق کان خالي ڏسان سو قتل ڪرايان
پر برهہ لڳل يارن لئہ بنگلو بنايان
سڪ وارن جي لاءِ سئي سيڄا وڇايان
ڪو سوز ۾ سڙيلن کي مان دم نہ پتايان
جي دم نہ ڏنم درد ۾ تہ نالو متايان
ملي عشق شهادت تڏهن مان چندر چوايان

چندر چو تو پنکي ’چندر‘ ۾ رهين ٿو.

ماستر صاحب جي دل ۾، ديش جي ورهاڱي جو درد هو. اُن در

وچان ڪِن ڪي گيت رچيا ۽ ڳايا جن ۾ حقيقتنگاري آهي. مثال :

’پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا‘

هي گيت ماستر صاحب ’اَباڻا‘ فلم ۾ سوز ڀري سُر ۾ ڳايو آهي

جنهن ۾ ورهاڱي جي وقت سنڌين جي لڏپلاڻ جي عڪاسي ٿيل آهي

سنڌي ڀارت ۾ آيا اُنهن مان ڪيترن کي مزورن جهڙو ڪم ڪرڻو پيو

ماستر صاحب لکيو ۽ ڳايو:

’سنڌي ڇا پٽر ڪنيندا، سِر تي ڊوئيندا!‘

اَلله کي عرض ڪندي ماستر صاحب چيو:

’مالڪ تون درد ڪنيندين، ڪين ڇڏيندين،

هر حال ۾ رانوَل راضي ٿيندين.‘

ماستر صاحب جا اِهي گيت ڪافي مشهور ٿيا ۽ رڪارڊن ۾ ڀريا وي

جناب چندر صاحب طنزي ڪلام بہ چيو آهي. هوُ ڊونگي سالڪن ج

ذڪر ڪندي چيو ٿو :

۱. گهر ڇڏي کي مندر ۾ کي مسجد ۾ بينا،
پيٽ جي خاطر پاپ ثواب جا هٽ ڪڍي وينا !
ماڻهن کي منجهائڻ خاطر بڻيا پوڄاري،
سائين‌ء جي سودي جو ڪو ورلي واپاري.

۲. ڪوڙي شان جي خاطر ڪي ڪيئي ڪوڙ ڪمائن ٿا،
بازي جيتڻ لاءِ بهانا هُنر هلائن ٿا،
چندر تنهن جيتي بازي، جنهن جيتي ئي هاري،
سائين‌ء جي سودي جو آ ڪو ورلو واپاري.

پرين‌ء جي پار جا پانڊيئڙا ڪي ڪي آهن. ماستر چندر صاحب دن

جي بي اِثباتيء جو ذڪر ڪندي آگاهہ ڪري ٿو :

دل ڪنهن سان نہ جڳہ ۾ اَٽڪايو،
متان پيار ڪري پوء پڇتايو،
گل لاتي صبح گلزاري آ،

آهي جو اڄ بہ ماستر جا گيت پنهنجو اثر جڻن جو تيئن قائم رکي ويٺا آهن. مان دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ ڪوبہ سنڌي سنگيت جو ڪاريہ ڪرم ماستر چندر جي گيتن کانسواءِ اڌورو آهي. اڄ بہ جتي ڪٿي چندر جي گيتن جو ذڪر ۽ فڪر آهي. ماستر چندر جي گائڪيءَ بابت جيترو بہ لکجي اوترو ٿورو آهي.

ڪو وقت هو جڏهن سنڌي گائڪيءَ اُفق جي لالاڻ چوطرف ڦهليل هئي. پر هلندڙ ڏهاڪو سنڌي گيت سنگيت لاءِ جڻڪ سراپ بڻيو آهي. هن ڏهاڪي ۾ شاستريہ سنگيت آچاريہ شري برهمانند گوسوامي، پروفيسر رام پنجواڻي، ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻي، مايا ايسراڻي، جزبات ڪنگ آزاد صوفي ۽ سٺو گائڪ شري راجيش ڀاردواج ۽ ڀڳت گهنشيام جي وفات کانپوءِ جڻڪ سنڌي سنگيت جي امرت برسات وسڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ڪملا ڪيسواڻي ۽ ڪلا هزاريءَ جا سر جڻڪ ٿمجي ويا آهن. ڪٿي بہ سنگيت جي موج-مستي نظر نٿي اچي. سنڌي سنگيت جو هڳاءُ جڻڪ سنڌين کان موڪلائي ويو آهي.

هڪ زمانو هو جنهن کي شهيد ڀڳت ڪنوررام ۽ ماستر چندر جي ايڪيءَ جو هڪ سونهري يُگ سڏيو ويندو هو جيڪو ورثو اسين جڻن جو ڻن ورهاڱي کانپوءِ بہ هتي قائم دائم رکي سگهياسين. هن يُگ ۾ ايڪن سنڌي سنگيت کي نہ صرف سجايو ۽ سنواريو پر سنگيت ۽ ايڪيءَ کي نوان نوان رنگ ۽ روپ بہ بخشيا. اڄ ائين لڳي رهيو هي جڻڪ سنڌي سنگيت جون جڙون اُکڙجي ويون آهن. اڄ سنڌيءَ ۾ يڪي گائڪ اُڀري رهيا آهن اُنهن ۾ سنڌيت، سنڌي لوڪ سنگيت ۽ نڌي گائڪيءَ جو هڳاءُ عدم موجوده آهي. هنن جي گائڪيءَ ۾ ماستر ندر ۽ ٻين جيان پنهنجي گائڪيءَ جي نرالپ ۽ شخصيت جي سڃاڻپ ظر نٿي اچي. هنن جي آواز جي گهرائيءَ جي ڪمي شدت سان اُڀري هي ٿي. اڄ جي سنڌي گائڪيءَ جي اصليت، ميناج، جزبات ۽ ڪپريتا ڪٿي آهي؟ اِهو سوال هر سڃاڻ شخص تلاشي رهيو آهي. ستر چندر جيڪو اڄ سرسوتي ديويءَ جيان ادرشيہ آهي. ماستر چندر ڪو پوڄا، سادنا ۽ شردا جو سنگم هو اُن جو ڏنل املهہ خزانو اڄ بہ



ماسٽر چندر - سُرن جو شهنشاهه

- ڇيتو لالواڻي

جوڌپور ۾ ”چيتي چنڊ-سنڌيت ڏينهن“ جي رات بهار جي مستيءَ ۾ جهومي رهي هئي. ڪلاڪارن سنگيت جي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هئا بجليءَ جي رنگ به رنگي روشنيءَ ۾ سڄو پنڊال درشڪن سان ڪچا ڪچ ڀريل هئو. فضا ۾ انوکي رنگت ۽ مستي ڇانيل هئي. اڌ رات گذرڻ تي هئي ندران ديوي ٻڌندڙن جي نيڻن کي خمار ۾ ڀرڻ جي اٽڪ ڪوشش ڪئي، پر لاچار هوءَ ب ٽڪجي ڪنهن ڪنڊ ۾ حاوي پوڻ جو انتظار ڪندي رهي. فضا ۾ صرف سنڌي-هندي گيت ۽ سنگيت جي لهر لهرائي رهي هئي. درشڪن مان ”ونس مور ونس مور“ جا آواز اچي رهيا هئا ۽ ڪلاڪار درشڪن جي فرمائش پوري ڪرڻ ۾ مشغول رهيا. اچانڪ هڪ آواز منهنجي ڪنن اڳيان لانگهائو ٿيو.

”ماسٽر چندر جا به گيت ٻڌايو نه....“

فرمائش تي ترت عمل ڪيو ويو شري **ارجن ڀمياڻي** جنهن کي سرسوتي ديويءَ جي ڏات مليل آهي باجي جي سرن کي ڇيڙيو ۽ فضا ۾ ماسٽر چندر جو گيت ”تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان پر سهڻ ڪين رهايو تو“ گونججڻ لڳو. درشڪن ۾ ويٺل بزرگن جي منهن مان ”واهه واهه“ جا جذباتي ۽ دل ڀرين لفظ ڪنن آڏو لانگهائون ٿيند رهيا.

جي ها، مون جدا جدا گروپن سان جتي جتي سنگيت جا پروگرام پيش ڪيا آهن، اُتي هر اهڙي محفل مان ماسٽر چندر جي گيتن ڪلامن جي فرمائش جدا جدا الفاظن ۾ ضرور ٻڌندو آهيان ۽ جڏهن ب فنڪار شري ارجن ڀمياڻيءَ ماسٽر چندر جي گيتن جي سرگم ڇيڙي آهي اُتي درشڪن کي آهون ۽ سيسرات ڀريندي ڏٺو اٿم. ساڻ گڏ اُنهن گيتن کي عوام جي لبن تي رقص ڪندو پڻ ڏٺو اٿم. اهو جادوئي اثر ارجن ڀمياڻيءَ جي گائڪيءَ ۾ ماسٽر چندر جي لوڪپريہ ڪلامن ج

مان ’چندر-ڪنور‘ لفظ چچريل ۽ لرزندڙ آواز ۾ بار بار ٻڌون ٿا. پهرين ته اِها ڳالهه اسانکي سمجهه ۾ نٿي آئي. ته آخرڪار ’چندر-ڪنور‘ ڳالهه ڇا آهي؟ اسين اِن نالي واري ڪنهن به شخص کي نه سڃاڻون اِن نالي واري شخص جو منهنجي سهري سان ڪهڙو واسطو آهي. اِهو ڄاڻ ڪانه ٿي پيئي آخرڪار گهڻي سوچ ڪرڻ بعد منهنجي سهري جي پڦي جيڪا وڏي عمر جي آهي اُن ٻڌايو ته منهنجو سهرو سنڌ ۾ سنگيت جو ڏاڍو چاهڪ هو. ماستر چندر ۽ ڀڳت ڪنور جا؛ ڳاتل گيت هو ٻڌندو هو هنن جي گايڪي منهنجي سهري جي جيون جو انگ بڻجي چڪي هئي. آخرين ويلي به هو اُنهن کي ياد ڪري رهيو آهي. توهين هنڪي ماستر چندر ۽ ڀڳت ڪنوررام جي گيتن جي ڪئسيٽ هلائي ٻڌايو. اسان ڪئسيٽون هٿ ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي آهي پر اَسان کي اُهي ڪٿان به نه ملي رهيون آهن. اِن ڏس ۾ توهين اسانجي مدد ڪري سگهو ٿا پر اسان وٽ وقت ڏاڍو گهٽ آهي. موٽ ۾ مون هنن کي وشواس ڏياريو ته ڪئسيٽون توهان کي مان ضرور آڻي ڏيندس جيترو جلد ممڪن بڻيو.

مون ترت ڪئسيٽ لاءِ ڪوشش جاري ڪئي پر ترت ڪئسيٽون هٿ نه لڳيون. دوستن جي گهر ماستر چندر ۽ سنت ڪنوررام جون ڪئسيٽون هيون اُهي دوست به دهليءَ کان ٻاهر ويل هئا. آخرڪار مون احمدآباد فون ڪيو. شري موتيرام رامچنداڻيءَ اُهي ڪئسيٽون بنا ڪنهن دير جي ڪوريئر دواران مونکي موڪلي ڏنيون. مون ترت اُهي مسز موتواڻيءَ جي گهر پهچايون. قدرت جو عجيب ڪرشمو چئجي يا سنگيت جو جادو جيئن ئي ڀڳت ڪنوررام جو منڙو آواز مرڻينگ شخص جي ڪنن ۾ پيو هو آهستي آهستي سرجيت ٿيڻ لڳو. ماستر چندر جو آواز ٻڌي هن جو چهرو ٻهڪڻ لڳو. گهر جا ڀاتي ۽ ڊاڪٽر حيرت وچان مسٽر موتواڻيءَ جي چهري طرفان نهاريندا رهيا. ڪافي وقت ڪئسيٽون هلنديون رهيون ۽ ’مالڪ تون درد ڪٽيندين-ڪين ڇڏيندين رام....‘ گيت ٻڌندي ٻڌندي مسٽر موتواڻيءَ جا پراڻ پکيئڙا اُڏامي ويا-مان ۽ ٻيا ڄڻ ڪائي عجب وچان ڏسندا رهياسين.

سنڌي سنگيت پريمين جي وچ ۾ سنڌوءَ جي لهرن جيان سدائين وسن
رهي ٿو. سنڌوءَ جي ڌارا جيان هر سنڌيءَ جي هرديءَ ۾ ڇولين مار
رهيو آهي ۽ اسانکي ياد ڏياري رهيو آهي ته پنهنجي سنگيت ج
انداز ۽ نرالپ کي سڃاڻو. سرن جي شهنشاهه جا هر انداز، طرز تي ڳا
گيت، ڪلام، غزل اڄ به دل ۽ دماغ کي جهنجهوري رهيا آهن. لوڪ ڏ
لوڪ سنگيت، لوڪ سنگيت پرمپرا شاستريه سنگيت جي (هلڪي چاه
ڪنور) جهلڪ پسائي رهيا آهن. ماستر چندر جي گيتن جي گهرائي
گنڀيرتا مان ڄاڻي سگهجي ٿو ته **هن جا سر ڏنن جا محتاج ڪونه ه**
پر هر ڏن کي ماستر جي آواز جي ضرورت هئي. ماستر گايڪيءَ
سنگيت کي ڪڏهن به پوڄا کان گهٽ ڪين سمجهيو. رياض ۽ اڻ
محنت هن کي هر محفل جو مور بڻايو.

ماستر چندر جي آواز جي گل جون پنکڙيون هن جي سپوٽ ۽ غ
گايڪ شري **مهيش چندر** ۽ ٻين فنڪار پنهنجي گايڪيءَ جو اندا
نرالپ ۽ شخصيت قائم رکندي جهڻڪ جون ڪوششون ضرور ڪيون آه
۽ ڪافي ڪاميابي پڻ حاصل ڪئي آهي. پر سوال آهي ڇا اهڙو خ
جيڪو خال ماستر چندر جي وفات کانپوءِ پيدا ٿيو آهي ڪڏهن پريو
آهي؟

ماسٽر چندر جي گايڪيءَ جو اثر

ماستر چندر جي گايڪيءَ ۾ جادوئي اثر هو. اهڙو واقعو دهليءَ
ٿيل آهي. مان آفيس ۾ ويٺو هئس، اچانڪ مسز رامچنداڻيءَ جو ف
آيو. هن ٻڌايو ته منهنجو سهرو سنڌ ورقي آهي. ورهاڱي کانپوءِ
پارت نه اچي سڌو آمريڪا هليو ويو. تازو هو آمريڪا مان هتي آ
آهي ۽ هاڻي هو ڪافي بيمار آهي. ڪجهه ڏينهن کان بي سرت آه
هن جو علاج ته چالو آهي پر جنهن ڳالهه اسانکي منجهايو آهي
آهي ته ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي جو گهڻو وقت ڪونه ڪڍندو. اسان
روز گيتا جو پاٺ ۽ سکمنيءَ جي پاٺ جي ڪئسيٽ هلائيندا آهيو
ڊاڪٽر به پنهنجي ڪوشش ۾ لڳل آهن. بي سرتيءَ ۾ هنن جي م

چندر جا رڪارڊ ڪوسن ڪيڪن واننر وڪامندا هتا. دور ڀرازي ۽ جا اَبوجهہ.... غريب هاريءَ کان وٺي زميندار، وڏيري، ديوان، ماستر، پروفيسر، گهورڙيو، دڪاندار، هر طبقي جو سنڌي سنگيت پريمي ماستر چندر جي نئين رڪارڊ لاءِ منتظر رهندو هو. محفلن ۾ چانئنجي ويندو هو. رات جو ۹-۱۰ بجي کان آڌي رات يا بعضي اَسر-پريات ويلي، ماڪ جي ڦڙن سان پنل گلن جي خوشنما ماحول ۾ ''سنگيت قوُل'' چندر سچي سنگت ۾ هٻاءُ پري پڙيندو هو. تازگي ۽ طراوت سندس خوُبصورت چهري تي لوڪ پرينا جي پريرڻا ۽ پيار سان نمايان هوندي هئي، ٿڪاوٽ جو نشان بہ ڪونہ هوندو هو.

اِن ريت ورهاڱي کان اَڳي خواه بعد ۾، ماستر چندر سنگيت لاءِ ئي سمرپت رهيو. سنگيت سندس ساڌنا بہ هئي ۽ روزيءَ جو وسيلو بہ.

ٻنهي هڪ ٻئي سان نباهيو. اَڄ سندس سپاتر سندس پرمپرا کي نباهي رهيا آهن.

''هز ماسترس وائس'' جي سڀ کان مقبول گائڪ جي روپ ۾ ماستر چندر (بذات خود شاعر هوندي بہ - چندر تخلص.... مثال طور:- ''چندر تہ آهہ چريو، پلا چرين جي دل ۾ ڇا ڪجي...'' وغيره).

سنڌ جي اَنيڪ شاعرن جي رچنائن کي پنهنجي سنگيت سان سنواريو جن ۾ گهٽي پاڱي هن دڪايل جا گيت رڪارڊ ڪرايا... پر سرڳواسي پرسرام ضيا جي اَچڻ بعد چڻ ''سون تي سهاڳو'' ٿي ويو.

دل ٿي چري چري آ

دکہ درد سهندي سهندي، دل ٿي چري چري آ
پرزا جسم سڄو ئي ٿي ويو ذري ذري آ

۱- ڇڏ گانءُ هيءُ غمن جو جهٽ پٽ تيار ٿي هل
ٻُڏتين جي ٻُوڙ ۾ هيءَ جندڙي ٻَري ٻَري آ

۲- سکہ جو نہ آسرو رک دنيا مان سکہ نہ ملندءِ
دنيا مان صرف دکہ ئي ملڻو وري وري آ

۳- دنيا درياءُ اوکو وٺ آسرو اَلکہ جو
تکہ تار مان **چندر** تون جلدي تري تري آ



هر دل عزيز ڳائڪ ماسٽر چندر

- نهلرام آزاد

سنڌ ۾ عام ماڻهو لوڪ سنگيت ۽ ڀڳت جا مشتاق هوند
هئا. دڪايل بہ لوڪ سنگيت جي ماڌيم سان راشٽر پريم
ڪان اتساهت ٿي قومي ترانا ڳايا، ليڪن اهو بہ هڪ محدوُد طبقي
تائين هو. سنت ڪنوررام، ڀڳت مونڻ ۽ جيوٽِي ٻائي وانگر هڪ نرالي
سان ماسٽر چندر سنڌِي سنگيت کي هڪ نئون موڙ ڏنو. ماسٽر چند
سنگيت جي دنيا ۾ چمتڪاري ڪلاڪار بڻجي آيو. هڪ نئين اَندا
سان ۽ پنهنجي مخصوص شئَلي ۾ هن سرل سنگيت سان سنگيت پريمي
کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيو. سنگيت کي هڪ نئون اَعزاز ۽ شرف عط
ڪيو. طوائفن ۽ رئيسن جي اَدارن ۽ محفلن مان سنگيت نڪري شهر
شهر، ڳوٺ-ڳوٺ تائين پهتو. عوام اُنجو دل کولي سواگت ڪيو. کلي
ميدانن، سسماروهن، ڌرمشالائن، وڏن مندرن، چبوترن، ميلن، ورسين
قومي، ساسنسڪرتڪ اُتسوَن ۾ سنگيت جي ڌارا جاري ٿي ويئي
هزماسٽرس وائس جي آغار سان سنگيت جي دنيا ۾ هڪ نئون آغار ٿي
جڻ اِنقلاب اچي ويو.

ڀڳت ڪنوررام صاحب ڪانپوءِ سنڌين جو هر دلعزيز ڳائڪ بڻيو ماسٽ
چندر. گراموفون-رڪارڊ ڊيلرس جي هر شهر جي دڪان تي دلڪش
ڇهري وارو، شيرواني ۾ ملبوس مشڪندڙ مکڙي واري ماسٽر چند
جي تصوير ازخود ڏيان ڇڪيندي هئي. گراموفون تي سئيءَ سان وڄند
رڪارڊ مان ڪنن ۾ سريلو آواز گونجيو هو :

”ڪجهہ نہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ نہ پلا ڏي....“

”رس نہ رسڻ ۾ ڇا آهي راڻا....“

سهڻا عرض آهہ، دل جو مرض لاهہ......

ان بعد هڪ لنبو سلسلو آهي ”ڪبوتر....“ خبر هيءَ ڪٽي وڃ عف
جا اَڪابر... هندستان ڳولي ۽ ڳوليم پشاور.... عشق جي اِتهاس
جاگرافي جو مرڪب سمايل هوندو هو انهن گيتن ۾......

سنڌين جي ڏڙڪن سان ملي هڪ ٿي ويا. پر سنڌين جي رڳ رڳ ۾ عشق پيريل، چندر جي راڳن ۾ هوندو هو عشق پيريل، جن جو آواز هوندو هو سبڪسي، سو ماڻهو پيا جهومندا هئا ۽ جن جي راڳن ٻڌڻ لاءِ پيا مرندا هئا، چندر جي راڳن ۾ مجازي عشق پيريل هوندو هو. شاهه جي بيتن ۾ جي کهاڻيون ڏنل آهن سي سچ پچ ته مجازي عشق سان پيريل آهن. الائجي چو اسان جا اَديب اُنهن مان حقيقي عشق جون معنائون ڪيڻندا آهن. اِهي معنائون مونکي تسليِ بخش ڪونه لڳنديون آهن. سهڻي پنهنجي گهوٽ ڏم جو پاسو ڇڏي اَڌ رات جو دلو ڪڇي درياهه پار ڪري ميهار سان ملڻ ويندي هئي، سو حقيقي عشق آهي؟ مان اديب ڪونه آهيان تنهنڪري سينو ڪونه ٿو ساهيان پر اَدب سان عرض ٿو ڪريان ته اسان جا اَديب جن ڏس ۾ صحيح نه آهن. اِهو ئي ته مجازي عشق آهي جو سنڌين جي رڳ رڳ ۾ پيريل آهي جنهن جو شاهه صاحب به ذڪر ڪيو آهي ته ماستر چندر به ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ڪري چندر، شاهه وانگر، هندن ۾ پريه آهي ته مسلمانن ۾ پڻ.

جنهن وقت چندر جو تارو سنگيت آڪاش ۾ ظاهر ٿيو تنهن وقت ٻيو به تارو هو آسمان ۾ جنهنجي مهما مشهور هئي. اُهو تارو هو ڀڳت ڪنوررام. جن جو سنهڙو سريلو سُر ماڻهن کي مست ڪري ڇڏيندو هو. ڳائڻ سان گڏ ڀڳت به وڄندو هو. اُچو جهبو پائي پيرن ۾ گهنگهرِيون ٻڌي نچندو هو. ڀڳت اَسر جو وڄندو هو. ماڻهو منيون ننڊون ڦٽائي اچي ڀڳت ڪنوررام جي ڀڳت ۾ شريڪ ٿيندا هئا. اُهو زمانو ڄڻ سنگيت زمانو هو. هڪ طرف ڀڳت ڪنوررام جون ڪافيون ٻئي طرف چندر جا راڳ، جن جي وچ ۾ چٽاپيٽي ڪانه هئي. هيءُ سنگيت سمرات ڄڻ ريل جا پٽا هئا. جن تي سنڌي سماج جي ريل پئي هلي. سنڌي سماج معنيِ سنڌي هندو مسلمانن جو سماج. اُهو سماج جو ورهاڱي وقت ٽٽي پيو. مان سمجهان ٿو ته مان غلط آهيان، اُهو سماج ٽٽو ڪونهي، اُهو منهنجو وهم آهي، جاگرافي يا تواريخ سماج کي ٽوڙي نٿي سگهي. تڏهن مسلمان سنڌي ۽ هندو سنڌي پاڻ ۾ ملن ٿا تڏهن ڇا ته محبت ا ونڊين ! اُنهن محفلن، مجلسن ۾ تڏهن ٿي موج مچي جڏهن چندر ا سر ٿا ٻڌجن، اِهي سر اَمر آهن.

سنڌي عاشق آهن، عاشق ٿي رهندا ۽ چندر جي آتما هنن ۾ ٿي پريرڻا ٻئي بخشيندي هميشه لاءِ.

سنڌي عاشق



- ڊاڪٽر چندولعل جئسنگهاڻي

اِتهاس اِها ڳو ساک ڀري ٿو تہ سنڌ جي زمين جو ٽڪ
سڪيو، سٺابو، سر سبز هوندو هو ۽ پراچين پرمپرائن ج
مرڪز، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو مڪان. آرين، سنڌو
جي ڪناري تي ويهي ويد رچيا. پوءِ ''س'' ڦري ''ھ'' ٿيو ۽ ''سنڌوءَ
جو اپڀرنس روپ بڻايو ''هندو'' جنهن زمين جي ٽڪري تي هند
رهندا هئا تنهن زمين جي ٽڪري تي نالو پيو ''هندستان''. اهڙ
آهي مهما سنڌوءَ جي. موهن جو دڙو، تهذيب جو تر ڳڙڪاٽي ڪان ڪ
ڪوه پري آهي.

پر ورهاڱي کان اڳ ۾ سنڌ جو حال ڪهڙو هو؟ پهرين تہ سنڌ ک
پنهنجو نجو وجود ئي ڪونہ هو. بمبئي پريزيڊنسي جو هڪ حصو هو. جيڪ
اڄ سٺ-سٺر ورهين جي عمر جا آهن تن بمبئيءَ يونيورسٽيءَ جو
ڊگريون حاصل ڪيون آهن. سنڌ ۾ يونيورسٽي هئي ڪانہ. سنڌ پرڳڻ
جنم ورتو ١٩٣٥ ۾. اُن وقت تائين پوءِ سنڌ پرڳڻو غريب پرڳڻو هوند
هو. ڀارت جي هڪ ڪنڊ ۾ پيو هوندو هو جنهن کي ڪو خاص وجو
هوندو ئي ڪونہ هو. انهيءَ ڪري جڏهن ورهاڱو ٿيو تڏهن ''سنڌ
ليکي ۾ ئي ڪانہ آئي ۽ نہ وري سنڌ جا اڳوان حساب ڪتاب ۾. ويچار
سنڌ ! لٽريچر پڙهڻ سان اِهو ٿو معلوم ٿئي تہ اڄ بہ ''سنڌ'' ويچار
آهي جيئن سنڌي ''هند'' ۾.

پوءِ سوال ٿو اُٿي تہ سنڌي ''خوش'' ڏسڻ ۾ ڇو ايندا آهن؟ هنن
چهرا ڪليل، پيا ٽهڪندا آهن. هنن جون اکيون پيون چمڪنديون آه
هنن جي چهري تي سرءُ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ايندو آهي سو ڇو ؟ انهي
جو سبب اهو آهي تہ سنڌ برابر بٺ هو پر عاشقن جو آکيرو هو. سنڌي
جي طبيعت عاشقاني آهي. بک ۾ پاه پيا هوندا پر هنن کي جي عش
مليو تہ ڄڻ سڀ ڪجهہ مليو. انهيءَ سنڌي فطرت جي پيدائش آه
اسانجو ماستر چندر جنهن بيت ناهي ۽ ڳائي سنڌيءَ جي عاشقان
پهلوءَ جو ذڪر ڪيو ۽ اُن جا چٽر چٽيا. هوءَ جهٽ پٽ ۾ مشهور ٿي و
ڇاڪاڻ تہ هن جي سرن ۽ سنگيت سازن مان اُهي آواز نڪرندا هئا ج

حاصل ڪيا. سنگيت آچاريه جو خطاب ڪيس پنڊت اونڪارناٿ ٺاڪر وٽان مليو.

ماستر چندر گيت ڳائڻ سان گڏ گيت لکندو به آهي، هنجي ٻيت ۾ عجيب بيتابي هوندي آهي. رچنائن ۾ بيپناه جذبات نمايان هوندي آهي. سندس به قلمبند ڪيل ڪتاب ''سنگيت سڳند-سرگم سنڌڙي' ۽ 'ڏيپچند ڪوئل' جو ڊراما ڊائلاگن سان اڄان تائين اڻ ڇپيل پيا آهن.

ماستر چندر جا سنڌي ڪانسواءِ هندي ۾ به گانا رڪارڊ ٿيل آهن. جهڙوڪ: (١) اسي رنگ ۾ رهنا، جس رنگ مو پرميشور راکي. (٢) اُڙجائيگا هنس اڪيلا، يهه دو دن درشن ميلا، (٣) عاشق ڪا جنازا هئہ، ذرا ڌوم سي نڪلي.

قومي هلچل جي ڏينهن ۾ ماستر چندر پنهنجي گيتن ذريعي انگريزي راڄ خلاف خوب ماڻهن کي ڀڙڪايو ۽ جيل جي سزا ڀوڳي.

مهاتما گانڌي جي شهادت تي هنکي دهلي ۾ گهرائي هن جو هينيون گانو رڪارڊ ڪيو ويو ۽ ''دهليءَ جي تخت تاج جو حقدار هو گانڌي، سچ پچ ته اڪيلي سرڪار هو گانڌي'' ان لاءِ کيس ٥٠٠ روپيه ۽ چاندي جو پيالو انعام حاصل ٿيو هو.

اڄ به ماستر چندر هينيون گيت ڳائيندو آهي ته ٻڌندڙن جون دليون پڇائي ڇڏيندو آهي.

''پيريءَ ۾ پر وس نه ڪجانءَ جي ڏيندو تو اچي ته بس نه ڪجان.''

ماستر صاحب، اڄ ڪالھ پنهنجي گدي هونهار سپتر مهيش چندر کي سونپي ڏني آهي ۽ پاڻ صوفي فقيرن جيان ايشور جي ذکر ۽ فکر ۾ وقت گذاريندو آهي.



سنڌي سنگيت ۽ سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

- رامڪرشن آڏواڻي ''راهي''

سنڌي سنگيت جي سنسار ۾ سدا بهار سنگيت آچاريہ ماسٽر چ
جي ہيو ڪو مٽ نہ آهي. هن يوتار گذريل اڌ صديءَ کان وٺي سن
سنگيت جي شيوا پئي ڪئي آهي. سانده ۴۹ سالن کان سندس رڪ
نڪرندا پيا اچن ۽ هيل تاءِ اٽڪل ٽي هزار کن رڪارڊ نڪري چ
آهن.

ماسٽر چندر سنگيت جي دنيا ۾ تڏهين قدم رکيو، جڏهين آ
هندن جي هيءَ وديا، هندن جي هٿن مان کسڪي وڃي غير ه
ميراثين، ربابين، درباري گوئين ۽ طوائفن جي ڪوٺن جي قيد ۾
ٿي هئي. تنهن وقت سنڌ ۾ ڪافيون ڳائڻ کي هندو گهرن ۾ ع
سمجهيو ويندو هو. ليڪن سنگيت جو شيدائي ماسٽر چندر عام ما
جي چترٻازي کان ڪن لاٽار ڪري ۽ صوفي درويش ڊاڪٽر روچلد
جي ڏينهن رات همٿائڻ تي سنگيت، سر، لئہ ۽ تال جو ساڌنا ڪ
سنگيت جي گگن منڊل ۾ پاڻ چمڪائي ڇڏيو.

سائين روچلداس صاحب ڪيس هميشه اهائي صلاح ڏيندا هئا
''چندر! سينو تاڻي سر بازار ڳاءِ، حقيقي ڳاءِ، مجازي ڳاءِ، پر جيڪ
چاهين سو دل سان ڳاءِ.''

سائين ڪنوررام جڏهين روهڙيءَ ۾ سائين روچلداس جن وٽ اي
هئا تہ چندر کي ور ور چوندا هئا ''چندر! تنهنجي ڪنٺ ۾ سرسو
آهي. هڪ ڏينهن تون چندرما جيان چمڪندين!''

سنتن جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي. اڳتي هلي سائين امروورام
مدد سان، ماسٽر چندر شاستريہ سنگيت جي سکيا گرهڻ ڪري ''سنگ
آچاريہ'' بڻيو ۽ راجائن ۽ مهاراجائن وٽان سونا ٻلا ۽ ٻيا انعام اڪ

’ڄوت مان ڄوت ٻرندي آ‘ جو يقين ڏياري ٿي.‘

۱۹۲۲ ۾ ايڇ. ايم. وي. رڪارڊنگ ڪمپنيءَ چندر جو ڳايل، محمد بخش ڪوجهيءَ جو لکيل ڪلام رڪارڊ ڪيو. راڳ آساواريءَ تي ٻڌل هن ڪلام جا ٻول هئا. ’طبيبو خيال سان ڏسجو-اتم ڪا دل جي بيماري.‘ ان پهرين آزمودي جو بيان چندر تمام سهڻي نموني ڪيو آهي ته پارٽ جا مشهور سازندا سنگت تي هئا. پنڊت امرناٿ هارمونيم تي، ڪلورنيٽ تي سهڻي خان، وائلن تي بشيراحمد ته مئنڊولن تي ناٿ. مئنيجر ديوان لالچند جي هدايت ته ’چندر! سڌو راڳ ڳائجانءِ، متان پلٽا هڻين يا سرگم پڙهين‘ پوءِ ته چندر جا سوين رڪارڊ بازار ۾ آيا. ڪيس وڏ ۾ وڏ يعني ڏهه سيڪڙو رائلٽي ملندي هئي. هندن چاهي مسلمان جي چپن تي چندر جي گيتن جون ٽُڪون هونديون هيون. اڄ به ريڊيو تي سندس ڪلام تازا توانا لڳن ٿا. مشهور ليکڪ گوبند ماليءَ لکيو ’چندر جي خوبي اِها آهي جو رڪارڊ ۾ ڳائي يا هزارن جي وچ ۾، هر ٻڌندڙ ائين سمجهندو ته چندر سندس لاءِ ئي ڳائي رهيو آهي. هر ميلي ۽ محفل جو مور هو.‘

ماسٽر چندر دڪايل جا چڱا گيت ڳايا : ’ڪُڇ ته پيلا ڏيم‘ يا ’درد‘ جي کهڙي خبر بيدرد کي.‘ ’دل جو خريدار ڪپي‘ ۽ ٻيا. ڪلامن ۾ ڪافين سان گڏ دڪايل جا پڇن به ڳاتائين. مثال طور: ’اؤٺ اچهو تون واهه وسيلو، نانڪ شاهه اوتاري‘ يا ’دل جي مندر جو در کول‘ وغيره. دڪايل جي جوڙيءَ بعد ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا جي جوڙيءَ سڄيءَ سنڌ ۾ ڌوم مچائي ڇڏي. چندر جا ۲۱۲ ايڇ. ايم. وي. رڪارڊ اڄ به سنڌالاجي (سنڌ) ۾ موجود ۽ محفوظ آهن. ماسٽر چندر فقط ڳائيندو ئي نه هو پر خود اثرائتا، سوز ڀريا ڪلام لکندڙ ڪوي به هو. هتي سندس مشهور گيتن جا سِرا ڏجن ٿا : ۱. تنهنجون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس، ۲. ڪونجون ڏيوم خبر منهنجي مارن جي، ۳. رُس نه رسڻ ۾ چاهي راڻا، ۴. هڪ ڳالهه ته ٻڌ منهن هيڏي ڪري، ۵. ڳليءَ ڳليءَ تو ڳائين، تون ڪنهن تي عاشق آهين، ۶. رُنائي رهن، پر هجين حياتي، ۷. چو تو يار نهارين گهوُر ڪري، ۸. ڪبوتر-ڪبوتر-خبر هيءَ ڪٺي وڃ عقل جا اڪابر، ۹. مالڪ تون درد ڪٽيندين-ڪين ڇڏيندين، ۱۰. مولا مسنن جا ڪم پاڙ ڪري، ۱۱. وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي، ۱۲. عاشق جو جنازو آ ذرا شان سان ڪڍجو، ۱۳. قسمت ڪئي جدائي-ڪنهن تي ميار ناهي.



سنڌي سنگيت جو بي تاج بادشاه : ماستر چندر

- ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

گھڻا سال اڳ پلازا سنيما جي سامهون، جتي هاڻي اناج منڊي آهي، اُتي خالي مئدان هو. امر شهيد سنت ڪنوررام جي ورسيءَ جي موقعي تي اُن مئدان کي تنبو ۽ ٽينٽ سان سجايو ويندو هو. ڀارت ڀر جا ڳائڻا، ڀڳت، ڪلاڪار سڄي سڄي رات پنهنجي ڪلا سان ماڻهن کي مدهوش بڻائيندا هئا، تڏهن ماستر چندر پڻ پنهنجي جادوءَ ڀريل آواز سان جڏهن پروگرام پيش ڪندو هو ته نه رُڳو پئنڊال، آس پاس جي گهرن جا ڇوت، پر وڻن تي چڙهي ماڻهو چندر کي ٻڌڻ جو لوڀ ڪندا هئا. اڄ به سندس آواز جي دنيا جا عاشق، سندس سوين رڪارڊن، ڪئسيٽس ۽ مهيش چندر جي آواز مان سِڪ پوري ڪن ٿا. هن سکيلڌي ٻالڪ جي چنڊي ڏسي پنڊتن اڳڪٿي ڪئي هئي ته هيءُ چندرما وانگر چمڪي خاندان جو نالو روشن ڪندو ۽ هنجو جنمڏن هميشه ملهائيندا ڪجو. هن منموهڻي ڪلاڪار جي فن تي قدردان نه رڳو نوٽن جي ورکا ڪندا هئا، پر پنهنجون واچون، منڊيون، ڳچيءَ جي سوني زنجير، ٻٽڻ سڀ لاهي گهوريندا هئا. چندر دل سان ڳائي، دلين تي راڄ ڪيو، جو هوُ دل جي ڳالهه دلوارن سان ڪندو هو. ساڪيات

عشق حاڪم جي هجان ملڪ جو ته حڪم هلايان عشق عدالت جي پاور جي مان پايان.

جيڪو عشق کان خالي ڏسان-تنهنکي قتل ڪرايان...'

سندس راڳ جي ساراهه ڪندي 'پوپٽي هيرانندڻي' لکي ٿي 'چندر ڇا به ڳائي، گهڙي توڙي مٽيءَ جي مهما هجي يا اَبُرن جي اِشارن ۽ گهوُرن تي گهاوَن جو ذڪر ڪري، آسا راڳ مان آساوري، ڪري ڳائي يا ڊبل سرن ۾ سرگم ڇوي، بس سندس آواز جهٽڻ سان اسين سنڌ جي فضا ۾ پهچيو وڃون. هنجي راڳ سان اسانجو ماضي ڳنڍيل آهي، هو ڳائي ته اسانکي اُجرڪ ۾ ويڙهيل اَبوجهه ڳوٺاڻو ياد اچي، هو راڳ جو انترو کڻي ته سنڌڙيءَ جا سنت ياد اچن، استائيءَ تي لهي ته هالاڻي دربار اکين اڳيان اچي بيهي ٿي ۽ اُها ئي گونج مهيش جي آواز ۾

شرنگار جو ونجوڳ پکش سمايل آهي ۽ پوءِ جي ٻيتن ۾ سوز-پيڙا-وطن جي ياد (سنڌ جي) ۽ ڪرڻ رس سمايل آهي. ڪي مثال آهن.

سنجوڳ شرنگار رس :

جنهن وقت پائين جهاتي عاشق مرن تا ڪافي
اکڙين ۾ رکي ڪاتي- قاتل جڏهن ٻٽين تو
ويتر گهٽو وٽين تو. سهٽا اکيون ڪٽين تو.
سڄ اُيرن تون شل رات هجي
منهنجي محبن سان ملاقات هجي
هڪ رات هجي ٻي ايڪانت هجي ٽيون سڄڻ سڀاجهو سات هجي
چوٿون برهه جي چيڙيل بات هجي پنجون پيار واري لنولات هجي.

ونجوڳ شرنگار رس :

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس
توکي پلجي ڪين پلائيندس
ڪنهن سان ملٽو پوندو ملندس پيو
ڪنهن سان ڪلٽو پوندو ڪلندس پيو
جتي رلٽو پوندو رلندس پيو
پر دل نه ڪنهن سان لائيندس
غمن وارا ڪيئن عيد ملهائن.....
سور جنين جا سنگتي آهن.
غمن ٻٽايون بدن ۾ غارون
ڏکن وڌيون تن دل ۾ ڏارون
بکه ۾ ماس بدن جو کائن
جگر جي خون سان پياس متائن
پنهنجي هڏن مان سرندا ناهن
تن جون تارون سر سان ملائن
سوز فراق جا بيت ٻڌائن
ڳڏجي چندر سان روئي ڳائن

سنگيت آچاريہ ماستر چندر- شاعر ۽ اداڪار

سنگيت جي دنيا جو سرتاج، آواز جي دنيا جو بي تاج بادشاھ سنڌي قوم جو شان، مايہ ناز ڪلاڪار ۽ سورن جي گونگي پڻ کي آواز ڏيندڙ شاعر ماستر چندر تي دنيا جي هر سنڌيءَ کي ناز آهي.

جنم گيتاجينتي ڊسمبر ١٩٠٧ع ۽ امرلوڪ ياترا ٢ نومبر ١٩٨٤ع. ١٢ ورهين جي عمر کان ٧٥ ورهين تائين لڳاتار ڳائيندو رهڻ سوَن جي تعداد ۾ گيتن جا رڪارڊ، پيشڪش جو نجو لحجو درد ۽ پيار جو ساڀيان آواز چندر هر دل ۾ جاءِ جوڙي سڀ جو مقبول بڻجي سگهيو.

چندر ١٩٣٤ع ۾ ٽئين ڪمپني لاءِ پهريون رڪارڊ جاري ڪرايو جنهنجو پهريون گيت هو

طبيبو خيال سان ڏسجو

اتس ڪا دل جي بيماري

۽ پوءِ سلسلو هلندو رهيو سنڌالاجيءَ حيدراباد ۾ سندس ٢١٢ رڪارڊ محفوض آهن ۽ سي ايڇ. ايم. وي. پاران جاري ڪيل آهن. هت سندس ڳايل رچنائن جون آڊيو ڪئسٽس لاءِ بہ ماڻهو ديوانا آهن.

چندر پدم شري هوندراج دکايل جي ڪيترن گيتن کي وڻندڙ سنگيت سان سجائي ڳاتو- مثلن

-ڪجهہ تہ پلا ڏيکم

-درد جي کهڙي خبر بي درد کي

- دل جو خريدار ڪيي.

-اوت اجهو تون واهہ وسيلو نانڪ شاھ نرنڪاري.

چندر جو بيو پسنديدا شاعر هو 'پرسرام ضيا' جنهنجا گهٽي ۾ گهڻا گيت ڳائين ۽ پوءِ پاڻ ۾ سيڻ بہ بڻيا.

چندر خود جا رچيل ڪيترا گيت بہ ڳايا عوام جي سمجهڻ لائق سليس ڀاشا، سوليون رواجي جيون سان جُڙيل تشبيهو، تجنيس حرفيءَ جو اثرائتي نموني استعمال وغيره خوبين سان سمايل سندس رچنائون بہ ياڻن 'ماستر چندر سان رهاڻيون' نالي مجموعي ۾ شامل آهن. ورهاڱي کان اڳہ جي سندس گيتن ۾ رومانيت، شرنگار رس خاص ڪري

ڪيو تہ برابر سنڌي حرفن ۾ هوشيار آهيو. نيتا ايپنتا. شهيد فقير. ڪوي آچاريہ، واپاري سنڌ ورڪي يارن جا يار-بردبار، ڊائريڪٽر سنگر، ڪاميڊين ڊرائيور ڪنڊڪٽر، پر سنڌين ۾ ٻڌيءَ سان ٻڌي نہ هجڻ تي ارمان ڪائيندو هو ۽ ايڪتا جو اپديش ڏيندو هو.

- گڏن ساڻ گڏ هڪ بہ اوگڻ رهن تا

’سنڌي تي سنڌين کي نہ هرگز سهن تا
سنڌي تي سنڌين کي تا ڪائين عجب آ
چڙهيل کي تا منزل تان لاهين عجب آ
پنهنجي ڀائرن سان تا ڀائين عجب آ
تہ پلجي چندر ڀاءُ ڀائن عجب آ
اهو ڪن تا ابتو سو وهنوار سنڌي
نہ تہ تہ هر طرح آهن خبردار سنڌي‘

اداڪار:

ڀائڻ سان گڏ چندر کي اداڪاريءَ ۾ بہ مهارت حاصل هئي - ڪشش ڪندڙ شخصيت جو ڏڻي هو. ۱۹۳۴ع ۾ ٽن فلمن ۾ اداڪاريءَ جوهر ڏيکاريو. پلي بيڪ جو رواج نہ پيو هو اداڪار کي ئي ڳائڻو بہ پوندو هو. سندس فلمون هيون

(۱) موٽ ڪا طوفان - فلمن ۾ ست گانا بہ
(۲) پريم پريڪشا - ڳايائين. پنج اردو هڪ،
(۳) دلارا - پنجابي ۽ هڪ سنڌي

سندس اداڪاري ڏسي بامبي ٽاڪيز وارن کي فلم اڇوت ڪنيا لاءِ آفر ڪئي پر پهرين واري ڪمپنيءَ جي اقرارنامي ڪري اها آخر نڪرائڻي پيس جنهنجو دل تي گهرو اثر پيس. پوءِ فلم لائين ڇڏي فقط سنگيت ساڌنا ۾ لڳو رهيو.

ورهاڱي بعد سنڌي فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جو جوهر ڏيکاريائين جي هيون- اباڻا، جهوليلال لاڏلي، سنڌوءَ جي ڪناري وغيره.

-جهوليلال ۾ ڳايل سندس گيت ’سيني جون سدائين‘ ڀڳتي سنگيت جو شاندار مثال آهي. سندس ڳاتل سمورا گيت اڄ بہ سدا حيات ۽ امر

غارون ڏارون ڪاڻيون، جتان مان سرندا ناجڻ جي تشبيهه ۽ دل جو د
بيان ڪرڻ لاءِ لفظن جي چونڊ اظهار کي تز ۽ اثرائتو بڻائي ٿي. سنڌ
لوڪ ڪهاڻين کي گيت ۾ پوئڻ ڪبوتر کي نياپا ڏيڻ گهڙي (متڪي
جي مهما، دل لڳيءَ جون ڳالهيون. رسڻ ۽ پرچڻ جون ريتيون ۽ رمزو
حسن جا عشق تي گهيرا وغيره رچنائن ۾ ڀاو توڙي ڪلا جي لحاظ ک
سمايل خوبيون چندر کي شاعر جو مان مرتبو به عطا ڪن ٿيون.

لوڪ ڪهاڻين تي لکيل گيتن جا ڪي مثال

- ڪونجون ڏيوم خبر منهنجي مارن جي (عمر مارئي)
- رس نه رسڻ ۾ چاهي راڻا راڻا ۽ رانوڙيون (مومل راڻو)
- عشق بڏايم پتيون پتيون (شيرين فرهاد)
- ٿيا ڦٽ اهڙا جيڪي چتڻ نه جهڙا
- ڳليءَ ڳليءَ ڳائين تون ڪنهنتي عاشق آهن (ليلا مجنو)
- عاشق جو جنازو آ ذرا شان ڪڍجو (آس)
- هڪ شوق اٿم دل ۾ جي بڏو نه بڏايان
- اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن (سموريون ڪهاڻيو

سنڌ جي ياد :

چندر هت جيڪو لاثاني ۽ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو سو هو سنڌ ج
سرزمين کان ڀاڙئون پتجي آيل سنڌي قوم ۾ آتم وشواس پيدا ڪر
منجهن مخالف حالتن جو مقابلو ڪندي نئون اُتساهه ۽ اُمنگ ڪ
جيئڻ جو.

سندس گيت (فلم اباڻا)
وطن کان جدا تي لڏيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا

بڏي هوند پٿر به پاڻي ٿي پوي. پر خود چندر جو لکيل 'مالڪ ت
درد ڪتيندين' گيت ۾ سنڌين جي دکه درد ڀريل جذبات کي آواز ڏ
ٿو.

چندر محض سنڌ کي ياد ڪرڻ يا سنڌين کي پڏائڻ ۽ ساراهڻ تائ
محدود نه رهيو پر هن اوڻڻ ۽ اوڻاين ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو ۽ آ



چندر گھراٽو

- ارجن حاسد

هر ڪنهن جاتيءَ جي قوم جي زنده هئڻ جا اُهڃاڻ ظاهر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. راڳ رنگ، لوڪ گيت، لوڪ نرتيه ۽ لوڪ سنگيت قومن کي چست ۽ تندرست بڻائي رکندا آهن. لوڪ رهاڻين ۽ ڪچهرين کان سواءِ قومون موڳيون ۽ بيمار لڳنديون آهن. هر جوان دل جا اُڌما ۽ جذبا، ناز نخري، پهراوَ، اُٿڻ ويهڻ جي لوڏ ۽ چٽ ڏک مان ظاهر ٿي پوندا آهن. زنده ۽ ٻاڙهن ڳتوُل انسانن جون آشائون ۽ ابيلاشائون به چهري تي ظاهر ڏسبيون آهن. پروفيسر رام پنجواڻي چوندو هئو، 'پلي سنڌڻ پنيري ويندي هجي، ته به سندس هلڻ جي انداز، هٿ جي لوڏ ۽ لهر مان هرڪو ڄاڻي سگهندو ته هوءَ سنڌڻ ٿي وڃي. پر اهڙي احساس پري اڪ به هر ڪنهنجي ته ڪانه ٿي هجي، جنهنجي هجي. قومن کي به سندن سڀيتا ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ مان پرکبو آهي. ٻولي ته صاف ٻڌائيندي آهي صدين جو اتهاس. اسانجو سهڻو شاه لطيف ۽ سنڌ جا صوفي فقير ۽ درويش راڳ رنگ سان جڙيل رهيا آهن. 'صوُفي ڪلام' سنڌي سنگيت جي خاص سڃاڻپ رهي آهي. هونئن به لوڪ سنگيت ۾ ئي، ڪلاسيڪل (شاستريه) سنگيت جون جڙون آهن. گائن وديا، شاستر سنگيت جي ترتيب ۽ تعليم سان ئي پختي ٿجي ٿي. ان تعليم کانسواءِ گائڪ ڪلاڪار پنهنجيءَ وديا ۾ اڌوُرو ۽ اڻپورو لڳندو.

ماستر چندر سنڌين جو لاڏلو گائڪ آهي هوُ لوڪ گائڪ آهي، لوڪ سنگيت ئي سندس گائن وديا کي اُياري بينو آهي. ماستر چندر هڪ مخصوُص ادا، انداز ۽ طرز ۾ پاڻ کي پيش ڪيو آهي. اُها طرز ۽ آواز جي اُها لوڏ، جيڪا سنڌي لوڪ سنگيت کي آڪاش تائين اُڏائي بيٺي آهي. مون ماستر صاحب کي سنڌ ۾ به ڳائيندو ٻڌو هو. جتي ٻيا ڳائڻا ڀڳت چوائيندا هئا، چير جامو پڳڙي ٻڌندا هئا. اُتي ٻيهي نچندا،

ڳيت آهن.

مونکي ياد آهي اجمير ۾ پڻ ڪنوررام جي ورسيءَ تي سنڌس پروگرام ٻڌڻ لاءِ سڄو پنڊال هزارن ماڻهن سان ڀرجي ويندو هو گهر جي ڇوٽ تي ڀتين تي ئي نه پر وڻن تي به ماڻهو وينا هوندا هئا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سڌ ٻڌ ڀلائي وينا ڳائڪيءَ جو آنند حاصل ڪندا هئا.

چندر جي مقبوليت سندس رقيبن کان سني نه ٿي متس ګوليءَ سان حملو ڪيو ويو. سندس چرائپڻ ۽ مؤت جون افواهون اُڏاڻيون. هڪ دفعو ته رات جو گهر پهچڻ تي ڏنائين حشام ماڻهن جا بينا آهن. ماڻس اندر زار زار روئي رهي آهي. تڏهن اخبارنويسن جي سوالن جي جواب ۾ چيائين :-

چون ٿا ويو چندر ڪسڄي برابر مان ڪنل آهيان
مئل آهيان محبت ۾ اڳيئي مان مئل آهيان
مئل کي ڪير ماريندو مان جيئرن کان چڱل آهيان
جيئڻ وارا پيا مرندا مرڻ کان مان چڱل آهيان

پنهنجي ڳائڪيءَ جي وراثت هو پٽن کي سونپي ويو گوپ چندر آمريڪا ۾ ۽ مهيش چندر ڀارت ۾ پرڏيهه ۾ پنهنجي فن جو جوهر ڏيکاري رهيا آهن. مهيش اردو-هندي-سنڌي ٽنهي ۾ مقبول آهي.

پنهنجي جوت انهن ٻنهي ۾ عطا ڪري ٣ نومبر ١٩٨٤ تي چندر جڏهن هن فاني سنسار کي الوداع چئي ته سڄي دنيا جي سنڌين کي سخت صدمو رسيو آڪاشواڻي ۽ اخبارن ڀاران سوين شوڪ سنديش ۽ شرڌانجليون پيش ٿيون. سيني اهم شخصيتن ڀاران شوڪ سنديش ڏنا ويا.

چندر جسماني طور اسانجي وچ ڪونهي پر پنهنجي رڪارڊن، ڪئيسٽ ذريعي سدائين حيات آهي.

آخر ۾ سوامي شانتي پرڪاش ڀاران ڏنل آسيسا جا به لفظ، ماستر چندر سنڌي سنگيت روپي آڪاش جو چندرما آهي. سندس ڪنٺ ۾ ساکيات سرسوتيءَ جو واسو آهي.

سنگيت جا گهراڻا آهن. سوچيندو آهيان، سنڌي گائڪيءَ ۾ به ’چندر
گهراڻو‘ آهي. ڇاڪاڻ جو چندر جي طرز ۾ ڳائڻ وارا ڪيترائي آهن.
ماسٽر مکڻ، ماسٽر فتحچند (ڦتوءَ)، ماسٽر منايل، چندر جا به فرزند
مهيش چندر ۽ گوپ چندر ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ انُجا ٻار آرتي راڄ،
هريش چندر، انيل چندر ۽ ٻيا ڪيترا. هاڻي ويجهڙائي هت ڪبيرنگر
احمدآباد ۾ ٻپن شيواڻيءَ به ماسٽر چندر جي جنم ڏينهن اُستوتي،
ماسٽر چندر جي طرز ۾ خوب ڳايو ۽ ٻڌندڙ کي جهومائي ڇڏيو. توهان
جي ڪيس خيال سان ٻڌو هوندو، ته پرکيو هوندو ته ٻپن جي گائڪيءَ
جو Base به لوڪ سنگيت (شاستريہ سنگيت) ئي هئو. مان اچان ٿو
مهيش چندر تي. مهيش پنهنجي پتا صاحب جي طرز گائڪيءَ سان
خوب نباهيو آهي ۽ نالو ڪمايو آهي. سندس ادا، ناز ۽ انداز به بلڪل
يءَ جهڙوئي آهي، انکري ٻڌندڙن کي گهائي وجهندو آهي. مهيش
چندر، ٻيا به ڪيترا ڪلام، گيت ۽ غزل ڳائيندو آهي، پر سچ پڇو ته
ميدان تڏهن ماري ويندو آهي، جڏهن پنهنجي پتا جا ڳايل عاشقاڻا
ڪلام ۽ سُرَ، ان ئي ادائگيءَ سان پيش ڪندو آهي. ائين لڳندو آهي
ه ماسٽر چندر براجمان آهي ۽ ماسٽر سنڌين جي دل ۾ وسندو آهي.
مهيش چندر کي مون ڪيترائي دفعا ٻڌو آهي. ڪجهہ منهنجا غزل به
ايا آهن. اُنهن سان هوُ موهي ته وجهندو آهي پر چيندو تڏهن آهي،
ڏهن چندر کي ڳائيندو آهي، منهنجو هڪ گيت، ’حال اوريون اچي
ي رات رهين‘ ڪيترن ئي گائڪ ڪلاڪارن ڳايو آهي، پر مهيش
ندر، سروج ريجهسنگهاڻيءَ سان دوگاني جي روپ ۾ ڳائي گيت کي
زائي ڇڏيو آهي. مهيش چندر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ’چندر
راڻي‘ ڌاڪ ڄمائي ڇڏي آهي، اجان به ڳائي ٿو ۽ خوب ٿو ڳائي.
ان سڀ سندس سوز ۽ آواز جا قدردان آهيون.

پير ڪٽندا، حتيٰ جي ٻير ۽ ڪنڌ جي لوڏ سان شروع ڪري ٻڌندڙن
چانئجي ويندا هئا، اُتي ماستر چندر نهي جڙي، ڪپڙي
سينگارجي اچي صندل تي ويهندو هئو. صندل تي ڳديلو ۽ اُن مٿ
سهٽي چادر يا غاليچو وڇايل هوندو هئو. چندر پاڻ بہ سهٽو جوا
شڪل شبيہ جو مور، تہ ٻڌندڙ پڻ قربان قربان پيا ويندا هئا. اسانج
ڪنڊياري شهر ۾ اڪثر ايندو هئو، پاڻ ناروشاه جو رهواسي هئو، ناروش
۽ ڪنڊيارو منهنجو ڳوٺ، پنڇ ڪوهہ پنڌ.
ماستر چندر جي محفل هجي تہ آس پاس جي ڳوٺن مان مسلم
هاري ناري مزور، ڪامورا، لچ لفنگہ ۽ اميرن جا ڇوڪرا، عاشق ۽ معش
ٻڌجي، سڄي ڪنڊياري کي وڪوڙي وڃن. اُٺ، گهوڙا، ڳڏهہ، ٽانگ
ڏاند ڳاڏيون، بس چندر چندر پئي پوي ۽ ماستر چندر جڻ عشق
پيغام ڪٽي اچي، 'دل تنهنجي منهنجي هڪ آ' پوءِ ڳوڙ ٻڪيڙ ۽ واردات
پڻ ٿيو پون. مون ائين محسوس ڪيو آهي تہ چندر جڻ سنڌ ج
عاشقاڻي مزاج ۽ معشوقاڻي ڌرتيءَ جي زبان رهيو آهي.
چندر جي جواني، آواز، انداز ۽ ادا، ۽ پرسرام 'ضيا' صاحب
عاشقاڻا ٻول، چندر سنڌ سڄيءَ جو لاڏلو ٻڻجي پيو. چندر پاڻ
درويش روچل، صوفي سنت جو ششيہ. ان دور ۾ ئي سنڌين جي سر
سنت ڪنوررام صاحب جو بہ نالو ۽ نانءُ گهٽي صدق ۽ شرڌا سان و
ٿي ويو. سوچي ڏسو، ڪتي عاشقاڻو مزاج، ڪليل ۽ اُگهاڙا لفظ تہ ڪ
ڀڳت صاحب جا ٻول، 'ڪئن ريجهايان توکي ڪئن پرچايان، ڏس
ڏاهہ.' سنڌي سنگيت جي سيپتا جا بہ انش، بہ سچ، جسم ۽ آتما، ز
قوم جا ملهہ ۽ ماڻ. انسان جي فطرت ۽ تهذيب اهي سڀ خواهش
رليل مليل ۽ ڳڏيل آهن. تڏهن تہ قومون زنده آهن، اسان سنڌي اڄ
بہ جيئرا آهيون ڀڳتي رس اڌياتمڪ سوکيمتا، نفس ۽ جسم جا
نازڪ ڇهاءَ، تياڳ ۽ وئراڳ، ڪتي بہ هڪ ٻئي کان الڳ نہ آهن، ٿي
نٿا سگهن، ڪري بہ نہ سگهندا.
هر ڪنهن سنگيت جو، ڳائڪيءَ جو الڳ مزاج آهي، پرمپرا آه
جنهن کي هت ڀارت ۾ 'گهراڻو' ٿا ڪوٺين. ڀارت ۾ اهڙا ڪيترا

اُهو زمانو هو ماسٽر چندر جو.....



- ناري گرسهاڻي

ائين ته سج ڪهڙي به دور ۾ هوندو آ ته پنهنجي جلوي جمال ۾ هوندو آ پر ته منجهند ٽاڻي سندس آب تاب وڌيڪ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح هر سچي ڪلاڪار جي زندگي ڪلا جي توز سان پرنور هوندي آهي پر سندس زندگيءَ ۾ ڪو وقت اهڙو ايندو آهي جڏهين سندس ڪلا جو تجلو و تاب، آفتاب هوندو آهي.

ماسٽر چندر جي زندگي به، ائين ته سدائين ڪلا سنگيت جي نور سان پر نور هئي پر سندن زندگيءَ ۾ هڪ وقت اهڙو آيو جڏهين سندن ستارو تمام بلند هو ۽ ماسٽر جي مٿان قدرت هر طرح مهربان هئي، سنتن درويشن جي مٿس مهر هئي.

اهو دور هو سنه ۱۹۴۰ جو، ماسٽر صاحب جي جلوي جمال جو. سائين ڪيس سهڻي شڪل ته ڏني هئي پر ڪيس آواز به طلسماني ڏنو. هڪ ئي وقت قدرت جي هرڪا نعمت سائين سڳوري جي هرڪا ٻاجهه مٿس هئي. ڇا شهرت، ڇا دولت ۽ سڀ ڪان وڌ گهر پريوار جو سک. چوندا آهن هر ڪامياب ڪلاڪار جي ڪاميابي جي پنيان هوندي آ عورت. ۽ چندر جي ڪاميابيءَ جي گهڻي حد تائين ذميدار هئي سندس ڌرمپتني ”هيڪند.“ سگهڙ زال، سياڻي ماتا جنهن ڏنو چندر ڪي گرهستي سک، جنهن ڏنو چندر ڪي دلي شڪون ۽ جنهن ڏنا چندر ڪي پنج پٽ. جنهن تي اُن وقت جي عظيم ترين اَخبار ”واحيد“ لکيو هو ته سنڌ جو سرتاج ماسٽر چندر نه صرف ڳائڻ ۾ هوشيار آ پر پٽن ڄڻن ۾ به هوشيار آهي.

اينتري اوج تي هوندي به ماسٽر صاحب سدائين نماڻو رهيو. زميندارن ۽ سنڌ ورقين جي محفل ۾ لکين رپيا ڪمائيندي به چندر فقير رهيو.



سنگيت آتما جو کاڄ

- ايشوري جوتواڻي

جسماني ڪاڏا، ڪاڄ ۽ پيٽ تہ گهڻا! پر روح جو ڪاڄ ڏين
ٿا شاعر ۽ گيتڪار! سنگيت جو صاحب شاعر ماسٽر چندر
جي چرنن ۾ پرنام! شال ڏٽي ڪيس وڏي ۽ صحت بخشي
آورجا بخشي. گيتڪار پنهنجن گيتن ۾ قادر جي ڪرشمن جي مهما ڪري
مدهوش منش ڪي سجاڳ ڪري ٿو.

هونئن بہ شاعري ڏات رب جي، پر جنهن کي عطا ڪري ! شاعري
سان گڏ ڳائڻ جو فن ! سبحان الله : چڻ سوني تي سهاڳو! اهڙي اعل
ڪلاڪار ۽ سنگيتڪار جو سنمان ڪري سنڌي پنهنجي زنده دليءَ
ثبوت پيش ڪن ٿا ! اُها قوم ۽ اُهو ديش جنهن گيتڪار ۽ شاعر، فق
۽ درويش، فيلسوف ۽ ساهتڪار پيدا ڪيا آهن، اُها سنڌڙي، ماس
چندر جهڙن شخص ڪري اَمر رهندي. اُها ٻولي جنهن ۾ ماسٽر صاح
ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي گيت ۽ ترانا گونجائي! شال سندس ق
۾ اجان بہ جنبش اچي ۽ اهو لکندو هلي !

شال ڪوي چندر صاحب جڳہ جڳہ جيئَي!

ڀورنگي ڪلاڪار ماسٽر چندر



- شانتي شهاڻ

ماسٽر چندر نہ صرف هڪ اعليٰ درجي جا ڳايڪ
پر ساڻ ساڻ اعليٰ شاعر ۽ سنگيتڪار پڻ هئا. ٻوليءَ
جيترو هنن جو ظابطو هو، اوترو ئي هنن کي سرن تي
ضابطو هئو. ان ڪري ئي سندن آواز ۾ ڳايل، سندن گيت سندن
سرن سان سجايل عوام ۾ ايترو تہ مقبول ٿيا. ڪين چترڪاريءَ جو
ڪافي شونق هئو. ان حساب سان ڏٺو وڃي تہ ماسٽر صاحب کي سنڌ
جو ''ٽئگور'' مڃڻ گهرجي. ورلي ڪنهن ڪلاڪار ۾ ايتريون پرتبيائ
هونديون آهن. اهڙي ڪلاڪار جي ڪلا کي يادگار بڻائڻ لاءِ سندن
۾ ''ڪلا ڀون'' جوڙائڻ گهرجي جتي نين پرتبيائن کي سنڌي سنگي
جي تعليم ڏيئي سندن ياد اَمر رکجي.



مانجهي مڙس ماسٽر چندر کي سلام...

- ديوداس مولچنداڻي

مرحوم شاعر ذوالفقار علي راشدي ماسٽر چندر جي لاءِ لکيو آ، ''مبهم عشق، حقيقيءَ تي ٻڌل سنڌي ڪلام، صوفيائي راڳ ۽ فقيراڻي سر تال واري شانتيڪي وايومنڊل ۾ عشق مجازيءَ جي نغاري تي پهريون ڏونڪو هڻڻ وارو ماسٽر چندر هو.''

اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته علي راشدي جو لکيو سو سورنهن آنا سچ لکيو آ. پنجاه سٺ سال اڳ صوفي درويش، مست فقير ۽ سنت ئي درگاه يا مندرن ۾ روحاني ڪلام ڀڄن ڳائيندا هئا. هندو راڳ ڳائڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪندا هئا ۽ اِهو ڪم هوندو هو ميراثين جو. هندو يا هوندا هئا زميندار يا ڪامورا-ڪو هندو راڳ ڳائي ته اُن کي حقارت جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو.

اهڙي وقت چندر پهريون شخص هو جنهن عشق مجازي جي گيتن ڪلامن جي ڌوم مچائي ۽ سنڌس عاشقاڻا گيت، ڪلام، سنڌ جي هر جوان دل جي لبن تي هوندا هئا. اها هڪ واقعي دليريءَ جي ڳالهه ئي. وهڪ ۾ ته سيڪو تري ويندو مانجهي مڙس اُهو جو وهڪ جي ڙ تري. اهڙي مانجهي مڙس، سهڻي سردار، سنگيت آچاريه، ماسٽر چندر کي منهنجو سلام......

زميندارن ۽ سنڌ ورقين جي محفلن ۾ ناٽو ڪمايائين جام، پر اَن
هوندي بہ سنڌ جي هر درگاهہ، سنتن، پير فقيرن جي آستانن تي
راتين جون راتيون، بنا ڪنهن ڪوڏي ونڻ جي پنهنجا پروگرام ڏيند
هو.

سائين وسڻ گهوٽ جو ميلو هجي يا سائين ٽيئَونرام جي دربار
حيدرآباد ۾ قطب علي شاهہ جي درگاهہ هجي يا روهڙيءَ ۾ سائين
روچلداس جي صوفياني چونڪي، چندر هر محفل ۾ سائينءَ جو ڪلا
ڳائيندو رهيو. سنتن جي واٽي سان لکين ماڻهن کي روحاني راحت
بخشيندو رهيو. ڀڳت ڪنوررام سان گڏ سنگيت جي روحاني مستي
سان اللهہ جو ڪلام ڳائيندو رهيو.

مالڪ جي مهر هئي چندر تي
اُهو زمانو هو ماستر چندر جو.



سنڌين جو شان ماستر چندر

- مرليڌر آسواڻي

ماستر صاحب جو مان ننڍپڻ کان ئي شائق آهيان. سنڌس آواز
اُهو تاثير هو جو سنڌس ڪلام ۽ گيت ٻڌندي خبر ئي ڪونہ پوندي
هئي تہ وقت ڪيئن گذرندي ويو. جيترو دير اُن اواز جو پرلاءُ ڪن
تي پوندو، جڻ سڌ ٻڌ ئي کوهجي ويندي هئي. اهڙا بہ ڪيترا ئي
مثال ملندا جو ماستر صاحب جو سوز ۽ صداقت ڀريل آواز ٻڌي ماڻهو
جا پير بيهجي ويندا ۽ جيستائين اُن جو گيت پورو نہ ٿيندو تيستائين
قدم اڳتي نہ وڌندا. اهڙا ڪلاڪار ڪنهن بہ ذاتيءَ ۾ ورلي پيدا ٿيند
آهن. ڀڳت ڪنوررام سنڌي سنگيت جي آتما آهي تہ ماستر چند
سنڌي سنگيت جي جان آهي. سنڌي ذاتيءَ جو شان آهي.

پاڻ ۽ سندس فرزند مهيش ۽ گوپ چندر سائنس سان ڏنو آهي ۱۵ ورهين جي عمر ۾ به سندس آواز ۽ ڳائڪي ۾ اها ئي حرڪت، جنبش ۽ مرڪي آهي. اهو ٻڌي انيو پي ٿيو ته آخر تائين سندس نس نس ڳائي رهي هئي.

ڪجهه وقت اڳ مسڪين ڪي سندس فرزند مهيش چندر ڪي به دفعا اُتر آمريڪا گهرائڻ جو شرف حاصل ٿيو جتي هن هر بار شهر ۾ پروگرام پيش ڪيو. محفلون پي رکيون، پر سنڌين جي محفلن ۾ جڏهن جڏهن هن پنهنجي پتا جو ڪلام پي پيش ڪو ته سندس ۽ ٻڌندڙن جون هرنشت ۾ رڳون رباب بڻجي ٿي ويون. ٻڌندڙ ۽ ماستر چندر جا سڏا سنوانا ۽ سولا لفظ ۽ ليءِ ٻڌي مستيءَ ۾ اچي ٿي ويا. سنڌي مسلمان تي انهن بينڪن ۾ هڪ مسرت پريو وجد تاري هيو. لاس انئنجلس جي سنڌين-هندن ۽ مسلمانن گڏجي ان موقعي تي سنڌي ائسوسيئشن ناهي ۽ مهيش کي بيهر خاص نينڊ ڏيئي نيويارڪ مان لاس انئنجلس گهرايو. اڄ به نيويارڪ ۾ چيٽي چنڊ جي موقعي تي ماستر جي ڪلام کي ڏيون موتيهار ۽ گوپ چندر جي آواز ۾ ٻڌڻ لاءِ هي سنڌي دوست سؤن ۾ اچي شامل ٿيندا آهن. اِن مان ظاهر آهي ته عزيز چندر جي سنگيت ۽ ڳائڪي ۾ ڪيتري ڪشش هئي ۽ هاڻي به آهي.

سنگيت سنڌي ٻوليءَ جي زندگي آهي. سنگيت ئي سنڌي ٻولي کي، سنڌي ڪوي کي ۽ سنڌيءَ کي جيوت رکي سگهندو. ماستر چندر جون رچنائون ننڍي ٿهيءَ جي ڳائڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ سرل سهٽيون سوڪڙيون آهن. اچو ته انهن جو رياض ڪريون ۽ ان معرفت نوان گلوڪار ۽ ڳايڪ سنڌين ۾ ڳولهيون ته اهڙا ميلا ۽ محفلون رچيندا رهون ته سنڌيءَ جو نالو هر جاءِ زنده رهي ۽ عظيم رهي.



سنڌين جو سرمور لوڪ ڳايڪ ماستر چندر

- سڳنومل بنيجا (اوٽاوا ڪئناڊا)

هن سال هڪ پرسڌ لوڪ ڳايڪ جي ياد ۾ بمبئيءَ جي اُپ نگريءَ
هڪ شاندار سنڌي سنگيت جو پروگرام ٿي رهيو آهي. ١٩ ڊسمبر تي
جنهن ۾ نامور ڳايڪار ۽ سنگيتڪار ڀاڱو وٺندا. اها واقعي سنڌين لا
فخر ۽ ناز جي ڳالهه آهي. ''جوتي ڪلا مندر' مستحق آهي انهن
ڪوشش ڪي ڪاميابي جي شڪل ڏيڻ لاءِ.

ماستر چندر صحيح معنيٰ ۾ نهايت ئي عمدو ڳايڪ هو ۽ هينئر
آهي. اَدي پوپٽيءَ جي لکاوٽ مسڪينن جي پراڻين يادن کي تاز
ڪيو. ٥٠ سالن کان مٿي مان چندر جو ڪلام سندس ئي سرن ۾ ٻڌند
رهيو آهيان. ساڻس شخصي طور دوستي جو شرف آزاديءَ بعد ئي
مليم. سنڌ ۾ وڃڻ ٿيو آهي ته اُتي به اڄان تائين سندس آواز جي
گونج ۽ سرل سرن جون صدائون موسيقي محفلن، اوتارن ۽ ايوانن
ٻڌڻ جو موقعو مليو اٿم. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي لئبرري ۾ اڄا
به ماستر چندر جا ڪئي رڪارڊ، ڀڳت ڪنوررام جا رڪارڊ ۽ ڏيو
موتيهار جا به رڪارڊ ڏٺم ۽ انهن ۾ ماستر چندر عوام ۾ مقبوليت ج
درجو حاصل ڪيو.

درويشن جو ڪهنو تصوف ۽ حقيقي ڪلام جنهن سنڌو جي صوفيان
لهرن ۾ اسان جي من کي روحانيت بخشي آهي انکي ماستر چن
مزاجي جي معرفت ۾ پلٽي سليس سنڌي ۾ عوام جي ٻولن ۾ پيش
ڪيو آهي. سندس ان ڪلام ۽ سنگيت تي پارت ڇا، سنڌ ڇا، پر دن
جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي مجزوب ٿين ٿا، جهومن ٿا ۽ نچن ٿ
جڏهن سنڌي نڙ تي اڄ به سندس لئه پريا نغما پاڪستان ريڊيو تا
پيش ٿيندا آهن ته ڳايڪي جا شوقين دل پريو داد ڏيندا آهن.

تازو سندس سرڳواس ٿيڻ کان اڳ جي هڪ رڪارڊنگ ٻڌم جنهن

وڏيڪ لوڪپريہ بڻايو آهي. ماسٽر صاحب جو ڪلام ”سيني ۾ منهنجا سهڻا سنڌي“ ٻڌڻ قابل آهي. ڍير رڪارڊ آهن، انيڪ ٽيپس نڪتل آهن. خريد ڪريو تہ هي الاهي خدمتگار ماسٽر صاحب توهانجي گهر ۾ پهچي ويندو ۽ توهين سندس سنگيت جو رس ماڻي سگهندا.

ماسٽر صاحب کي جيڪڏهن ”سنڌ جي ڪويل“ سڏجي تہ اُن ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. ڪويل وانگر هن پڻ سنڌ جي ڦلواڙيءَ کي پنهنجي سريلي ۽ دردايلي آواز سان پئي معطر ڪيو آهي. ماسٽر صاحب جي آواز تي ماسٽر صاحب جي مهر لڳل آهي. سندس آواز ۾ انوکي انفراديت آهي. سندس راڳہ، ڪنهن بہ وقت، ڪنهن بہ محفل ۾، ڪهڙن بہ ٻڌندڙن جي وچ ۾ رنگ لڳائي ٿو.

سنڌي ڳوناڻا، بلڪل سادا پر اندر جا سيپہ. ڏينهن جو ڪيتي سنياليس يا ٻيو ڪو هنر ڪمائين. رات جو ڪليل فضا ۾ جڏهن آسمان ۾ چندرما پنهنجي تارن جي محفل ۾ پيو چمڪي ۽ واتاورڻ بهتر آهي، ڌيمي ڌيمي هوا لڳي رهي آهي، ان وقت پنهنجن ننڍڙن نماڻن گهرن مان نڪري کليل ميدانن ۾ اچي ماسٽر صاحب جي راڳہ روپ جو لطف وٺن. اهي محفلون گهڻو تڻو سڄيون راتيون هلنديون هيون. اڄ بہ سنڌ ۾ ماسٽر صاحب جا سوين سلامي. سوين سڪ وارا اُنان سلام موڪليندا رهن ٿا، دعائون گهرندا رهن ٿا.

پڇاڙيءَ ۾ ائين چونديس تہ ماسٽر صاحب تنهنجو آهي منهنجو آهي، اسانجو آهي، سيني سنگيت پريمين جو آهي. پاڪستان ۽ هندستان ۽ ساري وشو ير ۾ جيڪي سنڌي آهن تن جو آهي.

سنڌي ٻولي زنده رهي-سنڌي ڪلاڪار امر رهن.

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر



- پارپتي آر. آڏواڻي

منهنجي نظر ۾ سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر جو نالو اڄ ديس پرديس ۾ پکڙيل آهي. سندس راڳ ۽ سماع جا طلبگار هزارن ۾ ليندا. راڳ هڪ اهڙي للت ڪلا آهي جا اِنسان جي اندروني تهن کي ڇهي، ڇيد ڪري انسان جي طبيعت ۾ ئي تبديلي آڻيو ڇڏي. هر هڪ جي وس ۾ نہ آهي تہ راڳ ڳائي، نہ ڪي هرهڪ جي وس ۾ آهي تہ راڳ مان رس ماڻي. هي هڪ اول درجي جي ڪلا آهي ۽ اول درجي جي ڪمال آهي.

ماسٽر صاحب قريبن ٥٠ ورهين کان وٺي سنڌين جي اها نمائي نوع ۾ شيوا ڪندا رهيا آهن.

ماسٽر صاحب اها سنڌ ۾ شروع ڪيل پرمپرا هت هند ۾ بہ پاڻ سان آندي. ورهاڱي وقت سنڌي ويچارا بيحد مايوس ٿي پيا هئا. ”ڏمريو جو ڏيهہ ڏٺي جنهن ڇنا ڇڏايا.“ هت تہ مڙني کان ڇنا، ڪٿا ۽ ڪيتيون ٻاريون ڇڏايون ويبون. شاه جي تز اکرن ۾، ”اُنهن جون آريون سمي بنا ڪير سهي.“ سو سنڌين بہ ڪٽي اُن هڪ جو پلاند پڪڙيو. ماسٽر صاحب صوفيانا راڳ ڳائي ڳرن هيانوَن جو بوجو هلڪو ڪيو. هنن ۾ همٿ پري سندن حوصلو بلند ڪيو. سنڌي جي ٿي ويا هئا داٽا داٽا سي راڳ جي محفلن ۾ اچي ڪنا ٿيندا هئا. حشام ماڻهن جا. هڪ ”نندي سنڌ“ جو اَنيوُ ٿيندو هو. سنڌين جون ڇاتيون ڦوڪجي پيبون. اسين گهٽائي آهيون.

ماسٽر صاحب جي آواز ۾ انوکو مهراڻ جي مٽيءَ جي مهڪ وارو ميناج آهي. عجيب لهر ۽ نهر آهي، اُڇل ۽ اُمنگ آهي پريم ۽ بيرغي آهي. هڪ طرف محبوب جا ماڻ ۽ ٻئي طرف وري عاشق لاءِ ڪسڻ واري ڪار آهي. يار جي ڪمال،بي پرواهي ۽ عاشق جي بيحد عاجزي ڏيکاريل آهي. اُن تضاد تہ ويتر ئي ماسٽر صاحب جي رچنائن کي

ماستر چندر جي عمر ١٧ سال ٿئي تہ سندس پتا آسنداس ۽ چاچي ڪنگومل جو اوچتو ديهانت ٿي ويو. تعليم وڃڻ بند ٿي ويئي. هن جي ابوجهائي جو فائدو وٺي ڏارين لکن جي ملڪيت هڙپ ڪري ڇڏي. نوڪر هليا ويا. پائيوار پڇي ويا. ان اوچتي ڏک هن جي حياتيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو.

ماستر چندر ڪجهہ وقت سنگيت وديا جي شونق ۾ پرديش گهميو مگر اوچتو ويراڳ لڳڻ سبب هردوار ۽ بدريناٿ پهچي ويو. جتي گرو گلراج ۽ ماتا پپر جي صحبت، نصيب ٿيڻ ۽ ٻن سالن کان پوءِ گروءَ جي آگيا مجي شادي ڪئي. سندس شادي منياڻي جي پرسان سهڙا ڳوٺ مان سيٺ ميارام تلوڪچند تيجواڻيءَ جي سپتريءَ هيتي ٻائي سان ٿي.

ماستر چندر ناروشاه ۾ ڀائي گوڏورام جي درٻار ۾ ويندو هو. ڀائي گوڏورام سورداس هو. پر گاين وديا ۾ پڙ هو. ماستر چندر درٻار ۾ پڇڻ ڳائي هن جو آشيرواد وٺندو هو. سنت بہ ماستر چندر جو حوصلي افزائي ڪندو هو.

ماستر چندر پتا سان هالاڻي درٻار ۾ سائين سروپداس وٽ پڻ ويندو هو. جت سندس چاچي ساجنداس (جو ننڍي هوندي کان اُتي ارپيل هو.) هن کي هار مونيم وڻي ڏنو ۽ ماستر چندر کي سرگرم راڳ جي شڪل، وادي ۽ سم وادي سُرن جي ڄاڻ ڏني. ماستر چندر امرورام جي سڄاڻپ سان گويي اَميرخان کان ڪلاسيڪل سنگيت جي ڄاڻ حاصل ڪئي.

ان وقت صوفي درويش ڪاڪو جيوترام متائي بہ بمبئيءَ ڇڏي ناروشاه اَچي رهيو هو. ماستر چندر کي ڪاڪا جيوترام متائيءَ وٽان پتا جو پيار، گروءَ جو اُپديش ۽ اُستاد جو سبق مليو. ڪاڪي جيوترام کيس پنهنجو ٻالڪ سمجهي پاليو ۽ درويشن جي در تي سجدو ڪرڻ سيکاريو ۽ کيس سنگيت جي ابتدائي تعليم ڏني. روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ وهاري سر تال جو گيان ڏيندا هئس. هنسرام سونارو ۽ هاسو سوناڙو طبلي تي سنگت ڪندا هئا. صوفي درويش ڊاڪٽر روچلداس جي سنگت جو فائدو مليو. روهڙيءَ ۾ سائين روچلداس ماستر چندر کي



سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

- اِندرلال پارومل سوماڻي

ماسٽر چندر جو جنم ناروشاه شهر ۾ نُک اَچڙا آکهہ ڏامواڻي پتا آسنداس جي گهر ۾ ١١ ڊسمبر ١٩٠٧ برابر ٩ گيارس جي ڏينهن وڪرم سنبت ١٩٦٥ ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو رامل بائي هو. آسنداس ۽ رامل بائيءَ کي سڄي ڄمار ۾ هڪ اولاد ماسٽر چندر پئدا ٿيو.

هن جي چنڻي ڏسي پنڊتن هن جي پتا آسنداس کي ٻڌايو هو تہ هيءُ ٻالڪ هڪ ڏينهن چندرمان وانگر چمڪندو ۽ خاندان جو نالو ڪڍندو. ان کي هن ٻالڪ جو جنم ڏن سال بہ ملهائيندا اچجو. ٿيو بہ ائين هي ٻالڪ اڳتي هلي هند ۽ سنڌ جو هڪ عظيم، گايڪ، گيتڪار ۽ شاعر ثابت ٿيو. هن جي هوندي هن جي گهر ۾ ۽ هن ڪانپوءِ هن جا ٻار توڙي هن جا شائق اڄ بہ هن جو جنم ڏن ڌوم ڌام سان ملهائيندا اَچن ٿا.

هن جي پتا کي زمينداري ۽ باغات جو پيشو ورثي ۾ مليل هو. سندس جي تڙ ڏاڏي ڏامومل پنهنجن پنجن پٽن سان گڏجي هڪ وڏو باغ پنهنجي هٿن سان پوکيو هو. جو جهونو باغ اڄ تائين ڏامواڻي باغ سڏبو آهي. آکهہ پڻ ان وقت کان وٺي ڏامواڻي سڏجڻ ۾ ايندي آهي.

هن ستن انگريزيءَ تائين تعليم ناروشاه ۾ حاصل ڪئي. اسڪولي جيون کان وٺي ماسٽر چندر کي پڙهڻ سان گڏ شاعري، ڳائڻ ۽ چترڪلا سان بيحد پيار هو. اسڪولي جيون ۾ پنهنجي ڪلاس ۾ ڳائيندو هو ۽ اُتي هن ڪافي داد حاصل ڪيو. پنهنجي استاد لوڪومل لڪاڻيءَ وٽان سنڌ جي شاعرن جا بيت، ڏوهيڙا ڪلام سکيائين. لوڪومل لڪاڻي قطب شاه جو طالب ماسٽر چندر کي روز سلوڪ، ڏوهيڙو ياد ڪري سر ۾ ٻڌائڻ لاءِ هدايت ڪندو هو. هن ماسٽر چندر کي سر سورٺ، راڳ ڀيروي، ڪوهياري ۽ آسا جي ٿوري ڄاڻ ڏني. پوءِ هو اسڪول جي جلسن ۾ ڳائڻ لڳو.

ڪيترن سڄاڻ سنگيت ڪارن کان سنگيت سکيا حاصل ڪري هڪ پختي ڳايڪ جي حيثيت ۾ ميدان ۾ آيو.

ماستر چندر جي اداڪاريءَ ۽ ڳايڪيءَ کان متاثر ٿي بي فلم ڪمپنيءَ بابمي ٽاڪيز پنهنجي فلم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آڇ ڪئي. فلم ”اَڇوت ڪنيا“ هئي. جنهن ۾ هيروئن ديوڪاراڻي هئي. جيئن ته اڳين فلم ڪمپنيءَ سان ائگريمينٽ ٿيل هئي، اُنهيءَ ڪري بي فلم ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت نه مليس.

اُن ساڳي فلم لاءِ هيرو جي رول لاءِ اشوڪ ڪمار کي چونڊيو ويو. اُن ڳالهه ماستر چندر جي دل کٽي ڪري وڌي. فلم دنيا کي تياڳ ڪري ۱۹۳۵ع ۾ پنهنجي وطن واپس وريو ۽ سنگيت پروگرامن ۾ اهڙو ته مشغول ٿي ويو جو ڪيس فلمي دنيا ۾ واپس وڃڻ جو موقعو ئي نه مليو.

رڪارڊن جي ڪري هن جو ڪافي نالو ظاهر ٿي چڪو هو. تنهنڪري چوطرف کان ماڻهو چاهڻ لڳا. ايتري قدر جو ڏنڌو ئي ڳاين وديا تي پيو هوس جو آخر تائين هلندو آيس.

قطب علي شاه جو گادي نشين سائين روشن علي شاه، سائين هادي بخش، دادن شاه، نصير فقير، درازن جو فقير قلندر شاه، قلندر شهباز جا گادي نشين، هالاڻي، جتوئي، مانجهند، روهڙي وسڻ گهوٽ، پاروشاه ۽ ٻين درگاهن ۽ درٻارين جا سنت درويش هن جو ڳائڻ ٻڌي ڪيس دعائون ڏيندا رهندا هئا.

سنڌي قصا جهڙوڪ سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي، هير رانجهو وغيره ماستر چندر جي پروگرامن جا خاص اِسم هئا.

ضيا صاحب ماستر چندر جي گيتن، سنگيت ۽ شاعريءَ کي ٻڌي ڏاڍو منتظر هو ته ساڻس مِلان هن جي ملاقات ماستر چندر سان ۱۹۳۹ ۾ ڀڳت ڪنوررام جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ ٿي ضيا صاحب ملاقات کان اڳ پنهنجي شاگرد هٿان ماستر چندر کي شاعريءَ ۾ نياپو موڪليو هوس.

”دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان.
بازار محبت ۾ طلبگار کي تو ڳولهيان.

اخلاق ۽ ويراڳ جي ڪلاس ۾ وڃاري سنگيت سان سائين جي سک جو سبق سيکاريو. سائين روچلداس جي صحبت ۾ ماستر چندر جي ملاقات ڀڳت ڪنوررام سان پڻ ٿي. جنهن جي ڀڳتين تي پڻ هن ڀڳت ڪنوررام جي چوڻ تي ڳايو.

ماستر چندر ۲۱ سالن جي عمر ۾ نوابشاه ۾ سنگيت جو اسڪول کوليو. جتي ڪتان ڪتان جا گويا اچڻ لڳس. نوان نوان ترانہ ٻڌڻ جو موقعو مليس. ٻڌڻ سان هو ٻڌيمان ٿيندو ويو. جت هو سرگم ۽ نومري تيار ڪري سگهيو. هن پنهنجي ساٿين تلوڪچند، گوپالداس ڊاڪٽر ولبرام هنگوراڻي، باپو شونقتراءِ ۽ ليکراج پنجابيءَ سان گڏجي هڪ ''دکيڪ سهايڪ سڀا'' ناهي. جنهن ۾ هن سنگيت رستي غريبن ۽ مسڪينن جي شيوا ڪئي.

ماستر چندر نوابشاه ۽ ناروشاه ڇڏي سنہ ۱۹۳۲ ۾ ڪراچي اچي وسائي جتي ديوان وليداس جي مدد سان نوڪري ملي. رات جو سنگيت سيکارڻ شروع ڪيائين. رام باغ گاڏي کاتي ۾ ''چندر سنگيت وديالیہ'' کوليائين. هر آرتوار تي ديوان وليداس جي بنگلي تي ماستر چندر چونڪي ڪندو هو. ۱۹۳۳ع ۾ هن جو معاهدو دهليءَ ۾ ''هز ماسٹرس وائس'' رڪارڊنگہ وارن سان ٿيو. رڪارڊ ڀرڻ شروع ٿيا. هن پهريون رڪارڊ راڳہ آسا وريءَ ۾ محمد بخش ڪو جهي جي ڪلام سان ڀرايو. دهليءَ ۾ مهارا جالين اِستوڊيو ۾ هن جي واقفيت دکايل، ڀڳت موڻ، بيگہ الهہ رکي، جيوٽي بائي، فقيري ۽ نورو نمازيءَ سان ٿي.

۱۹۳۴ ۾ هن جا رڪارڊ ٻاهر آيا. هن جو گهڻو مشهور رڪارڊ هو ''سهڻا عرض آهي'' سندس لکيل ڪمپوز ڪيل ۽ ڳايل آهي. رڪارڊن جي گيتن جون تڪون هندن چاهي مسلمانن جي لبن تي ترنديون هيون. اُن سال ۾ بمبئي فلم ڪمپنيءَ وارن پيار سان ڪين چونڊيو جتي ''آل انڊيا موونين'' ڪمپنيءَ وارن جي ٽن فلمن (۱) موت ڪا طوفان (۲) پريم پريکشا ۽ (۳) ڏلارا ۾ ڪم ڪيائين ۽ سموري ميوزڪ پڻ ڏنائين. بمبئيءَ ۾ فلمي دنيا ۾ ڪم ڪندي هن ''وشٽو دگمبر وديالیہ'' ۾ سنگيت جي ڄاڻ حاصل ڪئي. اَهڙيءَ طرح ماستر چندر

ماري وجي. انهيءَ ڪري هن تي نہ فقط هڪ دفعو گوليءَ سان حملو ٿيو پر هن کي زهر ڏيڻ جي ڪوشش پڻ ڪيائون. پر جنهن کي ''راکي رام تہ ماري ڪون.'' تنهن کانپوءِ هند-سنڌ جي ننڍي ڪنڊ جي فنڪار جي باري ۾ ڪيئي افواه ڦهلندا رهندا هئا. پر ماستر چندر انهنجي ڪابہ پرواه نہ ڪري هٽ هاج ۾ دل يار ڏي ڪري ڇڏيندو هو.

هند-سنڌ جو عظيم گايڪ، سنگيتڪار ۽ شاعر ماستر چندر حياتيءَ جا پويان ٽورا سال ايشور ڀڳتيءَ ۾ گذاريا. ١٢ سالن کان ٧٥ سالن تائين لڳاتار هن سنڌي گايڪ ڪلاڪار پاڻ کي گيت ۽ سنگيت سان زنده رکيو. ماستر چندر پنهنجي سڄي عمر اعليٰ جيون گذاري. صوفي طبيعت جو انسان هو. هر ڪنهن جو خير گهرندو هو. ماستر چندر پنهنجي آواز شاعريءَ ذريعي سنڌين کي عشق مجازي ۽ عشق روحاني جي عميق ۾ سالن تائين ٽبيون ڏياريون. آواز جي دنيا جي جادوگر پنهنجي سريلي آواز سان هندو چاهي مسلمانن کي اهڙو تہ جڪڙي ڇڏيندو هو جو ٻڌندڙ متس گهورون گهوريندا هئا. چندر جو سنگيت پروگرام معنيٰ ''اَندر سيا'' مجال آهي جو ڪوبہ هن جي پروگرام وقت پنهنجي جڳهہ تان اُٿي. ماستر چندر جوان دلين جي ڌڙڪن هو.

هن جي گايڪيءَ جو مکيہ گڻ آهي جذبات جو بهترين نموني اظهار ڪرڻ. هن کي ''گڻ ديوتا'' ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. هن جيڪو ڪجهہ ڳايو عوام لاءِ ڳايو.

پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ ڳايو اِهوئي سبب آهي جو هن ڪلاڪار جو نالو هر سنڌيءَ جي زبان تي هڪ قصي ڪهاڻيءَ ۽ داستان جيان ترندو رهيو آهي. ۽ انهيءَ ڪري هن کي ليجينڊ آف سنڌ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. ماستر چندر گيت جي دنيا جو سرتاج، آواز جي دنيا جو بي تاج بادشاه، سنڌي قوم جو شان ۽ هڪ اعليٰ ڪلاڪار هو.

ماستر چندر پنهنجي جيئري پنهنجي پڳہ فرزند مهيش چندر کي ٻارايائين. هن کي جيئري گادي نشين بڻايائي.

مهيش چندر پڻ پنهنجي پتا جي نقش قدمن تي هلي سنڌي، اُردو ۽ هندي سنگيت جا گهڙا ڀري رهيو آهي. هن ڪيترين فلمن ۾ پلي

ٻنهي جي محبت اهڙي وڏي ويئي جو هر محفل، مجلس، سنگيت
پروگرامن ۾ گڏ رهندا هئا. ماسٽر چندر ضيا جي ڏيءَ کي ننڍپڻ ٻڌايو.
ضيا جي دوستي ١٩٥٨ تائين قائم رهي. ضيا گذاري ويو. تڏهن ماسٽر
چندر چيو ''قربدار ضيا-محبوب ضيا-منهنجو رفيق ضيا-سدا اَمر
ضيا.''

واپار ضيا اهڙو نصيبن سان ٿئي ٿو دل مفت ۾ هڪ عاشق ناشاد
ڏئي ٿو. ماسٽر چندر ضيا جي سادي سودن لفظن واري شاعريءَ تي
عاشق ٿي پيو.

ماسٽر چندر کي سچي حياتيءَ ۾ پنج پٽ گوپ، ڪنعيو، منسکه
هرادس ۽ مهيش چندر ۽ پنج نياڻيون ڄايون. ١٩٤٥ ۾ هن جا ٻه پٽ
منسکه ۽ ڪنعيو جوانيءَ ۾ گذاري ويا. پنهنجي پيارن ٻنهي فرزندن
جي اوچتي ديهانت ماسٽر چندر جي زندگيءَ ۾ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو
۽ تنهن ڪانپوءِ هن ٻه سال وئراڳ ۾ گذاريا.

ٿورڙي عرصي ڪانپوءِ هندستان جو ورهاڱو ٿيو. فرزندن جي اوچتي
جدائي ۽ ورهاڱي جي ڏکه ماسٽر چندر جي قلم مان ڪيترن نون گيتن
کي جنم مليو. انهن گيتن ۾ انتهائي ڏک سمايل هو. انهن گيتن کي
هن سوز ۽ درد ۾ ڳايو آهي.

١٩٥٥ ۾ ماسٽر چندر سنڌ ۾ ڪوٽ تي ويو. جتي هن جو گيت وطن
کان جدا ٿيڻ وارو ''مالڪ تون درد ڪٽيندين'' گيت ڳايو تڏهن اُتي
جي سنڌي هندن ٿوڙي سنڌي مسلمانن اَهو گيت ٻڌي زارون زار رنو ۽
اکين مان ڳوڙها ڳاريائون.

ورهاڱي ڪانپوءِ هن هند ۾ ٺهيل فلمن. اَباڻا، جهولي لال، لاڏلي ۽
سنڌوءَ جي ڪناري ۾ پنهنجي اداڪاري ڏيکاري ۽ گيتن سنگيت جو
جوهر ڏيکاريو. ماسٽر چندر جي ساکه هندن چاهي مسلمانن ۾ ايتري ته
وڏي ويئي جو هن جو هر لکيل ۽ ڳايل گيت ماڻهون پنهنجي داستان
ڪري سمجهڻ لڳا. هن جي ڳائڪيءَ، سريلي آواز سچي سنڌ ۾ ترٿلو
مچائي ڏنو. ايتري قدر جو ٻين غير هندو پيشي وارن ڳائيندڙن جو
روزگار بند ٿي ويو. هنن نه ٿي چاهيو ته هندو موسيقيءَ ۾ ميدان

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر - امر يادگار



سنڌين پنهنجي محبوب فنڪار، سنگيتڪار سدا حيات آچاريہ ماسٽر چندر جي ياد قائم ڪرڻ لاءِ لاثاني ڪوششون ورتيون آهن ۽ هر شهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ماسٽر چندر کي ياد ڪيو پيو وڃي. سندس جنم ڏينهن هر سال ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي. اهڙا جنم ڏينهن اجمير، احمدآباد، ڀوپال، دهليءَ ۽ سنڌ ۾ ملهايا ويندا آهن. سنڌي اخبارون، رسالا، مخزنون ماسٽر چندر جي جنم ڏينهن جي موقعي تي پنهنجا خاص **ماسٽر چندر يادگار** پرچا شايع ڪنديون آهن جنهن ۾ ماسٽر چندر جي جيون فن ڪاريہ ۽ رچيل گيتن تي روشني وڌي ويندي آهي.

آڪاشواڻيءَ تان جتان جتان سنڌيءَ ۾ ڪاريہ ڪرم پرسارت ٿيندڙ آهن اُتان جنم ڏينهن تي ماسٽر چندر جي ڳاتل گيت وڄايا ويندا آهن. سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي اُلهاسنگر ۾ ''ماسٽر چندر يادگار مارگ'' نالو رکيو ويو آهي. شري مهيش چندر جي ڪوشش سان ماسٽر چندر ٽرسٽ بمبئيءَ ۾ برپا ٿيل آهي جنهن جي زير سايع هر سال ماسٽر چندر جو جنم ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي ۽ سنگيت ڪلاس پڻ وقت بہ وقت هلايا ويندا آهن. هن سنستا جو اڳوڻو نالو ماسٽر چندر اڪادمي رکيل هو. ماسٽر چندر جي ياد ۾ ماسٽر اوارڊ ڏنا ويندا آهن.

ڊا. جيني لالواڻي جي ڪوشش ۽ ڪارپوريٽر روشن گولاڻيءَ جي سهڪار سان احمدآباد ميونسپال ڪارپوريشن جي-وارڊ بس اِسٽاپ کان سنڌو ساگر سوسائٽي وايا مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول روڊ کي ماسٽر چندر روڊ نالو ڏنو آهي. 'راشٽريہ پريم' هفتيوار هر سال پنهنجي سالياني اُتسو سان گڏ ماسٽر چندر جو جنم ڏينهن ملهائيندي آهي ۽ گجرات جي سنڌي شاگردن وچ ۾ مضمون ڇاپيتي رکي ويندي آهي.

گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ماسٽر چندر جي جنم ڏينهن جي اتسو تي اکل ڀارت سنڌي سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو ۽ سيمينار ۾ جيڪي معياري مقالا ودوانن پڙهيا اُهي ''ادبي چمن'' سالياني رسالي ۾ خاص وياڳ طور شايع ڪيا ويا. تازو ٣ نومبر ٢٠١١ تي ماسٽر چندر جي ڳوٺ نارو شاهہ ۾ سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي طرفان ماسٽر چندر جي ورسي ملهائي وئي. ورسيءَ جي موقعي تي پاڪستان آرڪالاجي ڊپارٽمينٽ جا بالا عملدار ماسٽر چندر جي گهر جو معائنو ڪرڻ ويا. ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ سرڪار ماسٽر چندر جي گهر کي نئشنل هيريٽيج جو درجو عطا ڪري جيئن تازو پاڪستان حڪومت فلم اداڪار راجڪپور ۽ دليپ ڪمار جي گهرن کي نئشنل هيريٽيج جو درجو عطا ڪيو آهي. نارو شاهہ ۾ ماسٽر چندر جي ياد کي قائم ڪرڻ لاءِ ماسٽر چندر يادگار ڪاميٽي برپا ڪئي وئي آهي.

- **جيني لالواڻي**

بئڪ ۽ ميوزڪ ڊئريڪشن ڏني آهي. مهيش چندر وديس ۾ پڻ پنهنجي
سنگيت ڪلا جو جوهر ڏيکاريو آهي. سندس وڏو ڀاءُ گوپ چندر پ
آمريڪا ۾ سنڌي، اُردو ۽ هندي سنگيت جي ورڪا وسائي رهيو آهي

ماستر چندر جسماني طور ۲ نومبر ۱۹۸۴ تي اسان کان سدا لاءِ وڇڙ
اکين کان دوري تي ويو. پر ساز ۽ آواز جي هيءَ جوت اَجر اَمر آهي
ڪڏهن به وسامڻ يا جهڪي ٿيڻ واري ناهي. هيءَ هڪ اهڙو سِلسِ
آهي جو ڪڏهن به ختم ٿيڻ وارو ناهي. سنگيت آچاريہ ماستر چند
پنهنجي سپوت مهيش چندر جي روپ ۾ اَڄ به اسان جي وچ ۾ موجو
آهي. شال جوت مان جوت جلدي رهي.

فلم : لاڏلي

شاعر : گوورڌن ڀارتي - سنگيت : سي. ارجن

گايڪ : ماستر چندر

اڙي ظالم زمانا - اڙي ظالم زمانا

شعر: اسان ظالم زماني جي هميشه مار کاڌي آ
زماني ير اڃان تائين نہ ڪنهن کان هار کاڌي آ
شل هيءُ زمانو ڪنهنکي نہ رُلائي
پل کو حيلا چو نہ هلائي
سگهندو ڪجھ بہ نہ پائي.- هائي هائي

۱. اڄ تي لڏا جن سک جا سپنا - سو اڄ سوُر سهي تو
آنجهيءَ مانجهيءَ روزيءَ خاطر رُلندو روز رهي تو
لڙڪ وهائي - تو ليلائي - من کو عرض اگهائي - هائي هائي
شل هي زمانو ڪنهن کي نہ رُلائي....

۲. اکڙيون آليون - ڳل تي ڳوڙها ۽ خاموش نگاهون
لب تي آهون - سرد صدائون - دل بہ ڪري تي دانهون
اُس ۾ سڙندي - لُڪ سان لڙندي - دردر نوڪر ڪائي هائي هائي
شل هي زمانو ڪنهن کي نہ رُلائي....

نام جو سمرڻ

نام جو سمرڻ سدائين خاص رک تون خيال ۾
جاپ هڪ جڳديش جو رک تال، خيال مڪال ۾

١. ڪجهه خبر ناهي ته سڏ ٿيندو سرڪار جو
موهه ڇو مورک رکين ٿو، مال ۽ زال ۾

٢. آسرو ايندڙ جو ڇڏ، ڇو ياد ''گذريل'' ٿو ڪرين
ڪر اُتي هيئنر جيڪي ڪرڻو اَتي هن هال ۾

٣. ياد ڪر چندر ادا هڪڙو ئي نالو نام جو
وقت ٿو گذري وڃي، پوءِ نا پوين جنجال ۾

آخر ته ادا تون به زماني مان لڏيندين

باغن ۾ بهاري ۽ خوشبوءِ نه آ صفا
بنگلن ۾ نهاريان ٿو ته بنگلا به بي بقا
ماڻهو به سڀ ٿا ڏسجن سر ڪان اصل خفا
هر چيز بي بقا ته پوءِ ايندي ڪٿا وفا
اهڙي دنيا سان ڪيئن ڳهيلا تون ڳنڍيندين
آخر ته ادا تون به زماني مان لڏيندين

تنهنجي ئي ڏني ڪيترا تنهنجا ويا مري
تنهنجا ئي ابا ڏاڏا ۽ پائر برادري
ويني تون ڪيئن وساري پنهنجا ئي پاڙيسري
اکين سان ڏسين ٿو ته لڏي ويا لکيسري
نڌهن بڌاءِ پاڻ کي ڪنهن سان تون گڏيندين
آخر ته ادا تون به زماني مان لڏيندين



ماسٽر چندر جا مشهور گيت

عقل عشق جو جهيڙو

عقل چيو اچي رهه شهرن ۾
عشق چيو رهه جهر جهنگلن ۾
عقل چيو تون ٽڪ محلن ۾
عشق چيو ڪر آسن بن ۾
عقل چيو ڪر سينڊ سرمون
عشق چيو وجهه وارن واري
عقل چيو ڪر عيش ۽ عشرت
عشق چيو ڪر توبهه زاري
عقل چيو وٺ هاٿي گهوڙا
عشق چيو پيرن تي ياڙ
عقل [illegible] موج دنيا جي
عشق چيو غمدل تي گهار
عقل چ[illegible] دنياداري
عشق چيو هر چيز فنا
عقل چيو[illegible] عقل جون ڳالهيون
عشق چيو اهي ڦاڙ پنا
عشق کي آخر عقل سڃاتو
عقل ڪيو ان دم پڇتاءُ
عشق جو شان عقل کان اعليٰ
نہ آهي ڪوئي چندر وڏاءُ

بنا عشق ڪجھ نہ قبوليان

بنا عشق ڪجھ بي قبوليان نہ ڪڏهين
پلي منت ڪن پر مڇا مان نہ ڪڏهين

١. ملي مان هر جاءِ وڏي شان شاهي
هجن پل سون ۾ سلامي سپاهي
ملي گر دنيا جي سڄي بادشاهي... قبوليان نہ ڪڏهن

٢. سمهڻ لاءِ منهنجي سني سيج ناهين
پشم جون پٽرڻيون وڇاڻان وڇائين
عطر مشڪ عنبر لڳن تي لڳائن... قبوليان نہ ڪڏهن

٣. پلي باغ بنگلا ڪي مون لئہ بنائين
چمن جي بهاريءَ ۾ جهولا جهولائين
دنيادار پنهنجو خزانو جي آڇن...قبوليان نہ ڪڏهن

٤. حسينن جون در تي لڳن پل قطارون
اچي منهنجي در تي نچن ناز واريون
اندر جي سڀا جون اپڇرائون نياريون...قبوليان نہ ڪڏهن

٥. پلي مونکي مرشد گرو پير پائن
مڇي پير در تي ڪي ميلا لڳائن
ڪي خادم ڪي طالب ڪي چيلا چوائن... قبوليان نہ ڪڏهن

٦. اچن پل منائڻ سڪندر ۽ دارا
اچن پل منائڻ سيٺيي حسن وارا
اچن پل منائڻ جوهرلعل پارا...قبوليان نہ ڪڏهن

٧. سواءِ عشق جي بيو نہ ايمان گهرجي
دنيا جي نہ عشرت جو سامان گهرجي
چندر سچ چوي ٿو تہ ڀڳوان گهرجي...قبوليان نہ ڪڏهن

زرگر بہ حليا ويا تہ ڪاريگر بہ هليا ويا
تونگر ۽ گدادر ۽ سوداگر بہ هليا ويا
مفلس هليا ويا ۽ ستمگر بہ هليا ويا
جادوءَ کي هلائيندي جادوگر بہ هليا ويا
ڇا سمجهي تون تہ تون نئي دنيا کا اڏيندين
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين

درد واري ديد آ

(١)

اي عزيزون عمر ساري مون گذاري ناز سان
راز هو جنهنجو متان تنهن تي هلايو راز سان
پرت جا پر پاڻ پائي دل رکيم پرواز سان
سر ڏنم هڪ ساز کي ورزش کيم آواز سان

(٢)

مون نتي سمجهو تہ آهي پيار ۾ آزار پي
مون نتي سمجهو تہ آ آسان سان دشوار پي
مون نتي سمجهو تہ هوندو يار سان اغيار پي
مون نتي سمجهو تہ گل سان گڏ رهي تو خار پي

(٣)

غم نہ ڪر اڄ پي چندر تو لئہ دنيا ۾ عيد آ
مرحبا هر جاءِ آ تو لاءِ خوش آميد آ
پر اثر آواز آ هر لفظ ڏيڄ توحيد آ
هوش پي آ، حسن پي آ، درد واري ديد پي آ

عشق وارن جا نمونا نوان

ٿلهه : عشق وارن جا نمونا نوان، ڪتاب نوان
سوز وارن جا آهن ڏوهه ۽ ثواب نوان

١. نوان تن راز نوان ناز، ۽ نياز نوان
نوان تخلص نوان نالا نوان خطاب نوان

٢. نئين تن چال نوان حال ۽ خيال نوان
نوان تن دين ڌرم شرم ۽ حجاب نوان

٣. نوان اسڪول ۽ امتحان ۽ اُستاد نوان
جاگرافي انگريزي نئين ۽ حساب نوان

۴. عشق وارن کي نه گانجو، نه ڪا ڀنگ کپي
نينهن وارن جا نشا چرش ۽ شراب نوان

۵. نوان تن ساز ڏُڪڙ ڍولڪون آواز نوان
عشق وارن جون ستارون نيون رباب نوان

٦. درد وارن سان آهي دوستي نئين کان نئين
نئين سر سوال نوان چندر جا جواب نوان

دل کي گهٽو وٺين ٿو

جنهن وقت تو نهارين - سهٽا اکيون کٽين ٿو
دل کي گهٽو وٺين ٿو
سچ ٿو چوان او سهٽا - ويتر گهٽو وٺين ٿو

١ چشمن سان ڳالهه چوري
وري ناز سان منهن موڙي
اکڙين جا تير ڇوري -
زم مان ڪڇي هٽين ٿو -
ويتر گهٽو....

ڪانگ تو لوڏين

ڪانگ تو لوڏين اڱڻ ۾ ڪانگ تو لوڏين
ڪانگل اچن ٿا عجيب-مون سان ملن ٿا حبيب
اڄ يا سڀاڻي پرهين ۽-سچ سچ چو نہ تو چوان-
اڱڻ ۾ ڪانگ....

۱. ڪانگل مصرين جا پاڻي ٻڌاريان ۽ مٺين
الاجي اڄ چو تو تنهنجي اها ڪان ڪان وڻين
شايد اچن ٿا حبيب منهنجي دل تي ڏوين-
اڱڻ ۾ ڪانگ....

۲. ڪانگل ڪان ڪان ڪري -سياڻي اک تي ڦري
لڳن ٿا چڱا اهڃاڻ- بادل ساک تو يري
هوڏانهن اک تي ڦري تہ هوڏانهن ڪنوڻ تي ڪوين
اڱڻ ۾ ڪانگ....

۳. ڪوئل ڪوُ ڪوءِ ڪري-سوُڻ بہ سٺا ٿا لڳن
خوشيءَ ۾ مور ٽونچي-چتوئڙا چوُن ٿا ڪن
هوڏانهن بلبل بهار- هوڏانهن ينور تو يوين
اڱڻ ۾ ڪانگ....

۴. ڪانگل اٿم پڪ تہ ايندا قرب ڪو ڪري
باسيم چندر جيڪي باسون، ڏيندس يري
ساري سهيلين کي ڏيندس مان سڪائون سوين-
اڱڻ ۾ ڪانگ....

دل وڻڻ وارو هجي

دل وڻڻ وارو هجي ڪو دل وڻڻ وارو هجي
دل وٺي دل جي تجوڙيءَ ۾ رکڻ وارو هجي
چيز آ چوکي چڱي پر ڪو ڪٽڻ وارو هجي
مال آهي قيمتي پر ڪو ڏسڻ وارو هجي
مونکي سودو آهي ڪرڻو ڪو ڪرڻ وارو هجي
دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان پر ڪو وٺڻ وارو هجي

سو وُکر دل جو رکي بازار ۾ لاتم پڙي
هل ڪري هوڪا ڏنم واڪا ڪيم ڦاڙي نڙي
هي ٻڌي هوڪو حسينن جي اچي ٽولي مڙي
۽ پڇيائون ڇا ٿو وڪڻين جوش مان هرهڪ ڇڙي
مون چيو سودو آ سادو، دل جهلڻ وارو هجي
دل ڏيڻ ٿو چاهيان مان پر ڪو وٺڻ وارو هجي

ٻيا سڀئي سهڻا هليا ويا، هڪ وڃي بيٺو مگر
پيار مان مونکان پڇيائين، ڳالهه ڪولي صاف ڪر
درد واري دل آهي يا درد کان آ بي خبر
مون چيو سيکي اٿس، تون دل تہ جهل رشڪي قمر
اڳهه مگر آهي ٻرو، قيمت ڀرڻ وارو هجي
دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان پر ڪو وٺڻ وارو هجي

دل ڪيڏي اڳيان رکين ۽ ڪل ڏسي سوچڻ لڳو
هڪ دفعو ۽ ٻيو دفعو ۽ ٽيون دفعو جاچڻ لڳو
دل ڏسي جاچي تپاسي ۽ ذرا ڪرڪڻ لڳو
دل تہ هيءَ زخمي ٿيل آهي ائين آکڻ لڳو
دل وٺان ، قيمت اگر ڪو گهٽ ڪرڻ وارو هجي
دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان پر ڪو وٺڻ وارو هجي

٢. جنهن وقت پائين جهاتي - عاشق هرن تا ڪافي
اکرين ۾ رکي ڪاتي - قاتل جڏهن ٻٽين ٿو -
ويتر گهٽو...

٣. هڪ ئي چندر ايشاري-زخمي ڪيئہ هزارين
ٻيهر وري نهاري-گهايل جڏهن ڳٽين ٿو-
ويتر گهٽو...

بي دردن کان دور رهو

بي درد ساڻ پلجي دلڙي نہ لائجي
پل درد پريءَ دل سان دل کي لڳائجي

١. جنهن ۾ نہ اثر ڪو ئي اُلفت جو ڪو هجي
جنهن ۾ نہ قدر ڪو ڏي محبت جو ڪو هجي
هيءُ درد جو قصو نہ انهيءَ کي ٻڌائجي

٢. ليليٰ بہ دم ڏنو هو مجنونءَ يار جي صدقي
سهڻيءَ بہ سر ڏنو هو هڪ مہيهار جي صدقي
اهڙن عوشاقرن تان جند گهوري گهمائجي

٣. فرهاد جبل ٽاڪيا شيرين جي شونق ۾
رانجهن بہ ڇڏيا تخت هئا هير جي ڪري
جيڪو نيائي ڇاڙي انهيءَ سان نيائجي

۴. ليلا بہ ور ڪيو هو فقط هار جي صدقي
ڪئنروءَ کي چنيسر مليو هو پيار جي صدقي
دنيا گل چمن ۾ نہ دل کي پلائجي

٥. سسئيءَ مان سبق سک جو سک، پنهل مان پيار جو
مارئيءَ کي هيو اونو مارن جي پار جو
اڳتي رکي قدم نہ چندر پنتي پائجي

۴. ڪجھ دير سان اندر بہ پهتس ڇا ڏٺم پردي ۾ هو
ڪنهن جي اکيان بي پڙدي ٿي
منهن کي پٽڻ جي آ منع

۵. پردو هٽائي سامهو آيو بہ پر چپ چاپ هو
هٿ ڪجھ چرڻ مشڪڻ تہ ڇا پر اکہ کڻڻ جي آ منع

۶. منٿن سان مس مس اکہ کنيائين ۽ چيائين اي چندر
هڪوار توکي معاف آ ٻيهر اچڻ جي آ منع

۷. تنهن جي ڪري تو مان چوان دل کي سنڀالي لائجو
اهڙي حسين سنگدل سنم کي دل ڏيڻ جي آ منع

سڪ ۾ ڪين سِڪاءِ

سڪ ۾ او سڪ ۾-
سڪ ۾ سڪيءَ کي ڪين سِڪاءِ سونهارا
دلبر دلارا اکڙين جا تارا

۱. ڇڏي در سيبئي در تي آياسون
پورل جي پر ۾ پکڙا اڏياسون
آئي جو آدر-ڪر پاڻ پيارا

۲. هلي پاڻ آيس ٻڌي هوت هاڪون-
سهٽا ٻڌيون هٿم تنهنجيون سوين ساکون
ننگڙو نبائج ننگہ ناميارا

۳. سهٽا سلامي آهيان مدامي
ڏر کان قبوليم در جي غلامي
نوڪر چندر کان ڪرنا ڪنارا

مون چيو اڳ تي نهي وڃبو، نہ ڪر ليڪن ڳلا!
زخمي آهي دل تہ زخمي ڪنهن ڪئي آ يلا
هي توهان پارن جي آهي مهرباني تي منا
جي هجئي ونڻو تہ وٺ نہ تہ بحث ڇڏي بحري خدا

شيءِ سڻي آهي مگر شائق ٿيڻ وارو هجي
دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان پر ڪو وٺڻ وارو هجي

ات چيائين تون ٻڌاءِ قيمت، اول قيمت ٻڌان
دل جي عيوض مون چيو دل ٿو فقط توکان گهران
هن چيو چندر نهيو توسان ڪهڙا ليکا رکان
ٻيو تہ جيڪر ڪين ونئي پر نهيو مان ٿو وٺان

هاڻ خوش آهيان ڪو واڌائي ڏيڻ وارو هجي
دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان پر ڪو وٺڻ وارو هجي.

دلبر جي در تي

دلبر جي در تي ڪيئن وڃان-در تي وڃڻ جي آ منع
در تي وڃي پهتس بہ پر کڙ کڙ ڪرڻ جي آ منع

١. کڙ کڙ ڪري در کي بہ کڙڪايم پڇيائين ڪير آ
هاڻي يلا مان ڇا ڪريان نالي ڪڻڻ جي آ منع

٢. نالو بہ ورتم دل جهلي نالو ٻڌي چپ تي ويو
واڪا يلا مان ڪيئن ڪريان واڪن پرڻ جي آ منع

٣. واڪا ڪري جيئن مون پڪاريو
تي خفي هن هيئن چيو
واپس هليو وڃ تون چندر
اندر اچڻ جي آ منع

عشق وارن جي اگر مون ۾ نظر آهي گهٽي
ماں تہ ڪنهن سان نہ ڪڏهن اک جي لڙائي تو ڪريان
حسن جي مونکي خبر حسن پرستو ناهي
مان فقط حسن جي بنگلي جي جڙائي تو ڪريان
نڪي عاشق مان آهيان عشق جي ناهي ڪا خبر
عاشقن جي مان انهيءَ هوندي ٽرائي تو ڪريان
يلي سمجهي ڪو مونکي مفلس ۽ نادار ڪٽي
تہ بہ اميرن جي مان خرچن جي پورائي تو ڪريان
جي يلا مون سان ڪٽي يال يلائن تا يلا
مان تہ ڪنهن سان نہ يلي ڪابہ يلائي تو ڪريان
چندر جو دين ڌرم ذات يا مذهب نہ پڇو
هندو آهيان نڪي مسلم جي برائي تو ڪريان

متان دل لائي پوءِ پينر پڇتايو

دل ڪنهن سان نہ پينر اٽڪايو
متان پيار رکي پوءِ پڇتايو

١. توري آس رکيم-ڏک پاڻ ڏنم
يل ڏاڍي کيم-ڪنهن مت نہ ڏنم
زارون زار رنم ۽ وار ڇنم
مونکي ڪنهن بہ نہ سرتيون سمجهايو

٢. گل لاتي اڄ گلزاري آ
تيندي شام تہ گل جي بہ تياري آ
ڏينهن چار چمن ۾ بهاري آ
جڏهن آئي خزان، گل مرجهايو

٣. هز چيز فنا، سنسار فنا
آهي سونهن فنا، سينگار فنا

نهاريندين مري ويندين

حسن وارن جي نيڻن ۾ نهاريندين، مري ويندين
اڙائي پاڻ پڃري ۾ پڪاريندين، مري ويندين

١. لڱڻ جي تير سهڻن جا سني وجهندءِ ڦني وجهندءِ
زخم ٿيندءِ، پٽيون ٻڌندءِ، سنياريندين مري ويندين

٢. حسن وارن کان ڪر پاسو نه دل ۾ جاءِ ڏي تن کي
حسين کي جي هردي ۾ وهاريندين مري ويندين

٣. ٻڌڻ وارا ڏجاءِ نياپو ڏسڻ وارن عشاقن کي
چندر جي هيءَ هدايت جي وساريندين مري ويندين

ڪر روبرو صفائي

ٿلهه : يا دل ۾ جاءِ ڏي تون يا دل سان ڇڏي ڏي
يا مار يا محبت جو جام سڏي ڏي

١. دانهون تو ڪريان درد مان تون ڇو نٿو ٻڌين
هڪوار هوت حاڪم اچ منهنجي تڏي تي

٢. درياهي هجر ۾ مان ٻوڙها تو وهايان
تون ٻوڙ يا نه تار اچي جلد جڏي کي

٣. چندر سان ڪرين ڇو نه روبرو تو صفائي
تون ڏار يا ڏڪار مگر لاهه ڦڏي کي.

فرض ادائي تو ڪريان

مان اگر آهيان هندو فرض ادائي تو ڪريان
ڪعبه وارن کي مان ڪاشيءَ کان دعائي تو ڪريان
آهيان مان ڪين اصل ڪين تو سمجهي سيڪو
پنهنجيِ من ساڻ فقط روز لڙائي تو ڪريان

دل جي ٽيليفون سان مان سمن تعليمي ڪندس
پوءِ ڪندس آڏي پڇا اڪرڙيون مالئي دوبدو
برهه جي بابن سندو قانون آٿي هوبهو
آئي ڪل محبوب کي، چيائين ته ڪجھ ورڻو نٿي
مون چيو مان تو مران، منهنجو بلو ڪرڻو اٿي
تو ڪيو آهي زخم، توکي ئي ڪرڻي آهي دوا
هن طرح مارڻ مسافر کي، چندر ناهي روا
هن چيو پرواه نا، پرواه نا، پرواه نا
هڪ نظر سان هڪ مئين جا ٿيو! مري ها سوُ سوا

فقير جي صدا

وساريندين جي تون مونکي ته دنيا پي وساريندي
ڌڪاريندين جي تون مونکي ته دنيا پي ڌڪاريندي

نظر هڪ رحم جي گهر جي نهاري ڪر نظرداري
نهاريندين جي تون مون ڏي ته دنيا پي نهاريندي

اُجايل آس ۾ آهيان پيارج پريم جو پاڻي
پياريئه پريت جو پاڻي ته دنيا پي پياريندي

زماني جي نگاهن ۾ چندر جٺري مثل آهي
جياريندين جي تون مونکي ته دنيا بي جياريندي

لاش ترسائجو

مجنونءَ جي صدا

لاش منهنجو اي عزيزو ڪا گهڙي ترسائجو
جي پڇي منهنجو سڄڻ ڪولي ڪفن ڏيکارجو

موت منهنجي جو ٻڌي من محبب مرقد تي اچي
سنگدل جي نا اچي، آزيون ڪري آڻائجو

وهنوار فنا، پروار فنا
مٺان چندر فنا سان چت لايو

نہ ٻوڙن ٿا نہ تارن ٿا

اُنهن سان دل لڳي آهي نہ مارن ٿا نہ ڏارن ٿا
وسارن يي نٿا سهڻا نڪي سامهون نهارن ٿا
رهڻ يي ديس ساڳئي ۾ تڏهن يي جڻ جدا آهن
نڪي ٿا ڏار ٿين مونکان نڪي گڏجي گذارن ٿا
انهيءَ آزار کان دل ۾ دکي ٿو درد جو دونهون
نہ ڏيئي ڦوڪ ٻارن ٿا نہ دل جي باهہ ٺارن ٿا
وجي در تي چيم روئي ڀلا در جو ڪيو درٻان
نڪي در تي وهارن ٿا نڪي در تان ڌڪارن ٿا
ٻڌي دانهن چندر جون اچ سنايل سڀ پڪارن ٿا
نہ سهڻا سڀ ملي هڪ ٿي نہ ٻوڙن ٿا نہ تارن ٿا

اکڙيون اڙيون

هڪ ڏهاڙي اوچتو جڏهن اکہ وجي اکہ سان اڙي
دل اندر دک شروع ٿي، نبض دل جي ٿي ڍري
مون چيو دل کي جهلي، او تير ماريندڙ مٺا
بيهہ، بيهي فيصلو ڪر، وڃ نہ تون بحري خدا
هن چيو چپ ڪر چريا، بڪ بڪ نہ ڪر بازار ۾
مون چيو سنگدل نہ ٿي، توئي وڏو آوار ۾
شوخ ٿي مونکي چيائين مفت ويندين مارجي
وڃ هليو بکواس بند ڪر، ڪانہ هلنديءَ عارضي
مون چيو ايڏو ظلم، ايڏو گسو، ايڏي جفا
ڪيس کي مان يي ڪندس، داخل ضروري لئہ شفا
اکين کي شاهد بهاري، جنهن بہ دل تنهنجي ڪندس

مومل جو ڏينهن

هڪ لڳو هئه هئه هشر ٿيو ڪين آيو قربدار
ٻي ٻجي ٻيڻا چڙهي ويا چشم تي خاصا خمار
ٽي ٻجي ٿهڪڻ لڳي دل درد ۾ ٿي تار تار
چئين ٻجي چائنٺ تي ويهي مون رنو ٿي زار زار
پنج لڳا پر ڪين آيو، پئي پڇايم پار پار
ڇهين ٻجي ڇڪ ٿي گهٽي جنهن ڪان چنم ٿي وار وار
ست لڳا ٿي سرس سوڙل جي اندر ۾ سار سار
اَٺ لڳا ايمان گهٽ ٿي ويو وڌي دل تي ٻخار
نوَ لڳا نيڻن وهايا نيڻهن جا ٿي نار نار
ڏهه لڳا ڏسندي ڏکن جا ٿيا ڏهوڻا ٻار ٻار
ٿا لڳن يارهن مٿان پر ڪين آيم يار يار
ويا لڳي ٻارهن چنڊر، راڻي لڌي ناهي سنڀار

اکين ۾ اباڻا

اکين ۾ ٿرن ٿا عمر سي اَباڻا
چتن جي مان چائي نہ محلن مان چاڻان

١. رهي محل ۾ ڪيئَن پنو هارن جي پالي
اباڻن سواءِ دل اٻالي اٻالي
ٽڪيءَ کي سجهن ٿا ٽريچن جا ٽاڻا

٢. اباڻن جي لئي نہ هرگز مان لاهيان
وڳا ويس تنهنجا نہ مٽ ليڙ پايان
فقيرن جا ٿاٿل وڻن ٿا وهاڻا

٣. پٽن تي هريل مان ادا يبج نہ هيرون
پون ياد پٽ جا پڪا پاڪ پيرون
وڃي شال وسايان وطن جا وٿاڻا

جي پڇي ڪو پيار مان، پيارو ته ڇڏ هي ڇا ٿيو
بس صفا روئي سڻيڻي، ڪشر ڪل مچائجو

ري ڪتيءَ چڱجو ڪليو ويو برهه ۾ بيمار تي
هن ڪٺل ڪونڌر سندو پيغام هيءُ پهچائجو

قبر پڻ باڏائيندي هر هر مٺي محبوب لئه
مان مران تو جنهن جي لئه، سو قبر تي ڪوٺائجو

قبر تي لکجو اکر، منهنجي وصيعت هيءَ اٿوَ
''مون ڏنو سنگدل زمانو'' صاف اکر لکائجو

هت ستل چندر ڏسي، من درد سنگدل کي لڳي
عشق وارا اُلفتي، دل سنگدل سان نه لائجو

ياد پون ٿا جان جگر

جڏهن ياد پون ٿا جان جگر - دل ڪيجي ٿئيتي چار نڪر

١. جنهن وقت سڄڻ ٿا ياد پون - تنهن وقت اکين مان نار وهن
هيءُ نيڻ رئڻ کان ڪين رهن - پيا رودن ڪن راڙو هر هر

٢. نڪي نياز وٺي نڪي نازوٽي - نڪي محفل مجلس ساز وٺي
نڪي پنهنجو خود آواز وٺي - بس دل کي هڪ ساڙي تي جر

٣. نٿا وسرن سرتيون ڏيوم صلاح - جڻ گڏ ٿا رهن هڪ جاٽي الله
جيڪي پل نه ڇڏن ٿا پاڻ پلا - ڪئن تن جي ڇڏيان هڪ پل به پڇر

٤. ڏک دل ۾ آتم ڪنهنکي ڪين ڪهان
ڪنهن سبب ڪري وينو سور سهان

مجبور چندر مان چپ ٿو رهان
نه ته هوند مچايان هل ۽ حشر

موڙڪ مزو ڇا آهي سڄي مان شان ۾
قادر بقا ۾ هاڻ نہ چندر ڪي جاءِ ڏي
دائم رهيم دل جئن امن و امان ۾

ڪنهن جو انتظار

اڄ وري ڪنهن جو نئين سر دل کي آهي انتظار
اڄ وري ڪنهن جي جدائيءَ ۾ رئان ٿو زار زار
اڄ وري ڪيئن اوچتو چشمن تي چڙهيو آ خمار
اڄ وري سر ۾ ٿيو آ سورءِ بت ۾ بخار
اڄ وري ڇو ٿي ستائي ياد ڪنهن جي بار بار
اڄ وري دل تي چڙهي ويو بار غم جو بيشمار
ڪو نہ هوندو جنهن تي دل جو آ سچو دارو مدار
جنهن ڪيو مجبور آ هونو چندر ڪو قربدار

جيڪا تنهنجي مرضي

ٿلهہ :مونکي قبول سهڻا، جيڪا هجيئي مرضي

١. ڏيندين خوشي يا غم تون تون، هر حال ۾ پيو ڪلندس
مونکي هلائيندين جئن، تنهنجي حڪم تي هلندس
تون آهين شاهہ منهنجو، مان تنهنجو آهيان قرضي

٢. منهنجي خوشي آ توسان، شل خوش رهين سدائين
صدقي وڃانءِ سهڻا، مون ڪان نہ منهن مٽائين
تنهنجي ئي آس آهي، دنيا جو ناهيان غرضي

٣. جيڪي ڪرين پلي ڪر، هڪ دم نہ جدا رهندس
بيو سڀ سَهي مان سگهنديس، پر ڪئن وڇوڙو سهندس
هيءَ ناهي حجت چندر، پر رحم جي آ عرضي

۴. عمر ڏينم موڪل ڪريان التجا تي
سنيارين تي جن ڪي سنيارن سي ساتي
سڪڻ ۾ سڪي تيا سندم سنڌ ساٿا

۵. عمر زور زوري نه ڪر چا وٺيندين
چندر تو چوي پاڙ هٿ سان پٽيندين
پٽيندءِ پنو وهارين جي ڪن پيون پڇاڻا

گهر ڇڏي ويا

جن ساڻ گڏ گذاريم، سي يي ته گهر ڇڏي ويا
لاهوت ڪان هوُ آيا، لاهوت ڏي لڏي ويا
اهڙي سنگت رکيائون، گڏجي هتان تڏيائون
جوڳي جوان سهڻا، هڪبئي کي ڪڻُن بڌي ويا

دردن جي هن دنيا مان، جهٽ پٽ لڏو پٽيائون
ڪوڙو تڏو ڇڏي هٿ، ڪرتار جي تڏي ويا
غم ڪان ڇٽي هليا ويا، گم ٿي ويا گم غفا ۾
غم جي ڏئي نشاني، غم سان چندر گڏي ويا

ڪوڙو جهان

دل ٿي نٽي لڳي هن ڪوڙي جهان ۾
ڪوڙو وڪر رکيل آهي ڪوڙي دڪان ۾
بنگلا وسايا جن اُهي بنگلا به ويا ڇڏي

کهڙو مزو پوءِ ايندو اعليٰ مڪان ۾
دنيا ٿي بي بقا آهي ڪنهن سان پوءِ دل رکان

بيسود ٿيو جو موهه هو منسڪ ۽ ڪان ۾
نالو ڪڏي ڪنديِن ڇا جو نالو به بي بقا

ڪانگ تو لنوين

ڪانگ تو لنوين اڱڻ ۾ ڪانگ تو لنوين
ڪانگل اچن ٿا عجيب - مون سان ملن ٿا حبيب
اڄ يا سڀاڻي پرهين ۽ - سچ سچ چو نه تو چوين -
اڱڻ ۾ ڪانگ.....

۱- ڪانگل مصرين جا پاڻي پڻاريانءِ مٽين
الاجي اڄ چو ٿي تنهنجي اها ڪان ڪان وٽين
شايد اچن ٿا حبيب منهنجي دل ٿي ڏوين
اڱڻ ۾ ڪانگ.....

۲- ڪانگل ڪان ڪان ڪري-سڀاڳي اڪ ٿي ڦري
لڳن ٿا چٽا اهڃاڻ - بادل ساڪ تو يري
هوڏانهن اڪ ٿي ڦري نه ڪنوڻ ٿي ڪنوين
اڱڻ ۾ ڪانگ.....

۳- ڪوئل ڪوُ ڪوُ ڪري - سوُڻ به سنا ٿا لڳن
خوشيءَ ۾ مور تو نچي-چنوئڙا چوُن چوُن ٿا ڪن
هوڏانهن بلبل بهار - هوڏانهن پنور تو پوين
اڱڻ ۾ ڪانگ.....

۴- ڪانگل اتم پڪ نه ايندا قرب ڪو ڪري
باسيم چندر جيڪي باسون، ڏيندس يري
ساري سهيلين کي ڏيندس مان سڪائون سوين
اڱڻ ۾ ڪانگ.....

پرواهہ ناهي

چيم اکڙين ڏکويو آ، چيائين کا ناهي پرواهہ
چيم کر مهرباني کا، چيائين کا ناهي پرواهہ

١. چيم دلبر دعا کر يا دوا کر پنهنجي ديدن سان
چيائين کين کرڻي آ دعا هرگز نکا کا دوا

٢. چيم دلبر دلاسو ڏي، چيائين کا اُميد نہ رک
چيم پورل پلائي کر، چيائين کجھ نہ ورڻو آ

٣. بڌڻ وارا ڏجاڻ نياپو، چندر جو ڏسڻ وارن کي
اگيان اکڙين عشاقن لئہ دکائي درد جي آ باهہ.

سڀ کان قيمتي

وشواس ۽ شرڌا رکڻ- شاستر پڙهڻ کان قيمتي
هک آتما جو گيان آ- علمن سکڻ کان قيمتي
دل جي اندرڍاول رهڻ- آهي منگڻ کان قيمتي
هر حال ۾ خوش تي رهڻ- سک جي ملڻ کان قيمتي

پنڊ ۾ برهمانڊ جو انيئہ کرڻ آنند وڏو
پاڻ ۾ هر چيز دنيا جي ڏسڻ آنند وڏو

ڪبوتر ڪي نياپو

ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر
خبر هيءَ ڪٿي وڃ عقل جا اڪابر

١- حسينن جي ٽولي ۾ ڏسجانءِ ڦولي
منو يار ڳولي وٺي اوٽ اولي
منا ٻول ٻولي چئج ڇهنب کولي
لڳي چٽنگ چولي وڏءِ يار رولي
تون سنڌڙيءَ مان ڳولي ۽ ڳولج پشاور- ڪبوتر.....

٢- ڪبوتر چئج آب اکڙين ۾ آٽي
نہ توکانسواءِ من ناهي ڪنهن نڪاٽي
ملي وڃ مران تو الله پاڪ ڄاٽي
متان دير لائين ورج تون سياٽي
اچي حال سارو سٽائج سراسر - ڪبوتر......

٣- ڪٿي تون ڪٿي مان ڪٿي آهي منزل
اچي مان ملان يا نہ تون ئي اچي مل
اهو ئي مان ۽ تون، اها ئي آهي دل
اچڻ سان اوهانجي اها ئي آ محفل
اچڻ جو ڏيي احوال ها ڪر، يا نا ڪر- ڪبوتر......

٤- وفا تو ڪريان تنهنجي عيوض وفا ڪر
وفائن جي بدلي نہ سهٽا جفا ڪر
اجايو نہ ايڏو چندر کي خفا ڪر
منجهيل ڳالهہ کي يا نہ تون صفا ڪر
ڪندين ڪوئي آدر يا اصلي نرادر - ڪبوتر.......

نگھبان ٿيندين

شهنشاهي عالم نگهبان ٿيندين
مهربان آهين مهربان ٿيندين

١- همت ڏينم هادي قرب جئن ڪمايان
قوت ڏي قلب کي قدم کي وڌايان
مٺا مهر سان شل ڇنل دم ڳنڍيندين

٢- مٺا ڏينم طاقت پڪي پريت پايان
ڇڏي نام ٻيا سڀ تنهنجو نام ڌيايان
پڳل محل دل جو نئين سر اڏيندس

٣- نہ مون سان ڪر تون عدل ۽ عدالت
فضل گهران مان سخي ڪر سخاوت
گنهگار آهيان گناه تون بخشيندين

٤- ٻرن سان ٻہ تون ئي ڪرين تو ڀلائي
اڳهن سان تو ڏيندين سگهوئي سگهائي
ڇٽين توڙي لائي گولي هيءَ گڏيندين

٥- ڪريما ڪرم ڪر مرم سان هلائج
ديا ڪر ڌرم ۽ شرم سان هلائج
ڏيئي پاند پنهنجي پلئہ سان ڍڪيندين

٦- ڏکن جي آ دنيا ڏکن آ ڏکايو
ڏکن جو هي پڙدو اکين تان هٽايو
ڏکيءَ کي ڏکن ۾ نہ داتا ڇڏيندين

٧- ڀلارا ڀلو ڪر ڀلارو تون آهين
مسڪينن سين جو سهارو تون آهين
آهي اوٽ تنهنجي تون ئي سات ڏيندين

٨- اجڙ ٿي وڃي ٿو چمن باغ دل جو
مرڻ کان اڳي شل مٽي داغ دل جو
ٻٽين باغبان تون سدا ساڻ هوندين.

اي وڇڻ وارا وڃي تو پر نهاريندو تہ وڃ	9314	14577
ڪليجو مُنهنجو هجي ۽ نگاهہ يار هجي	9315	14577
اُتي جاڳ هاڻي ننڊ ڪي اُلاڻي	804	6580
ڪٿيئي نہ پورو پاءُ	838	6580
آهيان مان خاص طلبگار طلبگارن مان	837	6601
ڪيو مون عرض اي سهڻا پٽيو بنياد ڇو تا پيا	823	6601
اوت اجهو تون واهہ وسيلو (دڪايل)	4786	6973
ڪان سري ڪان سري ستگر مُنهنجي ڪان سري	4785	6973
اکہ ملي اکہ سان تہ منتن ۾ صفائي ٿي وئي	10086	14777
ڪنهن ڪان سڪين سهڻان سڄڻ سچ تہ ٻڌائي	10092	14777
اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن	563	92909
ڪونجون ڏيوم خبر مُنهنجي مارن جي	558	92909
احوال ضرور ٻڌائيندس	-	16112
ڪعبي وارن ڪي ڪٿي هتڙا دعائون تو ڪريان مان	-	16112
آرام مون نہ اچي ڪوئي ڪوئي	811	6502
لٿائي دل مون در تنهنجي فقط ديدار جي صدقي	810	6502
آهي اهو ارمان هليو ڪنور پيارو	838	16299
لولي لولي ڪنور ڏيائين لولي	846	16299
اباڻن جا ساهہ مُنهنجي ۾ پل پل پورپون	822	6538
ماروئڙا اباڻا تان ماروئڙا ملير	808	6538
اهڙي تو ساڻ محبت آهي دل ٿي جاڻي	1086	14608
مان تہ اڳي ئي ٿيو بدنام آهيان تون مُنهنجي ڪري	1085	14608
اونداهي رات نہ ڪنهن جي بات نہ آدم ذات	7314	16213
مونکي پيي مُلڪ پنهنجي جي ادا ٿي سڪ سوائي آ	7310	16213
انسان آهي سڀ ڪو محتاج جي ڪجو	805	6560



ماسٽر چندر جا مشهور رڪارڊ

رڪارڊ نمبر	ڊيسڪ نمبر	گيت (ڳائي جا ٻول)
14918	3776	اڄ وري ڪنهن سان محبت ۾ وڌيڪ چاهيان ٿو مان.
14918	3775	اڄ وري ڪنهن جو نئين سر دل کي آهي انتظار
6471	806	آيا بادل برسڻ آيا
6471	807	تنهنجي ديد ڪيس جو ديواني
14575	9317	آئين چو نہ جاني ڏينهن لنگهي ويو.
14575	9316	تون هجين ۽ مان هجان برسات جون راتيون هجن
6790	3231	آيو ڪين دلبر جي در تان دلسومُڪو ڪين مارن
6790	3230	دل جي مندر جو در کول (دڪايل)
14786	10091	اوري آ هيڏي آ تو توسان ٻٽي ٻالهيون ڪرڻ چاهيان
14786	10088	دلدار نہ ڏي دڙڪا مان تہ يار اڳي ئي بيمار
16194	7313	اکين کي چوان چا اکين ۾ آ ماٺو
16194	7312	دل لڳائڻ آ مصيبت چئہ پلا مان چا ڪريان
6898	4330	اوچتو هڪ ڏينهن قبر کان ٿيو ماڏو گذر
6898	4329	رقيبن سان نيائڻ کي وفا ٿو سمجهين
14537	3560	آرزو آهي تہ جيئري دل گهريو دلبر ملي
14537	3561	سورن ئي دل ساڙي آ
16150	4892	اڄ ڪربلا ۾ ڪوس ٿيو جتي گهر گهر ۾ حشر ٿيو
16150	4914	سڻ اهلبيت پاڪ جو فرياد يا
6667	2477	اَباڻان مُنهنجا اوني ڪرپانڊي آب اکين ۾ ناهيان روئڻ
6667	2478	عُمر مُان ڪيئن وساريان سنگهار تيل نہ لايان ميٽ نہ

تو ڪئي ڇاٽي دل زخمي ننڍڙا سان	4315	6926
رُسين تہ رُس مگر رُسڻ بہ ريت سان ٿو نڀي	4316	6926
تو ۾ آهي مُنهنجو هڪ ڪم ڍولڻ	1456	14676
سومر تي سنڀاريم ٿي پنهنجي پياري ڪي	1457	14676
تنهنجي سر جو قسم توکي دل ڏيندس	9899	14760
سهڻان جي منهن متيندين تنهن مان تون ڇا وٺيندين	9900	14760
تنهنجي بہ ڪجهہ دل آهي او سهڻا هلڻ تو تنهنجو	10432	5077
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون	10435	5077
تُنهنجيون ڳالهيون سڄڻ مان ڳائيندس	3764	5011
غمن وارا ڪيئن عيد ملهائن سور جنهين جا	3777	5011
توسان جو اچانڪ موُن نظر يار اڙائي	2481	6636
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر	2467	6636
توکي يار چوان ڪين خار چوان	9388	14686
ڪيئن ڍولڻ تو بن جيان جيان مان	9389	14686
تون چور آهين تون چوريءَ جا ڪم ڄاڻي تو	2016	14724
ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر ڪٺي نيٺ پيغام آيو ڪبوتر	2017	14724
توکي آهي خنجر وهائڻ جي عادت مونکي پي آهي	772	14511
نگاهہ لُطف جي اي دلربا ڪندين ڪڏهن	776	14511
توسان ڳالهہ اتم هڪ ڪرڻي منا	3208	6759
ڇيم اکڙين ايذايو آڇيائين ڪانہ آهي پرواهہ	3209	6759
جاڳو جاڳو جلدي جوانو		16259
هند جي آزادي چاهيو		16259
جيئن جيئن مُنهجي من ۾ تا محبت مچ مچن	548	6436
هڪ ڏيهاڙي موُن ڏٺو معشوق کي خود خواب ۾	591	6436
جي چاهين ٻُڌڻ غم جي ڪهاڻي تہ ٻڌايان	9338	14582

وڇوڙو يار جو آهي بدن ۾ بخار جيئن	809	6560
افسوس آهي اهو تہ ويو يار اوچتو	2046	14736
وڇڻ وارن کي وڇڻو هو ويا آخر وڇڻ وارا	2045	14736
اسان آهيون هيٺان توهان زور آهيو	3784	14851
يار قُربدار کپي ٻيو ڇا کپي ٻيو ڇا کپي	3783	14851
اسين آياسين سو آياسين وري نہ تنهنجي در تي	2028	19042
چيم صدما سوايا ڏئي ستايل کي ستائين تو	7332	19042
اڄ پڇاڙيءَ جو منا مان موڪلائيندو وڃان	799	14516
ڏس عشق جي دنيا اچ خاموش تي رهائي	778	14516
اکين اڳيان قُرن ٿا عُمر سي اباڻا		16123
يونر تي اچ باغ مان رس پيان جي وس پڇي		16123
بيدرد يي آ دل ۾ سندس داد وفا يي	762	16399
هڪ واري تہ هيڏي نهار	761	16399
بنان عشق ڪڇ يي قبوليان نہ ڪڏهن	4400	92981
هو هر فن ۾ آهن سي هوشيار سنڌي	4399	92981
بدنام آ خلق ۾ خاص ڪري اچ حُسن اوهان جو	4893	16037
درد جي ڪهڙي خبر بيدرد کي	4895	16037
بس تڏهن کان تو مٿان آهيان فدا ايمان سان ايمان سان	10093	14784
مهل ٿئي سهڻان ستائڻ جي اهائي مهل ٿئي	10094	14785
بي وطن ويچارو پنهنجي وطن کان وڇڙي .	2035	14716
مُنهنجي وطن مان آيل ادا اچان بہ ڪجھ توکان پڇڻو اٿم	2036	14716
بيدرد ساڻ دلبر دلڙي نہ لائجي.	7245	16217
يان دل ۾ جاءِ ڏي تون يان دل سان ڇڏي ڏي	7175	16217
تون موت مُسافر پنهنجي وطن توکي پنهنجا گهٽو ئي	10087	14897
رُئان ڇو نہ سرتيون سنگت ويا ڦنائي	10085	14897

هڪ دل جو خريدار ڪپي دل جو خريدار آهي ڪو	4312	6842
عاشق جو جنازو شان سان ڪڍجو ڏيان سان ڪڍجو	4312	6842
هري رام بول هري رام بول من پريم سان سندر شام	2466	6628
ڪرشن مُراري گرورڌاري درشن ضروري	2468	6628
هڪ ڏينهن ڏنم سهڻي جي مُحبت ۾ موُن رهي	4318	6857
ڪنهن ڏينهن ٿيو گذر اوچتو دلدار جي در ڪان	4317	6857
هڪ ڏيهاڙي اوچتو جيئن اک وجي اک سان ملي	3210	16053
ڪيڏو نہ حسن وارن انڌير آ مچايو	4915	16053
هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌ مُنهن هيڏي ڪري ڇو تو يار رهين	3556	14530
مُنهنجي غم ڪي گهٽائيندو خوشي مُنهنجي وڌائيندو	3559	14530
هاڻي تقدير زماني ۾ آ لاچار ڪيو	3771	14889
وساريندين جي تون موُنکي تہ دنيا پيي وساريندي	3765	14889
دل ڏيڻ چاهيان تومان پر ڪو ونڻ وارو هجي	556	5035
دل ڏيڻ چاهيان تومان پر ڪو ونڻ وارو هجي	557	5035
دُک درد سهندي سهندي دل ٿي چوري چري آ	3785	5009
قسمت ڪئي جدائي ڪنهن تي ميار ناهي	3786	5009
دل جي لڳن ڪيئن بجهايان		6701
منڙو ڏاڍو ٿيو بيچين		6701
دل مُنهنجي هن جي هڪ آ	1080	14621
مشتاق ڪي نہ ماڻان ڪري يار مارجي	1084	14621
دلڙي ڪسڻ هر هر رسڻ ائين ڪرڻ چڱو نہ ٿئي	10445	14805
موُن حُسن اڳيان اڄ هارايو ڪريو ڳلا توڙي توهان	10446	14805

حيءَ آس اتم حُسن جو باغ ٻٽايان	9335	14582
جنهن کي دلڙي ڏيڻ تنهن کان ڏار ٿيڻ	553	5019
سڪ ۾ سڪيءَ کي ڪين سڪائي سونهارا	552	5019
جي دل ڪولي رئان تو مان ته ناهي ڪو ٻڌڻ وارو	9302	14570
عمر مونکي سانگي سنياريندا هوندا	9313	14570
جپو جپو سري رام جپو جپو سري رام	2538	6655
پريم ٿيو پيدا گوپين جي نازو نياز مان	2480	6655
جوين جا ڏينهن چار	3233	6718
پاتٽي منهنجي ٻيڙي تار	3232	6718
جيڪي عشق مجازي ڪمائن تا اُهي جان جسم کي جلائن	1220	16121
پنهل لهج سنيار يار ملڻ ريءَ مران ٿي	1217	16121
جهنگلن ۾ مارو جهرمر جهرمر لائن	3778	19030
گهڙي، گهڙيءَ پل پل ۾ تو رسين ته منٿون ڪير ڪري	3770	19030
هير رانجهو		16097
هير رانجهو		16097
حُسن سرڪار جي سامهون سوين آيا پر ويا	559	5027
حُسن وارن جي نيڻن ۾ نهاريندين مري ويندين	576	5027
هلي آ هلي آ سهٽا هيڏي هيڏي آ	9902	14770
دل اوچتو ويئي ڇڄ آئي مصيبت ڪل ڪانه ڪا پيئي	9901	14770
حُسن وارا حُسن تي مغرور هُئا مغرور هئا		14794
دلربا دل کي دُکائي ڇا ڪندين ڇا ڪندين		14794
هڪ دفعي جيئن سبر لئي سانجهيءَ جو نڪتُس شوق مان	4889	16077
سچ چئه محب منڙا ويندين ڇا مونکي ڇڏي	1216	16077

ناز نوان نوان سَي ماري چڏيئہِ	2044	14697
سوُرن جي ڪهاڻي آ توکي نہ ٻڌائيندس	9336	14594
پنهنجي ڪان ڪري مُنهن پنهنجو لڪايو ٿا	9337	14594
شهنشاهہ عالم نگهبان ٿيندين	3772	14883
عاشق ٿي نہ اداس اندر ۾ هوت متان گهبرائيين	3773	14883
شايد پنهنجا بہ وينم وساري وساري	2024	14730
چو تو يار نهارين گهور ڪري اها گهور ٿي چڪناچور	2034	14730
صدقي وڃان مان پياري پياري ناز ادا ڪرڻ واري	3247	6734
مونکي پنهنجي خدمت ۾ منظور ڪر	3229	6734
طبيبان خيال سان ڏسجو اٿم ڪا دل جي بيماري	549	4980
ٻوليان ٻولهيان ڪو ڏسي ڏکيءَ کي انهيءَ پنهل جو	590	4980
عشق ٻڌايم پٽيون پٽيون ميان	3562	14554
مونکي تو يار ستايو نهيو اهو بہ چڱو	3563	14554
عشق وارن جا نمونا نوان ڪتاب نوان	1459	14648
ٿيو ڇو آهين ستمگر ڪجهہ جواب تہ ڏي	1458	14648
ڪيا هن حسن عشق تي گهيرا هڪ نہ هزار ڦيرا	560	5020
ڪانگہ تو لنوين اڱڻ ۾ ڪانگہ تو لنوين	577	5020
ڪڇ ڏيو ڪڇ ڏيو ڏيندڙ جو پلو ٿيندو		16065
ڪجهہ هوند مان بندا ڪر		16065
ڪر پچن پيئڻ پياري	620	6428
لولي لولي گرو ڏيائين لولي	621	6428
قرب جي ڪفني پائي ٻچيءَ ۾ خاڪ لڳن کي لائيندس	9339	14602
منهنجي مارو‍ئڙن جا شل ملڪ وسن	9387	14602

دل درد مندن کي دل تہ دل ڏيو بيدردن کان بيزار ٿيو	774	16341
نام خدا ڪيۡ بند مان مونکي موڪل ڏي تون امير	798	16341
دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳوليان	9903	5008
وطن کان دوُر آهيان دربدر آهيان غريب آهيان	9896	5003
راڻا رسڻ ڪري اوتوُن وڃي وينين گهر	2479	6682
رانجهن سائين مر وڃان‌تون جيئيم سدائين	3198	6682
راڌي شيام راڌي شيام راڌي شيام	4311	6874
سري رام جپيو سُک ۾ دُک ۾	4328	6874
دُنائي رهن پر هجن هياتي	2014	14692
لاش مُنهنجي اي عزيزو ڪا گهڙي ترسائجو	2015	14692
رُس نہ رسڻ ۾ ڇا هي راڻان رمز رُسڻ جي ريت	10438	14809
ميهر سان ملان شال مان دريا جي ڪناري ميهر	10439	14809
رکي نالو نيائين ها سنگت سهڻا چنايئہ ڇو	3774	5001
ٻاجهہ ڪجئين ٻچڙن تي مائي آهن تنهنجا ٻار	3810	5001
رانجهن يار بنا جڳہ ڪوڙو		6458
گهٽ نہ ڪجائين رتي		6458
زماني کي ڏنم جاچي سچائي کانہ تي ڏسجي	618	6518
موُ وساريو وري	588	6518
سنسار سمجهہ توُن سياڻا سياڻا	550	6445
ڪئي آ ويراڳن وڃڻ جي تياري.	586	6445
سوڊل سياڻا رُسي ڇو تو راڻا	1499	14681
ليلان نُظر اچي ٿي جنهن طرف ٿو نهاريان	1069	14681
ساجن ٿو هٿ جوڙيان جوڙيا	2029	14697

5026	575	ننڍڙي ننڍڙي آهيان
16171	1218	نام جو سمرن سدائين ياد رک تون
16171	1219	نکو ناءُ تنهنجو اُچارڻ اچي تو
5061	4216	وطن ٿيو جدا جڏهن جان ٿي جدا
5061	4217	مالڪ تون دريد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين
14849	3762	ٻلي ٻلي نو ٻائين ڪنهن تي
14849	3763	ٻلي ٻلي تو ٻايان مان تو تي
14772	10079	چوري ڪري ويم چوري اديون
14772	10098	چوري ڪري ويم چوري اديون

ماسٽر چندر جو صرف هڪ رڪارڊ ٽئين ڪمپني ۾ آهي. ٻول آهن ”طبيبا خيال سان ڏسجو اٿم ڪا دل جي بيماري“ هن رڪارڊ کانسواءِ ٻيا سڀ رڪارڊ H.M.V ۾ آهن.

موڪليندڙ :- محمد خان ٽالپر (زميندار)

پوسٽ :- سورهڙي، ڏگري (سڌ)

ڊسٽرڪٽ :- ٿرپارڪر

نوٽ :-

اسان تهدل شڪرگذار آهيون جناب محمد خان ٽالپر (زميندار) جا جنهن صاحب جاکوڙ ۽ محنت ڪري سنڌ هند جي عظيم گايڪ ماسٽر چندر جي رڪارڊن جا تفصيل موڪليا آهن.


ڏنل تفصيلن ۾ ماسٽر چندر جا سڀ رڪارڊ شامل ٿيل نه آهن انکانسواءِ ٻيا به ڪيترا رڪارڊ آهن. ڪنهن به سڄڻ، سنڌي سنگيت جي شائق وٽ ماسٽر چندر جي رڪارڊن جا تفصيل موجود هجن ته اسان کي لکي موڪلن ته اسان انهن جا تهدل شڪرگذار رهنداسين.

ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي

ارجن يمياڻي

14818	10431	ڪوئل تي ڪري ڪوُ ڪوُ ڪوُ
14818		مونکي زمانو دوست سان ڳنڍڻ نٿو ڏئي
5028	572	ڪنهن کي سور تہ ڪنهن کي پور ڪنهنکي کي ڳوڙها
5028	573	مان دنيا کي سڃاڻان ٿو مان دنيا جو
14667	1498	ڪبوتر ڪبوتر خبر هيءَ ڪٿي وڃ
14667	1521	ملي وڃ مٺڙا يار مٺي وڃ مٺڙا يار
6412	551	ڪريو ڪنڻ جي ڪار جيڏيون ڪريو ڪنڻ جي ڪار
6412	589	پينگهي ۾ تہ پريم جو ڏنو امڙ اوراڻو
16001	4891	ڪوئي ماروئڙن جو ڏس ڏيندو ڪوئي سانگيئڙن جو
16001	4776	ڀٽن تي وسن ٿا عمر سي اباڻ
14630	1097	لڙهندي وڃان ٿي لهرن ۾ مان واهر ڪر ميهار يار
14630	1098	محبت ۾ سهڻي مري وئي مري وئي
6748	3199	منهنجي هئي هڪڙي گهڙي پي ناهي ڪا فرصت جناب
6748	3207	وجهي واري وارن ۾ وڏو ماتم مچائيندس
5000	3772	مارين يا جيارين ٻوڙين يا تارين مٺا تنهنجي
5000	3773	پنهل پرائي ڏيهہ ۾ الاتو وڃي ڪيا وٺاڻ
14799	10436	منهنجو هاڻي سهڻن کي آهي سلام
14799		چوري ٿي وئي چوري ٿي وئي چوري
14655	1506	من ميهر سان آهي چو ٿيون جهليون جيڏيون
14655	1505	ٿا، سوين سهڻا ڳهمن ڪنهن کي ڏسي ڪنهنکي
5026	574	ننڊڙي ننڊڙي ننڊڙي آهيان

عظيم گائڪ، شاعر ۽ سنگيتڪار ماستر چندر





ماستر چندر گهراڻو



مهيش چندر (راجي) گوپ چندر (ڪابي) سپترن هريش.
انيل ۽ سپتري آرتي راج سان گڏ



گورو ماستر مهيش چندر، رڻبير شادي وقت ڪٽنب سان گڏ